شاہکار حسن

انجمن اساتذہ سندھ حیدرآباد
مغربی پاکستان

MAAB 1431
maablib.org

شاهڪار حسن

مرحوم هزهائينس مير محمد حسن علي خان ٽالپر اعليٰ الله مقامه جا

چهارده معصوم عليهم السلام جا قصيده ۽ مرثيا

دفعو پهريون]   قيمت ـ ـ ـ روپيه   [جلد هڪ هزار

ڇپائيندڙ

انجمن اماميه سنڌ حيدرآباد
مغربي پاڪستان

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

فهرست

نمبر	عنوان	صفحه

۱- ديباچو ....

۲- تعارف الف کان ج

قصيدة

۳- حمد حق ۱

۴- محبوب حق ۷

۵- شاه - لا فتيٰ ۱۴

۶- خاتون جنت پارسا ۲۸

۷- حضرت امام حسن عليه السلام ۳۰

۸- شهيد - کربلا ۳۷

۹- حضرت امام زين‌العابدين عليه‌السلام ۴۳

۱۰- وليء کبريا امام محمد باقر عليه‌السلام ۴۵

۱۱- صادق آل - محمد (صلعم) ۴۷

۱۲- حضرت امام موسيٰ کاظم عليه‌السلام ۴۸

۱۳- امام - دين رضا عليه‌السلام ۵۱

۱۴- حضرت امام محمد تقي عليه‌السلام ۵۳

۱۵ حضرت امام علي نقي عليه‌السلام ۵۶

۱۶- حضرت امام حسن عسکري عليه‌السلام ۵۷

۱۷- مهديء هادي هدا ۶۰

مرثيه

۱۸- حضرت محمد مصطفيٰ صلعم ۶۵

۱۹- حضرت اميرالمومنين علي عليه‌السلام ۷۸

۲۰- حضرت خاتون جنت سلام‌الله عليها ۹۵

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو
۲۱-	حضرت امام حسن المجتبیٰ علیہ السلام	۱۰۳
۲۲-	حضرت امام حسین خامس - آل - عبا علیہ السلام	۱۱۱
۲۳-	حضرت امام زین العابدین علیہ السلام	۱۱۸
۲۴-	حضرت امام محمد باقر علیہ السلام	۱۲۶
۲۵-	حضرت امام جعفر صادق علیہ السلام	۱۳۶
۲۶-	حضرت امام موسیٰ کاظم علیہ السلام	۱۴۴
۲۷-	حضرت امام علی بن موسیٰ رضا علیہ السلام	۱۵۳
۲۸-	حضرت امام محمد تقی علیہ السلام	۱۶۲
۲۹-	حضرت امام علی نقی علیہ السلام	۱۷۱
۳۰-	حضرت امام حسن عسکری علیہ السلام	۱۷۹

هيءُ ڪتاب محمد هاشم عرف ميوه خان پنجتني اماميہ اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس
اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۾ ڇپيو

۽

اسد بيگ قليچ بيگ ميرزا سيڪريٽري انجمن اماميہ سنڌ اسٽيشن روڊ حيدرآباد
مان شايع ڪيو. ۱ مئي ۱۹۶۵ع

عرض حال

انجمن اماميه سنڌ حيدرآباد جي اغراض ۽ مقاصد مان هڪ مقصد هي به آهي ته جن اعليٰ شخصيتن سرڪار رسالت ۽ آئمه معصومين عليهم السلام جي فضائل ۽ مصائب ۾ شاهڪار نظم خواه نثر ۾ قلمبند ڪيا آهن تنڪي ڇپائي منظر عام تي آڻجي ۽ دنيا جي بيدار قومن وانگر انهن جا يادگار قائم ڪجن. سنڌ ۾ مرحوم سيد ثابتعلي شاه ڪربلائي ۽ هرماه نهين مرحوم مير محمد حسن علي خان ٽالپر اعليٰ الله مقامهم جا مناقب ۽ مرثيه پنهنجو نظير پاڻ آهن. انجمن اماميه جي ڪاروباري ڪميٽي مورخه ۱۴ جون ۱۹٦۴ع زير صدارت خانبهادر ميرزا سڪندر علي بيگ صاحب جي هڪراء فيصلو بحال ٿيو ته مير صاحب مرحوم جا قصيدا ۽ مرثيا جيڪي حضرات چهارده معصوم سلام الله عليهم جي شان ۽ مصائب ۾ نظم ڪيل آهن سي انجمن پنهنجي خرچ سان ڇپائي ۽ مير صاحب مرحوم جو يادگار به قائم ڪري. حضرات آئمه معصومين عليهم السلام جا سلسلہ وار مرثيا ڪنهن بـــ بي مرثيه گو شاعر جي ڪتاب ۾ نظر نـــ آيا آهن، ان کان سواءِ هرهڪ امام جو مرثيه سوانح حيات جي صورت ۾ اهڙي ريت نظم ڪيل آهي جڻ ڪوزي ۾ درياءَ پلٽيو ويو آهي. اها ڳالهه نهايت قابل فخر آهي ته آخري تاجدار سنڌ جي مايه ناز فرزند جو ڪلام بلاغت نظام صحيح معنيٰ ۾ ”ڪلام الملوڪ ملوڪ الڪلام“ جي هو بهو تصوير آهي! هن ڪتاب جا هڪ سؤ جلد سنڌ جي قدر شناس ۽ مخير شخصيتن لاءِ رزرو ڪيا ويا آهن هن ارادي سان ته اوهي قدر شناسيءَ جو حق ادا ڪري جيڪو به عطيه ڏيندا سو ڪڏ ڪري انمان مرحوم مير صاحب جي شاهڪار مان حمله حيدري يا نهج البلاغه جي خطبن جو منظوم ترجمه شايع ڪرايو ويندو.

قدر گوهر شاه بداند يا بداند جوهري

پڇاڙي ۾ هي اظهار نهايت ضروري آهي ته هن ڪتاب جي ڪتابت، پروف ۽ طباعت جي ڪم ۾ جناب آغا سيد عبد علي شاه صاحب قبله ايڊيٽر پنجتني اخبار جي وڏي مدد ڪئي آهي، اميد آغا صاحب آئينده به مڪمل ساٿ ڏئي ثواب دارين جو مستحق ٿيندو.

خـــادم الملت

محمد هاشم عرف ميوه خان

جائنٽ سيڪريٽري انجمن اماميه سنڌ.

تــعـــارف

هزهائينس مرحوم مير محمد حسن علي خان ٽالپر، آخري تاجدار- سنڌ مرحوم سرڪار
فيض آثار مير محمد نصير خان ٽالپر جو وڏو فرزند ارجمند هو. مير صاحب حيدرآباد جي قلع ۾ اربع
ڏينهن تاريخ ٢٦ ذي القعد سنه ١٢٤٠ هجري ۾ تولد ٿيو. مير صاحب کي ننڍي هوندي
کان ئي علم سان ذوق هوندو هو، ماسوا انجي پاڻ نهايت ذهين به هو سندس تعليم لاءِ
هڪ ايراني عالم ۽ آخوند احمد هالائي مقرر ڪيا ويا. سندس ذهانت جو اهو مثال آهي
جو پاڻ ڏهن ورهين جي عمر ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيائين. مير صاحب جو لقب سرڪار
رفعت مدار هو ۽ سندس سجع هي آهي:-

آسوده بر سرير امارت بخوش دلي
فخر الملوڪ ظل الاهي حسن علوي

سنه ١٨٤٣ع ۾ مياڻي واري لڙائي کان پوءِ مير صاحب کي سندس والد ۽ ٻين عزيزن
سان گڏ انگريز نظر بند ڪري ڪلڪتي وٺي ويا، اُن وقت مير صاحب جي عمر ٢٠ سال
هئي سنه ١٨٦٣ع ۾ ٻين سڀني مير صاحبن کان پوءِ مير صاحب آزاد ٿي پنهنجي وطن حيدرآباد
۾ آيو- اُن وقت سندس عمر چاليهه سال هئي، سندس شادي خانه آبادي پنهنجي چاچي مير
نور محمد خان ٽالپر جي دختر نيڪ اختر سان ٿي، کيس ڪوبه اولاد نه ٿيو ٨٥ سالن جي عمر
۾ ١٥ ذوالحج سنه ١٣٢٤ هجري ۾ مير صاحب دار البلاد مان روضه رضوان طرف هجرت
ڪئي. سندس وفات جي تاريخ مرحوم رئيس مرزا بيدل بيگ هيئن چئي آهي.

جهته مير حسن علي خان قدح نوشيدن آيد بس— چنان ساغر علي داده ملڪ بوسيدن آيد بس
ز تاريخ ده و پنجم مه- ذيحج شدش رحلت — به سال گفت هاتف چون به غم باريدن آيد بس

١٣٢٤ هه

مير صاحب جي لاش کي سندس بنگلي ۾ امانت طور دفن ڪيو ويو ۽ وري تاريخ ١٩
ربيع الثاني سنه ١٣٣٠ هجري ۾ هزهائينس سرڪار مير حاجي نور محمد خان ٽالپر پنهنجي خرچ
سان لاش کي ڪربلا معلي ڪڻائي ويو جتي مير حاجي نور محمد خان روضه امام حسين
عليه السلام جي صحن ۾ حجره خريد ڪري تاريخ ٢١ جمادالاول سنه ١٣٣٠ هجري ۾
لاش کي اتي دفن ڪرايو.

من ۱۸٦۳ع ۾ مير صاحب ڪلڪتي مان حيدرآباد آيو پر هميشه مغموم رهندو هو راقم الحروف جو پڙ ڏاڏو مرحوم مرزا فتح علي بيگ ونس هميشه رات جو ڪڏهن مناقب ڪڏهن مرثيه پڙهندو هو. هڪ دفعي مرزا مرحوم، مير صاحب جو چاهه ڏسي کين عرض ڪيو ته قبلا جيڪڏهن توهان به شاعري جي ميدان ۾ پنهنجي ڪميت قلم کي جولان ڏيو ته ڏاڍو چڱو ٿئي ان کان پوءِ مير صاحب شعر ۾ طبع آزمائي شروع ڪئي ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن شعر به بهتر کان بهتر چوندا رهيا. تخلص پنهنجو حسن رکيائون.

زماني جي نيرنگي مشهور آهي ۽ اهو قدرت جو قانون آهي ته عروج کان پوءِ زوال ترقي کانپوءِ انحطاط، ڏينهن کان پوءِ رات، عيش کانپوءِ غم، شباب کانپوءِ پيري، حيات کان پوءِ موت آهي جو هڪ لمحي ۾ دنيا جي نقشي کي رد و بدل ڪري ڇڏي ۽ ڪنهن به شئي کي پنهنجي هئيت تي رهڻ نه ٿو ڏي زماني جي بساط منتشر ٿئي ٿي، بنيو بڻايو کيل بگڙيو وڃي ۽ وڏن وڏن فلڪ بوس بادشاهن کي انهن فنا ڪريو ڇڏي جو صفحه هستي تان انهن جو نالو نشان به نه ٿو رهي ازل کان ائين ٿي ٿيندو آهي ۽ ابدالاباد تائين پيو ٿيندو ساگي طرح مير صاحب به حڪومت ۽ بادشاهي وارو زمانو ڏٺو ۽ نظربندي وارو وقت به ڏٺو مير صاحب پنهنجي وڏن وانگر مذهب جو اثناعشري جعفري شيعو هو. مير صاحب سواءِ مدح اهلبيت جي پيو ڪو به شعر نه چيو ليڪن هن حيات جاويد شاعر کي هميشه اهو خيال دامنگير رهندو هو ته هي دنيا فاني آهي تنهنڪري ڪو يادگار ڇڏي وڃجي ته بهتر جيئن ياڻ فرمائي ٿو.

جي رهندو ته رهندو سخن يادگار
سخن تي ٿيو علم سڄي جو مدار
سخن جو نهايت ٿيو پايو بلند
سخن ٿو ڪري شخص کي ارجمند
نظامي و فردوسي و انوري
جي ها اوستاد۔ سخن گستري
سندن نانءُ جو رهجي ويو يادگار
سخن کانسواءِ بي هيئون ڪا ترار؟
وڏو مٽ سندن ڪو ٿيو آشڪار؟
سخن شاعرن کي ڪيو نامدار

مير صاحب پنهنجي شعر ۾ ڪڏهن به ڪنهن کان اصلاح نه ورتي. مير صاحب جڏهن به ڪو مناقب يا مرثيه چوندو هو ته پينگهي ۾ ويهي اکيون پوري حضرت امام حسن عليه السلام جي شهادت جو منظر ياد ڪري زار زار رئندو هو پوءِ درياءَ جي موجن وانگر مير صاحب جي شعر جي رواني شروع ٿيندي هئي. مير صاحب شعر چوندو ويندو هو ۽ راقم الحروف جي ڏاڏي جو پاءُ مرحوم ميرزا غلام رسول بيگ لکندو ويندو هو.

مير صاحب جي شاعري جو خاص مقصد هو اهلبيت عظام جي مدح و ثنا يعني آئمه معصومين عليهم السلام جي فضائل ۽ مناقب ۽ قصيدا، شهادت ۽ مرثيه، جيئن هڪ هنڌ فرمائي ٿو.

ڪهڙا گذريا شاعر وڏا اوستاد
ڏنو جن هو داد - سخن جو هو داد
ٿو هر حال ڪهڙجي مناسب چوڻ
نه جيڪي اچي اوچلائي وجهڻ
نظامي به تن سان وڏو اوستاد
ڏنو آن به داد - سخن جو هو داد
نظامي چئي ويو سخن هاء نغز
ڪيئين آن ۽ خالي مگر پنهنجو مغز
چيئين پنج گنج جي جواهر نگار
ڪي حاصل ٿيو آن ۽ به انجام ڪار؟
خد و خال جا شعر آهن قبيح
ٿي آيت به نازل انهن لئي صريح
جتي ناهي مدح - علي مندرج
اها پنج گنج آهه موهوم گنج
بقبن چاٿو هي ڪالهه اي سامعان
نه بني شعر تي هلندي منهنجي زبان
بجز مدح آل - رسول - ڪرام
عليه الصلواة و عليه السلام

ميرن جي عهد حڪومت ۾ درباري شاعر يا خود مير صاحب پاڻ پنهنجو ڪلام پارسي بولي ۾ تمام ذوق شوق سان چوندا هئا ۽ مير حسن علي خان به ان زماني جو هو ان ڪري مير صاحب جي مرثين يا قصيدن ۽ مناقبن ۾ به ڪٿي اڌ مصرع پارسي ۽ ڪٿي وري اڌ مصرع سنڌي لکيل ملي ٿي يعني سنڌيءَ سان گڏ پارسي به ڪتب آندل آهي تنهن ڪان سواءِ انهي زماني ۾ هاڻوڪي سنڌي بولي وانگر سنڌي اکرن جو گرامر پوري طرح شايع ٿيل نه هو انهي ڪري مير صاحب پنهنجن قصيدن يا مرثين ۾ ڪٿي ڪٿي مخفف اکر ڪم آندا آهن جيئن ته پوءِ جي بدران پ، تڏهين جي بدران تڏ، جڏهين جي بدران جڏ، ڪيائين، جي بدران ڪيئين وغيره وغيره تنهن ڪري پڙهندڙن کي اهڙن مخفف لفظن جي آميزش مير صاحب جي موزون ڪلام ۾ جائز سمجهڻ گهرجي. مير صاحب عربي، پارسي، اردو ۽ سنڌي بولين ۾ پنهنجو ڪلام چيو آهي ۽ پاڻ انهن تمام زبانن تي ڪهڙو قادر هوا.

بهر حال مير صاحب جا مرثيه اهايت موثر ۽ جذبات سان پربل آهن ۽ سندس مرثين ۾ فصاحت ۽ شيريني به آهي ۽ ائين به چوڻ بجا ٿيندو ته مير صاحب جو ڪلام بلاغت جو بحر بي پايان آهي ڪلام ۾ شوڪت الفاظ ۽ بلند پروازي پڻ سمايل آهي. مير صاحب پنهنجي مرثين ۾ نوان نوان اسلوب سنڌي بولي ۾ بڪثرت پيدا ڪيا آهن.

هڪڙيئي واقعي کي طرحين طرحين جي رنگ ڍنگ ۾ بيان ڪري ٿو ۽ ميدان صاف ڪيو آهي. مير صاحب جي هر مرثيي جو چهرو نئون، آمد نئين، رزم جدا، بزم جدا، هر ميدان ۾ مضمون نئون، تلوار نئين، نيزو نئون، گهوڙو نئون، انداز نئون، مقابلو نئون، صبح جو عالم ڏسو ته سبحان الله رات جي رخصت، نور جو ظهور، آفتاب جو طلوع مرغزار جي بهار، شام آهي ته شام غريبان جي اداسي، ڪڏهن رات جي اونداهي ته ڪڏهن وري تارن جي چانو ۾ چاندوڪي، امام حسين عليه‌السلام جو رجز، سراپا واقعه نگاري، حملا جو زور شور، بين، جا بجا غم انگيز درد خير، المناڪ دلگداز واقعا دنيا جي بي ثباتي وغيره وغيره سڀ مرثيه گوئي جو اصل مفهوم يا مرثيه گوئي جون اصلي وصفون آهن سي مير صاحب جي هر مرثيي ۾ نظر ايندي ٿيون. مير صاحب مرثيه گوئي ۾ باڪمال ۽ لاجواب آهي. افسوس جو سنڌ ۾ مير صاحب جي ڪلام صنائع و بدائع سمجهڻ وارا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن.

مير صاحب جي تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب موجود آهن جن مان ڪي شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڪي اڃان غير مطبوع قلمي صورت ۾ آهن.

مير صاحب جون تصنيفون

١- لسان الحق في ميزان الصدق فارسي نثر ۾- هي ڪتاب سي، جي فانڊر جي ڪتاب ميزان الحق جو جواب آهي. هي ڪتاب پهرين ١٣٠٨ هه ۾ لاهور مان شايع ٿيو ۽ ٻيو دفعو سنه ١٨٩٢ع ۾ لنڊن مان ٽائيپ ۾ شايع ٿيو.

٢- مختار نامه ثقفي سنڌي نظم ۾ ٻن جلدن ۾ هي ڪتاب ٻن ١٨٩٥ع ۾ لاهور مان شايع ٿيو.

٣- روباني صادق فارسي نثر ۽ نظم ۾ ٻن جلدن ۾ پهريون جلد دبدبه حيدري ڪراچي ۽ ٻيو جلد اسلاميه ستيم پريس لاهور مان سنه ١٣٢٢ هه ۾ شايع ٿيا. هن ۾ جيڪي بــ مير صاحب خواب ڏٺا آهن تن جو احوال آهي.

٤- فارسي مرثيا سنه ١٣٢١ هه ۾ لاهور مان شايع ٿيا.

٥- نهر البڪا سنه ١٣٢٦ هه ۾ لاهور مان شايع ٿيو. هن ۾ فقط سلام آهن.

٦- مثنوي فتح نامه سنڌي سنه ١٩٣٨ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي مان شايع ٿيو.

٧- احسن البيان اردو نثر ۾ هي ڪتاب پادري عماد الدين ڏني پتي جي رسالہ تحقيق الايمان جو جواب آهي.

٨- رد خوارج سنڌي نثر ۾ مير محمد علي خان ٽالپر لنڊه محمد خان واري جي سوالن جي جواب ۾ آهي.

٩- مجموعه خطوط، فارسي نثر ۾ پادري سي جي ڦلان ڊر جي سوالن جا تاريخ وار خط.

١٠- شڪار جو ٻن جلدن ۾ ڪتاب- جيڪي به مير صاحب شڪار ڪيا آهن تن جو تفصيل سان بيان.

١١- حملهٔ حيدري هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ آهي جنهن ۾ حضرت علي عليه السلام جي جنگين جو بيان نظم ۾ ڪيل آهي.

١٢- ڪليات مناجات نعت ۽ منقبت.

١٣- بياض قصائد چهارده معصومين عليهم السلام.

١٤- ڪليات مرثيه.

١٥- نهج البلاغه جو سنڌي نظم ۾ ترجمون.

جيئن ته سڀڪو شاعر پنهنجي شعر جي تعريف ۾ رطب اللسان رهندو آهي تيئن مير صاحب به شاعرانه انداز ۾ فرمائي ٿو.

آءُ مملڪت نظم ۾ سلطان سخن جو — شائق هجين تا ڏس اچي ميدان سخن جو
هڪ بيت نه ڏيان جيڪر ڏي سڄو ملڪ سڪندر — آءُ ملڪ فصاحت ۾ سليمان سخن جو
هي سحر آهه يا معجزهءِ خوارق عادات — هن عهد ۾ آءُ موسيٰءِ عمران سخن جو
عيسيٰ جي طرح شعر مون سنڌي ۾ ڪيو احيا — هن عهد ۾ آءُ عيسيٰءِ دوران سخن جو
دائود جو لحن آهي ٿيو هن شعر ۾ الحاق — تورات هي انجيل هي قرآن سخن جو
سنڌي ۾ ٿيو دفتر سخن و شعر هو ابتر — ان هند مون رسايو جو هو پاڻ سخن جو
خوارج ڏسي سڙندا ۽ نواصب کي لڳي باهه — مومن ٿيندو سؤ جان سان قربان سخن جو
حسان هو جيئن ختم رسالت جو ثناخوان — تيئن يا شهِ دين تنهنجو آءُ حسان سخن جو
ڇا ٿيندو جي ڪو شعر جو خاقان سڏائي — قابو مون ڪيو هٿ پنهنجي ميزان سخن جو

ڇا گهرجي حسن جيڪي تو گهرجي سو گهري وٺ
بخشي تو صلو ختم رسولان سخن جو

مرزا عباسعلي بيگ

مرحوم هزهائنس مير محمد حسن علي خان
تالپر اعلي الله مقامه

مرحوم هزهائنس مير محمد نصير خان
تالپر اعلي الله مقامه آخرين تاجدار سنڌ
جنجي يادگار ڪربلا معليٰ ۾ نصير نهر
اڄ تائين موجود آهي

مرحوم هزهائنيس مير حاجي نور محمد خان
تالپر اعلي الله مقامه

هز هائنيس مرحوم مير محمد حسنعلي خان ٽالپور وليعهد آخرين تاجدار سنڌ

يادگار جلسي ۾
شڪر حسن جي
ڇپائڻ جو ريزوليوشن
ميرزا صاحب جي
همدردانه نظريي ۽
ڪميٽيءَ جي اتفاق
راءِ سان بحال
ڪيو ويو

خانبهادر ميرزا
سڪندر بيگ
پريزيڊنٽ انجمن
اماميه سنڌ
حيدرآباد

يادگار ١٣٦١ھ ۾ انجمن اماميه سنڌ جي عهديدارن ۽ ميمبرن جو گروپ فوٽو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

☆ حمد حق ☆

حمد حق جو سڀ تي واجب آهي هر صبح و مسا
پنهنجي قدرت ساڻ جنهن چوڏنهن طبق جي ڪئي نه

رزق سڀ ڪنهن کي رسائي آنچه وعده ڪرده است
توڙي صالح توڙي طالع سڀ ڪنهن کي ٿي عطا

رزق جيئن موسيٰ ٿي کاڌو تيئن مليو فرعون کي
جي هو ابراهيم خوش نمرود پڻ ماڻيان مزا

ڪفر جي باعث پيي ڪافر جي نه روزي بند ٿي
جن ڪيو ڪفران ـ نعمت سي ٻيي ڪاٺي خوش ٿيا

پر نه منڪر خوش ٿين ٿا هوندو هنير عاقبت
دار دنيا ابدا ڪٿون ڪين ٿي دار ـ جزا

عاقبت سو لٽندو هاري پوک جيڪا پوک ڪيئين
لا تزر وزر صحيح ڏس منجهه ڪلام ـ ڪبريا

ڪو نه هڪ ٻئي جو گنهه کڻندو نه ڪنهن جو بار ڪو
جيڪين هت ڪيا خير ۽ شر هت جزا لهندو سزا

تڏ نظر ڪر عاقبت تي بچ گناهن کئون اي دل
عاقبت جي خير ٿي تو پنهنجا سڀ مقصد لڌا

نطق حق بخشيو زبان کي ۽ زبان ناطق ڪئي
جڏ سڻائن تڏ ٻڌو ورنه ڪيئن ڪن ٻڌندو صدا

پنهنجي قدرت ساڻ تو شنوا ڪيو پاره استخوان
استخوان ـ سخت کي شنوا ڪيو تو يا خدا

گوشت جي پاره کي ڪيو گويا تو اي قادر ڪريم
گوشت جي پاره کي کهڙو نطق ناطق ڪيو عطا

آن ڇـو حيوان بڻ آقـا سڃاڻي تـو ضرور
۽ تـو ڄاڻي بنهن جي آقـا کي ۽ بيگانہ سدا
۽ تـو ڄاڻي منهن جو مالڪ کيز ماريندو مون کي
تنهن کئون تو سستي ڪري گھوڙو هلڻ ۾ برملا
پر جڏهن ڪو غير اُن تي تـو چڙهي تڏ جلد تي
اُن کئون جو ڄاڻي تہ ماريندو مونکي هي بي خطا
جڏ بڌو هي حال مونکي اهڙي رقت دل ۾ ٿي
تنهن کئون تـون عالم آهين اي عالم ـ سرو خفا
پـر مون کي هي ڳالهہ ٻڌندي سان تسلي ٿـي گھڻي
اُن کئون جو آقا ڪا تنهنجي لطف جي حد ناهي ڪا
سو جـڏهن مالڪ مجازي انقدر ٿـي مهربـان
تڏہ تون جو مالڪ حقيقي منهن جو تنهن جو لطف ڇا
منهنجي عصيان جي حد تنهنجي ڪرم جي ڪهڙي حد
منهنجي حد حاجت جي تنهنجي ني ڪرم جي انتها
جي خطا مون کئون ٿي صادر تو سوا بخشندو ڪو
ڪو ڇڏائيندو مونکي جـي مونکي تون ڏيندين سزا
آءٌ بچي ڇنندس ڪٿي تنهنجي عقوبت کئون ڪڏهن
عفـو آڏون تنهنجي عقوبت کئـون گھران تـو ربنا
جي نظر عمان تـي منهنجي تون ڪندين اي دادگر
وائي بـرمن وائي بـرمن منهن جـو ٿيندو حال ڇا
انـبـيـا ۽ اولـيـا ۽ اوصـيـا صاحب شرف
تن کي تنهن جو ڄاڻي تن جو تـا ادب آليون بجا
سي پي جڏ راضي تون ٿين پنهنجي ڪرم ۽ لطف سان
تـڏ اسان تـي ٿيندا راضـي سي سپيئي بـا رضا
جي تون ناهين کنهن کئون راضي اي خداوند ـ قدير
ني شفاعت کنهن کئون ٿيندي نـي ڪو ڇنندو از بلا
تڏ وسيلو ناهي ڪو بهو اي خـداوند ـ ڪريم
تون ڪرم پنهنجو اسان تي ڪر اي آقا رهنما

واسطي نيڪن جـــي بدڪارن جا عصيان عفو ڪر
واسطي پيارن جي پنهنجو لطف ڪر احسان نما

تون ٿو فرمائين تہ بندن ڪئون نہ جي ٿي ها گناہ
خلق ٿي خلقيان ها تا ڪن ها سندم جرم ۽ خطا

تسا آئون ٻانهن جا گنهہ بخشان ها پنهنجي لطف سان
عفو جـــي ناهي ڪا حد ني آهي پايان ـ سخا

عفو جو درياءُ تنهنجو موج زن هو بي ڪنار
سي اسان ڪئون ٿيون خطائون تو گنهہ سڀ عفو ڪيا

ڇـــا هي جنت اندڪي از نعمت ـ عظمائي تــو
ڇـــا هـــي دوزخ شعلہ از قهر تـــو اي ڪبريا

توٿئون آئون قربان تنهنجي فضل تئون آئون ٿيان نثار
توڪئون ٿيا احسان اسان ڪئون تـــيـــا وڏا جورو جفا

پر تون بخشايش جو صاحب آهين مولا هر طرح
۽ اسين سڀ جـــرم جـــا لائق سزاوار ـ خطا

جنهن سزا ۾ آهين تون راضي اسان کي ڏي سا تون
جنهن ۾ تون راضي اسين سڀ آهيون راضي بارضا

پر اسان جي تاب طاقت جـــي برابر ڏي سزا
جنهن جو ڪنهن کي تاب ناهي تنهن ڪئون تون آقا بچا

سو اسان تي بـــار ڪر آقا ڪٿي جنهن کي سگهون
جنهن جـــي طاقت نـــاهي سي سڀ رب اغفر ذنبنا

جي سزا دوزخ جي ڏين تا ناهي ٻانهن کي ڪو عار
پر نـــہ ڪر محروم اسان کي تون ز ديدار و لقا

عدل تو سڀ ڪنهن ڪئون گهرجي تنهنجو گهرجي تو ڪرم
عدل جـــي تو ڪيو اسان سان وائي ير احســان ما

قهر پنهنجي ڪئون خدا يا پاڻ تون ڏيندين پناہ
قهر تنهنجي ڪئون امان ملندي نہ هرگز هيچ جا

ڇا هي حاجت منهنجي جت تنهنجو ڪرم بخشندہ ٿي
ڇا هي منهنجو فقر جت تنهنجي عطا ٿي يا خدا

ڇا هي اُڄ جهرڪي جي ڪانڊي ڇهنب ۾ ڇا قدر آب
بحر مان ڇا ٽيندو ڪم جهرڪي ڪٿي ڇا سگهندي ڇا
يــوم لا يخذ النبي والـمـومنـون ارشـــاد تست
سي اسين آهيون خـــدا يـــا اُمت - خير الـورا
سڀڪو پيرئو پنهنجي پيرن جي پٺيان هوندو ضرور
اسين پٺيان هونداسون اڳ ۾ هوندو شاه - لافتا
مرتضيٰ کون پوءِ حسن سرور ۽ تنهن کئون پوءِ حسين
بـعـد تسعه طـــاهــره از نسل شـاه - ڪـربلا
منهنجي عملن تي نظر ڪر ڪين اي منهنجا خدا
پنهنجي فضل و عفو جـــي آقـــا نظر سوير نما
باه دوزخ جي جو مونکي تاب و طاقت ڪر هجي
پر سنده فرقت جو مونکي تاب ۽ طاقت ڪجا
باه جي تو کئون جي مونکي صبر جي ڏيندين مجال
قهر تنهنجي جو مونکي پر تاب ۽ طاقت نه ڪا
جي مونکي پنهنجي مخالف سان گڏي دوزخ وجهين
سو مخالف منهنجي سان مونکي رهڻ نـاهي سزا
پنهنجا تابع پنهنجا دشمن ڪيئن گڏي يڪجا ڪندين
طعن تنهنجو باه دوزخ کئون نه ڪم باشد مرا
چوندا تابع ۽ مخالف جي ڪو وچ ۾ فرق ناه
ڪئين مخالف ۽ مـوافق سڀ مـڙي يڪجا ٿيا
پنهنجي دشمن سان گڏائي جي مونکي دوزخ وجهين
سو نه منهنجي جو رکئون مونتي زياده ٿي جفا
تون جي ٿين خوشنود مون ڪئي دامن - مقصود پر
ڇا هي جنت ڇا هي دوزخ ماسوا الله سڀ فنا
تــو سوا سڀ ڪي فـنـا آهـي لـڳل از شش جهت
سڀ فنا باقي آهي هڪڙي ذات تنهنجي يا خدا
واسطي پيارن جي پنهنجي منهنجا عصيان عفو ڪر
صدقو پنهنجي ذات جـي جو بخش سڀ جرم و خطا

آتش- سوزان پنهنجي قهر سان سي ڪر ه‍لاڪ
جن پرستش غير جي ڪي با يقين جن شرڪ ڪيا

منهنجي عصيانن ڪي پڻ پنهنجي عدو تي نــز ڪر
بار عصيانن ڪئون سبڪ ڪر مونکي اي منهنجا خدا

سيڪوئي هت پنهنجي اعمالن ۾ آهي درگرد
تون نہ بخشيندين تہ ٿيندو ڪونہ عملن سان رها

حق نعمت تنهنجي جو شڪرانہ ڪنهن ڪئون ڪين ٿي
تہ حسن ڇا چوندو ۽ اُن جي زبان جو تاب ڇا

محبوب - حق

مصطفيٰ محبوب- حق جو هو امام الانبيا
سرور- ڪونين شافع خلق جـــو خير الورا

جنهن مبارڪ رات جو حضرت ويو معراج- فلڪ
هو اُنهي شب خواب راحت جي ۾ در دولت سرا

آيو جبرئيل- امين آندائين وحي از ڪردگار
پهرين چُميئين حضرت جي خدمت ۾ سلام- ڪبريا

اُن ڪئون پوءِ ڪئين عرض ڪاڏي مقصود امر- ڪن فڪان
ڪيو طلب آفلاڪ تي توڪي خداوند- علا

انبيا تنهنجي قدوم- پاڪ جـــا سي منتظر
۽ ملائڪ صف بہ صف ٿيا مستعد بهر- لقا

آندائين تڏہ براق برق سير تا حضرت چڙهي
۽ هلي بيت المقدس جمع ٿــيــا جت انبيا

فخر آدم تڏ چڙهي براق تـــي ۽ ٿيو روان
غاشيہ بــردار هـــو روح الامين روحي فدا

منتظر هـــوا انبيا پٺ ۾ پڙهن ٿيهي نماز
صف بڌي سڀ پٺ ۾ بيٺا اڳــہ ۾ بيٺو مصطفيٰ

تنهن ڪئون پوءِ حضرت روانہ ٿيو بہ سير- آسمان
سدرۃ تي جنهن دم رسيو جبرئيل پڻ اُت ٿيو جدا

تـڏ چيو شاه ـ رسل جبرئيل کيئن بيهي رهين
عرض کيو روح الامين اي هردو جڳ جا مقتدا

تون آتي آهين رسيو جت جن و انسان و ملڪ
ڪونہ آن هتہ آيو ني ڪو ايندو تا روز ـ جزا

گهہ سر ـ موئي ازين موضع بہ بالا تر پرم
پر سڙن منهنجا تجلي کئون اي نور ـ ڪبريا

تون سلامت ٿي روان اي ڪبريا جا نور پاڪ
تنهنجو حق همراه هرجا تنهنجو حق حافظ سدا

جڏ چڏي براق رف رف تي چڙهيو شاه ـ انام
آت رسيو جت ڪونہ رسندو ني ڪنهين ٻئي سير ڪيا

جڏ چڏيئين رف رف کي پڻ ٿيو عرش کي نزديڪ تر
پردهء قدرت کئون هنير تڏ ٻڌي حضرت صدا

رک قدم پهنجا جتي سان عرش تي اي نور پاڪ
مفتخر ٿــي عرش ۽ ٿــي آن جــي رونق ۽ ٻها

جڏ قدم رکندين جتي سان عرش تڏه نازش: ڪندو
چوندو مون تي اڄ چڙهيو نعلين سان خيرالورا

مومنا موسيٰ نبي هو ڪيڏو صاحب عز و شان
طور سينا تــي رسيو هن پر تڏه آيس نــدا

چڏ جتي کي آهــي وادي ۾ مقدس اي ڪليم
هت جتي آڻڻ ڪنهين کي ناهي جائز نئي روا

طور سينا تي جتي پنهنجي چڏي موسيٰ چڙهيو
عرش اعظم تـي جتي پنهنجي ڏڪي خيرالورا

ٿيو جڏهن نزديڪ درگاه ـ خدائے ذوالمنن
حق سان ائين نزديڪ ٿيو جيئن قاب قوسين اودني

تا رسول الله کي وحشت ٿي نہ تنهائي جي ڪين
دست قدرت حق جو مرسل جي ٿيو دوش ـ آشنا

دست قدرت مصطفيٰ جي، دوش تي جڏ حق رکيو
آن جي باعث قلب ۾ حالت عجب ٿــي رخنما

ماسوالله سڀ ڇڏي حق سان وڃي پيوند ٿيو
ذات پاڪ حق هوئي آن هڏا يا هو ختم الانبيا

جڏ خدا سان گڏجي حق گڏجي تڏ توسان ضرور
تون خدا کئون پڇندين توکي تڏ ڪيئن حاصل ٿئي خدا

پاڻ فرمائي ٿو حق جو ڪو مونکي نزديڪ ٿئي
آئون ٿيان نزديڪ تر آن سان بي چون و چرا

تو جڏ سڀ ڪين وساريو ٻهر خلاق الوجود
تڏهن وساري توکي خالق ڪيئن ڇڏيندو ڇا ڀلا

هڪڙي تصديق ۽ ٻيو اقرار زباني ٽيو عمل
جڏ مڪارن ٻڪ دگر جي ٿين تڏ تون ٿين رها

فائدو تصديق دل جي مان نڪو اقرار مان
جز عمل ڪنهن طرح سان حاصل نہ ٿيندي مدعا

تو تہ اکهين مسئل احمد بلا ميم پڙو
يعني آءٌ ڇا آهيان جيڪي آهي سا ذات خدا

هيچ چائين پاڻ کي تڏ تنهنجو مقصد ٿئي حصول
جڏهن انا لا غيري چيو سو خوار ٿيو نرد و سرا

الغرض ٿيو مصطفيٰ کي امر ڪ ائي مقصود ما
جيڪي تو گهرجي سو گهرتا سڀڪي توکي ٿئي عطا

عرض امت جي گناهن جي شفاعت جو ڪيئين
حق تعاليٰ لطف سان جيڪا هوئي حاجت ڪئي روا

ٻيڪ حاجت کئون زياده ٻن خدا امداد ڪيو
اوحي ما اوحيٰ کئون واقف ڪونہ ٿيو جز مصطفيٰ

آن سڀا جو وحي ٿيو سو پاڻ چائي ۽ رسول
حق ڏنو ٿي لطف سان ورتو ٿي شاه الانبيا

خزانہ ڀرين عطا ناخواستہ پوه حق ڏنو
حق جي بخشش جي ڪا حد ٻانهن جي حاجت آهي ڇا

هو نبي مهمان حق هو ميزبان صاحب ڪرم
واه مهمان واه واه ميزبان صاحب سخا

دست قدرت حق ڪيو بردوش ختم المرسلين
تنهن جو مقصد هن طرح سان آهي بي چون و چرا
بادشاهن جي جڏهن ڪو روبرو حاضر ٿو ٿئي
هٿ رکي پيرن تي ۽ ڪورنش ڪري ٿو آن ولا
دست شفقت تڏ رکي سلطان اُنجي دوش تي
اُن جو تنهن ڪئون قدرافزون ٿئي ۽ ٿئي عزو علا
سو جڏهن درگاه حق جي ۾ نبي ٿيو بارياب
دست قدرت حق رکيو بردوش شاه انبيا
جي چوان هن طرح سان تاهم بجا باشد روا
دست قدرت دوش مرسل تي رکيو جو ڪبريا
اُن جو هي آهي مثل چائو يقين اي مؤمنان
اُئين پڌي خوشدل ٿيو جي آهيو عبد مصطفيٰ
جڏ وجهي ڪنهن کي ٿو ياڪرڪو دوني اُي دور ٿئي
دوست پنهنجي دوست سان هڪ ٿي و يو دوري ڪرڻ جا
سو جڏهن مهمان حق جو ٿيو شفيع المذنبين
دست قدرت حق رکيو مهمان نوازي کي خدا
بس "حسن" نازڪ مقام آهي هي جهل اسب قلم
ڪئي قلم چابڪ روي در مدحت خير الورا
جهل زبان پنهنجي کي جهل اسب قلم جي ٻڻ عنان
تا نہ ٿئي اسرار دل جو بي محابا برملا
تون نہ بيخود ٿي عنان از ڪف رود در اين مقام
با ادب بيهڻ ڀلو آهي ادب جي آهي جا
پر تون چا چوندين جو تنهنجو فکر آهي ناتمام
مدح پيغمبر خدا جي، جي جوي رب العلا
مدح چا تون چوندين ۽ تنهنجي زبان جو تاب چا
ڪنهن کي طاقت آهي جو جهڙي مدحت خيرالورا

تو ڪمي ڪئي مصطفيٰ جي مدح ۾ اي مدح خوان
تنهنجو ڪهڙو حوصلو ڪهڙي مجال آهين تون تما

مدحت خيرالورا جو بحر آهي بيڪران
جنهن جو ساحل ناهه پيدا ني ڪناري جا پتا

مصطفيٰ جو ڏس تهو ڪيڏو شرف در نزد حق
مير مرسل جي جو ڏس ڪاڏو قسم خود ڪبريا

وات پنهنجو سؤ لڳا ڌوئي تون با مشڪ وگلاب
تنهن ڪئون پوءِ پنهنجي زبان تي آڻ نام مصطفيٰ

جا تون چوندين جنهن جو خود مداح آهي ڪبريا
تڏهن تون چئه صلوا عليه صلوا عليه خير الورا

سدرهء طوبيٰ ڪئون بالاتر مقام مصطفيٰ
تو رسول الله وڃين عرش علا تي سير ڪيا

سرورا تنهنجي اشاري هڪڙي ڪيو شق القمر
سج لٿي کي تو وري آندو به رجعت قهقرا

وات ۾ پٽ جي وڌي شبير جڏ تنهنجي مندي
تڏ اٿي اڪبر جي آڇ از مهر خاتم بي بها

فتح خيبر جي جو جيئن ارشاد ڪيو تو وقت شب
ان طرح واقع ٿيو سڀڪجهه ز ابتدا تا انتها

ڌوکي غيرت ڪئون کهٽوئي شاق ۽ دشوار ٿيو
فتح خيبر ڪئون جڏهن بي ٿيل مقصد جي ورنا

تو چيو خيبر سڀاڻي فتح ٿيندو تنهن هٿان
غير فرار آهي ۽ ڪرار جو وقت وغا

ان طرح شاهه نجف مرحب ۽ حارث کي ڪهي
قلعهء خيبر سخر ڪيو علي خيبر ڪشا

تو وڌو چشمان حيدر ۾ لعاب لعل پاڪ
تڏ رمد جي رنج ڪئون آزاد ٿيو خيبر ڪشا

تو دعا ڪئي مرتضيٰ کي رک تون پنهنجي حفظ ۾
حر ۽ برد هوا ڪئون ما الاهي دائما

سو روايت ڪن ٿا از مولائي جمله مومنان
پوء ڏکو ايذا رسيو از حرا ۽ برد۔ هوا

جيئن خبر فرمائي تو وڙهندا علي سان تيئز وڙهيا
قاسطين و مارقين و ناڪثين تو وڙوُن تڙيا

فاطمه زهرا کي جنهن پر تو ڏني مخفي خبر
ان طرح دنيا ڇڏي عقبيٰ ڏي وئي خيرالنسا

تو شهادت مجتبيٰ جي جنهن طرح مذڪور ڪئي
ان طرح مسموم ٿيو زهر۔ جفا سان مجتبيٰ

جيئن شهيد۔ ڪربلا جي قتل جو ڪيو تو بيان
ان طرح سان قتل ڪيو ويرن بدشت۔ ڪربلا

جا حقيقت تو چئي عمار جي هوئي قتل جي
ان طرح سان ماريو ويرن اڳي منجهه دشت۔ وغا

زيد و عبدالله ۽ جعفر جي ساعت فوت جي
جنهن طرح فرمايو هو ان طرح ظاهر ڪيو خدا

تو ڏني جنگ۔ جمل جي جنهن طرح صادق خبر
ان طرح سڀ کي ٿيو واقع ز ابتدا تا انتها

جنهن طرح سان تو ڏني اخبار از فتح۔ بلاد
تيئن سي فارس ۽ مداين ۽ يمن مفتوح ٿيا

ابن۔ ملجم جي شقاوت جي ڏني جنهن پر خبر
ان طرح سان پردهء قدرت کئون ظاهر ڪيو قضا

جيڪي اصحابن ٿي کاڌو يا ذخيرو ٿي ڪيئون
يا ٿي مخفي ڇپائون جيڪي تو ڪيو ظاهر از خفا

تو جو فرمايو هو امت ٿيندي ليهتر فرق
سا ٿي ٿيهتر پڄي هڪ بي کئون هر ڪ ٿيا جدا

توسان ڳالهايو ٿي حڪم۔ حق سان هر سنگ و حجر
تنهنجي هٿ تسبيح خوان ٿيا سنگ ريزه ۽ حصا

چوب جنهن تي تنهنجو تڪيه هو بوقت۔ وعظ و پند
نالئه جان سوز ڪئين الکون جڏهن تون ٿين جدا

جڏ جدائي تنهنجي چوب - خشڪ کي هيئن شاق ٿي
تڏ پري ٿـي تـو درون آرام ايندو سون پلا

تنهنجي اڱرين مان روان ٿيو ان طرح آب - روان
اهل لشڪر جـا سڀئي بـاڪي پي ۽ سيراب ٿيا

سي چون ٿـا ليڪ هزار انداز هوا اندر شمار
جي پيمبر سان حاضر ٿيا هوا منجهه دشت - وغا

گوسفند ام معبد تي تو هٿ جنهن دم رکيو
کير انجو جيڪي حاضر هوا سي پـي سيراب ٿيا

جنهن طرح سان آميائن جـي خباثت ڪئي بيان
ان طرح سان سربسر واقع ٿيو بـي نقص و خطا

تو جو فرمايو يزيد - بي حيا جو شرح حـال
خسرة الـدنيا ٿيو والاخـرة او پـر جفا

تنهنجا اڪثر قول ۽ افعال سب امجاز هـوا
تنهنجي حق ارشاد مازاغ البصر ۽ ماطغي

تو ڏني جنهن پر پهودن جي مذلت جـي خبر
آن ڏينهن کئون کونه ٿيو آن قوم ۾ فرمان روا

تو چو نصراني ڪندا آخر زمانـہ ۾ عروج
سو ٿو ڏسجي روز افزون آن جي دولت جو بقا

تـو هو فـرمايو علي سان وڙهندي آم المومنين
آٿ چڙهي پاڻيءَ مثون لڳهندي ٿيو حواب آهي جنهنجو نا

پؤڪندا ان شهر جا ان کي ڏسي بيشڪ ڪتا
سو سيو واقع ٿيو جيئن ارشاد ڪيو اي مقتدا

آتش - سوزان عرب جي، جي ڏنيئي جنهن پر خبر
ان طرح سان ٿـي ٻـري سا باه چندين مه ها

طرفہ تر آن باه ساڙيا ٿـي سيئي سنگ و حجر
پر نہ چوب - خشڪ ساڙيئين جيئن هو ارشاد - شما

سرورا قرآن سچو تنهنجي رسالت جـي سند
۽ رسالت حـو گواه آهـي سنده ذات - خدا

يـا رسول الله آئـون تنهنجو غلام ـ كمترين
يـا رسول الله آئون تنهنجي نام تون آهيان فدا

تـو سوا كو بيو وسيلو نـاهي يـا خير البشر
تون حسن جي سار لهه در موقف ـ خوف و رجا

شاه ـ لا فتا

هكڙي ڏينهن مسجد ۾ كوفه جي هو شاه ـ لا فتيٰ
جڏ فريضه صبح جو كيئين طوع رغبت سان ادا

تڏ ڇيئين هك شخص كي وچ جلد در موضع فلان
پهلوي مسجد ۾ آهـي هن طرح جـي يك سرا

ان ۾ هكڙو مرد هكڙي زال آهن منجهه نزاع
سي ٻئي حاضر وٺي كر آن ۾ آهـي رمـز كا

جڏ ٻئي حاضر ٿيا منجهه مجلس ـ شاه ـ عرب
شاه فرمـايو تنازع سخت اوهان ۾ آهي كا

آن ڇيو اي واقف ـ اسرار امر ـ خشك و تر
مون تہ آ هن زال سان جنهن وقت شرعي عقد كيا

چا ڇوان جا مونكي ازكئون امڙي نفرت ٿي پديد
جو مون پانيو ڏني طلاق انكي كريان فوراً رها

هوء پي ساري رات مونسان مستعد پـرخاش هئي
جڏ تيو ارشاد ـ امامت تـڏ اسين حاضر ٿيا

حاضرن كي شاه فرمايو ز روئي مكرمت
راز پائن تا تہ هن جو ٿي نہ ظاهر برملا

جڏ سيئي حضرت جي مجلس كئون وڃي ٿيا منتشر
هكڙو مرد ۽ هكڙي عورت صرف اتي باقي رهيا

تڏ ڇيو ان زال كي حضرت تہ مونكي راست چئو
تون سچائين تـي هـي آهي كير بي رو ۽ ريا

ان ڇيو مولا سچائان كين ٿـي آئـون باليقين
شاه فرمايو ڏيان ڏس تـون سچائين من پلا

پر تون منڪر ڪير تج ني ڪين سچائن ڪج نهان
ان چيو هرگز ڪندس آئون ڪين ڪذب و افترا
شاه فرمايو فلاڻي زال تون نـاهين يقين
چائين آري آهيان آئون سا زال بي چون و چرا
شاه فرمايو ته تنهنجو سوٽ هو چاچهن جو پٽ
۽ اوهان جي دوستي هڪ ٻئي سان هئي از ابتدا
تنهنجو پيءُ هرگز نه راضي ٿيو ٿي تنهنجي عقد تي
۽ ڪڍيائين گهر سان لوڏي سوٽ تنهنجو ٿي خفا
ان چيو بيشڪ تڏهن حضرت وري چيو هن طرح
رات هڪڙي جو قضا حاجت تي وئينءَ تون از سرا
اتفاقاً تنهنجي پٽ چاچي جو حاضر ٿيو اتي
ان مؤن توکي حمل ٿيو سو رات آهي بي ريا
۽ تو سارو حال پنهنجو پنهنجي ماءُ سان ڪيو بيان
پيءُ کئون پر مخفي ڪيو سڀ راز کي سر تا به پا
جڏ ٿيو وضع، حمل تنهنجو رات جو از اتفاق
تو تڏهن فرزند ويڙهي هڪڙي ڪپڙي ڪيو رها
پر چڏيو جت ايندا هوا بهر. قضا حاجت تي خلق
ات اچي هڪڙي ڪتي انکي سنگهيو سر تا به پا
تو ڪتي کي جو هنيون پاڻ لڳو از طفل کي
۽ متو ان طفل جو ڦاٽو وهيو رت از قضا
ان گهڙي ڦاڙي تڏهن پنهنجي سٿڻ مان اندڪي
۽ متو انجو ٻڌو پنهنجي هٿن سان تنهنجي ما
۽ اوهان ان حال ۾ ان طفل کي ان هنڌ ڇڏيو
پوءِ اوهان ان جي وري هرگز خبر ورتي نه ڪا
پوءِ فلاڻي قوم ان جي صبح جو ان طفل کي
وياڪئي ڪيئون پرورش تي طفل جي صبح و مسا
۽ ڪيئون ترتيب ان طفل جي نان ٿيو وڏو
ان سان گڏ جي آيو ڪوفه شهر ۾ نزد. شما

پوءِ سڏي ان شخص کي حضرت چيو سر کي ڏيکار
سر اگهڙ ڪيائين تڏ ظاهر علامت ٿي صفا
شاهه فرمايو هي تنهنجو آهي پٽ بي شڪ و ريب
توکي ۽ ان کي رکيو حق حفظ ۾ از اين خطا
هاڻي پنهنجو پٽ وٺي وڃ پاڻ جيڏي تي وڃين
شڪر ڪر خالق جو تو تي رحم ڪيئين بي انتها
مومنان اهڙي کي چنجي تو امير المومنين
۽ اميرالمومنين هن کي چوڻ آهي روا
مرتضيٰ منبر تي چو مون کئون پڇو جيڪي پڇو
ڪنهن کي جرات جو سلوني چئي ڪو غير از مرتضيٰ
هڪ لڳا طغياني واقع ٿي هئي در آب ـ فرات
اهل ڪوفه عرض ڪيو اي خلق جا مشڪلڪشا
گشت ها ضايع شده نقصان ڏاڍو ٿيو پديد
تون اسان جي واهه ڪر اي داد رس لهه سار ڪا
عرض اسان جو حال ڪر در درگهه ـ پروردگار
آب تا ڪمتر شود آفت کئون آقا ڪر رها
شاهه ـ دين داخل ٿيو ڀرين وڃي دولت سرا
منتظر مردم در ـ دولت تي بيٺا جابجا
ناگهان دولت سرا کئون آيو جڏ باهر امام
جبه ـ شاهه ـ رسل در بر ڪيو شاهه ـ هدا
۽ رکي دستار سر تي مصطفيٰ جي مرتضيٰ
۽ عصا مرسل جي هٿ ۾ آيو شاهه ـ لافتا
پوءِ سواري خاص جو ڪيو اسپ تڏ حضرت طلب
ان تي ٿيو هسوار دلدل جو سوار ـ لافتا
خلق سڀ پيادا جلو ۾ شاهه دين جي هلنا روان
همره ـ والد هوا حسنين پڻ صلو عليٰ
جڏ ڪناري نهر تي آيو جهان جو ڪارساز
تڏ دو رڪعت ڪيئين نماز ـ داد گر پوءِ ان ادا

پوء چڙهي ٻالائي پل حضرت اشارو ڪيو پآب
هڪڙو ڪر ڪمتر ٿيو تڏ حضرت پيو لي اڪتفا

تڏ وري مائهن چيو اي نفس ختم المرسلين
ڪم اجهان پاڻي تي ڪيو حضرت اشارو با عصا

جڏ ٿي ڪز پاڻي ٿيو ڪم سڀ خلق تڏ خوشحال ٿي
موسان اهڙي ڪي هنجي خلق جو مشڪلڪشا

حفر خندق وقت هڪڙي روز هيئن ٿيو اتفاق
هٿ رکيو عمار ياسر جي مٿي تي مصطفيٰ

۽ چيئين عمار هڪڙو ڏينهن سو ٿيندو ضرور
توکي ناحق اهل بغي رت ۾ ٻهنجي تر ڪندا

قاتل العمار في النار آهي جو اکين ٻڌو
آهي هي تفصيل ان اجمال جو سر تا بپا

سو جڏهن صفين ۾ باغين مڙي آندو هجوم
سامهان ٿيا تنهنجي جنهن جي جنگ جنگ. مصطفيٰ

تڏ چيو عمار مولا کي ڏٺي سو گندها
هي اهو ڏينهن آهي جو وعده ڪيو خيرالورا

پر جواب ان جو پڳهمرا ڪين ڪي حضرت ڏنو
تڏ ٿيو ڳهمرو قسر ڏاڍو ڏنو ان جان فدا

شاه فرمايو اهو ڏينهن سو جو هو چو تي رسول
تڏ هٿي تڪبير چو عمار مائيندس مزا

آهي اڄ روز ملاقات رسول ڪردگار
اڄ ڪڻون سڀ حزب خدا خوشدل ٿي ڏسندس دائما

ائين چئي ۽ ٿيو روانو رو بسوئي رزمگاه
لشڪر اعدا مون ان بعضي مبارز قتل ڪيا

تشنگي غالب ٿي ان تي طلب ڪيئين جام آب
کير پاڻي سان ملائي آندو ان وٽ آن ولا

تڏ هٿي تڪبير ائين عمار پيتو کير کي
۽ چيئين فرمايو مون کي هن طرح خيرالورا

توکي اي عمار هڪڙي ڏينهن ڪندا باغي هلاڪ
تنهنجو قاتل باه ۾ دوزخ جي سڙندو دائما

هي شهادت تنهنجي وچ جبرئيل ۽ ميڪال جي
ٿيندي واقع بيگمان از حڪم رب ڪبريا

تون طلب پاڻي ڪندين پر کير پاڻي سان گڏيل
تو اڳيان حاضر ڪندا ان ۾ نه شڪ شبهه کي جا

۽ چو عبدالله عمر بن عاص کي شاه رسل
قاتل عمار کي ٿي باه دوزخ جي سزا

سو چون ٿا ٻن ڄڻن عمار جي سر کي ڪٽي
معويه وٽ آيا ۽ هن پر ڪيئون هي ادعا

چو ٿي هر هڪ مون ڪيو عمار ياسر کي قتل
معويه پاسيو هو ڪئين زر جو ان جي سر بها

شام حاڪم عبدالله جي تڏ حوالي ڪيو هي ڪم
تڏ عمر جي پٽ پڇي هڪ شخص کئون سڀ ماجرا

ڪنهن طرح عمار کي ماريئي سو مون سان ڪر بيان
ان چو مون حمله ڪري عمار ماري ڪيو فنا

ان کي عبدالله چو تون ناهين قاتل ڪنهن طرح
پي کئون جنهن دم ڪيئون تفحص سرگذشت ماضي

چائين هڪ ٻئي ٿي ڪياسون حمله باطعن الرماح
جڏ لڳي مرڪب کئون زانو پر ڪري ڪيئين هيئن صدا

ڪين چئندو وچ ۾ جو جبرئيل ۽ ميڪال جي
اهڙا جنهن کئون ظلم صادر ٿيا ۽ ٿي اهڙي خطا

۽ چيئين ٿي پر ڏنئين کهه بريمن کهه بسر بسار
سر وڍي آخر مون انجي تن کئون جلدي ڪيو جدا

عبدالله درهم ڏنا ان کي چيئين وٺ هي زر
پر بشارت توکي دوزخ جي ڏني خير الورا

قاتل العمار في النار آهي ارشاد رسول
ان کي هي ٻڌندي تڏهن آتش لڳي سر تا پا

تڏ چيئين انا لله وانا اليه الراجعون
ڪين ڪريون ڪيڏي وڃون هن غم ۾ آهيون مبتلا

۾ چيئين جي مارجون تا پڻ وڃي دوزخ سڙون
۾ جي ماريون تا ٿي پڻ باه دوزخ جي سزا

ائين چئي انبار در هر ڪي ڇڏيئين از سوز دل
معويه چو عبدالله اهڙي سخن جي آهي جا

تڏ چو عبدالله گواهي تو ڏيان شاهد خدا
مون ٻڌو هن ۾ ٿي فرمايو رسول ڪبريا

جڏ بنا مسجد رسول الله ٿي منجهه يثرب زمين
هڪڙي هڪڙي خشت ٿي سڀ ڪنهن ڪئي ٻهر بنا

۾ ٻه پاهڻ ٿي ڪنيا عمار ياسر از وداد
تڏ چيو مون ڪي رسول الله اسام انبيا

اهل بغي عمار ڪي ناحق ڪندا هڪ ڏينهن شهيد
تون بشارت ان ڪي ڏج دوزخ ۾ سڙندو دائما

معويه چو توکي ڪين تاويل نايو فهم ۾
تنهن ڪئو عمار ڪي جنهن آندو در دشت وغا

يعني قاتل بيگمان عمار جو آهي علي
جنهن وٺي عمار آندو جنگ تي ازد غما

جڏ ٻڌي هي ڳالهه شاه دين امير المومنين
چائين هن صورت ۾ حمزه جو هو قاتل مصطفي

جڏ وٺي آندو ز ٻهر جنگ در ميدان جنگ
ٿي نه تڏ وحشي ڪئون صادر خون حمزه جي خطا

مومنان جيڪو ڪري انصاف سان پنهنجي نظر
معويه عمار جو قاتل هو بي چون وچرا

معويه طالب نه هو عمار جي گر خون جو
ڪين ٿي باسيئين خون ان جي ۾ زرو دينار ها

معويه عمدا ڪرايو اهڙو اصحابي شهيد
زر جو ڪيئن باسيئين تڏهن هن طرح ٿي سفڪ الدما

في المثل جـــي هن زمانـــي ۾ وڃا اندر سلف
جي ڪري وعده ڏني زر ۽ ڏنائين خون بها

انڪي قـاتل چون هـا يا ڪين ڪي اهل۔ قياس
جي نہ قاتل چون ها تحريڪ ان جـي ٿر ڪيا

معويہ ڪٿون ڪين هرگز هو لڪل ني هو ڳجهو
قـال العمار جـــو ارشاد جـــو ڪيو مصطفيٰ

۾ نہ باور انڪي هئو ان قول تي ني اعتماد
تڏ ڪيئن ان ارشاد جـــو تـاويل جو هو ناروا

ان جي دعويٰ هئي تہ هئو عمار جو قاتل علي
ڪنهن طرح سان جئو نہ منظور۔ خدا نئي مصطفيٰ

معويہ ٻاسيا ڏي درهم جڏ عيوض عمار جي
تڏ تي انڪي مومنن مئون ڄاڻئين يا گمراه ڇا

۾ يقين ڄاڻئين تـــي تـــا عمار مومن متقي است
۾ علي جو دوست جيڪو هئي سو هئي مارڻ روا

اهڙي باغي کي مسلمان ڪـو چوي انصاف ناهہ
مرتضيٰ جي جنگ هئي خـود جنگ ختم الانبيا

ٻل چوان تـو سچ علي سان جو ڙريو حق سان وڙهيو
مرتضيٰ هو مصطفيٰ جي جـــاء ڏـــي خاصہ خدا

جنگ ڏي خيرالورا جي ۾ خدا جو ٿي غضب
تڏ علي جي جنگ جنگ۔ حق هئي بي چون و چرا

۽ جي حزب۔ مصطفيٰ جي ۾ نہ ڪو خوف و خطر
تڏ علي جي جنگ ۾ انديشو ڪهڙو خوف ڇا

جنگ پيغمبر ۾ ڪو چوندو تہ انديشو نہ آهہ
تنهن کي ڪو چـوندو مسلمان متقي و پارسا

تڏ ڙريو جو مرتضيٰ ڪٿون سو محمد ڪٿون ڙريو
جيڪو هئي سو هئي صحابي يا ڪو هئي نبيو با ريا

ڪاڻياً ما ڪان جيڪو هو سو هئي ڪهڙو خطر
مرتضيٰ حق تـــي مخالف انجا ٻاطل تـــي سدا

جسي خدا گهر جمي تـــ ثي بدرو امير المومنين
جي خدا گهر جمي تـــ ثي داخل سعد فد نجا

جي تون يائين تا مدينہ علم ۾ داخل ٿيان
سو مدينہ علم جـــو باب آهـي شاه ـ لا فتا

تنهنجو پنهنجي مو هو من سان هوندو عــاقبت
جن جو تون تن سان گڏجي وڃ والها حبذي وبا

۽ جي نوكي كنهن طرح پند ـ كسي مقبول نيست
منهنجو چـــا چالن عدو ـ آل ۽ جـــائي خدا

اندكي جنگ ـ جمل جو ذكر نومذكور ثثي
پر اني بي نالي مولكي جاني كـــا چون و چرا

هوڏي أم المومنين هيڏي امير المومنين
پر جي جنجا سي ٿيا تنجا غير سان چا واسطا

پر جي آئون ان عهد ۾ حاضر هجان ها في المثل
شاه جي دشمن جو سر منهنجي دودستي تيغ ها

الغرض هن پر لكيو آهـــي كتـــابن ۾ صريح
سنين ۽ شيعن سين هن حال جـــا دفتر لكيا

تـــا چون وارد ٿـــي آم المومنين جڏ ان مقام
اصل جنهن هنڌ جو كيو هو حال ظاهر مصطفي

۽ اهي ظاهر علاماتون ٿيون جـــي پهرين پڌئين
يعني پائي كثون لنگهن پؤنكن كتا ان شهر جا

جڏ پيا سپ ياد ارشادات ختم المرسلين
تڏ چو آم المومنين هن هنڌ جو آهـــي ناله چا

جڏ پڌئين ان هنڌ جي پالي جو آهي نالو حواب
تڏ چيئين موٽي ورو مون كي هلڻ للهي روا

تڏ سچا صادق صحابي هكڙو طلح بيو زبير
۽ ٻيو هـــو ابن زبير ان آلدا شـــاهد ۽ كـــوا

سي لكيو آهي كتابن ۾ ته هوا چاليهہ شخص
تن حلف سان هن طرح حق جي شهادت كئي ادا

ناهي هن ٻالڪ جو ناڻو اڃان ٻڌڻ جهڙو جواب
ڪين مونکي وچ ورڻ هن هنڌ ڪٿون ڪيئن ناهي روا

عبدالله خنجر ڪڍي جو پيٽ پنهنجو ٿو ويهان
جي نه مون مولين تي هٿون جهڙو نه آهي رهندس صحبا

عبدالله زبير هو بي بي جو ڀاڻيجو سڳو
ان جي حرڪت گرچه بيجا هوئي نه چاهئين سڀ بجا

سو ٻڌي بي بي جڏهن چاتو نه هي ناهي جواب
تڏ روانه پيشتر تي قصد مولا ڪيئين رها

پر چوان ٿو آئون نه سو پاڻي اهو هو پا نه هو
پر علي سو هو جو حربڪ حربي جيو خير الورا

هي علي هو، هو هو پاڻي سو هجي پيا ني هجي
جنگ مولا بيگمان پندار جنگ مصطفى

پر ڪنهين اسباب سان جڏ جنگ واقع ٿي ميان
تڏ ڪيئن ام المومنين ڪي هو وڙهڻ ٻا مرتضى

پاڪ جي دل ۽ زبان يڪسان ڪئي ام المومنين
عين حرب و ضرب ۽ لشڪر چڙهي تي ها جدا

جي جدا ني ها نه ام المومنين از آن گروه
باز اچڻ ها قصد مون لاچار تي اهل جفا

ظاهراً مقصد تي پنهنجي سڀ مڙي انبوه ٿيا
پر حقيقت ۽ مخالف عائشه جا هوا صفا

ظاهراً عثمان جو آندئون بهانو خون جو
هي نه سڀ خواهان شر جا هئا نه طالب خير جا

اهڙي تحريص ڪئي گهر مان هئي ام المومنين
قرن في بيوتڪن جي پاس ڪيئين هرگز نه ڪا

تڏ پي ام المومنين ڪي ڪونه ڪو آهو خيال
طلحه ۽ زبير جڏ مجمع چڙهي يڪ سو ٿيا

۽ ڏنئين ٻنهي ڪي با بيعت امير المومنين
بي بي صاحب ڪي چڙهي صادق صحابيءَ ٿيا جدا

يعني بي بيعت امام العصر موت آهي وبال

مات موت الجاهليت جنهن کي چيو خير الورا

گرچه وقت ياس جي ايمان مان کو سود ناهه

ورنه ٿي فرعون کي کلمي جي باعث کئون نجا

پر جي ام المومنين اصلاح جي خواهان هئي

سو جڏهن چانئين ته هن اصلاح جي هئي ناهي حد

بلڪ ان اصلاح مئون هڪ مفسده برپا ٿيو

تڏ رهڻ لشڪر ۾ هرگز ڪين هو ان کي روا

پر عجب جرات ڪئي ام المومنين در اين مقام

تا دم آخر وڙهي ۾ جنگ ڪيئن با مرتضيٰ

مرتضيٰ جو کهڙو نقصان ڪيائون از اجماع خود

جي مخالف هوا سي سارا ها پڪا ها ڦڏه ڦڏا

جن ٿي مولا کي لئيم ۽ نا سزا الفاظ چيا

سي گرفتار آيا ٿي مولا موٽي آزاد ڪيا

پر ٿيو جيڪي جنهن جو لائق سو ڪري ٿو بيخلاف

جيڪي جنهن جو لائق آهي ان کئون صادر ٿي آهه

ناڪثين ۽ قاسطين جو ذکر تو پهرين ڏو

مارقين جو ذکر هاڻي ٿو ڪريان هت بيريا

ناڪثين هوا طلح ۽ زبير ۽ ان جا رفيق

نقض بيعت جنهن کئون واقع ٿيو ز بيعت مرتضيٰ

قاسطين هوا شام جا باغي ۽ پٽ سفيان جو

جي ها اهل جور عدوان حق کئون منهن موڙي هليا

مارقين هوا خارجي جي شاه سان ٿيا سامهان

تن جو مجمل ذکر تو ٿئي سو ڏو اي بي ريا

معاويه عاجز جڏهن ٿيو جنگ کئون صفين ۾

تڏ عمر پٽ عاص کي چئين ڪر ڪو حيلو ٿيان رها

پهرين ان رشوت ڏني بعضن کي پنهنجو دوست ڪيو

پوءِ رکي قرآن نيزن تي ۽ آيا اڳتي

چئون اسان هي ميڙ آندي آهي هائي درميان
تا اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ شاهد هئي گوا

جيڪي مصحف ۾ لکيو آهي عمل آن تي ڪريون
ڪيئن تجاوز ڪين ٿيندو از سر - مو ڪنهن ولا

شاه جي لشڪر جڏهن قرآن نيزن تي ڏٺا
مختلف ٿيا شاه ڪئون ۽ مختلف اقوال ٿيا

چائون مصحف ميڙ جڏ آندئون تڏهن بيو چا ڪريون
صلح ڪئون بهتر ڪا بي شئي ناهي جائي ٿو خدا

شاه فرمايو هي سڀ ٿيو قيد مڪر و حيلهٔ شر
ضربت شمشير اوهان جي ڪئون ڪيئون حيله بپا

الغرض حضرت گهڻو سمجهايو پر سمجها تہ ڪين
خارجي خدمت مئون خارج ٿيا پڇي ۽ ٿيا جدا

جڏهن عمرن عاص، جو هڪ حڪم هو حڪمين سا
آن ابو موسيٰ اشعري ساڻ بلڪل ڪئي دغا

يعني هي حڪمين جڏهن هئي ٿيا مقرر از دو سو
عاص جي پٺ ڪيو ابو موسيٰ کي پنهنجو مقتدا

جڏ هئي گڏ هي پاڻ ۾ ويٺا ٿي از بهر نماز
ڪئي ابو موسيٰ جي پٺ ۾ ٿي عمر تڏهن اقتدا

الغرض هر امر ۾ ان کي مقدم هو ڪندو
دل کي ان جي هر طرح ان هٿ ڪيو پنهنجي صفا

هڪوي ڏينهن موسيٰ کي چوهن طرح سان پٺ عاص جي
مون کي هڪڙي ڳالهہ آهي دل ۾ سا سڻ برملا

ان چيو سا چئو تڏهن چو عاص جي پٺ مڪر سان
مرتضيٰ ۽ معاويہ جي ذات ڪان ٿيا حادثا

آهي بهتر تا اسين هي هئي ڪريون موقوف هاڻ
ليون ڪو آلي تخت تي ويهاريون جائي مصطفيٰ

تا جو عالم ۾ هي آهي شور ۽ شر واقعي
دفع ٿي آرام سان ڪو ڏينهن گذاريون دائما

تڏ ابو موسيٰ اشعري کي ڪئي هي ڳالهه خوش
چائين بهتر معاويه معزول تي ۽ مرتضيٰ

پوءِ ڪيئون اقرار تا منبر چڙهي ۽ تا ڪريون
معاويه ۽ مرتضيٰ ٻنهي تين خلافت ڪئون جدا

جڏ ابو موسيٰ چيو پهرين چڙهي اظهار ڪر
تا چڙهي پوءِ بر سر منبر چڏهان آئون مرتضيٰ

ان چيو استغفرالله توڪئون اڳي آءٌ ڪيئن چڙهان
تون رسول الله جو صادق صحابي جانفدا

پهرين تون چڙهه پوءِ آءٌ چڙهندس بر سر منبر وڃي
توڪئون اڳهين ڪين چڙهندس منهنجو آهين مقتدا

تڏهه ابو موسيٰ چڙهي منبر تي چيو اي عام و خاص
مون علي معزول ڪيو آگاه ٿيو سڀ برملا

جنهن طرح سان هيءَ منڊي لاٿي هٿئون جا تا ڏسو
ان طرح معزول ڪار منڪئون ڪيم مرتضيٰ

ائين چئي ۽ سا منڊي اڇلائي ڌرتيءَ تي وڏئين
عاص جو پٽ تڏ ڪئي هٿ ۾ منڊي پنهنجو بيا

۽ وڃي منبر تي چئين اي قوم ڄاڻو باليقين
هن علي موقوف ڪيو جو ان جو جانب هو سدا

۽ مون هن پر ڪيو معين معويه کي ملڪ ۾
جيئن منڊي هٿ ۾ وجهان ٿو سڀئي ڏسجو شاهدا

ائين چئي ۽ سا منڊي پنهنجي وڌي هٿ ۾ عمر
تڏ ابو موسيٰ چيو تو ڇا ڪيو اي بي حيا

مون سان اهڙو ڪون تنهنجو قول ۽ اقرار هو
تو دغا مون سان ڪئي تون آهين مڪري پر جفا

ان بي ڳالهايو ٿي هن کي هن بي گاريون ٿي ڏنيون
آخرش ٿيو شور شر پيدا ۽ افسانه بپا

فيصلو ٿيو ڪون ٿيو جز شور شر ۽ مفسدي
هڪڙا ڪوفه ڏي وري ويا ۽ ٻيا سوئي شام ويا

جڏ خبر حضرت ٻڌي فرمائين مون چو بيشتر
هـــي سپوئي مڪر آهي از بيم شمشير- شما ؟
سو اوهين اُن وقت منهنجي ڳالهه تي بيٺو نه ڪين
هاڻ ظاهر ٿيو اوهان تي جيڪي اُن جا مڪر هئا
خُوارجن تڏ چو علي چو حڪم ڪي منظور ڪيو
معاويه سان جنگ لازم هئي نه صلح و مرحبا
شاهدبن فرمايو آءٌ راضي نه هس ان وقت ۾
اوهين سڀئي مونکئون پري ٿيو پوءِ ڪرهان ها چا پلا
سڀ ڪٿون واڌو هو اوهان ڪي سعيو ترڪ- جنگ ۾
سڀ ڪٿون واڌو هو اوهان ڪي سعي در ترڪ- وغا
تڏ اوهين سڀ صلح جا خواهان هئو پنهنجي خوشي
مون اوهان ڪي منع ڪئي پر ڪو نه اثر ٿيو رخنما
الغرض جنهن امر تي اُن قوم ٿي تاڪيد ڪيو
اُنتي خود ٿيا معترض هي ناهي عبرت جي ساجا
پوءِ جڏهن حضرت رواني ٿيو ٿي بر جنگ عدو
تا وچي سفيان جي پٽ کي ڏي عملن جي سزا
عرض ره ۾ ٿيو جڏهن احوال خارج جو پديد
شاه چو دفع- ضرر هن قوم جو ٿيو ابتدا
تڏ وربو حضرت ۽ ماري خارجي سڀ ڪئين فنا
پنهنجي عملن جي سزا دنياء عقبيٰ ۾ رسيا
هنطرح آهي شواهد ۾ رقم هـــي داستان
عبدالله آخبدب جو پٽ از دي چوي ٿو بي ريا
آءٌ جمل صفين ۾ حاضر رهيس با شاهدين
ڪو نه شڪ عارض ٿيو مونکي هئي نڪا شبه کي جا
مون يقين ڄاتو نه آهي حق شهه- دين جي طرف
نهروان جي ڏينهن ۾ مونکي ٿيو هي شڪ رخنما
چا ڪٿون جو اخبار اُمت جا ٿي موجاتي هي قوم
هوا سڀئي قرآن جا قاري ڏنا ٿي با خدا

آنجو مارڻ آهي بس ڪار عظيم بس بزرگ
آن سبب سو صبح جو لشڪر ڪئون اوري ٿيس جدا
نيزه کي اندر زمين ۾ کپو ۽ سوڻ درز مان
۽ سپر ان مان بڌي سايه ۾ آن جي ڪئي مون جا
نـاگـهـان آيـو امـيـر المومنين لفس لئي
مونکي چيئين ڪو تو سان ڀائي آهي حاضر هن ولا
مون مطهره پنهنجو حاضر ڪيو شه دين سو وٺي
يڪ طرف ويو مونکئون پنهان ٿي وليء ڪبريا
پوء وري آيو شه دين ۽ وضو آنديئين بجا
سايه ۾ منهنجي سپر جي ويٺو شاه اوليا
ناگهان هسوار هڪڙو آيو ڪو هن پار کئون
۽ پڇئين حضرت ڪئي آهي مون چيو اي مقتدا
ٿيو آهي هن پار کئون تنهنجو پڇي ٿو يا امام
پاڻ فرمايائين ان کي سڏ ۽ چو تون هيڏي آ
۽ جڏه آيو چئين اي مقتدائي انس جان
نهروان کئون آيا سڀ خارج لنگهي آءٌ ٿيان فدا
شاهدين فرمايو هرگز ڪين دشمن پار ٿيا
آيو بيو هسوار آن چو سڀ لنگهيا سي مون ڏٺا
شاه فرمايو ته هرگز ڪين آيا هن طرف
آيو ٽيون هسوار چيئين والله سي سڀ پار ٿيا
شاه فرمايو ته هرگز هي سڀو آهي خلاف
ڪين سي لنگهندا مسلح جي آهن هن پار جا
چئي آٿيو حضرت آئئون آءٌ پڻ ٿيس همراه ۾
تڏ چو مون دلبر ته مون کي آزمائش ٿي عطا
هي ته آهي امتحان مون تي سڀو ٿيندو يقين
يا هي ڪاذب آهي يا حق جو ولي هي اوليا
پوء چيم دلبر ته جي هوندا لنگهيا خارج ز آب
عهد مون ڪيو ڪبريا سان ڪه اي خدا وند علي

پهرين آءٌ وڙهندس علي سان تنهن ۾ ڪو شبهه ونہ شڪ
جي لنگهيا هوندا تہ ثابت رهندس آءٌ بهر - وغا

۾ ڏنم تا اُنجي لشڪر جا جي سڀ رايات هتا
پهنجي هنڌ تي هوا ذرو آيا نہ هيڏي اشقيا

تڏ اچي حضرت پٽي منهن جي جهلي چو اي فلان
ٿي حقيقت ڪار روشن تو ٿي اي مرد - خدا

مون چئو آري يقين ٿيو مون کي اي مولائي من
صدقو تو تون منهنجو تون آقاءِ منهنجو رهنما

پاڻ فرماياٿين تي مشغول اندر ڪار زار
مون پليتن مئون ڪيو هڪڙو قتل از قوم - جفا

هو بي مون ماريو ۽ مونکي موٽي آن زخمي ڪيو
۽ پيس بيهوش جيسين پاڻ حضرت ڪئي وغا

خاتون - جنت پارسا

حضرت - خير النسا خاتون - جنت پارسا
فاطمه زهرائي اطهر بضعتہ خير الورا

مادر - حسنين جفت - مرتضي عليا جناب
ن اذاها قد اذاني چو نبي جنهن کي سدا

حضرت - زهرا جو عز و شان حق وٽ بيشمار
جنهن جي خدمت لاءِ ٿي جبرئيل بيئو آ سيا

فاطمه جو رنج آهي رنج ختم المرسلين
فاطمه جو غيظ آهي قهر رب - ذوالعلا

رنج ڪئون زهرا ۽ مرسل جي الاهي ذي امان
قهر ڪئون پنهنجي ۽ ان جي تون بچائين يا خدا

جن ڪئون زهرا رنج ٿي تن جي ٿي حالت خراب
جن ڪئون زهرا رنج تي تڙجي ويا تا انتها

هن طرح پنهنجي ڪتابن ۾ لکن اڪثر پڙهيا
سو هڏي اعجاز خوشدل ٿين سڀ اهل - ولا

هڪڙي شادي هئي قريشن ۾ وڏي با زيب وزين
جتي عظما ۽ اڪابر قوم جا انبوه ٿيا
۽ قريش آيا مڙي منجهه خدمت - خير البشر
چاهون شادي ۾ ڏي رخصت تا هلي خيرالنسا
فاطمه تشريف شادي ۾ جڏهن آڻي تڏهن
اهل شادي جي دوبالا ٿيندي رونق ۽ بها
گرچه ظاهر ۾ تعلق ڪيو گهڻو قوم - قريش
پر اصل مقصد هو زهرا جي ٿي خفت - پرملا
فاطمه زهرا کي اهڙو نئي زر وزيور ۽ زين
نئي لباس - فاخره شادي ۾ ٿين ڪهه وڳ
سرور - عالم کي دعوت قوم جي آئي گهران
مسترد دعوت ڪرڻ انجي پڻ هئي بس ناروا
حال جڏ زهرا جي زيور جو ڏٺو شاه - امم
۽ پڻ ملبوسات ڪهنه تي نظر ڪئي مقتدا
سو پيو ٿيو دشوار دعوت رد ڪرڻ ٿي گران
پر چيئين زهرا کي بابا تنهنجي مرضي آهي ڇا
حضرت - زهرا چيو اي قبله ڪون و مڪان
حال منهنجو توتي روشن سربسر آهي ابا
محفل - شادي ۾ زينت ساڻ عورات - قريش
دختر - خير البشر در بر ڪيا ڪهنه جامها
تڏ اچي جبرئيل چيو اي مقصد - ڪون و مڪان
حق تعالى توکي فرمايو سلام و مرحبا
۽ تو فرمائي تون رخصت ڏي ته زهرا مر وڃي
پاس عزت تنهنجي منجهه درگاه حق آهي سدا
ڪونه انديشه تون دل ۾ آڻ اي خاص - الله
جلد رخصت ڏي ته شادي ڏي وڃي خيرالنسا
حضرت - خير النسا کي تڏ چيو خير البشر
تون ابا جلدي وڃي مجلس ۾ ٿي رونق فزا

۾ ڪو انديشو نه ڪر اي جان من از هيچ باب
تنهنجي عزت منهنجي عز و شان رکندو خود خدا

حضرت زهرا تڏهن شادي جي مجلس ۾ روان
۽ رسي مجلس ۾ محفل جو دوبالا ڪيئين ضيا

جان نظر ڪيئين برقن وهيءَ رونئي عورات قريش
سڀ ڪنهين کي زر ۽ زيور سڀ ڪنهين خاصا وڳا

پر ڏسي زهرا کي متحير ٿيا سڀ خاص و عام
منهن گهڻن جا زرد ٿيا ڪي سبز ڪي ڪارا ٿيا

حضرت زهرا جا زينت زيب ڏسندي سان قريش
ائين سڙيا جيئن آتش سوزان ۾ پئي مشت گيا

اهڙا زيور اهڙا ڪپڙا ڪنهن اکين ڪنهن ڏٺا
جي ڏٺائون هر ڪيا هرا فاطمه زهرا وڳا

اهڙا زيور ڪين ڪو ڏسندو اهڙا ڪپڙا ڪنهن ڏٺا
جن کي خالق پنهنجي پيغمبر جي دختر لئي مڪا

فاطمه زهرا ٿي سي سڀ ڪي ڏسي خوشحال ٿي
حق تعاليٰ جا ڪيئين صد شڪر شڪرانه ادا

فاطمه زهرا جڏهن موٽي وئي تنهن جو قريش
هت ته زهرا جي اچڻ هڪدم سڀني شرمنده ڪيا

ٿي اسان پانيو ته زهرا کي ڪنا خفت ٿي حصول
سا ته وئي دلشاد ۽ دل ۾ اسان جي داغ پيا

حضرت خيرالبشر هن حال کان خورسند ٿيو
درگهه داور ۾ شڪرانه جو حق آندئين بجا

مومنا جنهن کي خدا عزت ڏي سو ٿي ڪين ذليل
جو خدا رسوا ڪيو سو عز ڪيئن لهندو ڀلا

نور جو روشن ڪيو حق سو وسائي سگهندو ڪو
ڏس ته جا قرآن ۾ فرمائي ٿو رب ڪبريا

هي روايت ۾ لکيو آهي ته سا زينت ۽ زيب
چشم ظاهر بين زهرا کئون هوا در پرده خفا

ان سبب خاطر مقدس هوني مڪدر ۽ ملول
جڏهن حقيقت حال جي ٿي پڌري خيرالنسا
عرض ڪيو حضرت جي خدمت ۾ تڏهن بنت رسول
ڪالهه جي سو زيب و زينت اڳون ڏسان ها پرملا
تا ڪريان شڪرانه خالق جا ڪيو جنهن هي ڪرم
خوش ٿيان ها حق تعاليٰ جا ڏسي لطف و عطا
سرور عالم چيو هو حسن ان پر منحصر
سا جا زينت تنهنجي چشن ڪئون رکي مخفي خدا

قصيدهء

در ولادت حضرت امام حسن المجتبيٰ عليه‌السلام

هڪ لنگها اندر سفر هو شاه حسن المجتبيٰ
۽ ٻيا بعضي اڪابر شاه سان همراه هوا
آن ۾ هڪڙو شخص ٻي هو ڪوڙ اولاد زبير
ان ٻي ات منزل ڪئي جت شاه هو رونق فزا
هوا اتي ڪي نخل جنهن ڪونه هو ڪو برگ و بار
ان چيو جي خرما هجي ڪائي ڪريون ڏاڍا مزا
تڏ چيو حضرت ته توکي آهي خرما جي طلب
ان چيو آري تڏهن حضرت ڪئي هٿ ڪئي دعا
پر اجهان حضرت پڙهيو آهسته ڪي در زيرلب
نخل هڪ في الحال تڏ ٿيو سبز از حڪم خدا
ان ۾ پن پيدا ٿيا ۽ في الفور خوشه ٿيا پڌرا
هڪ شتربان هو اتي ان چيو هي سحر آهي صفا
تڏ حسن سرور چيو هي سحر ناهي ڪر يقين
هي اثر آهي دعا جو عرض ڪيم حق ڪيو روا
راه حج جي ۾ امام دين حسن هو پياده پا
پير پيادا راه حق پنجويهه حج حضرت ڪيا

كرچ كولتل ساڻ هوا حضرت جي اسپان و شتر
پر خدا جـــي راه ۾ حضرت تي هي ايذا سنا
كثرت ـ تكليف كئون پائـي مبارك كيا ورم
عرض كنهن خادم كيو كه اي هادي جڳ جا آسرا
كاش جي هن حال ۾ پي ٿين تون مركب تي سوار
تـــا ورم پـــائـي مبارك ۾ افاقو ثـــي شفا
كين ٿيو مقبول ان دل خـــواه جو هـــي التماس
حكم ٿيو منزل رسي هك شخص كئون آڻج درا
ان جو مون ناهي ڏٺو هن هنڌ كڏهن روغن فروش
جنهن كئون آڻـون وٺـي حاضر كريان شاه ـ هدا
شاه فرمايو تـــه هكڙو شخص ات ايندو ضرور
ان كئون سو روغن وٺي تون آڻ قيمت كج ادا
كرچ ان كي هو پڇين روغن نه ملندو كنهن طرح
امتثال الامـــر اقـــدس جيكي ٿيو آنـــدئين بجا
ناگهان هك شخص پيدا ٿيو اتـــي جيئن چو امام
ان ڏني قيمت ثـــي ان كي ۽ طلب كيائين دوا
ان چيو روغن تون كنهن جي لئي وٺين ٿو اي فلان
چائين هـي روغن وٺـــان ٿو بهر شاه ـ مجتبى
ان چيو مون كي وٺي هل آهي جت شاه ـ حجاز
آئون غلام آهيان سندس هو منهنجو آهـــي مقتدا
جڏ مشرف ٿيو اچـــي منجهه خدمت ـ شاه ـ عرب
چيائين سر حاضر سندم قيمت جـــو آقا ذكر چا
پر دعا كر مون كي عورت آهي منهنجي حامله
درد زه ۾ سا گرفتار آهـــي ان كي ٿئي شفا
۽ مون كي فرزنـــد هكڙو ڏي خداوند ـ جهان
تون دعا كر منهنجو مقصد تو كئون حاصل ٿي شها
شاه فرمايو تولد تنهن جي گهر ٿيو هك پسر
سو اسان جـــو تهدليئون ٿيندو محب ـ جـــانفدا

جڏ وري آيو تـڏ گهر ۾ رمي خوش حال ٿيو
ان کي هڪ فرزند فائق حق تعاليٰ ڪيو عطا
هو امـام دين حسن نـور نبي عين علي
قبلهٔ دنيا و ديـن ۽ ڪعبهٔ اهـل صفا
انجي مدح و منقبت ڪو ڇا چئي سگهندو ڪڏهن
مدح جنهنجي ڪئي خـدا ڪئي مصطفيٰ انجي ثنا
ڏس حسن سرور جي حق قرآن ۾ ۽ قول رسول
هـي اهـي ابناء نـا اولادنـا اڪبادنـا
طعام تـي حسنين کـاڌو در حضور مصطفيٰ
حضرت زهرا بي هـوئي در خدمت خيرالورا
جـڏ ڪنيو لقمو حسن حضرت هنيائين چيو
جڏ ڪنيو شبير تـڏ ساڪت رهيو شاه هـدا
وري جڏهن لقمو ڪنيو شبر چيو شاه رسل
اي حسن بـاشد هنيائين مـر بـاغي غذا
جڏ ٿيو ٽي بـار واقع هن طرح سان متصل
بيء جي تڏ خدمت ۾ هن پر عرض ڪيو خيرالنسا
ٿي لڳان تـو چـو هنيائين مريـا يـا حسن
پر جڏهن شبير کـاڌو تو نـہ چو تڏه ڪين ابا
تنهن سبب دل تي سندم فرط محبت ڪنون نزار
ٻئي برابر هـوا سدا ٿيو فـرق اڄ سو وجه ڇـا
سرور عـالم تـڏ فـرمـايو يـا خير النسا
لـؤلـؤ المرجان ٻئي حسنين منهن جا بي بها
هر دفعه روح الامين شبير کي چو نوشجان
تـڏ چيو ٿـي مـون هنيائين مريـا مجتبيٰ
جنهن کي جبرئيل ۽ پيمبر تـي هنيائين چيو
زهر هڪ کي ٻي تي ڀاڙي بند ڪيتون در ڪربلا
معويه سان صلح جـو ڪيو هـو امام مجتبيٰ
سو ڏسي احـوال ۽ مائهن جـا لـي فرق ٿيا

هيڪڙي فرقو چو تہ حضرت ڪيو اسان جو روُسياه

صلح هرگز ڪين لازم هو ڪرڻ ڪنهن مدعا

٢ ٻي فرقو چو تہ جڏ ان جو محق هو معاويہ

تڏ خلافت طوعاً رغبت سان ڇڏي شاه - هدا

٣ چوٿي فرقو تہ جي ني صلح هو اندر ميان

چا ڪري ها ٻيو ٻلا چارو ڪو هو ان ڪان سوا

تنهن جو آهي تفصيل هن هنڌ ٿو لکان اي دوستان

ڪن ڏيئي ٻڌجو، جو آهي خاص مقصد مدعا

جيڪي ٻهرين فرقو چـو سو طعن پاڪان - شمار

فهم تن جي جو هو نقصان ان ۾ ساهي ڪا خطا

جيڪي ٻـي فرقـ چيو سو ٻن خطا بـاشد خطا

معويہ هرگز محق هو ڪين هي چا ادعا

اصل تـا ايمان ان جو هـو خريديئون زر ڏئي

سؤ الـن چـاليهه اوقيـہ ڏيئي خير الـورا

جـڏ غنائم مصطفيٰ جعرانہ ۾ تقسيم ڪيو

تڏ پٺس پاٿس ٤ هن کي هن تدر تـي هوئي عطا

٤ خـدا انفال جـي سوره ۾ فرمايـو صريح

لا تهاجر ڪين وارث ٿيندو در ملڪ - شما

ڪنهن طرح سان معاويہ ان جو محق هو ڪينڪي

ير جڏهن لشڪر وٺي آنديئين بـہ جنگ - مجتبيٰ

مجتبيٰ لاچار تـي تسليم ڪـار - ملڪ ڪيو

چا ڪري ها جي نہ واقع صلح ٿئي ڪيئن ٿئي رها

لشڪر - حضرت هو اڪثر زر وٺي ان سان مليو

٤ ڪيئون پيغام ان ڏي ٿي اي حاڪم شام جا

اسين سڀئي تابع ٿياسون تنهنجا تنهن ۾ ني خلاف

جي چئين جيترو وٺي آئـي ڏيون توکي مجتبيٰ

هيڏي حضرت کي چيئون ٿي اي امام - دوجهان

جنهن سان وڙهندين تنهن سان وڙهنداسون اسين تا انتها

پسر شه۔ دين هو امام۔ حق ولي، ڪردگار
ان تي ظاهر حال مخفي هو مهوني پسر ملا
جي ميسر ٿين حضرت کي سچا صادق رفيق
جنگ ۾ نا خير هرگز ڪين ڪري ها مجتبيٰ
پر ميسر ڪين هو سامان اهڙي جنگ جو
جنهنمان دشمن دفع ٿئي انجي ضرر مٿون ٿئي نجا
مجتبيٰ ساري شجاعان۔ عرب جو فخر هو
بيوفائي قوم جو ڙهل ڪم مکر ڪاري چلايا
تڏهن ٿي لاچار حضرت صلح کي ڪيو اختيار
ڇا ڪندو ڪو جت نه هلندس زور اني دعويٰ بلا
طعن ۾ جي مجتبيٰ جي صلح تي ڪنهن ڪئي ولهي
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ جي صلح تي ٿي نٿي روا
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ ٻئي مجتبيٰ کان هوا ڇڱا
تن ڪيو ڪيئن صلح در وقت۔ ضرورت جي بلا
مصطفيٰ حديبيه ۾ ڪيو صلح با قوم۔ قريش
مرتضيٰ حڪمين ۾ ڪيئن ترڪ ڪئي جنگ ۽ وغا
مصطفيٰ جڏ صلح حديبيه جو ڪيو تي تڏ دڪر
طيش ۾ آيو اچي چئين ڪ اي رسول۔ رهنما
ناهيون اسين حق تي مخالف ناهي باطل تي يقين
مصطفيٰ فرمايو بيشڪ آهيون اسين حق تي سدا
تڏ وري ثاني چيو اي مرسل۔ پروردگار
حق تي جي آهيون تڏ هيئن صلح ڪيئن آهي روا
دشمنن سان صلح ۽ ههڙي مزلت درميان
ڇا سبب اي ڪبريا جا نور ڪهڙي مدعا
اسين وري بي نيل مقصد ٿيون مديني ڏي روان
ڪين عمره ٿيو بجا هو قصد جنهنجو ز ابتدا
خانئه حق کان اسان کي هنطرح لوڏي ڪڍن
۽ اسين لاچار تي ٿي ورون يا مصطفيٰ

مصطفيٰ فرمايو آئون آهيان رسول ڪردگار
ڪنهنڪان واقف آهه ناهيان مونتي سڀ ڪيئين برملا

جيڪي آهه چوندس سو لازم آهي بر جمله عباد
ائين تنا چائو جا ان ۾ مصلحت آهي پلا

مرتضيٰ حڪمين ۾ لاچار ترڪ جنگ ڪيو
تڏ چو ڪنهن دلخواه هي چا ڪيوئي اي مولا مقتدا

مرتضيٰ فرمايو هو ختم الرسل کي از خدا
زور چاليهن نبين جو عطا ٿيو ز ابتدا

با وجود ان زور جي جيسين نه هوئي ظاهر سپاه
مصطفيٰ هرگز نه ٿيو مامور بر جنگ وغا

چا ڪريون لشڪر ڏسين ٿو ڪيئن ڦريو آهي سڄو
ڪهڙي لشڪر سان وڙهان دشمن سان اي مرد خدا

جڏ رسول الله ۽ حضرت امير المومنين
ٿيا جڏهن لاچار اندم ترڪ ڪيئون جنگ و وغا

تڏ ڪو منهنجو زور هلندو دشمنن سان ڏس صريح
ناهي لشڪر تڏ ڪئي مون ترڪ وغا جي مدعا

سرور عالم حسن هن امر ۾ لاچار هو
انطرح لشڪر ڦري ويو جنهنجو تي مذڪور چا

جنهن مصلي تي شه دين بيٺو از بهر نماز
سو چڪي حضرت جي هيٺون پڻ ڪڍي ويا بيحيا

جڏ شروع حضرت ڪئي هوئي پڙهڻ نماز با نياز
سؤ صفن جا پٺ ۾ ها اڳ ۾ هو او مقتدا

جڏ سلام حضرت ورايو تڏ هوا ڏهه ٻارهن ڄڻان
ڏهن ٻارهن ساڻ ڪيئن وڙهندو ڪو با انبوهه ها

معويه لشڪر وڏو آندو اتي هو اصل ڪان
۽ هي لشڪر پڻ وڃي تن سان هوا هڪجا مليا

جڏ ڦري لشڪر ويو باقي رهيا ڪي جان نثار
قصر ابيض ۾ شه دين ڪيو توقف ان ولا

۽ ڪيئون حضرت ڪي زخمي خنجر ـ بيداد سان
ڪئي وهن تي ڪين پنهنجي پڻ پٽن ڪا اڪتفا
قصر ابيض ۾ شه ـ ديــن مدتون رنجور هو
۽ معالج هئا در ـ دولت تي سڀ صبح و مسا
معويه مقصد ڪيو حاصل جنهن طرح سان تي سگهيو
ان جو مقصد هن طرح پورو ٿيو از حڪم ـ قضا
شام حاڪم مدعي ثالث جي ٿيو هو خون جو
هن بهاني ۾ هزارين بيگنه مقتول ٿيا
ڏس بهاني خون ۾ ثالث جي ڇا ٿيو هو پڌيد
ماريا اصحابي نبي جا جن جا رتبه هئا وڏا
قاتل ـ عمار جي حق باه دوزخ جي وعيد
ان طرح زبير جو قاتل پي از قول ـ شما
۽ اويس ان طرح سان پڻ قتل ڪيو قوم ـ جهول
مرتبو جنهن جو ٿو ڄاڻي ۽ به ٿو طلحي تي ڇا
تنهجي ماري پڻ نه ويو هن خون جو اندڪين جوش
خون وسري ويو جڏهن پوري ٿي ان جي مدعا
مجتبيٰ جي مدح ۾ هي مختصر مذڪور ٿيو
ڇڏ حسن هن ذڪر کي هن ذڪر جي هي ناهي جا

شهيد ـ ڪربلا

بعد مدح مجتبيٰ مدح شهيد ـ ڪربلا
جنهن جي غم ۾ عرش و ڪرسي آسمان رت رنا
رت وهيو عالم ۾ هر جا در غم ـ شاه ـ شهيد
آسمان رت رنو سرور لئي ماه و سال ها
۽ لڪن تا اڄين نه هئي سرخي شفق جي پيشتر
سيد الشهدا جي غم ڪئون سرخ ٿيو صبح و مسا
آسمان رت رنو ان طرح بهر ـ شاه ـ دين
جيڪي ڪپڙا سرخ ٿيا ڦاٽا نه تن مان داغ و يا

انبيائن رت رنو پيش از وقوع ـ واقعه
سيد الشهدا جي غم ملڪن ۾ هو آه و بڪا
رت رنو ٿي حضرت ـ زهرا ۽ شاه ـ لا فتيٰ
مجتبيٰ رت ٿي رنو رت ٿي رنو خير الورا
زياد جي پٽ وٽ جڏهن آندائون سر شاه ـ شهيد
رت رنو دار الامارت جي در و ديوار ها
جن و انسان و ملڪ هن غم ڪئون غمگين ٿيا تمام
جي جنن نوحه ڪيا ماڻهن ڪنن ٻڌا
قتل تن مان سڀ ڪتابن ۾ لکيا آهن تمام
جي پڙا اڪثر صحابن أم سلمه پڻ سڻيا
هڪڙي ڏينهن اندر حضور ـ حضرت ـ ختمي مآب
تي وڙهيا حسنين ڪشتي ۽ ڏنو تي مصطفيٰ
تڏ چيو شبر کي شاه ـ دين امام ـ مرسلان
وٺ سگهو شبير کي ڪيراءِ ڪشتي ۾ مٿا
فاطمه زهرا چيو اي متداني خافقين
ڪيئن وڏي کي چئين تو ڪيراءِ ننڍي کي اي ابا
شاه دين فرمايو ڪئي جبرئيل تحريص ـ حسين
تڏ چيو مون شبر کي شبير کي پڻ وٺ ابا
سيد الشهدا جي تون شان و شرف جو ڪر شمار
هن طرح اڪثر ڪتابن ۾ لکن اڪثر پڙهيا
وحي آندو جبرئيل از نزد خلاق الوجود
خون يحيٰ جي عيوض ستر هزارين ڪيم فنا
خون ۾ فرزند تنهنجي جي دوضاعف ٿيا تعين
هڪڙو لک چاليهه هزارين قتل ٿيندا اشقيا
هاڻي تون درجه شهادت جو ٿيهين جو ڪر شمار
ڏس تي هي اعظم مصائب با اکيان هوا حادثا
جڏ سر ابن ـ زياد ۽ ان جي يارن جا رسيا
۽ رکيئون در قرب ـ مسجد ڪوفه از امر قضا

ٿو چوي راوي ذڪر والله مون با چشم۔ خود
نانگ هڪڙو نيو آني پيدا ۾ ظاهر برملا
زياد جي پٽ جي اچي سوراخ نڪ جي ۾ گهڙيو
ساعتي آن ۾ رهي موني وريو سوني لقا
پوء وري آيو سکهو بيني ۾ آن جي ويو گهڙي
چند بار ان طرح سان آن نانگ هيئن ڪيو ظاهرا
مون سنا سر منهنجو صدقي بر شهيد۔ ڪربلا
جنهن رباني راه ۾ سر ني وڏا ايذا سنا
پنهنجو سارو گهر لٽايئين در ره۔ پروردگار
راه۔ حق ۾ ڪاڻ ڪيئين ڪنهنطرح ڪا چون و چرا
راه۔ حق جي ۾ قبوليئين جي رسيا ظلم و ستم
سر تهه۔ خنجر رکيائين با عزيز و اقربا
ڪهڙي پيغمبر جي آڪه تي ٿيا هيئن قتل عام
ڪهڙي پيغمبر جي امت هيئن نبي زادا ڪٺا
سرورا تنهنجي مصيبت ڪيو دل و جان کي ڪباب
تنهنجو ماتم رهندو جيسين هوندو هي عالم بپا
تنهنجي غم ۾ تو گذاريان رات ڏينهن آهون ڪريان
تنهنجي ماتم ۾ سدا غمگين آهيان منجهه مزا
تنهنجي غم ۾ مونکي ني آرام و ني آهي قرار
تنهنجي غم کي مون سعادت پنهنجي ڄاڻي دائما
تنهنجي غم ۾ جنهن رنو تنهن مصطفيٰ کي شاد ڪيو
تون بي منهن جي واه ڪج در موقف۔ خوف و رجا
ام معبد جي جا پائيجي هئي هڪڙي هند نام
سا چوي ني هو ستو خيمه ۾ شاه۔ انبيا
ننڊ کئون جڏ جاڳيو شه۔ دين ڪيئين طلب آب۔ وضو
مضمضه ڪيئين ۽ وڌئين پوني ۾ جنهن ۾ خار ها
صبح جو آن هنڌ ٿيو پيدا هڪ درخت۔ ميوه دار
هو گهڻو خوشبوئي ۽ خوش ذائقه راحت فزا

شهد کئون واڌو حلاوت ۾ ۽ شکر کئون لذيذ
چو نہ اهڙو وڻ جمي ز آب۔ دهان۔ مصطفيٰ

جي بکي کاڌو ني بکہ آن جي لئي ۽ سير ٿيو
اَج اَجين جي ني لئي بيمار کئي حاصل شفا

جي شتر يا گوسفند اُنجو ني کاڌو برگ و بار
کير اُن جو ني زياده ٿيو ۽ افزون ني بها

ناءُ اُن جو هو مبارڪ وڻ اسان سيني رکيو
اهڙو پيو وڻ کون بالائي زمين زير۔ سما

هڪڙي ڏينهن جو جانڏسون اُنجو ثمر سڀ پيو ڪري
برگ اُنجا خشڪ ٿيا نڌ ڪيو اسان حزن و بکا

ناگهان آندئون خبر وهشت اثر هي جان گداز
سرور۔ عالم چــڌي دنيا هليو دارالبقا

جڏ لنگيا سي سال مدت هڪڙي ڏينهن جي صبح جو
پاڙ کئون ڏارين تئين ميوه سڀ ڪري ڪجا پيا

ناگهان آندئون خبر مقتول ٿيو شاه۔ عرب
مقصد۔ ڪون و مکان درخانہٴ رب العليٰ

پوء وري اُن ۾ نہ ميوه لي ثمر ٿيو هو پديد
برگ اُن جـا خاص بهر۔ نفع درد۔ لا دوا

هڪڙي ڏينهن هنپر ڏنوسون وقعو بس جان گداز
اُنجي ٿارين مان وهيو ني خون خالص ۽ صفا

اسين گهڻو محزون ۽ مغموم ٿيا هواسون تمام
تا خبر آندائون ٿيو مقتول شاه۔ ڪربلا

آن کئون پوء اوڻ سڄوئي خشڪ ٿي ۽ پيو ڪري
واقعو اهڙو ڪڏهن ہي ڪنهنجي لئي ٿيو رخنما

۽ ربيع الابرار ۾ هنپر مصنف ئو لکي
واقعو آهــي عجب هــي قدرتــي قدرت نما

جڏ وڻن رت ني رنو اندر غم۔ شاه۔ شهيد
تڏ اسين گهوڙها نہ ڪاريون بهر۔ مذبوح۔ قفا

سرورا جي تنهنجي ماتم ۾ رئون يا سر پٽيون
خارجي خوشدل ٿي ڪن ٿا خنده؛ دندان نما

۽ چون هي بدعت آهي ناهي ڪين چيز- دگر
برخلاف- شرع ۽ برعڪس احڪام- خدا

۾ سيوئي سوز دلڪون هن طرح ڪن ٿا بيان
رت رنو ٿي خود پيمبر ياد ڪيو هي ماجرا

سالها آدم صفي ان ۾ سر رنو تي زار زار
جنهن جي چشمان- مقدس مئون وڏا چشمه وهيا

ائين رنو يعقوب جو اندر بصارت فرق پيو
ابيضت عيناه آنجي حال جو آهي گوا

ڪيئن رنو زندان ۾ يوسف ٿي منجهه بند- بلا
هي هوا پيغمبر خدا جا جن جا هوا رتبه وڏا

فاطمه ٿي رت رني حضرت حسن ٿي رت رنو
نت غم- شبير ۾ شير خدا ڪيا نالها

۽ امام حسين لئي ملڪن ۽ حورن سر پٽيا
ڪيا جنن نوحه پڙي ماتهن لکيا سي مرثيا

آسمان هو رت رنو شبير لئي ۽ خود زمين
جيڪو ٿي پاهڻ ڪنيئون آت رت وهي آڏما ڏٺا

تنهنجي ڏک غم ڏک ڪريون تا تا ملامت ڪن مدام
لومت لائم آهيون اي راه حق جا جانفدا

تنهنجي غم ۾ جي ٿيون غمگين تا خندا تا ڪن
جي خوشي ۾ تنهنجي خوش ٿيون تا مرن روئي موا

خارجي خوشنود ٿين يا ڏک ڪٿون سر روئي مرن
ياد ڪيو روئنداسون اسين هي يادئو صبح و مسا

مومنا ڪن ڏئي پڙو هي آهي طرفه ماجرا
جنهن ۾ ناهي ڪذب ۽ بهتان نهي ڪا افترا

آهي منهنجي خود بزرگن جي چيل هي سرگذشت
منهنجي والد جي ڪيل منهنجي پڙل هي سامهي

بيءِ ۽ چاچو منهنجو ٻئي گڏجي جبل جي وڃا شڪار
اتفاقاً هڪ لنگھا نزديڪ هــو ماه- عــزا

ٻائرن گڏجي ٻنهين ڀڪجا جبل ۾ ڪيو ٿي صيد
جــڏ ٿيو قرب- سال آخر جـــوز دوُر- ماه ها

يعني آخـــر سال ذيحجہ ستاويهين جـــي صبح
ٻائرن گڏجي چئي هڪ ٻي کي هنپر مدعا

۽ چيئون اڄ تا ڏو ٻهرن تائين جيڪي ٿي شڪار
سو ڪري مونئي پوءِ ورنداسون ڏو پهري ڏي سگها

آهي انڪامن جي لاهن لئي ستاويهين تعين
مومنن کي ان ۾ لهوو لعب ڪيئن آهي روا

پر ڏو ٻهرن کئون اڳي هڪڙي ڏسي حالت عجيب
ٻئي ٻنهي طرفن ڏو پهري ڏي وري مولي وريا

جڏ ڏو پهري کئون اڳي مونئي ڏو پهري تي اچي
چائون مولئن جو سبب ڪهڙو سو گهرجي بر ملا

تڏ چيو چاچي ابي کي چئو تون ڪيئن آئين وري
تڏ ابي چو ٻهرين چئو تون ڪيئن سگهو موٽئين ادا

ٻهرين تون چوندين مونکي مولي اچڻ جو جڏ سبب
تڏ ڪندس تو سان حقيقت جنهن کئون موٽيس هن ولا

پاڻ فرمائيون مونکي هو قصد تا وقتي دوپاس
تنهن کئون پوءِ گڏجي وچون ٻئي ٻائر سوئي خان ها

پر جڏهن ٻانير وڃي مشغول ٿيان اندر شڪار
هر طرف کئون مون ٻڌي هئي هئي حسينا جي صدا

تڏ چيو چاچي ابهو مولئو جو منهنجي ٿيو سبب
هر طرف کئون ٿي ٻڌم هئي هئي شهيد- ڪربلا

تڏ وري دهشت کئون آءٌ مولي ڏو ٻهري ڏي وريس
اتفاقاً جــڏ ٻڌي مـــون وا حسينا جـــي صدا

ٿي ٻڌي هي ناله؟ فرياد مون هر سمت کئون
پر ڪو چوندڙ ڪون ظاهر هو نڪو هيو بــر ملا

مون تي جاتو شش جهت کيئن آهي هي نالہ بلند
هر طرف کئون وا حسينا وا حسينا جي صدا

شہ جي ماتم جي صدا تي منجهہ زمين و آسمان
مومنا ان ڏينهن ماتم شہ جو آهي جابجا

انبيائن نت ڏني هن حادثہ جي تي خبر
مصطفيٰ هي راز ظاهر کيو هو پيش از سال ها

مرتضيٰ مولا علي صفين ڏي ويو جنگ تي
عرض۔ رہ ۾ جڏگذر مولا جو ٿيو از ڪربلا

ان قدر گريان ٿيو هن حادثہ جي ياد ۾
تہ ٿيو گهوڙهن کئون مبارڪ روئي شاہ لافتا

انڪئون پوءِ حضرت حسن هن حادثہ کئون روز شب
ياد شاہ۔ ڪربلا کيو تي رنو صبح و مسا

ضبط گهرجي ڪين منجهہ ماتم شهيد۔ ڪربلا
تون بہ روجي آهين ناجي ڪر هگن سان اقتدا

حضرت امام زين العبا عليہ السلام

هڪڙي ڏينهن صحرا جي جانب ڏي ويو زين العبا
۽ تناول تي ڪئي جنهن حال ۾ حضرت غذا

هڪڙي هرڻي آئي ۽ نزديڪ تي بيٺي اچي
تہ ڪري منهن ان ڏي چو ان مخزن حلم و حيا

آءُ علي ابن الحسين ابن۔ ابيطالب يقين
ماءُ منهنجي فاطمہ بنت۔ رسول۔ ڪبريا

تون پي آهو هيڏي آ ۽ مونسان گڏ جي نوش ڪر
آئي او في الحال ۽ کاڌئين بقدر۔ اشتها

جڏ وري موٽي وئي تہ حاضرن مان ڪنهن چيو
تون وري سڏ تہ ڏسون هرڻي اچي اي مقتدا

تہ چيو حضرت تہ مون انکي امان بخشي يقين
ني خلاف۔ وعدہ ڪو هرگز ڪري لي ڪو خطا

تڏ وري حضرت چو آئون آهيان علي ابن الحسين
جو علي جو پٽ هو ۽ مادر هئي ان جي فاطمہ

تون وري آ ۽ اچي مون سان غذا ۾ نوش ڪر
هو وري آئي اچا ڪيئين ٿي غذا جي ابتدا

آن جماعت موڙ ڪنهين آن جي پني تي هٿ رکيو
جڏ ڪيو رم آن جانور تڏ شاه چو تو ڪيو هي ڇا

جا امان آن کي ڏني مون ننهن ۾ توکئون ٿي خطا
هاڻي اڪتي ڪين ڪاالهيندس آئون تو سان مطلقا

هڪ لڳا صحرا ۾ وينو هو ولي- ڪبريا
عابدن جو زيب ۽ زينت ده- ارض و سما

ناڪهان هرڻي آئي آئي پري بيٺي اچي
پير پنهنجي کي زمين تي آن هنيون فرياد ڪيا

حاضرن مان ڪنهن چيو هي ڇا ٿي چئي اي راهبر
شاه فرمايو چوي ٿي مون تي آهن ظلم ٿيا

ڪالهہ هڪڙي شخص منهنجو ڦر وٺي نيو ظلم سان
انهي ڏينهن کان کير مون آن کي ڏنو ناهي شها

شاه تڏ ماڻهو مڃي ڪيو آن قريشي کي طلب
آيو جڏهن فرمائين هرڻي استغاثہ ڪيا وڏا

ڪالهہ منهنجو ڦر تو ورتو کير کئون محروم ٿيو

تنهن سبب هن بي زبان ڪئي مون کي آهي التجا

تا بچي ان جي کي تون يڪبار رخصت ڏي شتاب

تا پياري کير ائين هرڻي ڪندي ان کي رها

آن قريشي آندو هرلي جو بچو اندر زمان

ان پيارو کير تڏه ان کي چيو شاه- هدا

هي بچو تون مون کي ڏي اي مرد منهنجي پاس ڪر

ان چيو مون تنهنجي چئي ان جي بچي کي ڪيو رها

شاه بہ هرلي کي ان جو بار بخشو در زمان

هو بچو پنهنجو وٺي وٺي ۽ چيئين ٿي بار ها

حاضرن مان ڪنهن پڇيو ڇا چئي ٿي هرڻي يا امام

شاه فرمايو ڪري هرلي ٿي هي ان کي دعا

* وليء ڪبريا امام محمد باقر *

بعد پيءُ ڏاڏي جي باقر پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي جا
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ ۽ مجتبيٰ جن مقتدا

لحن دائودي کئون واڌو ان جو هو صوت حسن
بار سگين وارا بيمي ۽ قرات ٻڌندا هئا

هڪڙي ڏينهن ان وقت ٿيو حضرت جو ان هنڌ مٿون گذر
جت هشام عبدالملڪ دار الامارت ڪئي بنا

شاهد بن فرمايو اٿين چالو يقين هن امر کي
هي عمارت ٿي خراب ۽ ٿيندي هي ويران سرا

خاڪ ان جي پڻ کڻي هن هنڌ کئون نيندا ٻي طرف
ان طرح جي ٿيندا پاهو ان جا ظاهر برملا

تو چوي راوي مون کي آيو عجب هن ڳالهه کان
ڪنهن کي طاقت جو ڪندو ويران هي دولت سرا

فوت ٿيو هشام ۽ ويئو وليد ان جاه تي
حڪم ڪيئين منهدم ٿئي ۽ جلد ڊاهيو هي بنا

ان طرح سان او سرا ويران ضايع ٿي خراب
جيئن چيو حضرت ڏٺم ان طور سان سر تا پا

تو چوي راوي ته معجھ خدمت امام دوسرا
اهڙي مشرف هوس جڏهن سج جي مقابل هئي سها

اتفاقاً زيد فرزند علي عالي نسب
پاءِ ان سرور جو گذريو روبرو آن مقتدا

شاه چو والله ڪوفي ۾ ڪندو زوري خروج
۽ وڍي سر ان جي کي نيزي تي چاڙهيندا پڻيا

سر کي ان جي بانس جي ڪاٺي تي چاڙهيندا ضرور
مون کي ان جو ٿيو عجب هت بلاس للهي ز ابتدا

زيد جي سر کي وڍي آندائون بر چوب قصب
تڏهن يقين ٿيو جو ڪي فرمايو وليء ڪبريا

هڪڙي ڏينهن جــابر رضي الله صحابي بـا صفا
چشم اعمي ٿيو هو آخــر عمر از امــر - قضا

شاهدين آيــو اتي جابر هــو جنهن هنڌ ۾ مقيم
پـاڻ سبقت ڪي سلام ان خـاصــﺔ رب العلا

تڏ ڏنـو جــابر جواب ۾ چائين آهين ڪير تون
شــاه فــرمـايــو محمد بـــن علي- مقتدا

عــرض ڪيائين هيڏي آ اي منهنجا آقـا راهبر
شاه آيـــو تڏ چمي هٿ ان تــي شڪرانـ ڪيا

پائيو جابر تـا چمي پاڻ مبارڪ کي به شوق
شاه ان ڪئون ٿيو پري چئين مونکي هيئن ناهي روا

ان چيو تـوڪــي ڏنــا شاه- رسل آهــن سلام
ائين چيئين مونکي رسائج هي سلام - با صفا

شاه فرمايو رسول الله تـــي حق جـا سلام
رحمت ۾ برڪت خدا جـي بر رسول- ڪبريا

پوءِ چيو حضرت تہ جابر ڇا هي جيڪي تو ڪيو
تڏ چيو جابر تہ هڪ ڏينهن هوس بـــا خيرالورا

سونکــي فرمـايو رسول- حق خدا جي راز دار
تنهنجي ايـــڏي عمر ٿيندي از قضائي ڪبريا

جو سندم فرزند هڪڙي سان محمد نام کي
تون ملاقي ٿيندين جنهن کي نور حڪمت ٿيو عطا

انکي تـون منهنجا چئج جــابـر سلام و مرحبا
سي رسائيا مـون سلام اي خـاصہ رب العلا

مومنان جنکي چون تـا خـاص اصحاب - رسول
تن چميا تـي صدق دل سان پاڻ آل- پاڪ را

آل جي رتبہ کي ان پر تـي سڃاڻاٿون بصدق
ائين چمي پيرن جي انجو فخر ڄاڻثون ٿي سدا

صادق آل محمد (ص)

مذهب و ملت ڏني هر دو جهان جو رهنما
جعفر صادق سچو نورآ علي نورآ علي
مصطفيٰ جو ورثه دار ۽ مرتضيٰ جو افتخار
بعد ۾ ڏاڏي کئون پنهنجي ورثه داري انبيا
هنطرح سان ٿو ڪري جامي شواهد ۾ رقم
زيد کي جڏ دار تي چاڙهيو ڪروه اشقيا
شخص هڪڙو هو حڪم عباس پٽ آن بيت چا
جن جي معنيٰ مختصر هنطرح سان لکندا پڙهيا
جي چون حيدر چڱو عثمان کئون سو بر غلط
بل سفاهت هو چڱو عثمان خيراز مرتضيٰ
جڏ ٻڌا صادق محمد حڪم جا جوڙيل هي بيت
تڏ کڻي هٿ ڪيئين دعا منجهه درگهه رب العلا
يا الاهي جي سنده ٻانهي حڪم ڪيئن ڪذب چو
ڪر ڪتو آن ڪي مسلط آنکي ماري ڪر فنا
آنکي ڪوفه ڏي وڃڻ جو آن ڏينهن ٿيو اتفاق
راه ۾ ڪوفه جي آن کي شير ماريو بر ملا
جڏ ٻڌو حضرت تڏهن سجده ڪري چيئين هنطرح
شڪر تنهنجو تو سندم وعده ميئي پورا ڪيا
شاه جي ٻانهي کي هڪڙي قتل ڪيو از اشقيا
شاه کي معلوم ٿي آن حال جي سڀ ماجرا
ناءُ قاتل جو لکن دائود هو ابن علي
عبد الله عباس جو پٽ سو هو ظالم پر جفا
قتل ٻانهي کي ڪيئين ۽ مال ان جو ويو ڦري
شاهدين کي غيظ آيو ٿيو روان ان جي مرا
چائين ٻانهون قتل ڪيئن ۽ مال ان جو ڪيو تلف
آءٌ ڪندس درگاه داور تنهنجي حق ۾ بد دعا

آن ڪئي استهزا تہ ٻچارن ٿو مون کي تون يقين
شاہ ائين دولت سرا ڏي موليو آنکئون ٿي خفا

در قيام و در قعود۔ حق بسر ڪيئين تا سحر
جڏ سحر ٿيو هٿ کڻي حضرت ڪئي آنکي بد دعا

حق تعاليٰ ڪئي دعا حضرت جي آندم مستجاب
ائين ڪلثون آن صبح جو دائود کي ۾ ٿـي سزا

بو نصير هڪ شخص هو ڪو معتقد شاہ۔ هدا
غسل شرعي جي ضرورت آنکي هئي هڪڙي ولا

وہو ٿي هڪڙي ڏينهن وهنجڻ ڪاڻ او حمام ڏي
ہر ڏٺئين رستي ۾ جـي ويا خـدمت۔ شاہ۔ هدا

هو بہ ڪڏجي آيو آن سان ٿيو مشرف از سلام
چشم اقدس آنتي پئي تـڏ چـو وليء ڪبريا

جالين ٿو نا خلاہ مرسل ۾ آن جـي آل جـي
ڪيئن جنابت غسل سان داخـل ٿين آهـي روا

عرض ڪيئين اصحاب تو وٽ آيا ٿي بهر۔ سلام
آۂ ٻڌس مونکئون سعادت فـوت ٿـي اي مقتدا

هالي توبه ٿو ڪريان اڳتي نہ ٿيندس مرتڪب
ائين چئي رخصت ولي ٻاهر ٿيو از دولت سرا

حضرت موسيٰء ڪاظم عليہ السلام

موسيٰء ڪاظم جـو آۂ آهيان غـلام۔ جانفدا
موسيٰء ڪاظم سندم آهـي امام ۽ رهنما

جيئن نبي ۽ حيدر و شبير ۽ شبر سدا
ان طرح سان آهي ڪاظم قبلہ اهل۔ صفا

هو سفر مڪہ جي ۾ يڪبارکي بلخي شقيق
سو روايت ٿو ڪري پنهنجي سند سان بيربا

قادسيہ ۾ رسيس نڏ مون ڏٺو هڪڙو جوان
خوب رو گندم نما پشمين هوا آن کي جامها

كتف تـي ان جـي پلو شملہ جو آويزان هئو
موزه پيرن ۾ هوا مالهن كان وپلو هـو جدا
دل ۾ مون چو هي گواهي از گروه صوفيہ
بار پنهنجي كي كندو گردن تي پي كنهنجي رها
هنكي هالي آهٖ وجي كا سر زنش محكم كريان
نا پشيمان تـي رهي هن امـر كٿون يكسو پلا
جڏ رسيس نزديك تڏ چو كبريا جـي راز دان
اي شقيق كر اجتناب از ظن ظن ناهي روا
اجتنب از ظن ظن- بعضي بود آثم كثير
۽ رواڻو ٿيو چـڏي مـون كي آنـي او مقتدا
دلبر منهنجي هي خيال آيو تـہ آهي هـي ولي
كنيت ۽ ناءُ كيئن ڄاڻين جي هنكئون مخفي ها
هـي تـہ آهـي بندهء صالح خدائے دو جهان
هنكئون بخشايان تہ منهنجي سڀ تي حاصل مدعا
آهٖ هليس جلدي مگر پهتس نـہ هـرگز تا امام
مونكئون غائب تـي رواڻ ٿيو ولـيء كبريا
جڏهن پي منزل تي رسيس آن كي ڏٺم اندر نماز
لرزه بر انضائش از خوف- جناب- كبريا
اشك چشمن مئون روان هئا متصل از آن جناب
صبر كيم پورو كيو صلوات كـي شاه- هـدا
جڏ ڏٺم انكي تڏهن فرمائين مون كي اي شقيق
پهرين توبه كر وجي پو آڻ عمل صالح بجا
پوءِ ڇڏي مون كي هليو أندم وليء كردگار
مون چو كو ابدال آهي هي جوان- خوش لقا
جنهن خبر مون كي ڏني هنطرح از ماني‌الضمير
هنتي سارو راز مخفي آهـي حق كيو بـر ملا
جڏ رسيا مون اسين وجي منزل تي پٽي ڏيهن جو وري
تڏ ڏٺم تا كوه جـي پـر بيٺو هو شاه- هدا

ھٿ ۾ اُنجي ھو مطھرہ سو ڪري پيو ڪوہ ۾
تہ متي منھن کي ڪٿي ڪيئين عرض يا رب العلا
سون ڏنو والله ٿيو اُن ڪوہ جو پاڻي بلند
ھٿ وجھي حضرت ڪڍيو او ظرف پر ز آب۔ صفا
ٿيو ادا حضرت ڪئي ات چار رڪعت جي نماز
پوء وري توديءَ ڏي آندم ميل ڪيو شاہ۔ ھدا
ھي روايت ھتي وڌي پر انھي ھنڌ سون ختم ڪئي
سيد۔ اڪرم ڪئون اھڙي ڳالھ آھي عجب چا
ھو علي يقطين لالي شاھدين جو جانفدا
جامھائي فاخرہ ھارون ڪيا ان کي عطا
اُن ۾ ھڪ ذراعھ ھو زر بافتہ از خز سياہ
علي يقطين تن سان پيا پي نذرانہ مڪا
شاھدين سي سپ وٺي پنھنجي ڪرم سان سپ رکيا
پر اھو ذراعھ ورائي موڪليو شاہ۔ ھدا
جيڪين ھي نوڪي مڪڙي ڏينھن ڪم ايندو علي
تو رڙن ڏينھن ۾ پانھي تي علي ٿيو ھو خفا
اُنجي پالھي جو وجھي ھارون کي سربستہ حال
يعني ڪاظم کي علي ڄاڻي ٿو پنھن جو مقتدا
ظاھرا تنھن جو مطيع آھي مگر ان جو غلام
مال وافر تو سجي منجھ خدمت۔ ڪاظم سدا
ھاڻي ذراعھ کي ڪاظم ڏي مڪو آقا سدم
جو تو اُنکي چند روز پيش ازآن ڪيو ھو عطا
جڏھن ٻڌو ھارون ان کي تيو غضب ڏاڍو شديد
سڏايو ابن يقطين کي پوء در دولت سرا
جڏ ٿيو حاضر پڇين ذراعھ جو سون توکي ڏنو
سو ڪٿي آھي تون سچ چئہ ڪذب جي ھت ناھي جا
آن چيو سو سون وٽ آھي يا امير المومنين
تہ چيو ھارون سو جلدي سڏائي وٽ پلا

ان چيو ٻانهيءَ کي جلدي وڃ فلاڻي جاه تي
۽ ڪليد ان جي فلاڻي زال کئون جلدي سڏا

آهي هڪ صندوق سربسته اني ان کي پٽي
ان مان هڪڙو ظرف سربسته ڪڍي سو هڏي آ

ان جي ٻانهي ظرف حاضر ڪيو جڏهه نزد رشيد
مهر ان جي جڏ ڀڃيئون ذراعه ان ۾ هو ٻجا

۽ معطر ڪيئين انهي ذراعه کي با طيب خوش
تڏ غضب ساڪن ٿيو ان جو ان کي چالين سرحبا

هي ورائي منجـ سرا ۾ تون گهڻو خوشحال ٿي
اڪتي تنهنجي حق ۾ چغلي ڪبن ٻڌلدس مطلقا

* امام دين رضا عليہ السلام *

جنهن جو تابع ٿيو قدر محڪوم جنهن جي ٿي قضا
سو رضائي حق تـــي راضي هو امام دين رضا

جڏ مدارس خلت آيـــات ڪيو دعبل تمام
۽ پڙهئين ان کــــي حضور قبلهٔ هشتم رضا

ان کي استحسان ڪيو حضرت گهڻو از لطف خويش
۽ ڪيئين ارشاد بي هنڌ ڪين پڙهه اي باوفا

ٻر جڏهن توکي ڪربان ارشاد اي نيڪو نهاد
تڏ پڙهج ورنه پڙهج تون ڪين هرگز هيچ جا

جڏ ٻڌو مامون تڏ دعبل سڏائـــي روبرو
چيائين پڙهه تون سو قصيدو جو چئين در فضل رضا

ان تعلل ڪيو تڏهن چائين شهه دين کي سڏي
مون چيو دعبل قصيده پڙهه مگر ان ڪئي ابا

تڏ چيو حضرت قصيده پڙهه اي دعبل بي خطر
جڏ پڙهيو دعبل قصيده خوش ٿيو مامون ظاهرا

۽ عطا مامون تـــڏهن دينار ڪيا پنجاه هزار
ان قدر دينار ان کي شاهدين ٻيو ڪيا عطا

عرض ڪيو دعبل ڪ تني ملبوس زيب ـ تن عطا
تا ڪفن تـــي منهنجو جـــڏ راهي ٿيان دار البقا
پيرهن جو زيب ـ تن هو انکي مولا بخش ڪيو
منشفہ غــايت لطيف ان ساڻ مـــولا ڪيا عطا
بعد فرمايائين هـــي امداد قابو ڪـــر تمام
هي ڪندا پـــن ترکي قابو ۽ حفاظت پڻ ڪندا
نو چوي دعبل جڏهن موٽي وريس سوئي عراق
چور آيـــا قافلہ سارو ڦـري ۽ ڪيئون صفا
مون کي باقي هڪڙو پيراهن ڇڏيئون پيو لخت ڪيئون
پيرهن ۽ منشفہ پڻ ويـــا ڪٺـــي هي هٿي جفا
مونکي هرگز ڪو تاسف ڪونہ ٿيو پي مال جو
پيرهن ۽ منشفہ حضرت جـــا دل ۾ داغ ڪيا
۽ جو حضرت چو هو هي محفوظ رکہ دعبل تمام
تا تون پڻ محفوظ رهندين هنجي باعث از بلا
تنهن ۾ متفکر رهيس آئون جيڪي فرمايو امام
ناگهان چورن مئون هڪڙو آيو ۽ بيٺو بہ پا
منهنجي گهوڙي تي هو هسوار ۽ ڏڪيئين منهنجو لباس
منتظر تـــا جمع ٿين همراه ان جـــا هڪڙي جا
پـــر مدارس آيـــات ـ خلت تـــي پڙهيو ۽ ني رنو
مون ڇيو هي چور هن کي آل جـــي آهـــي ولا
مون تڏهن پانيو نـــہ پيراهن ۽ منشفہ وري
منهنجي هٿ ۾ ڪنهن طرح سان موٽي آئي کبريا
تڏ چيم يا سيدي جيڪي پڙهيو تو هن گهڙي
سو ڇڱل ڪنهن جو قصيده ان چو تنهنجو چا
مون چيو تـــا ان ۾ هڪڙو راز آهي سو چوان
ان چـــو صاحب هن قصيده جـــو نـــہ آهي بر ملا
اهڙو نامي جنهن کي ڪو چائي نـــہ اندر روزگار
مون چيو سو ڪمـــر آهـــي ان چيو دعبل باولا

جنهن جي مدح و منقبت آهي برون از حد و حصر
شاعر آل محمد مدح خوان مصطفيٰ

مون ڇيو دعبل آئون آهيان مونکي سوگند خدا
هي قصيده مون ڇيو در مدح آل مصطفيٰ

ان تعجب ڪيو گهڻو ۽ قافلي وارا سڄي
ڪيئين ٻڌا هي ڪير آهي جيڪي شهادت ڪئي ادا

آهي هي دعبل خزاعي مدح خوان آل رسول
جڏ يقين آنکي ٿيو هي آهي دعبل باوفا

مال ساري قافلي جو تڏ وري يڪجا ڪري
مسترد ڪيئون سر بسر سڀ مال ۽ اسباب ها

هن قصيدي جي سبب سالم رهيو سڀ ملڪ و مال
قافلي برڪت ڪئون آن جي سارو ڇورن ڪيو رها

سرورا دعبل چڙهايو هڪ قصيده جي صلي
مون قصيده ٻن ڇيا ۽ ڪير سدا تنهنجي ثنا

سو صلو ڏي جنهن ۾ ٿي دارين جي دولت نصيب
هت رهان خوش هت هجان در محفل آل عبا

حضرت امام محمد تقي عليه السلام

هو تقيءِ متقي حضرت رضا جيان رهنما
سرو باغ اصطفا حضرت تقيءِ مقتدا

هن طرح فرمايو شاه دين تقيءِ متقي
گوش دل جي سان ائين ڪن ڏئي ٻڌو هي ماجرا

ظالم ۽ آن جو مددگار ۽ جو راضي آن تي هئي
ٽي سيئي آهن شريڪ ظلم بي چون و چرا

ائين جي فرمايو ٿي هن پر آن امام ابن الامام
جنهن کي باب زر لکن جي مومنين باشد روا

جور جو ڏينهن اهڙو ڏاڍو ڪين هو مظلوم تي
عدل جو ڏينهن آهي جهڙو سخت ظالم تي بلا

۴ بي فرمائي تو هن ۾ مصطفيٰ جو نور عين
جت گهڻا جاهل هجن عالم جو رهندو قدر ڇا
۴ بي هن ۾ تو ڇوي عالم علوم - خشڪ و تر
صبر در وقت - مصيبت بي مصيبت ٿي بيا
آن جو مطلب هن طرح ڪر جي تہ آٿيو سمجهہ شمار
يعني ڏاڍو سخت آهي صبر در وقت - بلا
۴ بي فرمائي ٿو حضرت در ڪلام - نور يار
بي گمان فاسق جي حق حرمان آهي ادنا سزا
جي تقي جي مدح هئي تڏ مدح سڀ چاٿان تمام
جت تہ ان جي مدح هئي بي مدح سڀ تي ناروا
جڏ ڪشاڪش نفس ٿيندي الڪدو سيني ۾ ساه
شر ڪئون شيطان سرڪش جي مونکي مولا بچا
قبر ۾ جنهن دم ڪندا مونکون مقرب حق سوال
تونئي ڪج تلقين منهنجي يا امام - دوسرا
مونکون جڏ پڇندا تہ تنهنجو ڪير آهي ڪردگار
سا مونکي توفيق ڏج جو آئون چوان رب العلا
جڏ ڪندا مونکون نبوت جو سوال او خاصگان
تڏ چوان حق جو محمد آهي ختم الانبيا
قبلو منهنجو ڪعبہ آئون بيو در سچاڻان ڪونہ ڪو
دين اسلام آهي منهنجو دين جو دين - خدا
جڏ ڪتاب الله جو مذڪور ٿـي اندر ميان
سورهء اخلاص جي الدم ڪريان آئون ابتدا
جڏ امامت جي مسئلہ جو اچي وچ ۾ سوال
تڏ چوان مولا علي آهي سدم مشڪلڪشا
آن ڪئون پوء حضرت حسن مسموم سم - ناصبي
بعد ان جـي سيد الشهدا شهيد - ڪربلا
ان ڪئون پوء سجاد زين العابدين عالـي جناب
بعد آن جي منهنجو باقر آهي پير ۴ پيشوا

آنکئون پوء صادق جي آءٌ مذهب جو آهيان معتقد

أنکئون پوء کاظم مددگار آهي منهنجو دائما

آنکئون پوء شاهه رضا جي در جو آءٌ ادنا غلام

آنکئون پوء تون منهنجو مولا منهنجو آقا رهنما

توکئون پوء حضرت نقي منهنجو امام ابن الامام

آن تون حسن العسکري جي آهيان آءٌ در جو گدا

بعد ان کئون قائمِ آلِ محمد جو غلام

ابتدا کئون آهيان آءٌ راکب سفينهٔ لجا

ہر جي دهشت آنجي کئون نکري نہ وائي وات کئون

آن گهڙي مون کي بچائيندين تون مولا از بلا

انطرح مولا بڌان ٿو قبر ڏيندي سو فشار

جنهنجي سختي کئون بدر تيندو دماغ سر ز پا

قبر جي سختي ۽ سکته کئون بچائيندين مون کي

تون اُيہ هٿ ڏيئي جهليج تہ ڏ قبر جا ديوار ها

جڏ ہوي تو ياد سو ڏينهن تڏ چوان تو کاش کي

مي جي مونکي اصل کئون خلقي نہ ها منهنجو خدا

کو عمل تي آسرو ناهي نہ کو اهڙو عمل

جنهنتي تکيہ هجي تہ صادر مونکئون کلو خير تيا

سربسر آهيان جفاکار ۽ خطاکار اصل کان

مونکئون صادر کين ٿيو غير از خطا غير از جفا

آسرو کو ناهي جز فضلِ خدائے ذوالمنن

آسرو جي آهي پيو تا آل جي آهي ولا

سا لکا حد فضل و رحمت حق جي آهي کنهنطرح

۽ ولا آنجي تہ آهي نعمتِ عظمائي ما

منهنجي اعمالن ڏي ڏسندو کين ربِ ذوالاکرام

اهلبيتن جي محابي منهنجي بخشيندو خطا

* حضرت امام علي نقي عليہ السلام *

سرور عالم نقي جي در جو آهي آدني گدا
جنهنجي در کئون معهنجا حاصل ٿيئي مقصد مدعا
قرب سر من رائي ۾ هڪ روز هو شاه هدا
آيو اعرابي اچي چيئين اي اڙين جا رهنما
آهي تن مئون آهيان جنهنکي آهي حيدر جي ولا
ڏهن مون تي جمع ٿيو آهي غم ۾ آهيان مبتلا
سرورا توکئون سوا ڪو منهن جو ناهي دستگير
تون موڏکي آزاد ڪر اي دستگير دوسرا
تڏ چيو حضرت ته تون خور سند ٿي غم ڪين ڪر
تون فرود آات جتي ٿيا خاص هن درگاه جا
جڏ صبح ٿيو تڏ چيو اعرابي کي شاه دين پناه
جيئن چوان ٿو تيئن تون ڪر انهي تخلف نا روا
عرض اعرابي ڪيو مون کي ڇا مجال دمزدن
امر جيئن فرمائي حضرت تيئن ڪندو هي بي نوا
تڏ لکيو حضرت تمسڪ دستخط خاص سان
انهي هو جيڪي ٿو لهڻي سو ڪندس جلدي ادا
۽ چيو حضرت ته هن خط کي تون سرمن رائي ۾
پاڻ سان هدره ڪري ۽ منهنجي مجلس ۾ تون آ
جڏ رسين مونکئون طلب ڪج تون طلب پنهنجي ضرور
بلڪ مونسان ڪج درشتي ۽ تقاضا برملا
جيئن مون چو انهي نه ڪج هرگز ذروتا خير ڪا
ان چيو مولا تو فرمايو سو آئيندس بجا
جڏ رسيو حضرت هو سرمن رائي ۾ حاضر ٿيو
مجلس اقدس ۾ عظما ۽ اڪابر جمع هوا
خط ڪڍي ۽ وجه خط حضرت جي خدمت ڪيئين طلب
پر ڪيئين اصرار جيئن ارشاد ڪيو شاه هدا

شاهد بن ان وقت لرمي ساان دلاسو تي ڏنو
۽ تجاوز ڪيو تي اعرابي گهڻو حـــد کئون سوا
۽ خليفہ جڏ ٻڌو تڏ تيهہ هزار درهم مڪا
سي وٺي حضرت رکي ٻوء سيئي ان کي ڪيا عطا
۽ چيو حضرت هي وٺ پنهنجو ادا سپ دين ڪر
جيڪي واڌو ٿي وڃي سو صرف لفقر ڪر سدا
۽ سون کي معذور ڪيو هن وقت پيو موجود ناه
عرض اعرابي ڪيو اي نور- چشم- مصطفيٰ
قرض منهنجو ثلث هو ليئو تو مونکي بخش ڪيو
حيث يجعل بر رسالت جو سدا جائي خدا
سيڪو پيرو تو سچاپي پنهنجي پيرن جي پٺيان
تو سوا پيو منهنجو ناهي پير ني ڪو پيشوا
تنهنجي در جو ٿي ۽ ٻي ڪنهن درتي و ٻند س الا مان
تنهنجي دامن منهنجو هٿ اٿين دست داماں- شما
تنهنجو آئون دامن لڳو هي دست ۽ دامن سندء
تنهنجي دامن دامن- حق دست تو دست- خدا

حضرت امام حسن عسڪري عليہ السلام

منهنجو حسن العسڪري آقـــا امـــام- رهنما
شاه حسن العسڪري سان منهنجي آهـي اقتدا
تڏ زبان جو لطف جڏ چئي انجي مدح و منقبت
سا زبان ٿي لال جا ان جي نہ چئي مدح و ثنا
جي ثنا تنهنجي ٻڌي خوش حال ني ٿي ڪو ولهيو
چـــا ٻڌڻ جو لطف سي ڪن سر هجن ٻوڙا ٻلا
جي اکين کي تنهنجي خاڪ- در جي ناهي آرزو
تن اکين جي مونکي بينائي سون حاصل آهـي چا
خاڪ در تنهنجي جي آهي سرمہ چشم- ضرير
خاڪ در تنهنجي کئون حاصل ٿي مونکي نور- ضيا

خاڪ در تنهنجي جي ۽ خاڪ ـ شهيد ـ ڪربلا
هي شفا ۽ هو شفا ۽ هو شفا ۽ هي شفا

خاڪ در تنهنجي جي منهنجي ٿي اکين کي آرزو
خاڪ در تنهنجي ٿي نت منهنجي اکين جو توتيا

خاڪ در تنهنجي جـــي بهه زاڪثير اعظم يافتم
خاڪ در تنهنجي جي بهه از گوگرد احمر ڪيميا

خاڪ در تنهنجي جي ٿي سؤ بار بهتر جي هجي
ڪيميـــا ۽ سيـــميـــا ۽ هيميـــا ۽ ريـــميـــا

خاڪ در تنهنجي مون ٿي حاصل شفائے هر مريض
خاڪ تنهنجي در جي سپ ڪنهن رنج جي آهي شفا

خاڪ در تنهنجي جڏ آهي دوائے ڪل درد
تڏ نہ ڪيئن ٿي منهنجي رنج و درد جي مولا دوا

جنهن جي طاعت فرض هانهن تي ڪئي ربالعباد
فرض ڪئي تنهن تي اطاعت تنهنجي رب ـ ذوالعلا

تون ڇڏائيندين سونکي از جمله مڪروه ـ جهان
تون ڇڏائيندين مـون کي از هر جفا و هر بلا

جڏ وڪائل تنهن جي در جو آهي بنده ڪمترين
ڪين پاڻئون ڪج پري در موقف ـ خوف و رجا

آئون تہ تنهنجي در جو ہي در ڪين ويندس باليقين
ڪير بندن جـــي لهي ڪو سار آقا جـــي سوا

حشر ڪل الناس ٿيڻو آهي با هر ڪنهن امام
حشر منهنجو تـــو پڻيءَ ٿيندو اي منهنجا مقتدا

هن طرح جامي شواهد ۾ رقم ڪئي بيريا
هڪڙي ڏينهن هڪ شخص آيو خدمت ـ شاه ـ هدا

عرض ڪيائين ڪير آهي توڪئون پوءِ قائم مقام
شاهدين فرمايو ڪي حجره جو پردو ڏس لڦا

هڪڙو ڪودڪ آيو تڏ اندرکئون با عز و شرف
۽ سڄي رخسار تي خال ـ سيہ هو رخنما

۽ سر ۽ پر نور آن جي تي ۽ گيسو هوا عجيب
پيءُ جي زانو تي اچي ويٺو وليءِ ڪبريا

شاه فرمايو هي مون کئون بعد سڀ جو باليقين
مقتدا ۽ پيشوا ۽ رهبر ۽ راه ۽ هدا

پيءُ جي زانو تئون اٿيون جنهن وقت سو عالي نسب
حجره ڏي راهي ٿيو ۽ سرور چو مونتي وڃ ابا

آت وڃي ساڪن ٿي جيسين تئين معين ٿيو ابا
تڏ وڃي حجره ۾ داخل ٿيو وليءِ ڪبريا

بعد آن کئون شاهدين آن حجره ۾ داخل ٿيو
مونکي فرمائين ته پڻ همراه مون سان هيڏي آ

معجزا اهڙا ڏٺي پوءِ پيي نه تي جو معتقد
تنهن جو مسڪن خود جهنم آهي در دار جزا

سرورا تو در سوالي کون خالي ٿي ڪڏهن
آئون پڻ تنهنجي در سوالي سڻ تون سائل جي صدا

جيڪي حق الله آهي مون تي سو بخشائي تون
جو اوهان جو حق هجي تون لائق عفو و عطا

جيڪي حق الناس ثابت منهنجي گردن تي هجي
سو عوض تون ڏي مونکي آزاد ڪر در دوسرا

مون کئون جڏ ايمان جو اندر لحد ٿيندو سوال
مونکي ڪا طاقت جو آئون ڏيندس جواب باصفا

تون چئج هي منهنجو آهي اصل پيءُ ڏاڏي غلام
منهنجو آهي مقتدي آئون هن جو آهيان مقتدا

سرورا جي ڪنهن جو ٻانهون في المثل مقروض ٿئي
دين جي آقا نه ڏي ٻانهون نه ڪڏ ٿيندو رها

منهنجو تون آغا ۽ آئون تنهنجي غلامن جو غلام
سي تون مون تان بار لاهيندين جي مونتي بار پيا

* مولودِ هادي هدا *

يا امام المنتظر تون کل دردن جي دوا
يا امام المنتظر تون خلق جو حاجت روا
تنهنجي صدقي ۾ بپا هي گردش ـ ليل و نهار
تنهنجي باعث سج ۽ چنڊ عالم تا ڪن روشن سدا
تنهنجي باعث رزق تو پاڻهن کي ڏي پروردگار
تنهنجي باعث سڀ نظام آهي هي تا روز ـ جزا
تنهنجي رجعت جي خبر اڪثر ڪتابن ۾ لکن
تنهنجي والد کئون وٺي تا حضرت ـ خير الورا
تنهنجو والد هي خبر ڏي ٿو باسناد ـ صحيح
هي خبر حضرت نقي خوش ٿي ڏني ٿي جابجا
هي خبر حضرت تقي ڏيئي گهڻو دل شاد ٿيو
هي خبر راحت رسان هردم ڏني حضرت رضا
هي خبر موسى ڪاظم ڏني گهڻو خوشنود ٿيو
جعفر ـ صادق ڏنو هي مژدهء راحت فزا
حضرت ـ باقر علانيه رسائي هي خبر
سيد ـ سجاد رجعت تنهنجي چئي ٿي برملا
سيد الشهدا ۽ شهيد ـ ڪربلا خونين ڪفن
هي خبر رجعت جي تنهنجي چئي سڻائي بارها
هي خبر حضرت حسن پڻ ٿي ڏني از مرتضى
مرتضى مولا علي هي نقل ڪيو از مصطفى
سرور ـ عالم ڏني پڻ تنهنجي رجعت جي خبر
ڪڙو گهرو ني سڀ گهرا بارها ارشاد ڪيا
تنهنجي رجعت جي خبر صدها سند سان نقل ٿي
سڀ ڪتابن معتبر هي نقل اسلافن ڪئون ڪيا
تنهنجي رجعت جي خبر هن ۾ لکن با صد سند
بلڪ باصدها سند از حضرت ـ خير الورا

رجعت ـ قائم جي ٿيڻي آهــي عالم ۾ ضرور
توڙي هڪڙو ڏينهن باقي في المثل هجي منجهه جرا
پر انهي ڏينهن کي خدا تڏ طول ڏيندو ان قدر
جنهن ۾ رجعت ٿي تہ مالڪ ٿئين تون منجهہ ملڪ ـ خدا
ان طرح عالم سڄي کي تون ڪندين پر عدل و داد
جيئن طرح سان سارو عالم ٿيو پر از جور و جفا
تنهنجي رجعت ٿيڻي آهي بي خلاف و بي نزاع
تنهنجي رجعت لازم آهي ٿيڻي بي چون وچرا
ما جي منهنجي جيئري ٿي ۽ آئون ڏسان تنهنجو جمال
۽ ڪريان بيعت تہ ٻيعت مون ڪئي جنهن باڪبريا
تنهنجي آئون لشڪر ۾ ٿيان محسوب اي آغا امام
حزب تنهنجي ۾ هجان اي حزب تون حزب ـ خدا
يـا امام المنتظر آئـون آهيان تنهنجو منتظر
منتظر تنهنجي ڪي تــون ڏيکار جلدي سان لقا
مسند ـ مرسل جو ٿيندو تڏ دوبالا عز و جاه
جڏهن ٿيندين مسند ـ احمد جـو تون رونق فزا
تنهنجو منهن جي آئون ڏسان تاجن ڏنم شاه ـ رسل
جي ڏسان توکي تہ مونکي دين و دنيا سڀ مليا
مومنـا خوش ٿــي ٻڌو اعجاز شاه ـ دوسرا
جنهن کي تا مذڪور ڪن اڪثر ڪتابن ۾ پڙهيا
عبدالرحمان جامي هن پر ڪيو شواهد ۾ بيان
۽ لکي اڪثر ڪتابن آهــي هـــي سڀ ماجرا
ڪيو محمد پارسا هي ذڪر منجهہ فصل الخطاب
هي سڀئي سنت جماعت جا ڪتاب آهن وڏا
تن سڀن هي معجزه هن پر ڪتابن ۾ لکيو
شهر حلہ جو هو ساڪن آن جـو اسماعيل نا
آنکي هڪڙي ران جي ڪيو زخم عاجز هو تمام
جيڪي اطبا هوا سڀئي هن زخم کئون حيران ٿيا

سو چوي ٿو جڏ رهيس آءٌ سڀ درٺون مايوس ٿي
قصد سرمن رائـي جو ڪيم تا زيارت ٿـي بجا
پوءِ زيارت مون ڪئي حاصل روضهٔ رضوان مقام
۽ وڃي سرداب ۾ مون عجز زاري ڪئي بپا
چند روز ان هنڌ بسر مون ڪياءِ بعضي شب قيام
هڪڙي ڏينهن مون غسل ڪيو ۽ رخت پاڪيزه ڍ ڪيا
ٿيس روانو رو بسوئـي مـرقـد۔ عرش احتشام
تڏ نظر ۾ چار هسوار آيا مـون ڪـي آن ولا
جڏ ڏٺئون مونکي ڪيائون پاڻ تڏ سبقت سلام
مون چيو عليڪ اوهان تي رحمت۔ رب العلا
۽ هئي هر هڪ جي ڪمر شمشير با زينت ۽ زين
هڪ جي هٿ نيزو هو ٻي ڪنئي هئي ڪمان۔ خوشنما
جنهنجي هٿ نيزو هو سو بيلو وڃي پاسي سڄي
۽ ٻـ هسوار آن ٻؤن بينا ٿي ڪبي پاسي ٻيا
وچ ۾ حضرت پاڻ بيلو هو آتـي با زيب و زين
شاه چو ٿو گهر وڃڻ جو قصد ڪيو آهي صحيا
مون چيو آ ري تڏهن حضرت ڪيو مونکي طلب
چائين ڏسندس زخم تنهنجو شخص جلدي هيڏي آ
جڏ اشارو مون کي ٿيو مون سر ڪري پنهنجا قدم
روبـرو حاضر ٿيس سنجهه خدمت۔ شاه۔ هـدا
تڏ ولي هٿ ساڻ منهنجي زخم کي ائين زور ڪيئين
سور ڏاڍو ٿيو ۾ خود داري تي مون ڪئي اڪتفا
جنهنجي هٿ ليزو هو تنهن افلحت اسماعيل چو
مونکي آنجو ٿيو عجب هي نا ڪٿوذ ڪيئن ٿيو آشنا
مون ٻي افلحنا ۽ افلحتم چيو آن شخص کي
مون کي تڏ مولي چيو آن شخص اي اهل۔ وفا
هي خدا جي حجت آهي، آهي هي حق جو ولي
مون ڊڪي ياڪر وجهي زانوئي اقدس تي چميا

جڏ شه. دين ٿيو روان پٺ ۾ هليس آءٌ پياده پا
شاه. دين فرمايو بيهي ره اَني ٿون ٿـــي حـدا

مون چيو آءٌ ڪين ڪي ويندس ڇڏي تهنجو رڪاب
چائين مولي وچ تون هن ۾ مصلحت آهـــي اها

مون چيو ويندس ڪين تڏ ڪنهن بي ڪيو عنبر ڪلام
شرم مانع نـــاهي رد ڪيو حڪم شاه. دوسرا

آئون اتـي بيهي رهيس اڪيلي روانو ٿيو امام
منهن ورائي مون ڪـــي فرمايو وليء ڪبريا

ويندين جڏ بغداد تڏ حاڪم سڏي ڏيندو انعام
ير ونج تون ڪنهن مر تڪرار ڪن نو سان وڏ

آئون اني بيٺو رهيس حضرت نظر ڪئون ٿيو نهان
تـــڏ مشرف نيس وجـــي در روضهٔ شاه. هدا

مون پڇيو هي ڪير هوا هسوار ڇئون اشرف هوا
مون چيو هو هڪڙو ان ۾ پاڻ شاه. دوسرا

تڏ پڇئون مون ڪئون ته ڪهڙو هو امام. دوجهان
مون چيو جنهن کي ڪمان هوئي سو هو ختم الاوليا

تڏ پڇئون ڪيئن عرض حضرت کي ڪا پنهنجي ماجرا
مون چيو مون زخم ڏيکاريو ۽ حاصل ٿي شفا

مون ڏنو پاسو سڄو هو زخم جنهن ۾ اصل ڪـان
پوء ڏٺم پاسو ڪيو سو بن هو جيئن اصلا صفا

تڏ هجوم آندو مڙي ماڻهن اتي سڀ خاص و عام
منهنجو پيراهن تبرڪ ڪاڻ قاڙيئون حاجا

جڏ رسيس بغداد ۾ ۽ هي خبر ٿـي آشڪار
پوء گهڻا ماڻهو اچي مـون وٽ اتي انبوه ٿيا

جڏ خبر هي پئي خليفي کـي گهرائين روبرو
مون ڪئون ڪيئن دريافت ساري سرگذشت. ماجرا

پوء ڏياريئين مونکي ان ديهار زر هڪڙو هزار
مون چيو ويندس نه هرگز هڪڙو ڪو ديهار سا

آن سبب مونکئون پڇيو مون ڪيو بيان ان سان تمام
ممع ڪئي توکئون ولئي مون کي وليء ڪبريا
هيئن ٻڌي مونکئون خليفو زار گريان ٿيو تمام
آئون گهڻو خوش حال ٿي ٻوء ٿيس برون از آن سرا
جيئن ٿيو اسماعيل دولت کئون لقا جي فيض ياب
تيئن حسن کي يا امام العصر ڏيکارج لقا
يا امام المنتظر بهر - خدا بهر - خدا
بهر ختم المرسلين خير البشر خير الورا
يا امام العصر بهر - فاطمه خير النسا
يا امام العصر بهر - مرتضي مشکلکشا
يا امام العصر بهر - سرو باغ - دين حسن
يا امام العصر از بهر شهيد - کربلا
يا امام العصر صدقو سيد - سجاد جو
يا امام العصر صدقو باقر - معجز نما
جعفر - صادق جو صدقو يا امام - محترم
رحم ڪن بخشائي بر من يا امام - دوسرا
موسيء ڪاظم جو صدقو دين دولت ٿي حصول
مونکئون راضي ٿي خدا از بهر شاه - دين رضا
واسطي حضرت تقي جي بخش عصيانم تمام
۽ نقي جي ناتھ ٿي آزاد ٿيان روز - جزا
مونتي حسن العسڪري جي صدقي يا شاه - امم
نزع جي سختي ڪندين آسان مون تي سيدا
منهنجو صدقو پنهنجي لشڪر ۾ مونکي محسوب ڪر
تا سچو مقصد ٿي حاصل بر اچي سڀ مدعا
آئون صلو سيني جي مدح ومنقبت جو ٿو گهران
توکئون جو تون آهين وارث جمله آل - عبا
مسند - مرسل جو ٿيندو تڏ دوبالا عزو جاه
جڏهن ٿيندين مسند - احمد جو تون رونق فزا
مومنان مون هن مدائح جو ذخيرو ناتھ ڪيو
سو ذخيرو منهنجي ڪاڻ آهي هي در هر دوسرا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

مرثيه

حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم

مومنان هي حال راوي ڇئي ٿو با سوز- جگر   ماتم - عظميٰ جي هنپر ٿو رسالي هيئن خبر
يعني جڏهن ٿيو انتقال - مصطفيٰ نزديڪ تر   زهرجوحضرت کي خيبر۾ ڏنئون تنهن ڪيو اثر

جنهن کي ڪيو داخل يهودڻ منجهه طعام - ما حضر
۽ هو مخفي تنهن اثر ظاهر ڪيو از حڪم - قدر

واقع- جنهنجي کي راوي هنطرح ڪن ٿا بيان   جڏ رسول الله رسي خيبر ۾ با فوج-گران
فتح نصرت سان وري سوئي مدينہ ٿيو روان   تڏ يهودڻ مڪر تازه طرفہ آندو درميان

۽ ڪئي دعوت سرور- عالم کي از مڪران جهول
۽ رسول الله ڪئي پنهن جي لطف سان دعوت قبول

نوش ڪيو جڏ گوشت بريان کي رسول- ڪرد ڪار   گوشت پختہ تڏ ڏنو آواز هن بر چند بار
يا رسول الله متان کائين آئون آهيان زهر دار   پرنہ پرواه ڪنهن طرح سان ڪئي رسول- ذوالمدار

نوش فرمائي رسول - حق رهيو سالم صحي
هڪ صحابي کاڌو سو في الفور ويو ان هنڌ مري

تا ڇون جنهن هو يهودڻ مڪر ڪيو هي اختيار   جڏ رسول الله پڇو انکون تو هي ڪئي کهڙي ڪار
تنهن چيو مارياها منهنجا مائٽ مٽ منجهه ڪارزار   تنهن سبب مون ڪيو هي طعام آلوده هنپر زهردار

مون تصور ان ۾ آندو اي رسول - راز دان
اهڙي آئون تدبير سان ٿي وير مائٽن جو وٺان

پر رکيو تو کي جڏهن حفظ و حمايت ۾ خدا   ڪو اثر ڪيو ڪين توکي زهر قاتل مطلقا
تڏ ٿي جاتان آهين تون بيشڪ رسول - ڪبريا   پر رسول الله جو هو دستور هيئن از ابتدا

سڀ ڪنهين جو وير وٺندو هو نہ پنهنجو انتقام
ان سبب هي امر ٿيو موقوف بر روز - قيام

دوست کي ٻي دوست جي جڏ وصل جي پئي ٿي خبر　　تڏ تہ آتش عشق جي ٻڻ ٿي زياده شعلہ ور
هو لقائي شوق حق جي ۾ تہ نت خيرالبشر　　پر جيئن عمر آخر ٿي ٿي حضرت ٿي ٿيو مشتاق تر

الغرض جنهن زهر جو مون پيشتر مذڪور ڪيو
اجر ضائف لاء حڪم - حق سان سو پڌرو ٿيو

پهرين ٿي هڪ ڏينهن حرارت تپ جي با خيرالانام　　ان حرارت کئون ٿيو چهرو زرد گاه - سرخ فام
اهڙي بيتابي جو حضرت کي نہ هو تاب - قيام　　۾ سر - اقدس ۾ ٻڻ هو درد شدت سان تمام

تنهن کان طاقت ڪانہ هئي بيهڪ جي ڏاڍو ضعف هو
پر نہ ٿي زور - نبوت کان نبي بيهوش ٿيو

رات ساري بيقراري ۾ بسر ڪئي مصطفيٰ　　اهڙو تپ هو جنهن سبب بيتاب هو خيرالورا
۾ ٿي چاهين آخرش هن رنج مان ٿاهي شفا　　ان سوا جبرئيل جي پيغام مان ٿيو برملا

وينڌو دنيا کي ڇڏي حضرت سوئي دارالبقا
اهلبيتن کي ڪندو پنهن جي عزا ۾ مبتلا

هڪڙي ڏينهن شاه - رسل کي تپ جي شدت ٿي تمام　　تنهن سبب مسجد ڏي ٻاهر ڪين ويو خيرالانام
۾ نڪو دولت سرا ۾ ٿيو مشرف از سلام　　ان سبب کئون هئي گهڻي تشويش اندر خاص وعام

ان طرح سان حال هو اصحاب جو ٿيو در زمان
جنهن طرح سان ڏڻ ٿئي سارو پريشان بي شبان

روڄ پيو اصحاب ۾ مسجد ۾ محشر ٿيو بپا　　چائون اسين رهنداسون جيرا جڳ ڇڏيندو مصطفيٰ
هنطرح چئي ۾ سڀئي اصحاب صادق ٿي رنا　　تون قيامت تئين سلامت هوئين اسين تو تئون فدا

جڏهن پيو آواز گريہ جو ٻہ سمع - شاهدين
چائين ڇا آهي هي کهڙو واقعو آهي حزين

هو رسول الله کي اهڙو ضعف شدت سان ڪمال　　جنهنکان چشمان - مقدس جو پٽڻ ٻڻ هو محال
پر فقط تسڪين امت لئي رسول - ذوالجلال　　وڃين ۾ مشتاقن کي ڏيکاري وري پنهنجو جمال

قصد ڪيو ٻاهر وڃڻ جو اهڙي حالت ۾ رسول
ٿي تڏهن تسڪين ۾ اصحاب هوا بس دل ملول

تڏهن چيئين آئيو ستن کوهن جون ست مشڪ پرآب　　جڏهن وٺي آئي ڪيئون حاضر اڳيان ختمي مآب
هڪڙي هڪڙي کوه جي پاڻي سان ڪيو غسل آنجناب　　جڏهن افاقو ٿيو تڏهن ڪيئين قصد مسجد جو شتاب

تڏهن عصا هٿ ۾ ڪري حضرت هليو مسجد طرف
هڪ طرف کان فضل هو ٻي سمت کان شاه - نجف

جنهنگهڙي مسجد ۾ وارد ٿيو اچي حضرت رسول ۔ بام و در روشن ٿيا رحمت خدا جي ڪيو نزول
۽ زيارت مومنن ڪي مصطفيٰ جي ٿي وصول دين جو اڪمال ٿيو دنيا جي دولت ٿي حصول

زيب ڪرسي جـو ۽ زينت عرش منبر تي چڙهيو
هڪ طـرف ميڪال ۽ ٻي سمت ڪـان جبرئيل هو

پهرين آنحضرت ڪيو دنيا جي ذلت جو بيان تنهن تون مدح ـ آخرت جا عيش نعمت جاودان
پنهنجي رحلت جي خبر ڏني پڻ روازيئين مومنان چائين هن ڏينهن ۾ عقبيٰ ڏي اوهان ڪئون ٿو وڃان

آنحضرت ڪيو بدرگاه ـ خداوند ـ ڪريم
سونپي مومن ۽ مددگار آهي با لطف ـ عميم

مومنو هرگز نه دنيا تي ڪريو ڪين اعتبار مومنن لئي جيڪا راحت آهي سا دارالقرار
جنهن ۾ ني خوف ـ فنا رهندي هميشه پائدار هٿ ڪريو حبل المتين حق کي محڪم استوار

خاڪ ۾ ملندؤ ڇيئي سڀ جو مڪان ڪنج ـ لحد
ڪنهن کي دنيا ڪم نه ايندي توڙي افزون هوئي زحد

پوء فرمايو رسول ـ حق شفيع المذنبين آءٌ سگهو عقبيٰ ڏي ويندس اي گروه ـ مسلمين
پنهنجي در مونکي گهرايو آهي رب العالمين مومنو دل ۾ اوهين هن امر جو ڄاڻو يقين

سڀ ڪنهين کي آهي هڪڙي ڏينهن عقبيٰ ڏي سفر
ڪو اڳي ۽ ڪو پڇيان ويندو بما ولؤ مفر

ڪين ٿيو مغرور ڪي دنيا جي دولت کي ڏسي عيش عيش ـ آخرت آهي سچي ڄاڻون صحي
ڪنهنسان هرگز ڪانڪا دنيا وفاداري ڪندي ڇڏن ڏينهن جو سوني چٽڪو ڇتو انڪان پڄي

سڀڪي وسري ويندو جنهندم انڪندو سيني ۾ ساه
نڌهن عمل ڪهرجن اوهان کي جنهن ۾ راضي ٿئي الله

فخر لازم ناهي انسان کي نه بر مال و نه جاه حب دنيا جي رسائيندي وڃي در قعر چاه
سڀڪي هٿ ويندو ڇڏي هٿ خالي ۽ مشڪل جي راه سا گهڙي سختيءَ جي ٿيندي جڏ نڪا ملندي پناه

ڪمن ڪم ايندو صبح ايندا فقط آڏا عمل
سڀ ڪنهين جـي خاڪ ٿيندي عاقبت مدفن محل

هو اجان مشغول وعظ و پند ختم المرسلين حڪم حق سان وحي آندو حضرت ـ روح الامين
عرض ڪيئين حضرت کي اي مقصود رب العالمين بعد صلوات و سلام هن پر چيو دبان دين

جڏ تـون مسجد ڏي ٿي آئين از در ـ دولت سرا
هڪڙو ڪو مظلوم هـو رستي ۾ محزون مبتلا

maablib.org

ان ڪئي پنهنجي حقيقت حال جي توسان تمام • ضعف ڪئون پر نو توجه ڪيو نه يا خيرالانام
سو اڄان نوميد وينو آهي ان هنڌ تلخڪام تون وڃي خود پڇ ته انجو آهي ڇا مقصد مرام
ڌا نــه تنهنجي مرحمت ڪان هــو وڃي نوميد ٿي
ساري عالم تــي تــون منهنجي رحمت آهين يا نبي

هنطرح سان ٻڌندي حڪم - حق اٿيو خيرالورا ضعف جي حالت ۾ مشڪل سان ڪري هٿ ۾ عصا
آيو ان هنڌ جت هو وينو غم جو محزون مبتلا رحمت للعلمين سڀ ان جا مطلب ڪيا روا
پوءِ وري مسجد ۾ آيو ڪبريــا جــو نور پــاڪ
وعظ ۾ مشغول ٿيو يــا مصطفيٰ روحي فــداڪ

موسان حق جي ڪرم ڪي ناهي حد و انتها ههڙي حالت ۾ رسول الله کي ٿيو حڪم - خدا
وڃ وڃي مظلوم جي سڻ تون بسر خود مدعا ۽ رسول الله ان وٽ آيــو ٿي حاجت روا
ڇــا ڪرم حق جــو ۽ ڇــا خلق - عظيم - مصطفيٰ
مصطفيٰ تــان ٿيان فــدا قربــان بــر ذات - خــدا

ان ڪان پوءِ غمگين ٿي فرمايو ختم المرسلين دوستو ڄاڻو هي منهنجو آهي خطبه آخرين
هٿ کڻي هيئن عرض ڪيو حق کي شفيع المذنبين مومنن جــا جرم عصيان بخش رب العالمين
تنهن ڪــان پــوءِ فرمــايو امت کي رسول - ڪبريــا
مومنو ڇئو ڪهڙو آئــون هــوس مومنن جــو رهنما

مومنن تڏ روئي هيئن ڪيو عرض ڪه اي خيرالورا يا رسول الله اسين ٿيون تنهنجي قدمن تئون فدا
تنهنجو ثاني يا نبي پيو ناهي ڪو خلقيو خدا اسين سڀئي دل ۽ زبان سان ٿا چئون هيئن بيريا
تــو اساڏ تــي لطف ايــڏا ڪيا اي ختم المرسلان
شڪريه ان جــو نــه ٿئي جــي ٿي سر - هر موزبان

راه حق ۾ پنهنجي سر تي تو ستم ڏاڍا سٺا ٿي ڪنهن مرسل نه اهڙا ظلم ۽ ايذا ڏٺا
تنهنجو ياور ڪونه هو سڀ درپئي آزار هوا محض تنهنجو پاڻ ياور هو خدائي ذوالعلا
دشمنن جــي جور ڪان ڪنهن طرح سان آزرده ٿي
تو نه هرگز راه حق ۾ ڪنهنطرح سان ڪئي ڪمي

تو رسائيا خلق کي احڪام حق جا آشڪار تو خدا جــي راه ڏيکاري اسانکي استوار
تنهنجا ۽ حق جا ڪرم آهن اسانتي بيشمار تو اسانتي ختم ڪئي هر حجت - پروردگار
ان طــرح ســان زار گريــان هــوا سڀئي مومنين
تــي دعــائي خــير ڪئي تن کي شفيع المذنبين

تنهن کان پوءِ امت کي فرمايو شفيع المذنبين   اٿن ڏيڻي جاءِ هي آهي حڪم رب العالمين
جي ڪنهن هڪڙي شخص ٻي تي ڪيو ستم با ظلم ڪين   حق تعاليٰ پاڻ ڪري عدل تي رحمي يقين
وير کي مظلوم جي ظلم کان وٺندو منتقم
ڪين بخشيندو خدا ظالم کي ڪڏ ظلم و ستم
آءٌ اوهان کان ٿي جدا وڃڻو آهيان خالق جي در   مون ٿي ڪنهنجو حق هجي جنهنکون هجان آءٌ بيخبر
يا ڪهينکي پهتو هوئي ڪوذات منهنجي مان ضرر   يا کي ٻچڻو هوئي ٻچي مونکان اوهان ان بيخطر
سو قسم انکي تو ڏيان آءٌ اڄ بذات ڪردگار
بي تردد بيگمان مونسان ڪري سو آشڪار
جڏ چيو اصحاب کي هن طرح سان خيرالورا   حاضرن مان جنکي خدمت دلبر هئا تن عرض ڪيا
عرض سڀ جي کي ڪيو آسان خلق جي حاجتروا   تنمان هڪڙو شخص هو تنهن عرض ڪيو اي مقتدا
منهنجو شيوه ڪذب ۽ بهتان ڪوڙي افترا
نفس منهنجي کي اچي لذت معاصيءَ ۾ سدا
هاڻي مونکي هيءَ اميد آهي بدرگاه خدا   تنهنجي برڪت سان ٿي عاصيءَ کون هي پيش رها
تڏ چيو ڪنهن ٻئي ته توکي خير آهي ٿيو هي ڇا   جو ڪرين تو پاڻکي هن طرح رسوا برملا
شرم توکي ڪونه اچي ماڻهن ۾ تو هن ڳالهه جو
پاڻ فعل بد جو پنهنجي تون ڪرين اقرار تو
تڏ چيو شاه رسل اي مرد تون خاموش ٿي   هن ڪيو اقرار عمل زشت ۽ پنهنجي بدي
تا ملڪ اعمال سڀ ڪنهن جا لکن ڏوڙي رتي   حق تعاليٰ هنجي حق ۾ سڀ دعا منهنجي ٻڌي
محو ٿي هن جي معاصي عفو ٿي هن جي خطا
حق تعاليٰ لطف سان ڪيس دولت ايمان عطا
ان سوا رسوائي؟ دنيا جو ڇا آهي ڪلام   آهي رسوائي اها جا ٿيندي در روز قيام
جت خدا جي خلق ساري جمع ٿيندي هڪمقام   ابتدائي خلق کنون آخر تئين هوندا سڀ تمام
منڪرن جا منهن ڪري ڪارا وجهي طوق و رسن
نيندا دوزخ ڏي وٺي هڪجا ڪري سڀ مرد و زن
جڏ رسول الله ڪيو ان شخص سان هنپر ڪلام   تڏ اٿي ٻيو شخص بيٺو جنهن جو هو سواده نام
چائين جڏ تائيد حق جي سان سفر ڪيئي سمت شام   آءٌ پي پٺ ۾ اٺ جي پياد و هوس يا شاه انام
تو هنيو اٺ کي ٿي چهبڪ پر لڳو مونکي اچي
آءٌ قصاص انجو اوهانکان اڄ گهران ٿو يا نبي

جڏ ڏٺو ان شخص کان هنپر رسول۔ کبريا تڏ چيئين سلمان وڃي تون بر در۔ خيرالنسا
تازيانو جو اتي آهي وني سو جلد آ جڏ ٿيو سلمان حاضر بر در۔ دولت سرا
عرض ڪيئين زهرا کي ڪاي مخدومهٔ ڪون ومڪان
تازيانو ٿو گهري پنهنجو شفيع۔ دو جهان

تڏ ڏنو سلمان کي خير النسا هن پر جواب اڄ سواري جو رسول الله کي هرگز ناهي تاب
تازيانو ڇو سڏايو آهي بابي باشتاب تڏ چيو سلمان زهرا کي ته اي عليا جناب
هيءَ حقيقت آهي جنهن کان تازيانه ٿيو طلب
تڏ ڇهو خير النسا وا حسرتا ڪهڙو غضب

تازيانو ڏني رني خير النسا تـي زار زار ۽ چيئين حسنين کي ڪاي مصطفيٰ جا گلعذار
ٿي وڃو مسجد ۾ آهي جت رسول۔ ڪرد گار ۽ چئو سواده کي ڪه اي مرد مومن ديندار
ناهي ڪا خيرالورا کي ضعف کان طاقت نه تاب
تون اسان کي هڻ عوض سؤ تازيانه بي حجاب

تازيانو جڏ ڏنو سلمان بہ دست۔ مصطفيٰ تڏ ٿيو مسجد ۾ چڻ شور۔ قيامت جو بپا
جيئن زمين تي روڄ هو تيئن آسمان تي هو بڪا ان گهڙي بام و در و محراب منبرتي ڏ ڪيا
ٿي تڏهن پاروُن خدا خاصان حق کي هي ندا
او هين ڏسو منهنجا مقرب انبيا وُ اوصيا

جنهنجي باعث خلق ڪيو مون هي سيئي ڪون ومڪان علت۔ ايجاد عالم جو امام۔ مرسلان
ساري مخلوقات کان افضل شفيع۔ دوجهان هنجي در جانب سلامي ٿيا ملڪ ۽ انس وجان
عرش و ڪرسي ۽ زمين و آسمان لوح و قلم
جنهن جي باعث سڀ کي ٿيو موجود از ڪتم عدم

پنهنجي رتبي کي ڀي چالي تو ته آهيان حقجو خاص هيڏي رتبو ۽ علو۔ شان با اين اختصاص
تنهن بسر خود پاڻکي حاضر ڪيو از بهر۔ قصاص پرڻو چالي ڪون ٿي حق جي عقوبت کان خلاص
اٿون ڀي آن سان ٻڌ ڪندس حق خداوندي بجا
ان ته جيڪي بندگيءَ جا شرط هوا سڀ ڪيا ادا

شبر و شبير ٻڌ روئندا اچـي حاضر ٿيا چائون سواده کي ڪه اي سواده بهر۔ ڪبريا
غير تي جائز جي ناهي پر اسان تي ٿيا روا تون اسانکي هڻ اسين خود آهيون جاڙ۔ مصطفيٰ
هڙي حال۔ ضعف ۾ قصاص جو خواهان نه ٿي
۽ اسان کي هڪ عوض سؤ تازيانه هڻ اٿي

ڏ رسول - حق چيو حسنين ابـا ناهي روا   هڪ جي بدرئون بي کي ايذا کين فرمايو خدا
لاتذر واذر صحي آهـي ڪلام - ڪبريـا   جو عمل جيڪو ڪندو لهندو صحي انجي جزا

پنهنجي بدرئون بي کهين تي کين جاري ٿي قصاص
تازيانو مون هنيو آءُ ان لئي آهيان خاص خاص

پوءِ ڏنو سواده کي چهبڪ رسول - ڪبريا   ۽ وٺي سواده چهبڪ کي چيو تو ٿئون لڌا
آءٌ برهنه پشت هوس ان ڏينهن اي حق جا رهنما   تڏ رسول الله ڪٿي ڪپڙا چيو تون هيڏي آ

پيو نه ڪر انديشو ڪو داپر نه ڪر خوف و خطر
طوع خاطر سان سٺي مون حد شرعي پنهنجي سر

جـڏ قدم اڳتي ڪٿي سواده آيـو پيشتر   ۽ پئي سواده جـي مهر - نبوت تي نظر
تازيالي کي ڇڏي ڊوڙيو سوئي خيرالبشر   ۽ ٿيو مهر - نبوت جـي چمڻ کئون مفتخر

منهن رکي مهر - نبوت تي رنـو ٿي زار زار
۽ چيئين سواده ٿئي سؤ جان سان توتي نثار

آءٌ نه تنهنجو يا نبي آهيان غلام - ڪمترين   منهنجو مقصد هو مليان مهر - نبوت سان جبين
سو سندم مقصد ٿيو حاصل شڪر رب‌العالمين   باهه دوزخ کان ڇٽس آءٌ ته پنهنجو صدقو باليقين

هٿ ٿين سواده عاصيءَ جا شاني ڪئون جدا
جي وٺي پنهنجو قصاص از حضرت - خيرالورا

هٿ ٻڌي سواده ڪيو حسنين سان پوءِ هيئن ڪلام   ۽ ڪريو حسنين جي پيرن تي با عجزو تمام
چائين هن باعث کان هي جرات بجا آندي غلام   پنهنجو منهن مهر - نبوت سان ملي ثهان شاد ڪم

پـوءِ اٿي شاه - رسل تشريف ني دولت سرا
اهل مجلس جا ٿيي متفرق ٿي ويا سڀ جا بجا

ڪڙي ڏينهن جبرئيل آيو خدمت - خيرالورا   عرض ڪيئين مونکي مڪو تنهنجي پڇڻ لئي ڪبريا
۽ چوي ٿو ڪيئن ٿو چائين پاڻکي يا مصطفيٰ   گرچ تو کئون پڻ زياده آهي واقف برملا

تڏهن چيو حضرت هي آهن سڀ سندس لطف و ڪرم
جـي ڪري بيمار تا ڏي پڻ شفا آو محترم

پر وري جبرئيل چو اي خاص درگاه - خدا   حق ٿو فرمائي جي تو کي منهنجو هوئي شوق - لقا
تا سڏايان تو کي پنهنجي قرب ۾ يا مصطفيٰ   جي خوشي تنهنجي هجي تو کي رکان جيرو سدا

يا انهي دم رنج سان تو کي شفا حاصل ڪريان
نيسين تئين جيرو رهين جيسين بيا رهندو جهان

تڏهن چيو جبرئيل کي ختم۔ رسل خيرالانام   آهي مونکي شوق حق جي قرب جو افزون مدام
آءٌ بقا پنهنجي ٿو چاهان منجهه لقائے حق مدام   زندگي مونکي نه گهرجي جنهنکي ناهي کو دوام

جڏ وٺي رخصت هليو حضرت کئون جبرئيل۔ امين
قابض۔ ارواح کي تڏ حڪم ڪيو جان آفرين

بهترين۔ خلق عالم جو امام۔ مرسلان   افضل۔ اولاد آدم خاتم۔ پيغمبران
جنهنجو ثاني ناهي ڪو در زير چرخ۔ آسمان   تنهنکي ٿيو شوق۔ ملاقات۔ خداوند۔ جهان

تون وڃي حاضر ٿي در تي پر نه ڪج هرگز شتاب
خادم۔ درگاه کان رخصت وٺي ٿج باريـاب

جڏ اجازت تو کي حاصل ٿئي ٿي داخل در سرا   با ادب روح۔ مطهر قبض ڪر پو موٽي آ
هنطرح سان جڏ ٿيو ملڪ الموت کي حڪم۔ خدا   تڏ ٿيو ملڪ الموت اعرابيءَ جيئن سر کئون تا بپا

۽ اچي دولتسرا جي در تي حضرت جي رسي
۽ ادب سان در تي باهر بـا ادب بيٺو اچي

ابتدا ۾ قابض۔ ارواح هن ڀر ڪيو ڪلام   السلام اي خير خاق الله عالم جا امام
توتي رحمت حق جي سؤ صلواة ۽ سهسين سلام   توتي برڪات ۽ تحيات آهن يا خير الانام

آئون سندء مشتاق آهيان اي رسول۔ ذوالجلال
مون کي اج ڏيکار تون پنهنجو جمال۔ بيمثال

تڏ چيو خيرالنسا ان شخص کي ڪه اي باڪمال   ناهي پيغمبر خدا جي کي ڪي اج تاب۔ مقال
اج وري وڃ شخص تون هي ناهي ڪي وقت۔ سوال   تڏ اچج جڏ ٿئي افاقو ۾ رسول۔ ذوالجلال

تڏ وري بيو گهرو ملڪ الموت رخصت ڪئي طلب
پر نه رخصت ني ڏني کي دختر۔ شاه۔ عرب

تڏهن ٽيون گهرو تشدد سان ڪيئين انپر ڪلام   مونکي رخصت جلدي ڏيو اي اهلبيت۔ ذوالڪرام
روبرو پهچڻو ڪي آهي مونکي از خيرالانام   اهڙي شدت سان چيئين جي لرزي ويا ديوار و بام

۽ پيو آواز ان جو ٻن بگوش۔ مصطفيٰ
تڏ پڇيئين خيرالنسا کان آهي ڪهڙي ماجرا

تڏ چيو زهرا نه در تي بيٺو هڪ مرد۔ عرب   يا نبي تو وٽ اچڻ جي تو ڪري هندم طلب
مون چيو انکي افاقو ٿيندو جڏ از فضل رب   تڏهن اچج هن حال ۾ تڪرار تنهنجو بي سبب

جڏ ٻڌو زهرا کئون هنپر تڏ چيو خيرالانام
قابض۔ ارواح آهي هن جو ملڪ الموت نام

ابتدا آدم کئون اڄ تئين بلڪ تا روز۔ جزا   ڪنهن کئون هن رخصت نہ ورتي لي اجازت مطلقا
جت قدم هنجو پيو ات ٿيو شيون و ماتم بپا   هنجو جت پئي پيرات سر منهن پٽيا سيد ڪتا

جي گهريئين رخصت سو تنهنجو بابا آهي احترام
هي ڪهين کئون ڪانہ رخصت گهرندو تايوم الانيام

هنکي ڪنهنتي رحم ناهي آيو ڪڏا اي منهنجي جان   مرد هوئي بازن هجي ڪودڪ هوئي يا پير و جوان
ها دم ۔ لذات هي آهـــي مقرر اصل کان   هنکي مانع ٿئي نہ ڪا ديوار ني سقف۔ مڪان

هن نہ ڪڏ ڪيو ڪنهنطرح سان ڪنهنجو ڪي پاس۔ ادب
هنکي ڪنهن کون ڪانہ ڪا گهرجي اجازت جي طلب

هي ڪري نوميد عالم جـــا سيئي اميد وار   هنکي ڪنهنجو خوف ناهي غير ذات۔ ڪردگار
هن رواڙيو آهـــي عالم کي هميشه زار زار   هنکي ڪي حائل نہ مانع ٿي ڪڏهن ڪي زينهار

چؤ تہ ملڪ الموت کي داخل ٿي از حڪم۔ قضا
مهڙي خالق جـــي مقرب کي منع نـــاهي روا

جڏ پـــڌو ان پر رسول الله کان خيرالنسا   تڏ ڪري فرياد چئين هئي هئي ابا هئي هئي ابا
يثرب و بطحا ٿيا بربـــاد اسين ٿياسون فنا   دـــا خدا فريـــاد شاهہ۔ انبيا وا حسرتـــا

جڏهن ڏٺي ان پر رسول الله پنهنجي نور عين
چيئين نہ رو اي فاطمه زهرا نہ ڪر هيئن شور شين

پنهنجي سيني سان ملايو فاطمه کي مصطفا   ۽ رنـــو سيني سان لائي حضرت۔ خيرالنسا
ابتہ رو حضرت رنـــو بيتاب ٿيـــو خيرالورا   پاڻيـــو حضرت فـــاطمه حضرت هليو دار البقا

تـــڏ چيـــو خير النسا بـــا حضرت۔ خير البشر
آئون گهڻو بيتاب آهيان بابا ڪا ڪر مونڏي نظر

پوءِ وري خيرالنسا ڪيو عرض ڪ اي والا جناب   تون اکين کي پٽ ۽ ڏس ڇا آهي مونکي اضطراب
هن دفعي حضرت ڏنو زهرا ڏي با چشم پر آب   چائين چو ٿي هنطرح سان ٿين تون بيطاقت ۽ تاب

ائين چئي زهرا کي پوءِ حضرت وري بيتاب ٿيو
بيءُ کي هن حالت ۾ ڏسندي فاطمه سر منهن پٽيو

هنطرح سان روئندي حضرت فاطمه زهرا ڏسي   حضرت۔ خيرالورا تڪيہ ڪري ويٺو اٿي
۽ هٿن پنهنجن سان اشڪ۔ چشم زهرا کي اگهي   چيئين نہ رواي منهنجي امان فاطمه زهرا وري

فاطمه تنهن جي روئڻ عالم روارهـــا زار زار
آسمانن تـــي ملڪ توکي ڏسي ٿـــيا اشڪبار

پوءِ وري حضرت چيو زهرا کي ڪاڃي خيرالنسا   هي جگر گوشہ سڏائي وٽ اي جان ـ مصطفيٰ
شبر و شبير آيـــا گريـو ۽ زاري ڪندا   منهن سان منهن شبر مليو سينہ سان شاه ـ ڪربلا

حضرت ـ زهرا مليو حضرت جي پيرن سان ٿي سر
شبر و شبير گريـــان فـاطمہ هئي بـــي خـبـــر

فاطمہ جي روج کئون تا عرش هو ماتم سرا   جن و انسان بـــر زمين غمگين ملائڪ برسما
عرش کئون تا فرش گريو هو ۽ زاريءَ جي صدا   سر چميو ٿي ڏيءَ جو منهن ڏهئن جو ختم الانبيا

امر ٿي فرمايو حضرت سڀ کي با صبر و رضا
چئين ٿي جيڪو حڪم حق جو جا رضائي ڪبريا

حضرت ـ زهرا ٿي حضرت کي چيو ڪاڃي حقجا رسول   تو کئون پوءِ بابا ڪندي دنيا ۾ ڇا هي دلملول
تو سوا ناهي ابا پنهنجو جيئڻ مونکي قبول   تو کئون پوءِ بابا اسان تي ٿيند و آفت جو نزول

تنهنجي دم سان آهـــي وابستہ اسانجو احترام
تو کون پوءِ ڇا ٿيند و اسانتي اي رسول ـ ذوالڪرام

حضرت ـ زهرا کي بس غمگين ڏسي خيرالوريٰ   ڪي سڏي چئين ڪن ۾ تنهنکوڻ شاد ٿي خيرالنسا
جڏ سبب انجو پڇئون فرمايو بنت ـ مصطفيٰ   مونکي فرمائين تہ غمگين ڪين ٿي زهرا ابا

تـــون سين ڪـــان پيشتر ايند ينءَ سوُئي دارالبقا
انجي ٻڌندي سان ٿي في الفور خوش خيرالنسا

مومنو جنهنطرح سان فرمـــايو هو خيرالبشر   اهلبيت ـ مصطفيٰ مان سڀ کان زهرا پيشتر
ڪئي قضا ٻيءَ سان مليءَ راست آئي هي خبر   ٽي مهينا ٻيءَ کئون پوءِ دنيا مان زهرا ڪيو سفر

ڪي چون شش ماه حضرت کئون پوءِ زهرا ڪئي وفات
پـــر صحيح ٽي ماه آهن بعد سرور ـ ڪائنات

ڪڏ شفيع المذنبين روئي حسن تي ڪئي نظر   ڪڏ شبيہ ـ ڪربلا ڏي تي ڏنو خيرالبشر
ڪڏ وصيت ٿي ڪيئين زهرا کي با سوز ـ جگر   ڪڏ ٿي چئين ڇا ٿيندو مونکوُن بعد اي نورالبصر

ٻر اوهان جي تو ڪريان پـارت بدرگاه ـ خدا
جنهن اوهانتي ڪيو ستم تنهن ڪيو ستم ٻر مصطفيٰ

پوءِ کهرايو پاڻ وٽ اصحاب کي خيرالبشر   چئين اوهانکي مون رسائيان حڪم حق جا سربسر
۽ اوهان کي هيئن سڻايو بارها مون پيشتر   اڄ وري امت کي حڪم ـ حق سان ڏيانئو هي خبر

آئون ٻہ گوهر ٿو ڇڏيان آن وٽ گرامي بي بها
اهلبيت ـ پـاڪ پنهنجا ٻيو ڪلام ـ ڪبريـا

جيسين تئين مونکي رسالي حوض کوثر وٽ خدا   هي ٻئي هر گز نہ ٿيندا ڪڏ نہ هڪ ٻئي کؤن جدا
جن کؤن هي بيزار ٿيا بيزار تن کان مصطفيٰ   جن کؤن هي ممنون تن کان پاڻ راضي ڪبريا
جن کان حق راضي رهي تن جو خوشا انجام ڪار
جنهن کان حق بيزار سو مردود آهي اهل- نار
پهرين ختم الانبيا کي چئين سلام- ڪردگار   تنهن کان پوء ٿيو قابض- ارواح اچي پڻ آشڪار
آهي قبض- روح ۾ هر طرح توکي اختيار   عرض ڪيئين حضرت کي هيئن فرمائي ٿو پروردگار
جي چوين موٽي وڃان ڪو عذر جو ناهي مقام
الطرح سان مونکي آهي حڪم ربہ ذوالڪرام
مستعد آهيان آئون بهر- وصل- رب العالمين   قابض- ارواح کي فرمايو ختم المرسلين
مونڏي ڪي پيغام اڄ آئيندو از جان آفرين   پر آئون آهيان منتظر تا حضرت- روح الامين
آيو ان دم جبرئيل از جانب- رب الجليل
تڏ چيو روح الامين کي زبدهٔ آل- خليل
ههڙي نازڪ وقت ۾ ڪيئن ٿئين وڃي مونکان جدا   يا اخي جبرئيل توکي هن طرح ناهي روا
تنهنجي خدمت لئي مقرر مونکي ڪيو هو ڪبريا   تڏ چيو جبرئيل اي سردار خيل- انبيا
جنت- فردوس اعليٰ جي ٿي تزئين ڪيم تمام
باه دوزخ جي ٿي ڪيم خاموش يا خيرالانام
جنهن ۾ فوت روح کي ٿي آءُ ٿيان خوشنود نر   تڏ چيو حضرت ٻي مونکي ڏي تون ڪا اهڙي خبر
انبيا تنهنجي قدوم- پاڪ جا سڀ منتظر   عرض ڪيو جبرئيل تڏ ڪہ اي سيد- جن و بشر
آسمانن تي ملائڪ مستعد ٿيا صف بصف
۾ طبق پر نور سان هديہ جا سيني کي بڪف
عرض ڪيو جبرئيل يا ختم الرسل خير الورا   تڏ چيو حضرت تون هنڪان وڌ ڪو مژده چؤ ادا
تڏ چيو حضرت تہ چؤ محشر ۾ ٿيندو حال ڇا   جيڪي حق وٽ سو سڀئي توکي عنايت ڪيو خدا
عرض ڪيو جبرئيل عالم جا بحق اي رهنما
توکي ڪيو مختار عالم جي شفاعت جو خدا
سڀکان تون حاصل ڪندين پهرين لقائے ڪردگار   يا رسول الله تون اٿندين جڏ ز مرقد نور بار
تڏ چيو حضرت تہ هنڪان وڌ ڪو ٻيو مژده بيار   تو کؤن پوء ٻيا انبيا اٿندا سڀئي صاحب مدار
عرض ڪيو روح الامين حضرت کي با عجز و نياز
تنهنجو مقصد ڪهڙو آهي اي رسول- سرفراز

تڏهن فرمايو رسول - حق شفيع المذنبين آهي امت جي مآل - ڪار لئي خاطر حزين
تڏ چيئين اي مقتدائي اولين و آخرين جيڪي تون چوندين مجيندو سڀڪي رب العالمين
ايترا عصيان - امت توکي بخشيندو خدا
جنهن ۾ تون چوندين ته بس بس آهيان راضي بارضا

چو جڏهن جبرئيل کي حضرت ته اي نيڪو نهاد بخشش - امت جو انديشو هو خاطر تي زياد
هاڻي خاطر جمع ٿي منهنجي ۽ دل تي منهنجي شاد امت - عاصي جي حق ۾ هو ايهو مقصد مراد
قابض - ارواح کي پوءِ چيو رسول - ڪبريا
جيڪو حق جو حڪم ٿيو سو آڻ تون سڀڪو بجا

قابض - ارواح قبض - روح ۾ ڪيو اشتغال تڏ چو ملڪ الموت کي اندم رسول - ذوالجلال
سڀ ڪنهين جو حال اهڙو ٿيندو وقت - انتقال آن چيو تو ساڻ سختي جي مونکي ناهي مجال
تڏ چو ملڪ الموت کي آن دم شفيع المذنبين
جيڪا سختي منهنجي امت تي هئي ڪر مونتي يقين

جڏ رسول الله جو حق ساڻ ٿيو وقت - وصال هٿ کڻي ڪيئين عرض منجهه درگاه رب - لايزال
بخشش - امت جي مونکي آرزو آهي ڪمال عفو ڪر عصيان امت جا اي رب - ذوالجلال
مومنو ڇا لطف ڇا احسان هو روحي فدا
ههڙي حالت ۾ امانکي ياد ڪيو ٿي مصطفيٰ

مومنو هيو ڇا چوان سر تي وجهو خاڪ - عزا جان جانان کي ڏئي دنيا ڇڏي خير الورا
عرش ڪئون تا فرش هو اندوهه ماتم ۽ بڪا مومنو هي دل تي رهندو داغ تا روز - جزا
مصطفيٰ جي موت ڪئي امت سڄي جي دل دو نيم
مصطفيٰ جي موت امت کي ڪيو هئي يتيم

ٿي غم - شاه - رسل جي ڪئون مدني ۾ قيام هو دو - دولت ڪان محشر تا در - بيت الحرام
اهلبيت - مصطفيٰ ۾ جڻ قيامت ڪيو قيام روج پيو گهر گهر ۾ ماتم عام هو منجهه خاص و عام
خواجه عالم جي غم گردون - گردان سرنگون
عرش و ڪرسي زلزله ماتم پيو منجهه ڪاف و نون

اهڙو ڏينهن پيو ڪونه ٿيندو خلق ۾ اي مومنان اهڙو ماتم پيو نڪو ٿيندو ڪڏهن اي دوستان
حادثو اهڙو نه حادث ٿيندو منجهه ڪون و مڪان واقعو اهڙو نه واقع ٿيندو منجهه اهل - جهان
مومنو جي ڪي هجي دنيا جي دولت کي بقا
ڪين دنيا کي ڇڏي ها پاڻ ختم الانبيا

جنهنجي لئي دنيا ۽ ما فيها ڪئي حق تعاليٰ بنا
تنهنسان يارو جڏ نه ڪئي ڪنهنطرح سان دنيا وفا

پوءِ پلاند ڪيئن ڪندي ڪنهن ٻئي سان ڪا دنيا بقا
تڏ ڇڏيو دنيا جي حب کي گهرجي حب ڪبريا

جي ڇڏي دنيا نه ائين دنيا کي سڀ ويندو ڇڏي
جي نه اسين دنيا ڇڏيون دنيا ڇڏي ٿيندي پري

مومنان دنيا تي گهر جي ڪونه هرگز اعتبار
دولت دنيا فنا جنهن کي نڪو آهي قرار

ڪڏ نه ڪنهنسان ڪيئين وفا هي بيوفا ناپائدار
ٿي تسلي هن تي آهي ۽ نڪو آهي مدار

سيڪنهين سان ٿي ڪري دنيا وفا بدروُن جفا
سيڪي پيو دنيا ۾ آهي پر فقط ناهي وفا

پهرين دنيا ياد حق کان سيڪي غافل ٿي ڪري
مائٽ مٽ يار آشنا ٻيءِ پٽ ڪري پاڻئون پري

سي وساري جنهنکان هڪ ساعت نٿي ڪنهنجي سري
جنهنکي هي حب ٿي وڏي سو ڪيئن نه کاري ۾ ڪري

پاڻ جهڙي وٽ پڌائي هٿ ڪري خوار و خراب
پاڻ جهڙي وٽ ڪري سائل وڃائي منهن جو آب

اسين انهي ۾ خوش ته رهنداسون هميشه باخوشي
جيڪي گڏ ڪيو عمر پر ساپل جي قيمت پئي نه هئي

ڪڙو پل مهلت نه ٿي جي عمر پر جي ڏي ڪٿي
۽ اجل جڏ آيو تڏ سڀ آرزو برباد ٿي

ڪوڙ سيڪاري سڄن کي آئي منجهه دام فريب
آهي دنيا ۾ بدي ساري پري سوءِ مڪر و ريب

انبيا ۽ اوليا دنيا کئون ڪئي نفرت مدام
ڪو ڪڏهن دنياهان ويو خورسند ٿي يا شاد ڪام

اهي هي ويران سرا هرگز ڪي راحت جو مقام
تڏ نه ڪا دل بستگي هنسان نه گهرجي والسلام

اهڙي شي کان تڏ پري پچ عاقبت جو خوف ڪر
ڇڏ تڏهن دنيا جي حب عقبيٰ کي رک مد نظر

ٿيو اٺاويهين صفر شاه رسل جو انتقال
ڏينهن سومر سنہ ڏهين هجرت ۾ ٿيو حق سان وصال

عمر جو شاه رسل آن حال ۾ شصت و سہ سال
۽ ربيع اول جي سترهين ٿيو تولد بيمثال

۽ ولادت سال عام الفيل روز جمع بود
اهل عالم راز حق چون ابن سعادت رخ نمود

السلام اي سيد اولاد آدم السلام
السلام اي سرگروه اهل عالم السلام

السلام اي سڀ نبيين جا تون خاتم السلام
السلام اي ماسواالله کئون تون اقدم السلام

تو تي صلواة و سلام ۽ نت تحيات و درود
ورد منهنجو روز و شب اي رحمت رب الودود

بس حسن اکثي بيان جي ناهہ طاقت تي خـوش
ماتمہ - خيرالورا ۾ ناهي ڪنهنکي پنهنجو هوش

مومن جي گريہ ۽ زاري جو ڏس جوش و خروش
مرثيو آخر ٿيو رقت جو زيادہ آهي جوش

حشر ۾ هـي مرثيو ٿيندو شفاعت جـــي سند
تنهنجي عصيان جي حد حق جي ڪرم جي ناهي حد

مرثيہ

جناب حضرت اميرالمومنين علي عليہ السلام

صدق مان صلواة چؤ بـر ذات - ختم الانبيا
آن ثؤن صلواة و ثنا بر ذات - شاہ - اوليا

آهي جو شير - خدا سر - خدا دست - خدا
مرتضيٰ ناهي خدا ناهي خدا کثون ٻن جدا

مرتضيٰ جي چئي ثنا ملڪوت ۾ ملاء العليٰ
مرتضيٰ جي مدح چئي حق يا چئي خيرالوريٰ

آهہ سر تاج - سخن مـدح شہ - خيبر ڪشا
جـادہء فردوس آهـي نعت شاہ - اوليا

شمع - راہ - رستگاري وصف شير - ڪبريا
آهـي مفتاح در - فردوس مدح - مرتضيٰ

آهي ڪافي مغفرت لئي مدح شاہ - قل ڪفيٰ
ڪر ثنائي مرتضيٰ جـي آهين تون اهل - ولا

عقل و فهم و هوش حيران آهي تا چوندس آءٌ ڇا
مبتذل تشبيه تي تئي جي چوان شمس الضحيٰ

چوندا سب مولکي نصيري جي چوان آهي خدا
ہر خدا جو سنهہ علي ناهي ڪڏہ حق کثون جدا

وصف - ذات - پاڪ مولا نـاهي امڪان - بشر
ڇا چئي سگهندو سوجهنکي پنهنجي ناهي ڪا خبر

روحي ۽ جسمي فدايت لافنايت شد لقب
يـا علي قلبي لديڪ اي هاشمي والا نسب

تون قسيم - نار والجنت تون بحر - فيض - رب
تون يد - قدرت خدا جو اي شهنشاہ - عرب

آهي ڪو اسرار جو توکثون نهان ٿيو در جهان
ڪنهن سڃاتو ڪين توکي غير ختم المرسلان

عالم - ملڪوت جو تون آهين ناظر يا علي
حضرت - جبرئيل تنهنجي در جو خادم يا علي

آهـي ميڪائيل در تنهنجي ملازم يا علي
دائـمـا الـدر جنابـت سجدہ لازم ياعلي

تنهنجي در ياني شرف جو ناهي پيدا ڪو ڪنار
قدرتون توکـي سيئي آهن نہ ناهين ڪردگار

جڏ وٺان ٿو نام تنهنجو يا شهنشاهه- عرب   لب چٽن ٿا نڏ زبان کي ۽ زبان الوقت لب
صدمهء- رنج و غـم و آلام ايـذا ۽ تعب   دفعتاً ٿا دفع ٿين في الفور سي آزار سڀ
جي چوان دل ۾ خفي آليان زبان تي ٿو جلي
سو هزار عقده ٿين حل جي چوان ٿو يا علي

ٿيو سميءِ کبريا جو نام دردن جي دوا   سڀ کنهين جو ورد ايهو آهي هر صبح و مسا
فيض- عام عالم ۾ جاري آهي هن در کٿون سدا   آهي سوشيرين سخن جنهن ورد هي کيوداٿما
ذائقو ٿو سو اچي جنهن ٿؤن ٿو آءٌ صدقو ٿيان
سڀ اچن ٿيون لذتون جڏ اسم اچي هي بر زبان

هي دوائي غم مرض جي هي شفا ڏک جو علاج   قلب جي تسکين قوت روح- تفريح مزاج
خلق ۾ ٿيو هن دوائي با اثر جو سو علاج   ني مسيحا جو نه اطباع جو رهيو کو احتياج
آهي پيري جي عصا بيشڪ ته ٿيو زور- جوان
اسلحه هي آهي هي هيکل هي آهي حرز- جان

چشم حور العين ۾ عين- علي کٿون آهي نور   آهي هي علم و عطا عدل و عنايت جو ظهور
جاء آنجي لام جي اسلام جي دل ۾ ضرور   هن کٿون دل کي ٿيو يقين هود ست- قدرت آن حضور
آهي قرآن کٿون عيان خالق جو هي نطق- زبان
ٿيو دو نقطه کٿون عيان ياسين جي هي آهي جان

اصل کٿون هي اسم سامي آهي بيمثل و عديل   نڏ معين کٿي هي زينت عرش جي رب الجليل
حضرت- يوشع جو حرز ۽ ذوالکفل جو هو کفيل   زيب- کرسي زينت- بازوئي حضرت جبرئيل
آهيان آئون قربان نـام- نـاميءِ شاه- انام
هفت طبقات- فلک زير- نگين- هکڙي نام

جو نبي جي في المثل اشجار- عالم ٿين قلم   سبعته ابحر جي سياهي ٿي سڀئي گڏجن بهم
جن و انسان و ملک گڏجي کتابت کن رقم   برگ- اشجار جهان کاغذ پون ٿي يڪقلم
آب دريـا جـي سياهي ۽ کواغذ ٿئـي تمام
وصف- ذات- مرتضيٰ رهجي وڃي پر نا تمام

بيگمان باعث قبول- توبه- آدم عليست   گرچ ظاهر ۾ ٿيو آخر سڀ کٿون پر اقدم عليست
فيض حق جو زيب- کرسي زينت- عالم عليست   جنهنجي تو کي نت تلاش آهي سو اسم اعظم عليست
ظاهر ۽ باطـن ۾ ٿيو آنجو اثـر بـي انتها
جڏ پوني مشکل چئي ڏس يا علي مشکلڪشا

جڏ زبان تي ٿو اچي ٿئي ذائقو ڏاڍو عجيب گرچ دور آهين مگر تين ٿو خدا کي بس قريب
آهي هر ڪنهن جي دوا ايها اهو آهي طبيب جنهن ڪيو پنهنجو ورد اُمت مؤن خوشا الجا صيب
مسجدن جي رونق ۽ محراب ۽ منبر جو شان
آهي هي زينت اسان جي ۽ اقامت جي هي جان
تا لکن هڪ شب رسالت جي فلڪ جو آفتاب هڪڙي بي بي جي هو گهر رونق فزائي رخت خواب
هٿا حفاظت کاڻ خدمت ۾ ملائڪ باره اب لغد کؤن اُٿندي ساڻ ٿيو بي بي کي ڏاڍو اضطراب
فرش تي ساڪن نه هو ات زينت ـ عرش ـ خدا
۽ نه هو برج ـ شرف ۾ جلوهٔ شمس الضحيٰ
تڏ وڃي بي بي رسول الله کي کوليو جا بجا پر ڏٺائين سرور ـ عالم کي بر سقف ـ سرا
هو سر ـ اقدس اگهاڙو دوش ڪئون پاسي ردا هٿ کڻي حضرت ٿي ڪئي درگاه داور ۾ دعا
درد دلجو ٿي چيئين خالق کي پنهنجي سوز سان
متصل ڳوڙها ٿي ٿيا چشمان ـ اقدس مان روان
الطرح حضرت ٿي چو منجهه درگهه ـ رب الڪريم سيڪو حادث آهي الا ذات ٿي تنهنجي قديم
تو کي ٿو سوگند تنهنجو ڏيان جو ڪوثر جو قسيم تون قدم امت جا منهنجي رکج پل تي مستقيم
آفتاب ـ حشر جنهندم ايندو بر اوج ـ جلال
واسطي حيدر جي ڪج تون رحم تنتي ڪل حال
تڏ چيو بي بي نه اي مقصود رب ـ دوسرا بيو به ڪو حق جو مقرب آهي غير از مرتضيٰ
واسطو پنهنجو ٿو ڏين با لبي سو وجهه چا ۽ نه ڪنهن مرسل جو ڏين ٿو واسطو لي انبيا
سڀ کان واڌو نام حيدر جو خدا کي ٿيو پسند
انبيائن کئون بسـ چا ان جو شرف آهي بلند
تڏ چيو حضرت نـ تنهنجو کهڙو آهي اعتقاد هان علي جو قرب حق وٽ مرسلن کئون ٿيو زياد
جي علي جو واسطو حق کي نه ڏيندا ڪڏ عباد درگهه داور مؤن حاصل ٿي نه پوءِ ڪنهنجي مراد
آهي همنام ـ خدا تڏ لـانءِ ڪيئن الجو ونان
پيو علي کؤن ڪير وڏ تا نانءُ آ؟ جنهنجو ونان
آدم و موسيٰ وُ عيسيٰ خضر ايوب و خليل لوح ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يوسف جميل
دالـيال ايـوب يحيٰ ۽ سليمان بيعديل حور غلمان حاملان ـ عرش رضوان جبرئيل
آهي تـيـو مقبول خالق وٽ ولي جو واسطو
تڏ سڀني هي ڏين تا حق کي علي جو واسطو

۽ چيو عمار ياسر کي رسول۔ ڪردگار مونکؤن پوء عالم ۾ ڏاڍ و عذر تند و اشڪار
منهنجي امت جي ڪري راه۔ ضلالت اختيار ۽ چڏيندا هٿ مؤن هي حبل المتين۔ استوار
ڪين سا تون ره وڃج جهن سمت او لشڪر وڃي
تون وڃج سا راه جيڏي حيدر۔ صفدر وڃي

هي سفينه قد نجي امت جو منهنجي آهي نوح علم جي هي شهر جو در آهي هي باب۔ فتوح
ڏس ڪلام الله ۾ هنجي فضائل جو وضوح آهي هي جان۔ تن۔ ايمان ۽ قرآن جو روح
علم منهنجو جيڪي هو سو هنجي سيني ۾ رسيو
سو بشر ناجي ٿيو جو هنجي سفيني ۾ چڙهيو

ان طرح سان آهي منهنجي ڪاڻ هي ايڪو سير جنهن طرح سان تي ٿو هرڪنهن آدمي جي تن تي سر
جڏ جدا سر تن کئون ٿي بيڪار تڏ آهي بشر آهي هي راس الرؤس۔ خلق۔ علم سر بسر
زور۔ بازو منهنجو آهي ۽ يد۔ قدرت خدا
حق علي سان آهي ۽ آهي علي حق سان سدا

مونکي معراج۔ سما کئون حق ڪيو جڏ بهرور ابن۔ عم منهنجو هي هو آن روز ساڪن پنهنجي گهر
ليڪ ان جو نور هر هر حال ۾ هو جلوه گر جڻ هي منهنجو ابن۔ عم مونکئون به پهتو پيشتر
وصل هو باطن ۾ گرچ هو بظاهر ۾ ٿيو دور
آئون فلڪ تي هوس حيدر جڻ هو خالق جي حضور

در همه پست و بلند و بحر و بر انجم سحاب آسمان و نور ظلمت آفتاب و ماهتاب
عرش و ڪرسي موقف و لوح و قلم حجب و حجاب ڪوثر و خلد و ارم طوبيٰ ۽ يا جنت جا باب
ڪوئه هنڌ خالي نه هيو هنجي نور کان هو سر بسر
جيڏي تي مون ڪئي نظر نور۔ علي آيو نظر

جي ڪنهين ملڪن مان جي ڪيو تي اچي مونکي سلام تنهن علي جو ٿي پڇيو مونکئون ۾ آداب۔ تمام
مون چيو چالو او هين تا مرتضيٰ مولا جو نام تڏ چيو ملڪن تي او آهي اسان سڀ جو امام
تو ڪي تا چائون نبي ۽ انکي تا چائون وصي
اسين سڀ ٿون تا نه استاد آهي ملڪن جو علي

پرده۔ قدرت وٽ آيو جڏ رسول۔ منتخب دل طپان دهشت کئون ٿي لرزان ٿيو جسم پاڪ سڀ
گردن۔ اطهر برير افگنده بيٺو با ادب با تن۔ تنها هو هيڏي هوڏي ذات۔ پاڪ رب
حق جي در منظور جا هئي خاطر۔ ختمي ماب
پرده۔ قدرت مؤن تي آئي صدائي بوتراب

عرش جي پهلو ۾ هيٺ آيو نظر اُت ناگهان   هڪڙي تخت - نور تي ويٺو هو هڪڙو نوجوان
تڏ چيو روح القدس اي خواجهٔ هردو جهان   ڪر سلام اُنکي تون اي مقصودِ امرِ ڪن فڪان
جان ڏنم تا ڪونه هو ٻيو جز شهِ گردون سرير
صاف مونکي پيو نظر اُن هنڌ علي اعليٰ امير
تڏ چيو روح القدس کي حضرت - خير الوريٰ   مونکئون اڳهين ڪيئن هتي آيو علي المرتضيٰ
تڏ چيو روح الامين اي افتخار - انبيا   ٿيا ملائڪ طالب - ديدار - شاه - اوليا
عرض ٿيو ملڪن جو درتي حق تعاليٰ جي قبول
هي ملڪ تڏ ٿيو مصور صورت - زوج - بتول
مجمع - اصحاب ۾ فرمايو انبر مصطفيٰ   حشر ۾ ڪي شخص حاضر ٿيندا با نور و ضيا
مرتبو جنهن کي نبين جو ڪندو خالق عطا   ويهندا اُن هنڌ ۾ جت شهدائي دين جي آهي جا
سا گروه - با صفا تي اصل کئون آهي سعيد
ڀر نه سي هوندا پيمبر ۽ نه ڪي هوندا شهيد
لعل گوهر سان مڪلل هوندي اُنجي تاج - فرق   ٿيندو مقصور جن آهي نور جي دريا ۾ غرق
نور جو لمعان رسندن غرب کئون تا حد - شرق   پار تي ويندا لنگهي پل تؤن بسان - تند برق
ملندا تن کي جام ڪوثر جا پريل جام - طهور
هوندي اُنجي جسم تي سڀ سر بسر پوشاڪ - نور
عرض ڪيو مرسل کي تڏ اصحاب باصدق و صفا   اُنجي شامل اسين به هونداسون اي شاه - انبيا
تڏ کئي سوگند حضرت چو نه لا والله لا   جو مقام آهي اُهن جو اُت اوهانجي ناهي جا
هوندا آو اشخاص جمله بيمثل و بيعديل
عرش جي سايه ۾ گهر ڏيندن خداوند - جليل
تڏ وري چئون ڪبر سي هوندا اي شاه - ڪائنات   چور کي حيدر جي سر تي هٿ رسول - پاڪ ذات
دين جو هي رڪن آهي آهي منهاج - نجات   آهي هي باعث نجات ۽ آهي هي لذت حيات
جنهنجو هت مذڪور ڪيو مون انطرح سان منجلي
حق گواه آهي تـــــه سي هوندا محبان - علي
مرتضيٰ هو معدن - فيض و عطا جود و سخا   مرتضيٰ ۾ ذات حق جي جو هو سڀ نور و ضيا
مرتضيٰ هـــو نقطهٔ - پرڪار - تمجيد و علا   مرتضيٰ هو بنده - حق واصل - ذات - خدا
مرتضيٰ اعليٰ عجم کئون ۽ عرب کئون هو بزرگ
پر چوان ٿو آءٌ ته مولا منهنجو سڀ کئون هو بزرگ

مشتهر آهي سخائي سرور - گردون سرير ان طرح بخشئين عطا جي تي غني ويا ني فقير
بيکس جو کس غريبن جو وڏو هو دستگير فيض کان محروم رهجي ويو نه محتاج و امير
رات و ڏينهن اوقات فقرا جي رعايت ۾ بسر
جي ڏنئين هن هٿ سان هن هٿ کي نئي پئي کا خبر

ناهي بحر - معجزات - مرتضي جي کي کنار آهي هر شي تي سندس ذات - خدا جئن اختيار
آسمان کيو سرنگون آهي سندس سو اقتدار معجزا ذهن هي آهي قدرت - پروردگار
سو ورهيه جي راه تي طي کيائين هڪڙي آن ۾
کيئن بچائين ٻڏندو ٻيڙو نوح جو طوفان ۾

هيئن لکن تا چين جي هو ملڪ جو هڪ بادشاه نيڪ مرد و نيڪ سيرت مملکت جي هو پناه
قبضه - قدرت ۾ بيحد و حصر آن جي سپاه درجو هو دربان اجلاؤ حشم اقبال و جاه
عـــادل و فياض کشور بخش هـو گيتي ستان
هڪڙو پنهنجي عهد جو گويا نه هو نوشيروان

آنکي حق کئون ٿيو عطا نيڪو سير هڪڙو پسر هو وڏو گردون وقار ۽ غيرت - قرص - قمر
جان مادر جي هو پنهنجي تقويت روح - پدر روح جو آرام لخت - دل هو ۽ لخت - جگر
آنجي تي ديدار کئون دل پيءُ جي ٿي ٿي باغ بلغ
نور چشمان - پدر مادر جي گهر جو هو چراغ

هر بشر کي چين ۾ آن مه لقا سان عشق هو ليکن آنجو دختر - شاه - خطا سان عشق هو
شهر ۽ آفت جو آن ليلي ادا سان عشق هو ٿيو تي مجنون انطرح آن دلربا سان عشق هو
پيءُ کي مشکل ٿي دوائي حدت - سودائي شوق
کو نه وقفو هو وجهي آهن جا جي زنجير و طوق

صبر و آرام و سکون و طاقت و تاب و قرار صبر و داع ٿيا آن گل - نوخيز کئون ٿيا ٻڪ ڪنار
نذ خطا جي ٿيو سفر تي مستعد با حال - زار رخ کيئين آن سمت ڏي جا دلربا جي هئي ديار
ناگهان پيءُ جي رواڻي تي ٻڌئين محکم کمر
کيتريون کشتيون کيئين تيار از بهر - سفر

پيءُ کي جڏهن معلوم ٿيو سڀ حال - هجرت نوجوان اشڪ حسرت جا نڌو ٿيا آنجي چشمن مون روان
ماءُ جو سو حال ٿيو جنهن کان ٿو گهر جي الامان پر نڪو کنهن جو هليو وس رهجي ويا با صد فغان
روح تي تن کئون بدر ٿيو پٽ نه ويو تي در سفر
پيءُ ۽ ماءُ ويا تا لب - دريا به همراه - پسر

بيءَ کي پوءِ کورنش کري کشتيءَ ۾ داخل ٿيو پسر   ۽ اچي ويٺا مصاحب خاص گرد - هم دگر
پنج کشتيون هيون انبي آماده بهر - سفر   جڏ کنيون لنگر کري پيو خاڪ تي انجو پدر

منهن ٿيو ڪوڙهن ساڻ تر دل زندگي کؤن سير شد
پيش چشمش جمله عالم هم تاريڪ بد

روئند و ڪهر موٽي وري آيو هتي سلطان - چين   رهگيرا سوئي خطا شد شاهزاده مه جبين
آب - دريا هو غضب تي آيون موجون سهمگين   دل ۽ جيرو آب ٿيا جنجي ڏسڻ سان باليقين

پيچ و تاب اهڙو هو اندر آب آن دريائي شور
مرغ آبي چرخ ۾ آيا ٿي سو هو انجو زور

قطع ٿي کئي ڏينهن اندر بيم ۽ اميد راه   آخرش طوفان شدت جي ۾ کشتيون ٿيون تباه
غرق ٿيو دريائي چين ۾ شاه - چين جو رشڪ ماه   ۽ به همراهن مان انجي ڪو رهيو جيئرو نه آه

هر ڪنهين جو منهن لڳي ويو لطمه موج - فنا
تختو تختو پنجن ڪشتين کي ڪيو ضرب - قضا

پٽ جي ڪا ٻارهن مهينن تئين نه پئي بيءَ کي خبر   غرق ٿيو بحر - الم ۾ انجو تڏ بيڪس پدر
ڏکر کؤن تن ڪاهيده ٿيو ۽ بار - غم خم کئي کمر   چؤ طرف کؤن پيا وري بي نيل مقصد نامه بر

ني گهڻو ڳولهين پر واقف ٿيا نه انجي حال کان
آخرش نوميد ٿي ويو شاه پنهنجي لال کان

سب تا جاٿو هي غم - جانڪاه آهي ڪهڙو سخت   درد کؤن فرقت جي دل ٿي شاه - چين جي لخت لخت
خلعت - شاهانه لاهي ۽ ڍڪيئين ماتم جا رخت   پٽ جي غم ۾ وسري ويوان بادشه کي تاج و تخت

ڪونه مطلب فوج سان هو ني ڪا لشڪر ساڻ ڪار
رات و ڏينهن ڪيو گريه و زاري هٿي زار و نزار

هڪ وزير انجو هو ڏاڍو معتمد با اعتبار   هڪڙي ڏينهن چيئين شاه کي اي ملڪ - چين جا شهريار
مون ٻڌو ڪي ۾ آهي هڪڙو حق جو راز دار   جنهنجي لئي پڻ عرش کؤن نازل خدا ڪئي ذوالفقار

آهي او معجز نما ٿيو خسرو بر نا ؤ پير
آهي او حلال - مشڪل بهر - هر خورد و ڪبير

حق تعاليٰ انکي ڪيو ساري جهان جو باد شاه   اُنجي تابع امر جا ماهي کئون آهن تا به ماه
تو کري لمحه ۾ مرده زنده او بي اشتباه   هٿ ۾ انجي زندگي ۽ موت ٿي بخشيا الله

پيشوائي اهل - عالم آهي عالم جو امام
سو سمي کبريا اعليٰ علي ٿيو ان جو نام

هير ڪوُن سلمان بچايئين جنهن ڪان واقف سڀ جهان نوح جي طوفان ۾ ڪشتي بچايئين در زمان
نار نمرودي کي ڪيئين گلشن خليل الله لئان ۽ ملايو پٽ سان ان يعقوب کي هو بيگمان

حق ڪيو عالم ۾ انکي خلق جو مشڪلڪشا
ان سبب انکي نصيري تـا چون پنهنجو خدا

جي مشرف انجي خدمت ۾ وڃي ٿيندؤ حضور شاه کي اور بصر سان سو ملائيندو ضرور
شاه کي ڏٺدي سان حاصل ٿيو نهايت جو سرور مرتضيٰ جو نام ڏٺدي سان اکين ۾ آيو نور

جوش ۾ رت آيو الفت کان محبت دل ۾ هئي
جان تـازه قلب بيجان ۾ جن پـئـي اچي

شاه چين ٿيو جلد عازم جانب بطحيٰ دوار ساز و سامان سفر جلدي سان ٿيو بر روئي ڪار
زر خزاني مؤن بدر ٿي بي حساب و بيشمار پيش خيمه نڪتا لشڪر صف بصف بينا تيار

رات ساري گرد قلعه جـي ڪيو مجمع سپاه
منتظر هئا تـا برآمد چين جـو ٿي بادشاه

پيش خيمه ٿيا جڏهن آماده با صد ڪر و فر ٿـيا سڀئي اعيان دولت مستعد بهر سفر
فوج جي ڪثرت کئون پنهان ٿي وياٿي دشت و در آمي يڪسان معن کي جي حضر هئي يا سفر

شاه چين هسوار شد رخ ڪياه پنهنجو سمت راه
جت رسيو ان هڏ هنيئين خيما بپا ڪيئين بارگاه

راحله وافر هـو بي انداز بوده جمله شي ڏمن ڏينهن جي تي ٿي هڪ روز ۾ آو راه طي
انکي ٿيو آسان هلڻ شام حلب تا روم وري بود اقبال و حشم همراه آن فرخنده پئي

اشتياق انکي هو منڪي جي رسڻ جـو بي قياس
تا وڃي حاضر ٿي در خدمت امام جن و ناس

چند روزن ۾ جڏهن پهتو وڃي منزل تي شاه تا پچئين سرور عالم جي دروازه جي راه
جڏ نظر ۾ انکي آئي مصطفيٰ جـي بارگاه پياده پا ڊوڪي هليو بر درگهه عرش اشتباه

ٿيو ورا بيت الشرف شاه رسل جـي شان تي
سر رکيئين پنهنجو گدا جيئن جن در سلطان تي

جڏ وڃي پيڪ نظر پيو شاه جو بر بام و در بـادشه کي پيو نظر نـور الاهي سر بسر
ٿي تڏهن حيرت سان ڪيئين ان آستاني ڏي نظر انکي سڀ نقش و نگار چمن و سري ويا مگر

صنعت صانع ڏسي حيران ٿيـو آو با ڪمال
نقش ماني جو اهي ويو لوح خاطر نمون خيال

اذن قبر کئون کري حاصل وجي ٿيو بار ياب　　تڏ ڏٺئين برج۔ شرف ۾ آفتاب و ماهتاب
روئي اقدس جي ڏسڻ جو انکي هرگزهو نہ تاب　　انجمن تارن جي هئي يا مجلس۔ ختمي مآب

هو شرف مسند کي بخشيو خسرو گردون سرير
تڏ سڃاڻئين هوَ شهنشاه آهي هوَ آهي وزير

تڏ زمين کي بوسا ڏئي بيٺو بہ آداب ۔ تمام　　پوءِ ادب سان نوڙي ڪيئين سردار عالم کي سلام
تڏ جواب انجو ڏنو شاه۔ رسل ۽ ڪيئين ڪلام　　تنهنجو ڪم مون سان آهي يا علي سان ٿيو مرام

آهي عالم ۾ تہ درد۔ لا دوا جي هي دوا
توکي جي مشڪل هجي هي آهي سو مشڪلڪشا

تڏ چيو مولائي جملہ مومنين ڪامل صفات　　آهي بحر۔ فيض عالم ۾ رسول الله جي ذات
علت۔ ايجاد۔ آدم آهي سرور ڪائنات　　رات ڪي جي ڏينهن ڪري ۽ ڏينهن کي هي ڪاري رات

بعد حق جي آهي جي اعلي تہ هي ختمي مآب
هڪڙو ذرو آهيان آءٌ آو آهي روشن آفتاب

سر رکيو قدمن تي مرسل جي تڏهان تاجدار　　عرض ڪيئين هي عبد خادم آهي نالان بيقرار
مرثيو آهي وڏو بندي جو سارو حال زار　　پٽ جي فرقت ڪيو هئي مونکي گهڻو زار ونزار

ان طرح سان آهي عالم منهنجي نظرن ۾ سياه
جنهن طرح يعقوب نالان هو جڏهن يوسف بہ چاه

غرق ٿيو دريائي چين ۾ آهي منهنجو خوش نهاد　　مون گهڻو گهوليو مگر آيو نہ هٿ در ۔ مراد
پٽ جدا جڏهن ٿيو کون تيهوءِ پيءُ جي دل ڪيئن ٿيندي شاد　　هٿ ونکي آندو وٺي حضرت وٽ حسن۔ اعتقاد

پٽ جي فرقت جو مونکي آهي رسيو پيري ۾ داغ
يا رسول الله منهنجو شهر آهي بيچراغ

آهيان آءٌ هرچند پنهنجي مملڪت جو بادشاه　　پر تہ آءٌ آهيان غلام ۔ قبلہ ۔ عالم پناه
آءٌ وڏو گمراه هوس پر آيو آهيان روبراه　　منهنجو ٻيڙو غرق ٿيو ۽ ٿي سندم ڪشتي تباه

تنهنجي دروازي تي آيو آهيان اي مولا زدور
لهندس آءٌ پنهنجن مرادن کي بہ اقبال ۔ حضور

گذري ماتم ۾ ويا خادم کي آهن چند سال　　مونکان وڃ ماءُ انجي آهي تي نهايت خستہ حال
عرض منهنجو آهي اي محبوب ۔ رب ذوالجلال　　انکي ٻانهي جان تون پٽ ان ملاءِ اي خوش خصال

يا رسول الله خدا جو آهين تون مختار ڪار
پٽ جيئاري منهنجو ڪر تون پنهنجي ڏهئن ٿوُن نثار

دردِ دل جڏهن عرض ڪيو ڪيئين جانگداز ڪلام   رحم آيو سرور عالم کي تڏهن ان تي تمام
امر ڪيئين حيدر کي تڏهن اي بادشاهه خاص و عام   مشڪلن ۽ رنج ۾ عالم جي تنهنجي هٿ زمام
خلق جو تون ٿيو مسيح آهين سا جلدي ڪر مدد
هنجو پٽ هن سان ملي تنهن ۾ وجهي ڪر جدوڪد
پڌندي سان هسوار دلدل جو ٿيو شاهه ذوالفقار   شاهه چين پيادو جاءِ ۾ ٿيو روان با افتخار
انکي فرمائين اکيون ڪر بند اي نيڪو شعار   ان جي ۾ اعجز طي الارض جو ٿيو آشڪار
يا هو ساري فوج سان اندر حد بطحيٰ زمين
يا ڏٺائون ڀالکي تي ٻر حد درياءِ چين
تڏهن رکي چو شاهه چين قدم علي حي پنهنجو سر   يا علي هن بحر ۾ ٿيو غرق هو منهنجو پسر
تڏهن ڪيو ارشاد قنبر کي امام بحر و بر   بحر جون جي هٿ مڇيون آهن سڀني سڏ جلد تر
جيڪي زير آب آهي سو سڀيو هت ڪن عيان
ڪيفيت سڀ هنجي پٽ جي ڪن اچي ساري بيان
تڏهن وري قنبر مڇين کي چو سڏي با صد طرب   اي مڇيون ڪريو اچو في الفور اوهين دريا کان سڀ
ڪيو اهانکي آهي مير چشمهءِ ڪوثر طلب   آهي جو درياءِ رحمت جو ۽ بحر فيض رب
جڏهن مڇين انپر ٻڌو حڪم شهنشاهه نجف
سڀ مڇيون جلدي سان حاضر ٿيون ٻني ڪسب شرف
گرچ قنبر ڪيو طلب خاصه مڇين کي هو مگر   پر اچي حاضر ٿيا پاڻي جا سارا جانور
هڪڙي ٻي تي ڪري سبقت وڏي ٿي بيشتر   چئون وڃي ڏسنداسون روئي بادشاهه بحر و بر
ڪعبهءِ دين آهي سڀ جو اين عم مصطفيٰ
منهن ڏسڻ انجو برابر آهي حج جي ٿيو بجا
پڌندي سان لهرون حبابن جا هلون ساغر کڻي   آيون مرغابيون ۽ صدفي ڪان پنهنجا پر کڻي
گاو بحري آيو آن هنڌ نذر لئي عنبر کڻي   ۽ صدف ٻوڪي وڏي هٿ ۾ هلي گوهر کڻي
ڪيا هنا جبلن سر بلند از بهر آداب امام
پنجهءِ مرجان بدر درياکئون ٿيو بهر سلام
شاهه دين آيو تي جتي ان بحر اسود جي قريب   خضر ۽ الياس باهم چو خوشا منهنجا نصيب
بيزبان پر هيون مڇيون حالت سندن ٿي بس عجيب   يعني آهي مرتضيٰ محبوب حق جي جو حبيب
ڪهڙو سو اسرار آهي جو ٿيو مولا کئون نهان
ڇا ڪريون پر اصل کان آهيون اسين سڀ بيزبان

ان ۾ چين ۾ ڪڙي جا مردار هئي سڀ جي ڪلان — انکي هيئن ارشاد فرمايو امام - انس و جان
ويو ڏي هٿ بادشاه - چين جي جو نوجوان — ماهيت انجي مفصل جلد ڪر مون سان بيان

جستجو مادر کي انجي آهي ۽ پيءُ ڪي تلاش
جلد وڃ انجي خبر وٺ ڪيڏي آهي انجي لاش

هي ٻڌي دريا جي اندر ڏي مچيون ويون باشتاب — جلد آيون ۽ اميرالمومنين کي ڪيو ن خطاب
ساري دريا ۾ وڃي گهوليوسون از امر - جناب — ڪا نشاني ڪانه هٿ آئي اي شاه - بوتراب

ڪينن نشاني ملندي شاه - چين کي انجي لال جي
ماجرا هي باشه - دين آهي چندين سال جي

انجي گهولڻ ۾ اسان کي آهي ڪوشش بيڪران — ڪونڪو باقي ڇڏيوسون هڪڙو موضع ني مڪان
اتو ياسون جتا ڪي ويو ڪونڪو هو اصلي ڪلان — ڪونه ناخن هٿ لڳو نه وار نه ڪو استخوان

جيڪو هو احوال سو سارو اسان ڪيو آشڪار
قطره قطره بحر تي مولا کي آهي اختيار

تڏکلي ان کي چيو هيئن خسرو عرش افتخار — حال مونتي بحر ۽ بر جو سڀو ٿي آشڪار
هڪڙو باهن سرخ آهي زيرآب - خوشگوار — انجي هيٺون پاره - انگشت انجي ڪيو قرار

آهين تون آگاه ساري بحر ڪؤن اي ذي شعور
هو ڪٿي آيون نه هٿ تي قدرت - حق جو ظهور

هيئن ٻڌي حضرت ڪئون ٿي في الفور آواهي روان — وات ۾ آلديئن ڪٿي پر ڪند انگشت آن جوان
ٿي نڌ لتو دلدل تئون شير - حق امام - دوجهان — آيو ات جت پاره - انگشت هو اندر زمان

پوءِ ڏسي انگشت کي انتي ڪرم جي ڪيئين نگاه
۽ رکمائين در ردائي حضرت - ختمي پناه

منهن ڪري قبلا ڏي ڪيائين در گهه - حق ۾ دعا — بحر و برکان متصل آهين جي آئي صدا
نفس جي آمد ۽ شدکان جڏ چري وئي تي ردا — زير چادر جي عيان انسان ٿيو با دست و پا

خواب ۾ گويا ستو هو ڪو سو انتي ٿيو گمان
منهن پٽيؤن نڌ ڪلمه - طيب هو انکي بر زبان

خالق ڪئون نڪتي غريو عاجز ٿيا بلڪل حواس — ڪو تصدق تي نيو ڪيئن چوڻي هو بيرون از قياس
پيو ڪري پيرن تي حضرت جي جوان - حق شناس — انکي هئي ااکل ۽ ماکيو سو بر ۾ لباس

چانون تي سڀ آهي فيض - بادشاه - ڪائنات
بخش ڪيئين پرده ردا جي ۾ ڏنو خلعت حيات

تڏ چيئين سلطان - چين کي باد شاه - بحر و بر   تون سڃالي ڏس نا مل حان مي آهي سو پسر
پيو ڪري پيرن تي حضرت جي چٺي اُو لوحہ گر   تو تئون آءٌ قربان صدقي منهنجان مادر ۽ پدر
تــون وصيٌ سيد الابــرار آهين لا ڪلام
مرده- بو سيده ڪي تو جان بخشي يا امام
ڪلمه - توحيد تون سيڪار مون کي يا امام   منهنجو مولا آهين آءٌ قنبر جو پڻ آهيان غلام
تو تئون قربان اي سميٌ حضرت- رب الڪرام   بارڪ الله تو کي ڪهڙو حق عطا ڪيو آهي نام
جيڪو ڏسندو هي اکين سان معجزو چوندو سو چا
تو کي پوه قوم-نصيري ڪيئن نہ چئي منهنجو خدا
تڏ کلي فرمايو حضرت ات اٿي پٽ سان مل   آءٌ بہ خوش ٿيو آهيان جا تي شاد آهي تنهنجي دل
هي ٻڌي ويو شاه- چين ان نوجوان جي متصل   ابر الجي گريہ- شادي ڪئون ٿيو تـي منفعل
جـــامع المتفرقين وچـڙيـا وري ٻڪجا ڪيا
پٽ سان پيءُ ۽ پيءُ سان پٽ ٻڪ جان د و قالب تي ويا
جان تازه تي جڏه پيءُ سان مليو وچڙيل پسر   دل تي چو مونکي مليو هي مرهم- زخم- جگر
ڪين هئي اميد جا ڏسندس وري پنهنجو قمر   سو مليو بحر - فـنــا ۾ فرق جو ٿيو هو گهر
مون جهي نو ميد تي ڪيو لطف هي رب- غني
بعد مدت جـــي وري آئـــي اکين ۾ روشني
باغ ۾ منهنجي بهار آيو ۽ ٿيو غزل-خزان   ٿيو وري روشن چراغ آباد ٿيو ويران مڪان
تن ۾ طاقت آئي منهنجي جسم ۾ تاب و توان   پير دل تي هئي سندم سا اڄ وري ٿي نوجوان
نور جو هو ويو اکين جو اڄ وري سو آيو نور
نور اکين ۾ آيو طاقت تـن ۾ سيني ۾ سرور
اي محب - مرتضيٰ هي غور جو آهي مقام   هو انهي ڏينهن جو ڪٿي مولا علي شاه- انام
نوڪ نيزي جي لڳي اڪبر جو ڪم جڏ ڪيو تمام   بحـر- رت ۾ غـرق هو شبير جو اهو لال فام
ڊ وڪندو ويو تي علي اڪبر جي لاشي تي حسين
ٻن هٿن سان دل جهليو رئندو تي شاه - مشرقين
ڪين تي لاشو ڏٺو پٽ جو شہ- نيڪو خصال   گاه آفتان گـــاه خيزان هو نبي جو نونهال
روئي تي فرياد ڪيئين هر سمت و هو با صد ملال   چئين تي اڪبر ڪيڏي ويو اي شير- رب- ذوالجلال
جان تن ڪئون تي بدر نڪتي يا علي فرياد رس
مون کي اڪبر سان ملاه بابا ڪو منهنجو داد رس

پٽ جي غم ڪئون هوا ڪين ۾ سر بسر عالم سياه — دم بدم فرياد ڪيو چئين ڪيڏي ويو اوُ رشڪ ماه
ڪڏڪري پيو ٿي زمين تي درد دل ڪؤن ڪين تي آه — نزع جي حالت ۾ اڪبر کي ڏسي چئين يا الله

دل ۾ جنهن خنجر لڳو غم جو شه دين کي وڏو
هيڏي پاڪر پاتئين پٽ کي هوڏي دم نڪري هليو

شاه جي آغوش ۾ بيجان ٿيو نور البصر — پٽ رکي ڌرتي تي ماتم ڪيو امام بحر و بر
لاهي عمامه هٿن سان ٿــي پٽيائين پنهجو سر — اهڙيون دانهون ڪيائين جي جنبش ۾ آيا بام و در

ڪان غم فرصت ڏني حضرت کي اي راج و ملال
ذبح جڏ ٿيو تڏ وجي اڪبر سان ٿيو شه جو وصال

الغرض اهيءَ سان مليو جڏ شاه چين جو گلعذار — عرض ڪيئين حضرت کي هنپر ٿي بچشم اشڪبار
يا شه دين مو لڪئون وچڙي ويا سندم رفقاءُ يار — ڪهڙو منهن وينداس ڪٿي اندر وطن آهه زينهار

ناهي بحر معجزات شاه دين کي ڪو ڪنار
جنهن جيار يو ئي موالکي تنهن منهنجي رفيقن کي جيار

پنج ڪشتيون هيون سندم همراه يا شاه انام — تن ۾ هڪ هڪ نوجوان هئا هو هڪ هڪ لال فام
تنجا مائٽ مٽ سيئي اهندا مڙي مون وٽ تمام — ڪنهن طرح اندروطن ڏيکاري منهن پنهنجو غلام

جڏه رفقا مان نه ڪو يار آشنا مان ڪو رهي
تڏ وري ٿيان غرق اندر بحر تا پردو رهي

درد دل جو جڏ چيو شهزادي باصد اشڪ و آه — تڏ ٿي بيخود شاه چين جي ڪئي سوئي حضرت نگاه
تڏ چيو مولا علي ساري جهان جي بادشاه — مرحبا هي آهي معنيء مروت رحم و راه

مضطرب ٿي ڪين منهنجي هٿ ۾ سڀ بخشيو خدا
حق جي قدرت جي اڳيئون هي امر مشڪل آهي ڇا

حڪم ۾ منهنجي خدا ڪيا جن و انسان و ملڪ — ۽ عمل منهنجو جهان ۾ ٿيو سما کؤن تا سمڪ
منهنجي هٿ آهي زمام گردش اين نهه فلڪ — خلق ۾ مختار آهيان تنهن ۾ هرگز نــاهي شڪ

مرده صد سال کي بخشان ٿو يڪدم ۾ حيات
فيض منهنجي کئون ٿيو جاري چشمهء آب حيات

منهنجي هٿ ۾ دفتر عالم جو سارو بند و بست — مون ڪيو ارض و سما کي آهي هيٺ بالا وُ پست
مون بتن کي خانهء ڪعبه جي اندر ڪيو شڪست — مون ڪيو سڀ بت پرستن کي هيئن آهي حق پرست

خلق جي شاهي ڏني خالق بدست اين فقير
رزق مون تقسيم ڪيو از بهر هر برنا وُ پير

آهِ وصيءِ مصطفيٰ آهِ شير ـ رب ـ ذوالجلال   مونکي ٿا آسان ٿين عقده جي سڀ آهن محال
آهيان آهِ مشڪلڪشا مون رد نہ ڪيو ڪنهن جو سوال   آهِ سگهي ونڪي ڪرباڻ في الفور تو تاڙو اهال

جي ڪرباڻ قطري ٻوڙن طوفان تا ڏسين طوفان کي
چي چوان ڪم مرده ـ صد سال زنده تي آئي

ائين چئي دريا جي پرتي آيو پوه سلطان ـ دين   ۽ ورائين پوه مرفق تائين پنهنجي آستين
هنطرف ڪوُن ڪيو بلند آئي پوه ڪشتين کي زمين   هيطرف ڪوُن پهتو هت دست ـ شهنشاه ـ مبين

روشني انگرين جي شمعن جي ڪيا روشن حباب
پنجئہ ـ خورشيد هو يا دست ـ قدرت زير ـ آب

بحر جي جڏ قعر مان ڪشتيون ڪڍيون شاه ـ انام   پنجن آگرين ۾ هيون سا گهوناهي ڪشتيو ن تمام
انجا راڪب جملہ سالم هئا تمامي خاص و عام   افتخار ـ انبيا اعجاز ڏيکاريا مدام

بعد مدت جي لگي سڀ کي هن عالم جي هوا
۽ اچي ڪشتيون ڪناري سان بيٺيون جابجا

پنهنجي رفقا سان مليو جڏ شاهزاد و خوش نهاد   تڏ پڇيو حضرت تہ هاڻي تنهنجي حاصل ٿي مراد
عرض ڪيئين قربان ٿئي هن لطف توُن هي خانہ زاد   جنهنجي خواهش هئي ملي تن سان دل ٿي شادشاد

هو خطا جي شاهزادي سان ملڻ سوداني شوق
آئون ٻڌو آهيان اجا تلين در ـ غم ـ دريائي شوق

آيو پوه ڪشتي تي سيني کي وٺي همراه شاه   ۽ هوا جي زور سان ڪشتين ڪئي سا قطع راه
پهتو جڏ شاه ـ خطا کي حڪم ـ شاه ـ دين پناه   عقد ڏيءُ جو ڪيائين شهزاده سان چين مي واه واه

ڪهڙو هو تاثير در اندر ڪلام ـ آنجناب
آيا سڀ اهل ـ خطا في الفور بر راه ـ صواب

پٽ ۽ انهہ کي بادشاه ـ چين وٺي ويو سوئے چين   آيو ڪعبي ۾ وري شاهنشہ ـ دنيا ۽ دين
فرش ڪيا زير ـ قدم پر پنهنجا هئا روح الامين   خوش ٿيو حيدر کي ڏسي بيحد شفيع المذنبين

پائي پاڪر منهن چميو حيدر جو شاه ـ انبيا
هٿ وٺي حيدر جا چشمن تي رکيا خير الوريٰ

اي فلڪ انصاف هي هو ڪرتون ڪي ترڪ ـ فضول   سرڪربان ـ تفڪر ۾ وجهي ٿي دلملول
جنهنکي پنهنجي سر مطهر جي بجا چو ٿي رسول   ٿي گواهي ڪين مقبول ان جي در سمع ـ قبول

بضعتہ المني نبي چو ٿي بزهرائي بتول
ديده ۽ دانستہ ڪيائون آنجي دعويٰ ڪوُن عدوُل

جڏ گواهي مرتضيٰ جي ڪين حاڪم ڪئي قبول ۽ نڪي حسنين کي اصحاب - دين جاتو عدول
راست جاڻيون ڪين هر گز دعواءِ زهرا بتول يذهب عنڪم الرجس جي تنزيل ٠ان تڏ ڇا حصول
پنجتن مـــان چـــار تن انقدر ڪياڻون بيقدر
جن جي ني دعويٰ نڪا تن جي گواهي معتبر

فاطمه کي جي الم ٿيو وصل - باداغ - پدر پيا بر غم وارد ٿيا جنجو ڇا لکي هي نوحه گر
چند روزن سخت بيخود ٿي هلي خالق جي در کوه غم جو پيو ڪري حيدر تي تنهن خم ڪئي ڪمر
گرچ ڪيو هو اصل کان خود ترڪ لذت آنجناب
پر انهي ڏينهن کان رهيو فرش - زمين تي بوتراب

آه جڏ وقت - شهادت شاهدين جو ٿيو قرين ڪئي خبر هر ڪ سان پنهنجي موت جي تي شاهدين
صوم جو افطار جڏ ڪيو ٿي شهنشاه - مبين ٿيندي هئي گوڙهن سان تر اندم قبا جي آستين
قبلۂ - دنياؤ دين شاهنشه - گردون مطاع
شام جو تاريخ ارڙهين جو ٿيو روزن ڪوُن وداع

ٿيو جڏهن فارغ فريضه ڪئون ولي ء دادگر ۽ رکياڻون آئي دسترخوان تي طعام - ماحضر
ان ۾ دو نان - جو ٻن هڪ جام آب - سرد تر هوندي هئي اڪثر غذائي بادشاه - بحر و بر
هو نـــه واقف لذتن ڪئون هر دو عالــم جو امير
هو انهي ڏينهن گڏ نمڪ سان خانچه تي ظرف شير

تڏ چيو دختر کي پنهنجي سرور - گردون سرير ناهي ٻن قسمن کان ماڻي جي ٿيو ماهر هي فقير
تڏ وڌي هٿ ۾ کنيو ظرف - نمڪ بنت - امير پاڻ فرمايائين رک هي ڪڻ ابا تون ظرف - شير
اڄ نمڪ ڪافي مونکي ڪا کير سان رغبت نه آه
نور چشم ڪا حسابن جي مونکي طاقت نه آه

تڏ ڏيڻ ڪيو عرض حضرت کي نه يا شاه - جهان تو کي روزن کيو گهڻو بي تاب و طاقت ناتوان
رنگ منهن جو ٿيو سجو آهي بشل - زعفران دخترن کي روئي چو تڏ سرور - عالي مڪان
آخرت جــي ترس ڪئون آءُ آهيان ٿيو انهر ضعيف
سير سو ڪيئن ٿئي ڪيو خوف - عاقبت جنهنکي نحيف

عمر پوري ٿي نه آهي زيست تي ڪو اعتبار رات گذري خير سان پوء جا رضائي ڪردگار
گهرجي تو انسان کي غافل نه ٿي ز انجام ڪار دل قوي جنهنکان ٿي صاد رڪا ان ٿي ڪا اهڙي ڪار
ڏسجي قسمت ۾ لکيو ڇا منهنجي هٿ ڪلڪ - قضا
روبـرو پـانـهـي کي ٿيٺو آهي با رب الــعـلي

بيقراري ۾ بسر ڪئي رات ساري شاھہ دين   صبح ڪاذب ٿيو اچي وقت شھادت ٿيو قرين
پورو ڪيو ورد وظائف کي اميرالمومنين   ڪھڙجڏي رخ ڪيئين سوئي درگاھہ رب العالمين

نڌ اچي جھنبن سان مرغابين تي دامن کي جھليو
۽ ڪڍي تلوار پيءُ جي مجتبيٰ روئندو هليو

تن کي شفقت سان ٿي ڪڍو ڪيو شاھہ جن و بشر   پر پري ٿي ڪين حضرت کئون ٿيون مرغابيون ڪر
شاھہ فرمايو ھي منھنجي غم ۾ آهن نوحہ گر   ھر طرح سان پرورش ھن جي رکجي مد نظر

منھنجي ڏک ٿيون جڏگرفتار غم و رانج محن
ائين نہ ٿي جي ھي دلين تئون پيزبان وسري وڃن

ھن طرح فرمائي پوھہ در تي پھتو شاھہ ھدا   ڪين پر انوقت حضرت کان ڪڙو درحو ٿيو وا
تالکن ڪيو زور ھڙو نڌ ٿيو خيبر ڪشا   حو ڪمر جو بند حضرت جو ڪرپو بر پشت پا

جڏ ورائي آستين حضرت ڪڙو تڏ پيو لھي
پر ڪمر سان سرور دين حي وري اڪيو اھي

پوھ ڪڙو پاسي ڪري اکتي هليو شاھہ ھدا   جانڏ لئين حضرت حسن رئندو اچي ٿو پيادہ پا
نڌ ڇيئين چو ٿو اچين اي منھنجا نوراني لقا   وڃ ڪجي مشغول ٿي در طاعت رب العلا

فاطمہ جون پياريون ڏيئون گھر ۾ ۽ گھر پيو ھيڪلو
وڃ وري تو کي قسم آھي رسول الله جو

حڪم سان پيءُ جي وري آيو امام نيڪ خو   جان ڏسي تا محن ۾ پٽن ۾ پشان ڪيا ھا ڪو
ھيڏي ھالي ڪيو طلب شر تي از بھر وضو   منظر مسجد ۾ ھو مت ابن ملجم حيلہ جو

ننڊ نہ ٿي آئي ھتي کي بس ڪہ دل ۾ ھو خيال
تا ڪري حاصل ولھيو دنياءُ عقبيٰ جو وبال

آيو جڏ ڪوفہ جي مسجد ۾ شھنشاھہ حجاز   جي ستا پيا ھئا آثار پٺين تن کي از بھر نماز
تن جي وچ ۾ ھو ستو پيو ابن ملجم حيلہ ساز   ان کي بہ جاڳائي چو ايطرح آن دئي راز

آئين نون جنھن امر جي باعث ھتي اي نابڪار
مستعد ٿي ھي آھو وقت آيو ٿيو انجام ڪار

نڌ اٿيو ڪچ ۾ لڪائي پنھنجي تيغ زھردار   ھيڏي ٿيو مشغول طاعت ۾ شہ طاعت گذار
مرتضيٰ سجدي ۾ رکيئين سر کري عجز و انڪسار   ھن پٽي سر تي ھٽي حضرت جي ضرب آستوار

سا انھي موضع ۾ ٿي ضرب ستمگر ڪار گر
ضرب ابن عبدود جي جت لڳي ھئي پيشتر

سر جي رت مؤن ني محاسن پاڪ ساري رت ۾ تر — نڌ ماڻي هٿ سان رت منهن کي امام بحر و بر
۽ چيئين فزت برب الڪعبه از آلام دهر — سالها کؤن رهندو هوس مان ڏينهن جو آهي منتظر

۽ بلند آواز سان انهيءَ ڏنو روح الامين
جو هڻو سڀ ڪنهن ته قد قتل الامير المومنين

زخمي ٿي مسجد مؤن گهر ۾ آيو پوءِ شاهه امير — هو سر اقدس دو پاره تا جبين هي هي ستم
رات انهيءَ جي غش آيو ٿي پيهم دمبدم — نبض ساقط ٿي ۽ آخر شب ۾ رخصت ٿيو ٿي دم

صبح اچا ٿيو ڪين هو شاهه ولايت ڪيو سفر
مومنين ٿيا بي پناهه ويران ٿيا شيعن جا گهر

هائي گهر خالي ٿيو شاهه اوليا جو هاءِ هاءِ — ويو چڏي عالم وصيءِ مصطفيٰ جو هاءِ هاءِ
مرتضيٰ جي رت سان تر ٿيو گهر خدا جو هاءِ هاءِ — حشر تئين برپا ٿيو ماتم مرتضيٰ جو هاءِ هاءِ

مصطفيٰ جي گهر ۾ هي ڏک رهندو تا يوم القيام
مومنن جي دل تئن لهندو ڪين هي اندوه عام

الڪي شه جي شهادت جو ٻڌو هن هنڌ تو حال — ابن ملجم جو ٻڌ احوال ۾ از اختلال
عاقبت جو ٿيو مآل ڪار آن خسران مال — جڏهن ضربت هڻي مسجد مؤن ويو اهو بد خصال

تڏ پڇئون مولا عليءَ کؤن ڪير قاتل تنهنجو هو
شاهدين فرمايو حق انهيءَ کي سڪهو ظاهر ڪندو

اتفاقاً ٿيو بني قيس مان هڪڙي سان دوچار — ان پڇيو تو کئون مگر سرزد ٿي اهڙي زشت ڪار
قصد ڪيئين انڪار جو نڪري زبان کوڙ وس قرار — پوءِ ڪري محڪم به بند رسمان اهو بد شعار

آڻي حاضر ڪيائين ان کي بر در عرش آستان
چاڙون ٿي آهو گرفتار ابن ملجم بدگمان

جڏ اچي حاضر ٿيو اندر حضور شاهدين — تڏ چيو ان کي واريهه حق امير المومنين
اي عرب هڪڙو آهي هوس هن هنڌ نبي جو جانشين — ڪهڙو نقصان مون رسيو تو کي هو اي اهل ڪين

تو کؤن ٿي احسان جي بدرؤن ۾ هي ڪهڙي خطا
ان چيو آئون منتظر هوس سا ٿي حاصل مدعا

انجي حق ۾ ان طرح ارشاد ڪيو شاهه انام — پٽ کي ڪاي نورالبصر لخت دل خيرالانام
ڪين هن تي بند ڪرڪئون طرح سان آب و طعام — جيڪي منهنجي ڪاڻ ڏين تهز مؤن هڪي ڏج تمام

ظلم اسيرن تي ڪرڻ ڪنهن حال ۾ ناهي روا
اسين تہ آهيون معدن جود و ڪرم حلم و حيا

ان سوا هن زخم کئون جي کين ٿيس آهه جان بر هنکي هنجو کين هڪڙي ضرب کئون انهن پيشتر
ولهه کي ملهه ڪجو جو ڏهي حڪم ـ دادگر يعني هٿ پير انجا و ٻجو کين لي عضوه دگر

سرور ـ دين کيو سفر جڏ جالب ـ دار البنا
تڏ پٽي کي آلي حاضر کيائون در دار النصا

عبدالله فرزلد ـ جعفر سهل در چشش کشيد مومنن از سوز دل هر يڪ اعضائش بريد
بعد ازن در بور يا پيچده جسم ـ آن پليد در زدند آتش گران آتش ته ـ دوزخ رسيد

لعنت ـ حق ان تي هجي ۽ ساري دوزخ جو عذاب
پئي ڪننده لائق ـ صالح سان هولدو در عقاب

بس حسن پئي هٿ کڻي کر عرض کابن وقت دعا است مرڏو هي سر بسر اعجاز شاه ـ لافنا است
يڪمان هي وقت از اوقات عطئي مرتضيٰ است تيان مشرف روضه ـ اطهر تي سانت النجاست

اڄ ملي ملندا ۾ مونکي شاه جي سرڪار مان
ڪڙو شاه ـ انبيا کئون پيو ولي الله کان

مرثيه

حضرت خاتون ـ جنت سلام الله عليها

خيرالنسا جي گردش ـ گردون کان غم ڏنا اهڙا ستم ۽ ڏک نه زماني ۾ ڪنهن سنا
صدمي تي صدمه غم تي غم ۽ ڏک تي ڏک رسيا پهرين رسول حق جي ٿي ماتم ۾ مبتلا

يڪدم قرار هو نه دل ـ بيقرار کي
رئندي ۾ شب سحر ٿي ٿي ان سوگوار کي

ان طرح سوز ـ غم کئون هئي نالان اشڪبار ني رات جو نه ڏينهن جو ذرو آيو لي قرار
زهرا جي غم مديني ۾ محشر ڪيو آشڪار سام ٻيا هو اهڙو ڪه جنهن جو نه ٿي شمار

شاه ـ رسل جي درد عزا ۾ ٿي مبتلا
جيئن غير ٿي رنا ٿي رنا تيئن ٿي اقربا

نورن ڪهئن ڏينهن کان پوء سڀ خورد ۽ ڪار چئون شاه ـ لافتا کي ته اي شير ـ ڪردگار
هر چند آهيون اسين ڪهڙو بيتاب و بيقرار خيرالبشر جي ڏک کئون سڀئي زار ۽ لزار

پر ڇا ڪريون جو اڪثي کي تاب و توان نماند
قوت رهي نه جسم ۾ طاقت بجان نماند

خيرالنسا جا روئي تـي انـدر غمِ پـدر ذينهن رات انکي گريہ ۽ زاري ۾ ٿي بسر
تنهن کئون اسانني تلخ ٿيو آهي خراب و خور سو رات جو يا ڏينهن جو زهرا ٿي نوحہ کر

جي رات جو روئي تہ اسين رات جو روئون
۽ ڏينهن جو گهرن ۾ وڃي اندکي سمهون

جي ڏينهن جو روئي اسين ہہ کريون انجي اقتدا زهرا جي روئي اسين سمهون سو ناهي ٻئي روا
چئو ٿــا شان ـ دختر ـ محبوب ـ کبريــا ڏينهن رات جو روئڻ بہ آهي سخت ماجرا

هـر چند اهڙو عرض کرڻ نــاهي ٻئي روا
پر چا کريون جا اگني ہي طاقت رهي اہ کا

جـڏ هي پيــام آئي رساڻيو ابو تــراب تــڏ ايئن ڏنو اهر کي خيرالنسا جـواب
مونکي ابي کئون بعد حرام آهي خورد خراب ڏينهن رات جوهي روئندي ٿجي عمر دلکباب

پر مون کي آهي خواهش اُمت جـي اِن قبول
ڏينهن جو وڃي بقيع ۾ روئندي هي دل ملول

کيئون جنت البقيع ۾ بيت الحزن تيـار ڏينهن جو هئي روئندي ان ۾ بتول ـ جگر فگار
ٿي رات جو وري اچي گهر ۾ ٿي اشکبار يثرب جي خاق رات جو روئندي هئي زار زار

ان طرح سان الم ۾ بسر کئي ٿــي فاطمہ
ماتم ۾ پيءُ جي شام و سحر کئي ٿـي فاطمہ

تــازو اجـا هـــو داغ شهنشاہ ـ انبيا هئي ماتم ـ نـبـي ۾ اجا زار و مبتلا
پيو حادثـو نئون ٿيو زمـانـي ۾ رهنما جنهن کان نئون پيو صدمو ٿيو ۾ خيرة النسا

باغ ـ فدک هو سو بہ کسي کي بزرگ ويــا
جن کي ڇوي ٿي خلق ـ خدا يــار ـ مصطفي

حاصل جو فاطمہ جو فدک ۾ هو پيشتر اصحاب بـا وفا کڏي ان کي کيو بدر
هن واقعي جــي جڏ پـڏي خيرالنسا خبر چيئين وا مصيبتا تون کٿي آهين اي پدر

فريــاد يا خـــدا حق زهــرا جو ٿيو تلف
اڄ کو سوائي حق جي سندم ناهي پيو طرف

شير ـ خــدا نڏهن چيو اي بضعت ـ رسول هر چند اڄ کي صبر سوا ناهي پيو حصول
ليکن تون پهنجي دعوي کيو با خاطر ـ ملول ظاهر کري تون جڏ تہ غصب ٿيو حق ـ بتول

تـا سيکو جاڻي آل ـ محمد سان ڇـا ٿـيو
اصحاب ـ دين کئون آل ـ نبي تــي ستم رسيو

خيرالنسا کي هيٺن ڇيو جڏ شاه - لافتا　　برقعو ڏکيئين کيلين سر - پولور ني ردا
بيت‌الشرف کئون نڪري جگربند - مصطفيٰ　　ڇئين آهين تون ڪٿي اي پدر وا مصيبتا

اڄ نـاهي ڪـو معين و مددگـار - فاطمه
اُمت تـي تنهنجي در پـئي ازار - فاطمه

مسجد ۾ آئـي روئندي جڏهن دختر - نبي　　صـديق کـي نڏو جـو زهرائي غمردي
اوهين در ڇي اذيت جو منهنجي ٿيئو مڙي　　زهرائي فاطمه آئون آهيان مصطفيٰ جي ڌي

ڇو تا عذاب ڏيو اوهين مون دلماول کـي
رنجو منـدم پـڏايـو اوهان کـي رسول ٿي

تون پي نه هوندو هئين انهي صحبت ۾ بارها　　جو منهنجي حق ۾ جيڪي ٿي سرور - انبيا
ايذا بتـول جـو ٿيـو ايذائي مصطفيٰ　　ايذائـي مصطفيٰ کئـون ٿيو بيزار ڪبريا

ايذا خدا کـي جنهن ڏنـا سو مرتد و شقي
دشمن خدا جـا وينـدا ٿي مردود دوزخي

ٿي حق شناس منهنجي نه ڪر حق کي تون تلف　　ناحق چوان ٿي ڪين ۽ حق منهنجي ٿيو طرف
تير - عذاب سان نه ڪريو منهنجي دل هدف　　باطل برائي حق نـه ٿي حق - شه - نجف

منظور توکي ڇا هي عيان ڪر اي خوشخصال
محتاج ٿا ڪريو اوهين ڪيئن مصطفيٰ جي آل

زهرائـي پـارسا کـي چو صديق متقي　　هن باب ۾ نبي کـو نوشتو سند ڏنـي
زهرا چو هي سند جـا بحڪم - خدا لکي　　پهريئين ڏنهن سرور - عـالم حوالي ڪئي

ان چو نوشتو نـاهي ڪـو شاهد سوا قبول
شاهد هجي تـه آڻ ولـي دختر - رسول

پوءِ ڇئين فدڪ جي هبه جو جيڪو هجي گوا　　سو جلد آڻيو تـا ٿـي شهادت سند پس ادا
امداد جـو مون ذڪر پڌو نـاهي ز ابتدا　　ڪنهن جو فدڪ کو سر آهي دعويٰ جو ليکو پيا

بي شاهد و نوشته ڪي منظور مون کـي ناه
مطلب حصول ڪيئن ٿـي نوشته نڪو گواه

هي بلس جـو جواب پڌي بنت - مصطفيٰ　　مسجد کئون موٽي گهر ڏي وري خيرةالنسا
چئين مرتضيٰ عليءَ کي تـه اي شاه - لافتا　　دعويٰ ٿي منهنجي ٿو ڪري صديق اڄ گوا

حسنين پـاڻ سان ولـي هل تـا در - الله
۽ اُم ايمن آهـي سچي امـر جـي گواه

زهرا جان ڪڏهن آيو جڏهن شاهه قل ڪفي حجت قوي سان حق شهادت جو ڪيئين ادا
ان طرح ام ايمن ۽ سبطين مصطفيٰ سڀ ڪنهن گواهي پنهنجي ڏني ٿي جدا جدا
فاروق چيو تنهن ۾ وڏو امتياز ٿيو
هڪ زال جي گواهي مٿون ڪهڙو جواز ٿيو

قابل قبول ناهي شهادت علي ولي هت جر منفعت آهي ۽ پنهنجي بهتري
حسنين خورد سال آنهن جي ڇا شاهدي دعويٰ هي ڪنهن طرح سان نه قبل قبول ٿي
حجت قوي سند ۽ نه ٿي بل سخت سست آهه
هيو قوم جي گواهي ڪڏهن ڪا درست ناهه

خير النسا چيو ته ابوبڪر هوش آ چئين ڇا ٿو ڏيان ڪر ڪو تون اي مرد باصفا
تطهير اسانجي شان ۾ نازل ڪئي ڪبريا شيوو نه ڪذب اسانجو نه بهتان نه افترا
حاضر سڀئي هئو آيه تطهير جڏ لٿي
ڪو پنجتن سوا نه هيو داخل ٿيو ان گهڙي

اٿون اهڙي آهيان ضبط ڪريان حق مسلمين اٿون اهڙي آهيان غصب ڪريان ملڪ مومنين
حق کي ڇڏي ڪيئن دعويٰ باطل ڪريون اسين مونکي روا ٿي دعويٰ ناحق تون ڪيئن ٿو چئين
ناحق ني آئون تون حق تي عجب آهي ماجرا
خالق اسان کي رجس کئون چو پاڪ ڪيو ڀلا

اڄ زور تنهنجو آهي تون جيڪي ڪرين سو ڪر هي معاملو نبيريندو محشر ۾ دادگر
حاضر ٿي ابندا ظالم و مظلوم پنهنجي سر بيوس بي اختيار آئون مظلوم بي پدر
فرزند منهنجا بيٺي دل و جان مصطفيٰ
هي پنجتن مان نوگل ريحان مصطفيٰ

ڪو خوف ڪر خدا جو اي صديق باصفا محروم جنهن کئون تو ڪيو مونکي سو ڪيو حق عطا
جي پنهنجو هي نه حق هو ته مون ڪيئن ڇڪيو ڀلا جي حق نه هو ته مونکي ڇڪڻ ڪنهن طرح روا
حق ٿي جو پنهنجو حق آءُ ڪري ڪيئن طلب ڪريان
ڪي مونکي ناهي خوف خداوند دو جهان

تون شاهدي علي کئون ڀلا ٿو ڪرين عدول ڪئي مصطفيٰ گواهي خذيمه جي تڏ قبول
ٿيو صدق کئون خذيمه جي واقف جڏهن رسول چئي مرتضيٰ کي ڪم کو خذيمه کئون باالفضول
ٿي شاهدي خذيمه جي مقبول ٻن جي جا
ٿيو ذوالشهادتين لقب ان جو آن ولا

زهرا جو ليءِ بتول کي شاهد ضرور ٿيو   قبضي فدڪ تي منهنجي جي جو شاهدي ۾ هو
جو حڪم خاص عام لئي الله خاص ڪيو   محروم ان مان فاطمه زهرا کي ڪيئن تو ڪيو

شاهد اوهان تي آهي قسم مون تي ٿيو صحي
آئون مدعا عليها اوهين آهيو مدعي

تون پاڻ ٿئين جو مسند. مرسل جو متڪي   شاهد سچا ٿيا تنهنجا لوشتہ. سهي صحي
جيڪي تي آءُ چوان تون چوين ڪوڙ ٿيو سڀئي   تون ڏس تہ پنهنجي منهن کي گريبان ۾ وجهي

منهنجي بہ ڪا قرابت آهي رسول سان
تہ ڪئن ٿئين ارث دار. شفيع. جهانيان

منهنجي سند درست نہ شاهد سندم سچا   پر آئون تہ اصل وارث. ميراث مصطفيٰ
يعني آئون آهيان وارث. پيغمبر. خدا   هيڀر بڌي بتول کئون صديق جو نہ چيا

هي دعويٰ راست نہ آهي خلاف آهي باليقين
ڪي مال. دنيوي نہ ٿيو ميراث. مرسلين

هيڀر بڌي خليفي کئون ٿي چشم تر بتول   بيشڪ تو سچ چيو آءُ ناهيان وارث. رسول
حڪم. خدا کئون جلد ابوبڪر ڪيو عدول   قرآن ۾ ٿيو حڪم الاهي جو هيئن نزول

جو بن ڏيئن جو حصو سو پٽ کي ڏنو خدا
والله هر طرح منهجي دعويٰ آهي روا

جو حڪم. خاص و عام ۾ جاري ڪيو خدا   سو ٿن حرام ٿا ڪريو ٿر آل. مصطفيٰ
ڏيندؤ صبحا جواب رسول. خدا جو چا   ڪنهن طرح راست ڪئن آهي دعويٰ ٿما

ڪيئن حڪم. عام کئون اسين محروم ڪيا خدا
تون پهنجو ٻيءَ جو ارث وٺين آءُ وٺان نہ چا

صديق جو اي فاطمه زهرائے پارسا   اڪثر ٻڌو مون جو چيو هنطرح مصطفيٰ
ميراث منهنجي آل نہ اولاد ني روا   ورثو جو منهنجو آهي سو صدقو ڪيو خدا

سو اهل. احتياج تي قسمت ڪجي سيو
آن مال نہ اهلبيت کي حاصل ٿئي ذرو

نسل فاطمہ جواب ڏنو ناهي هي روا   هرگز نہ منهجي ٻيءَ چيو هنطرح مصطفيٰ
قرآن ۾ صريح ٿو فرمائي ڪبريا   داؤد جو جو ارث سليمان کي ٿيو عطا

۾ جڏ خدا کئون والد. يحيٰ گهري دعا
ان ڪئي فقط پسر جي طلب ۾ تي التجا

پروردگار مونکي ٿي فرزند هڪ عطا   تا منهنجي آرزو آهي ميراث ني سبا

صديق چو اي دختر سلطان انبيا   معني نه هن طرح آهي جئن تو خيال ڪيا

پر توکي آهي حجت و برهان مراد ٿي

ميراث انبيا کئون نبوت مراد هئي

تڏ چوبتول ڪيئن ڪريان هن امر جو يقين   ميراث جي مراد نبوت نه ٿيندي ڪين

جي ان طرح هجي ها نه سردار مرسلين   جنهن جي هي ورثه دار هئي بيڪس وحزين

مونکي چوي ها ارث جي دعويٰ نه ڪج ابا

ميراث ناهي صدقو ٿيو ميراث انبيا

خيرالنسا کي جڏ ٿيو هن ڳالهه جو يقين   هن گفتگو کئون فائدو ٿيندو ذرو به ڪين

نڪري روئندي سوني دختر سردار مرسلين   وئي قبر تي رسول جي باخاطر حزين

چئين بابا رسول ڏس نه ستم مولتي ڇا ٿيو

اصحاب تنهنجي مون سان ابا ڇا سلوڪ ڪيو

بابا شاهدن مون تي ٿيو اڄ نزول غم   زهرا جي ڪونه ٿو ٻڌي فرياد هي ستم

هن فلڪ ڪش يتيم تي اڄ ڪيڏا ٿيا الم   مون ڇا ٿي پانيو پر ٿيو اسباب ڇا بهم

تو جنهن کي ڪيو غدير ۾ هو پنهنجو جانشين

ٿيو ان جي شاهدي تي نه اصحاب کي يقين

جن کي اصل کئون پاڪ ۽ پاڪيزه ڪيو خدا   نازل ڪئي جنجي شان ۾ تطهير ڪبريا

چارئي سي تنهنجي ارث مان محروم ٿي ويا   بل تن جي شاهدي نه مڃي آمتن ابا

جڏ شاهدي اسان جي کي رد ڪيائون برملا

پوءِ ارث ڪير ڏيندو اسان کي تڏهن پلا

زهرا جو حق کسي ويا ڪا توکي آهي خبر   امت ٿي دشمني ڪري اڄ مون تي بيخطر

اڄ برخلاف آل جي امت ٿي سربسر   جيڪي چوان ٿي ڪونه چوڻ ٿو ڪري اثر

ڪنهن کي نه رحم آيو ابا تنهنجي آل تي

اڄ آمتن ڪمر ٻڌي جنگ و جلال تي

آئون آن مصيبتن ۾ به راضي آهيان ابا   پر باوجود ان جي به ناهي رهائي ڪا

سڀ هڪطرف ۽ آل نبي هڪطرف ٿيا   ڪو ايئن نه چالي ٿو ته آهن آل مصطفيٰ

محروم ڪيائون ارث کئون سڀ تنهنجا اقربا

اڄ ٻانڌ ارث دار ٿيا تنهنجا سڀئي صفا

دعويٰ سندم درست نہ شاهد سندم قبول   توڙي مڃي علي ولي جهڙو ڪو عدول
مونکي ڦري ٿي ڏينهن جو موڙي امت رسول   دانستہ ڪن ٿا حڪم الاهي ڪئون مي عدول

امت مثال ابا نہ ٿي مون کي نجات ٿئي
ڏينهن ٿي پوي جي مهڙي مصيبت نہ رات ٿئي

مون کي سڏاءِ جت آهين يا سيد البشر   طاقت آهي نہ صدمي سهڻ جي ڪا اي پدر
پرسان حال فاطمہ ناهي ڪو اڄ بشر   اڄ منهنجي برخلاف زمانو ٿيو سربسر

امت کي تنهنجي آهي ابا آيو ڏيان ۾
اسين چار ڪن نہ جيئرا رهون ڪي جهان ۾

ان طرح روئي حضرت زهرا ڪيو بيان   جنبش ۾ آئي مرقد پيغمبر زمان
لرزان ٿيو صحن و منبر و محراب ناگهان   ٻانيائون ڇڪ تہ عرصہ محشر جو ٿيو عيان

سلمان عرض ڪيو تہ بس اي بنت مصطفيٰ
ڪر صبر گهر ڏي موٽي هل اي اشرف النسا

خيرالنسا پوءِ گهر ڏي وري آئي باملال   چئين ناهي اڄ ابو جو ڏسي فاطمہ جو حال
ٿيو انکئون پوءِ تہ حال اسان جو پر اختلال   هي غم نہ ويندو جيسين نہ حق سان ٿئي وصال

مظلوم اهڙو ٿيو ڪو زماني ۾ ڪونہ هو
حق جنهن جو يڪ قلم سڀو ڪ جاءِ کسجي ويو

باغ فدڪ ٿيو خلق ۾ مشهور روزگار   سو باغ ناهي دهہ آهي هڪڙي دران دبار
خيبر جڏهن ڪيو فتح رسول فلڪ وقار   تڏ صلح سان ورتو فدڪ حق جي رازدار

تڏ جبرئيل حق جي طرف کئون ڪيو نزول
چئين حڪم هن طرح ٿو ڪري رب با رسول

اڄ حڪم وات ذوالقربيٰ حقہ جو ٿيو   روح الامين کئون سيد ابرار تڏ پڇيو
ڪير اقربا ۽ حق سندن آهي ڪهڙو چؤ   ان چو اي ساري خلق دو عالم جا پيشرؤ

حسنين و فاطمہ کئون مراد آهي اقربا
حق ٿيو فدڪ سو تن کي خداوند ڪيو عطا

ان وقت کئون لکي ڏنو سلطان انبيا   باغ فدڪ تصرف حسنين و فاطمہ
عامل بدر ڪري ۽ طلب ڪيائين تڏ گوا   صديق وٺو جڏ چڙهي برجائي مصطفيٰ

حيدر چيو لزوم گواه مدعي کي آه
اٿين مدعي آهيو اوهين آڻيو ونئي گواه

اي مومنو گواهي جا حضرت علي ڏني — سو جر منفعت هو ۽ هئي پنهنجي بهتري
تنهن لئي قبول محڪمه ـ عدل ۾ نه ٿي — انصاف جو جواب ڪو مونکي ڏيو وري

صديق جا شهادت ـ ميراث ڪئي ادا
ان ۾ نه جر ـ نفع هو ني بهتري جي جا

اسناد ۽ گواه فدڪ تي ٿيا پر ضرور — حاضر ڪري سي فاطمه اصحاب جي حضور
جا ارث دار اصل جي ان ۾ نڪو فتور — صديق غير هو اڳين ڏسو صاحب ـ شعور

سو بي گواه و شاهد ـ مقصود کي رسي
۽ هوندي شاهدن علي محروم ٿي رهي

هرگز کي ناهي خلق ۾ انصاف ڪو رهيو — جنهن کي نبي جو نفس خداوند پاڻ چيو
جو رجس ۽ دنس ڪئون خداوند پاڪ ڪيو — با شاهد و نوشته بي محروم ٿي ويو

صديق بي نوشته ۽ شاهد ٿيو جانشين
جڳ مصطفي جي جاء تي الله ڪيو تعين

هر چند يار غار پيغمبر جو هو وڏو — پر متفق عليه ته معصوم ڪين هو
معصوم ڪئون ته ڪذب ۽ عصيان روا نه ٿيو — ڪيئن مرتضي علي جي شهادت ۾ شبهه پيو

اصحاب ـ خاص مصطفوي کي هئڻ گهربو هو
زهرا جي سر گهري نه ڪن ان ۾ مضائقو

ان ڏينهن ڪئون غضب ۾ هئي بنت ـ شه ـ عرب — آخر ٿئين نه دل ڏئون ويو انجي غم و تعب
هي ياد ڪيو سلوڪ رنائين ٿي روز شب — زهرا جو رنج عاقبت الله جو غضب

هن پر صحي بخاري ۽ مسلم لکيو صحي
حالت غضب ۾ حضرت ـ زهرا وفات ڪئي

الله جي غضب ڪئون امان بخش يا خدا — راضي جڏهن رسول ٿي راضي ٿي ڪبريا
زوج ـ بتول جن ڪئون ٿي بيزار سي مدا — زهرا غضب ٿي جن ڪئون سي مغضوب مصطفي

ٿيو منڪرن کي خوف اسان کي ڪي خوف ناه
صدقي ۾ پنجتن جي خدا بخشي سڀ گناه

القصه رنج و درد ۾ زهرا ٿي ڪيو بسر — غم ۾ پدر جي زهر ٿي چاڙائين خواب و خور
ان ڪان سوا پيا رنج ۽ ايذائي پر خطر — جنهن جو هتي مون قصو لکيو آهي مختصر

هفتاد و پنج روز نبي کان پوء هئي حيات
شش ماه کي چون ٿا پس از شاه ـ ڪائنات

خيرالنسا وصيت آخر ڪئي يا علي — مون تي نماز ڪونہ پڙهي شخص اجنبي
ان جي ڪو جنازي منهنجي تي حاضر ٿئي اچي — تنهن ڪئون اهڙن جو اذن ڏنو ڪين ان ولي
اصحاب مان جنازہ ۔ زهرا سان ڪونہ ويو
جنهن سيدالرسل جي ڪو تڪفين تي نہ هو

زهرا جي غم ۾ جيئن تي رنو شاہ ۔ اوليا — حسنين ان طرح تي ڪيا جان سوز نالها
ماتم رسول جهڙو هي ماتم ٿيو بپا — هي مومنن کي داغ رهيو دل تي دائما
غم فاطمہ جو ڪن يا غم ۔ شاہ ۔ اوليا
شبير جي غم روئن يا غم ۔ شاہ ۔ ڪربلا

ارڙهين ورهيہ جي عمر ۾ زهرا ڪيو انتقال — يارهون هو سال هجرت ۔ محبوب ۔ ذوالجلال
تيرهين جي شب جمادي الاول ۾ ٿيو وصال — بعثت جي پنجين ورهيہ تولد تي بيمثال
جمع جو تي ولادت ۔ زهرائي پارسا
سومر جي ڏينهن حضرت ۔ خاتون ڪئي قضا

زهرا بتول پاڪ تي صلوات ۽ سلام — خير النسا تي رحمت ۔ حق باد مستدام
رحمت خدا جي بنت ۔ محمد تي تا قيام — برڪت خدا جي مادر ۔ حسنين تي مدام
خير النسائي عالم ۔ خير ۔ جهانيان
ان تي سدا سلام خداوند ۔ دو جهان

زهرا جي درد جو جي لکان سارو داستان — هڪڙو وڏو ڪتاب تي جي سب ڪريان بيان
فرصت ڪٿي دماغ ڪٿا سامعين ڪهان — ائين پڙهي ڏسو حديثون جي باقي هجي گمان
هن امر ۾ قرئي کي هدايت ڪري خدا
اڳتي بيان حسن پيو ڪري ڪهڙي ماجرا

** مرثيہ **

حضرت امام حسن المجتبيٰ عليہ السلام

رونق افزائي خلافت جڏ ٿيو حسن المجتبيٰ — مصطفيٰ جي جاءِ ويٺو نور چشم ۔ مصطفيٰ
ميوہ ۔ باغ ۔ ولايت جانشين ۔ مرتضيٰ — سرو بستان ۔ نبوت گوهر ۔ خيرالنسا
سيد ۔ اولاد ۔ آدم سرو ۔ باغ ۔ دين حسن
اشرف ۔ آل ۔ محمد يوسف ۔ گل پيرهن

هتا سلامي در سندس جي جا سيئي اعليٰ امير   هو وصيءِ مصطفيٰ جو صاحب - صدر و سرير
هو نڪو حسب ۽ نسب ۾ هو سندس هر گز نظير   خلق جو مختار ۽ اصبحت مولا جو وزير

پيءُ امير المومنين نانو رسول - خافقين
فاطمه ماءُ پياءُ شهيد - ڪربلا حضرت حسين

هيئن لکيو مرحوم فاضل مجلسي الدر بحار   هو امام - مجتبيٰ هڪ ڏينهن گهوڙي تي سوار
هتا جلو اقدس ۾ ان ڏينهن خاص اڪثر جان نثار   ۽ سلامي خلق حاضر هئي قطار اندر قطار

روشني روئي منور ڀا تجلي طور جي
پاڪ نگي هئي روشني نور - خدا جي نور جي

اتفاقاً راه ۾ پيدا ٿيو مرد - خيره سر   ۽ سوئي حضرت درشتي سان ڪري پنهنجي نظر
بي ادب بيباڪ ڳالهايو گهڻو ٿي بيخطر   هو اذب جو ترڪ جي آٿيان زبان تي ها مگر

ڪئي نه ڪا ان شخص پاس - رتبهٔ - اعليٰ امام
ٿي علانيه ڏنئين دشنام حضرت کي تمام

هنطرح سان جڏهن ڪيو ان شخص حضرت سان ڪلام   منهن ڏسي انجو جهليو حضرت پوءِ گهوڙي جو لغام
۽ چيئين ڇو غيظ ۾ آهين اي مرد - نيڪنام   خنده روئي سان حضرت پاڻ ڪئي سبقت سلام

۽ چيئين اي شخص ظاهر آهي آهين بيوطن
توکي ٿو ڀائيان گرفتار - غم و رنج و محن

جي هجي حاجت ته چؤ حاجت ڪريان تنهنجي روا   ۽ جي درد - مفلسي هئي تا ڪريان انجي دوا
جي مريض آهين ته آهي حق ڪان گهران تنهنجي شفا   جي هجين مقروض تنهنجو قرض ٿي يڪدم ادا

۽ جي تنها آهين تا آئون تنهنجو آهيان غمگسار
۽ جي پياد و هئين ته مرڪب ڏئي ڪريان توکي سوار

جي سفر جو عزم هئي توکي عطا ٿي زاد - راه   جي پڳو آهين ڪنهين کان تا ڏيان توکي پناه
جي بکيو آهين ته توکي طعام ڏيان خالق جي راه   جي برهنه آهين حاضر آهي هي رخت و ڪلاه

۽ جي غمگين آهين تا مون وٽ اچي دل شاد ٿي
قيد رنج ۽ غم کان تون اي شخص اچي آزاد ٿي

جڏهن ٻڌو هنطرح سان ان شخص حضرت جو ڪلام   سر ڪڱون پيرن تائين لرزان جسم ان جو ٿيو تمام
روئي پيرن تي ڪري ڪيئين عرض ڪاي شاه - انام   تنهنجو ثاني ناهي ڪو تون ڪل عالم جو امام

شير - حق جو ۽ وصيءِ مصطفيٰ آهي علي
بيگمان تون آهين عالم جو امام ابن - ولي

مرتضيٰ سان بغض هو عاصي جو ۽ تو سان عناد — اڄ سيوئي محو ٿيو دل جو منهنجي هو فساد
شڪر حق تنهنجي غلامن سان ٿيو منهنجو اتحاد — عفو ٿي تقصير تا حاصل ٿي سڀ منهنجي مراد

منهنجا هن تقصير ۾ ٿين قطع پئي هٿ ۽ زبان
تا مگر مونکي ٿي حاصل باه دوزخ کان امان

انکي سيني سان پنهنجي تڏ ملائي حق جي نور — چئين تہ چو بيتاب ٿو ٿين عفو ٿيا تنهنجا قصور
آندو تو ايمان دل کي منهنجي حاصل ٿيو سرور — هاڻي تون جنت کي وڃجهو ٿئين ۽ دوزخ کان ٿئين دور

مصطفيٰ جي آل جـــي توکي محبت ٿي زياد
اڄ حسن خوشنود توکئون ٿيو ۽ خالق توکئون شاد

ڇا مروت هئي ڇا بخشش حلم حضرت ٿئون نثار — هنطرح جا بي ادب هڪدم ۾ ٿيا ٿي رستگار
فيض عام - شاهدين عالم تي آهي آشڪار — لطف جي ڪا حد نہ هئي ني فيض جو ڪو هو شمار

قالب - خاڪي ۾ نور - حق ڪيو جلوه ظهور
رحمت - حق جي هئي دل ۽ تن سيوئي حق جو نور

۽ رياضت مجتبيٰ جـــي آهي مشهور - انام — عمر ساري صرف ڪيئين حق جي عبادت ۾ تمام
۽ جي مجلس ۾ ڪڏهن دوزخ جو ٿيو مذڪور نام — جسم اقدس هيبت - حق کان ٿي لرزان ٿيو تمام

نـــاز - نعمت سان نپايو حضرت - خير الانام
پر ڪيا پنجويهہ حج پياده پا حضرت امام

هوبهو حضرت جي شڪل - پاڪ جيئن خير البشر — مجتبيٰ سا ڪيو رسول - حق هو سر کئون تا ڪمر
حجره تاريڪ ۾ ٿيندو جي هو ڪڏ جلوه گر — نور حق جي سان منور ٿيندو هو تڏ بام و در

زلف - مشڪين جي هو وچ ۾ جلوه گر روئي جناب
رات ڪاري ۾ ٿيو جئن طالع آفق کان آفتاب

معتبر خبرن مان آهي هنطرح سان ٿيو عيان — هڪڙي عورت هئي حرم ۾ جنهنجو ڇاڱو تا بيان
دشمني جو آن جي حضرت کي هميشه هو گمان — عرض ڪيو اصحاب هنجو محو ٿي نام و نشان

تڏ چيو حضرت جدا مونکئون ٿي هي ڪنهنطرح سان
جڏ مقدر ٿيو اجل آهي سندم هن جي هٿان

پر اهوئي آخر ٿيو جيڪي چو ٿي شاه - نامدار — زهر حضرت کي انهي اسماء ڏنو هو چند بار
تنهن سبب درد - شڪم کان هوندو اڪثر بيقرار — سو طرح جا رنج هئا حضرت جي هڪڙي جان زار

اهڙي حالت بيڪسي ۾ هو امام - دوسرا
روئندو هو اڪثر وڃي پر مرقد - خير الوريٰ

هتا سلامي در سندس جي جا سيئي اعلي امير   هو وصيءِ مصطفي جو صاحب - صدر و سرير
هو نڪو حسب ۽ نسب ۾ هو سندس هر گز نظير   خلق جو مختار ۽ اصحاب مولا جو وزير

پيءُ امير المومنين ناتو رسول - خافقين
فاطمه ماءُ پياءُ شهيد - ڪربلا حضرت حسين

هيئن لکيو مرحوم فاضل مجلسي الدر بحار   هو امام - مجتبيٰ هڪ ڏينهن گهوڙي تي سوار
هتا جلو اقدس ۾ ان ڏينهن خاص اڪثر جان نثار   ۽ سلامي خلق حاضر هئي قطار اندر قطار

روشني روئي منور ڏيا تجلي طور جي
بلڪ نڪي هئي روشني نور - خدا جي نور جي

اتفاقاً راه ۾ پيدا ٿيو مرد - خيره سر   ۽ سوئي حضرت درشتي سان ڪري پنهنجي نظر
بي ادب بيباڪ ڳالهايو گهڻو ٿي بيخطر   هو ادب جو ترڪ جي آٽيان زبان تي ها مگر

ڪئي نه ڪا ان شخص پاس - رتبهٔ - اعلي امام
ٿي علانيه ڏنئين دشنام حضرت کي تمام

هنطرح سان جڏ ڪيو ان شخص حضرت سان ڪلام   منهن ڏسي انجو جهليو حضرت پوءِ گهوڙي جو لغام
۽ چيئين چو غيظ ۾ آهين اي مرد - ايڪنام   خنده روئي سان حضرت پاڻ ڪئي سبقت سلام

۽ چيئين اي شخص ظاهر آهي آهين بيوطن
توکي ٿو جاڻان گرفتار - غم و رنج و محن

جي هجي حاجت ته چؤ حاجت ڪريان تنهنجي روا   ۽ جي درد - مفلسي هئي تا ڪريان انجي دوا
جي مريض آهين ته آءٌ حق کان گهران تنهنجي شفا   جي هجين مقروض تنهنجو قرض تي يڪدم ادا

۽ جي تنها آهين نا آئون تنهنجو آهيان غمگسار
۽ جي پياده هئين ته مرڪب ڏئي ڪريان توکي سوار

جي سفر جو عزم هئي توکي عطا ٿي زاد - راه   جي پڳو آهين ڪنهين کان تا ڏيان توکي پناه
جي بکيو آهين ته توکي طعام ڏيان خالق جي راه   جي برهنه آهين حاضر آهي هي رخت و ڪلاه

۽ جي غمگين آهين نا مون وٽ اچي دل شاد ٿي
قيد رنج ۽ غم کان تون اي شخص اچي آزاد ٿي

جڏهن و هنطرح سان ان شخص حضرت جو ڪلام   سر ڪئون پيرن تائين لرزان جسم ان جو ٿيو تمام
روئي پيرن تي ڪري ڪيئين عرض ڪاي شاه - انام   تنهنجو ثاني ناهي ڪو تون ڪل عالم جو امام

شير - حق جو ۽ وصيءِ مصطفي آهي علي
بيگمان تون آهين عالم جو امام ابن - ولي

مرتضيٰ سان بغض هو عاصي جو ۽ تو سان عناد   اڄ ميونئي محو ٿيو ڏاڍ جو منهنجي هو فساد
شڪر حق تنهنجي غلامن سان ٿيو منهنجو اتحاد   عفو ٿي تقصير تا حاصل ٿئي سڀ منهنجي مراد

منهنجا هن تقصير ۾ ٿين قطع ٿي هٿ ۽ زبان
تا مگر مونکي ٿئي حاصل باه دوزخ کان امان

انکي سيني سان پنهنجي تڏ ملائي حق جي نور   چئين ته چو بيتاب ٿو ٿين عفو ٿيا تنهنجا قصور
آندو تو ايمان دل کي منهنجي حاصل ٿيو سرور   هاڻي تون جنت کي وڃجهو ٿئين ۽ دوزخ کان ٿئين دور

مصطفيٰ جي آل جسي توکي محبت ٿي زياد
اڄ حسن خوشنود توکئون ٿيو ۽ خالق توکئون شاد

ڇا مروت هئي ڇا بخشش حلم حضرت تئون نثار   هنطرح جا ٿي ادب هڪدم ۾ ٿيا ٿي رستگار
فيض عام ـ شاهدين عالم تي آهي آشڪار   لطف جي ڪا حد نه هئي ني فيض جو ڪو هو شمار

قالب ـ خاڪي ۾ نور ـ حق ڪيو جلوه ظهور
رحمت ـ حق جي هئي دل ۾ تن ميو ئي حق جو نور

۽ رياضت مجتبيٰ جسي آهي مشهور ـ انام   عمر ساري صرف ڪيئين حق جي عبادت ۾ تمام
۽ جي مجلس ۾ ڪڏهن دوزخ جو ٿيو مذڪور نام   جسم اقدس هيبت ـ حق کان ٿي لرزان ٿيو تمام

ناز نعمت سان نپايو حضرت ـ خير الانام
پر ڪيا پنجويهه حج پياده پا حضرت امام

هوبهو حضرت جي شڪل ـ پاڪ جيئن خيرالبشر   مجتبيٰ ساڳيو رسول ـ حق هو سر کئون تا ڪمر
حجره تاريڪ ۾ ٿيندو جي هو ڪڏ جلوه ڪيئن ته نور حق جي سان منور ٿيندو هو تڏ بام و در
... جي هو وچم جلوه گر روئي جناب
رات ڪاري ۾ ٿيو ڄڻ طالع آفق کان آفتاب

معتبر خبرن مان آهي هنطرح سان ٿيو عيان   هڪڙي عورت هئي حرم ۾ جنهنجو چالو تا بيان
دشمني جو آن جي حضرت کي هميشه هو گمان   عرض ڪيو اصحاب هنجو محو ٿي نام و نشان

تڏ چيو حضرت جدا مونکئون ٿي هي ڪنهنطرح سان
جڏ مقدر ٿيو اجل آهي سندم هن جي هٿان

پر اهوئي آخر ٿيو جيڪي چو ٿي شاه نامدار   زهر حضرت کي انهي اسماء ڏنو هو چند بار
تنهن سبب درد ـ شڪم کان هوندو اڪثر بيقرار   سؤ طرح جا رنج هئا حضرت جي هڪڙي جان زار

اهڙي حالت بيڪسي ۾ هو امام ـ دوسرا
روئندو هو اڪثر وڃي پر مرقد ـ خيرالوريٰ

۽ عبادت حق ۾ هو مصروف حضرت صبح و شام   گهر ڪئون ٻاهر ڪين اڪثر ويندو هو شاه امام
رات رحلت جي انهي گهر ۾ ڪيو حضرت مقام   جو مدني ۾ هو نئون تعمير از ملڪ انام
رشڪ فردوس برين ٿيو غيرت باغ جنان
آخري شب جو ته گويا هو مڪان ٿيو لامڪان

رات رحلت مجتبيٰ جي هئي شب جورو جفا   رات آفت جي هئي اهڙو ڏينهن نه ڏيکاري خدا
رات اهڙي ۾ رسول الله ماتم ڪيو بپا   رات زهرا جي قيامت جي هئي اندوه بلا
بيقراري ۾ بسر ڪئي مرتضيٰ جي نور عين
مجتبيٰ جي هجر ۾ بيتاب هو حضرت حسين

نصف شب تائين حضرت کي هو ڪي آرام خواب   بستر راحت تي هو بيتاب اڄ والا جناب
داغ ڏيکاريو لهي تي پنهنجي دل جو ماهتاب   خاڪ ۾ پنهان هو هن ماتم کان قرص آفتاب
ٿي ڪريا پيهم اچي تير شهاب از آسمان
۽ فلڪ شبنم جي اشڪن سان پريو روئي جهان

جانور آبي ڇڏي دريا ٿيا خشڪي ۾ طپان   بسڪه دهشت تي تڏهن طائر ڇڏي ويا آشيان
دين جي ارڪان ۾ تازو خلل پيو ناگهان   متصل سنگين دلين جي چشم کان گهوڙا روان
رات قتل مجتبيٰ هئي يا هئي عاشوري جي رات
مرتضيٰ ٿيو قتل يا شاه رسل جي ڪئي وفات

ٿيا مدني ۾ سيڻي آثار محشر جا عيان   اهلبيتن ۾ بپا ماتم ٿيو جنهن جو ڇا بيان
هو گرفتار عزائي شاه ۾ سارو جهان   تڏ ڏنو آواز هاتف غيب جي هيئن ناگهان
اڄ شب اندوه ماتم آهي ۽ جورو جفا
مجتبيٰ عالم ڇڏيو تنها ٿيو شاه ڪربلا

جنهنڪي ڏسڻو هئي ڏسي روئي شه جن و بشر   خاق مان ٿيندو امام مجتبيٰ جو اڄ سفر
شمع بزم مومنين خاموش ٿيندي منجهه سحر   ٿو وڃي دنيا کئون نور حق جو اڄ نور البصر
هاڻي ڪنهن کي اکيون ائين ڏسندؤ وڃي صبح و مسا
قبر کي ڏسندؤ صبح ڏسندؤ نه روئي مجتبيٰ

جڏ پڙهي تهجد ستو هند ني امام محترم   تڏ وڏو پاڻي ۾ اسما زهر قاتل هي ستم
تند کئون جاڳيو تڏ چيئين همشير کي باصد الم   مونکي اڄ ناني ملايو پهنجي سيني سان بهم
اهڙي رقت هئي جو ترڪو ڙهن سان روئي پاڪ هو
۽ رسول حق جو ماتم ۾ گريبان چاڪ هو

سينهٔ اقدس سان مونکي ٿي ملائين وار وار　　　ٿي چئين بيکس سندم شبر اچ ٿو لٽون ٿيان فگار
مرتضيٰ کي هو نه فرط غم کئون آرام و قرار　　　۽ امان خيرالنسا نالان هئي غم کان اشڪبار

مون ٻڇيو ڪهڙي سبب کان چهرهٔ اطهر ٿيو زرد
روئي چئين شبر ابا اڄ آهي منهنجي دل پر درد

ننهنڪئون پوء ٿوڙي ڪنهيو ئي جي ڪوي ڪي امام　　　بي ٻڌي ڏڪ ان مان ڪوڙي ڪي رکيو شد الم
۽ سڏي همشير کي فرمايئين اڄ ٿيان ٿو تمام　　　زندگي آخر ٿي هندم آهيان بيحد تلخ ڪام

هيئن اچا چائين ٿي ظاهر ٿيو اثر سڄهه جسم پاڪ
روزهٔ الماس ڪيو ساري جگر کي چاڪ چاڪ

هيئن ٻڌي همشير ٻڌي آئي جت هو مجتبيٰ　　　جان ڏسي بيتاب آ اڄ درد غم جو مبتلا
چائين آئون توتئون فدا هي آهي ڪهڙي ماجرا　　　تون سلامت هئين ادا همشير ٿي تولئون فدا

هي دغا ڪهڪئون ٿي صادر هئي وري ٿياسون يتيم
تون ابي جي جاء هئين تو لئي سڀني ٿيا دل دونيم

تڏ چئين اي همشير مونکي ناهي ڪي تاب سخن　　　اهڙو آهي درد دلجو ڪا چڱ بلڪ طاقت نه تن
اهڙي بيتابي هئي جو بيحال هو حضرت حسن　　　۽ چئين آئي رکو نزديڪ پر طشت و لگن

جيئن اثر ٿي زهر ڪو حضرت تي ٿيو تيئن بيقرار
هٿ رکي دل تي جهڪيو سو ٿي زمين تي بار بار

تڏ جگر هٿ سان جهلي اوڙهيو امام دين حسن　　　جڏ رکيئون آڻي ڪئي حضرت اڳيان هڪڙو لگن
رنگ ٿيو اعفراني جاري سرخ ٿيو سارو دهن　　　ريزهٔ الماس پيئندي ٿيو زمرد گون بدن

[illegible] زهر ٿئي بيحال ٿيو شاه هدا
سڀ جگر ٿي قطع پر ٿيو طشت سارو مي جدا

سيد الشهدي کي تڏ فضه ڏني هنپر خبر　　　اڄ سو ٿي جهت ڪيو حسن المجتبيٰ قصد سفر
سيد الشهدي وجهي تڏ خاڪ ماتم پنهنجي سر　　　آيو جت اهل حرم هئا خاڪ تي سڀ نوحه گر

مجتبيٰ کي پاٿي پاڪر ٿي روئائين زار زار
جي پنهنجي سنتن کي گريان پر هئا وقت بهار

طشت تڏ ڏيکاري خواهر چو ٿي باحزن و ملال　　　ڏس ادا شبير تون شبر جو آهي ڪهڙو حال
اڄ ادا شبير سڀ برباد ٿي احمد جي آل　　　هڙي آفت مان نه بچند و فاطمه زهرا جو لال

هڪڙو نه جو مجتبيٰ کي درد کئون آرام ناه
قطع ٿي سارو جگر ٽڪرا سڄو ٿيو آه آه

طشت کي شبير ڏسندي سان ٿيو اهڙو بيقرار — منهن رکي شبر جي منهن تي ٿي رنائين زار زار
چاٿين ٿي هي هي ادا قربان ٿيان توتئون نثار — تڏ چمي شبير جي گردن ٿي شبر بار بار
چئين ته مونکان وڌ ستم ٿيندا متهين اي نور عين
قبر ۾ تنهنجي غريبي تي آئون رئندس يا حسين

خانمو ٿيو منهنجو هت تون دفن ٿيندين بيوطن — تنهنجي لاشي کي ادا ملندو نه چهلم تئين ڪفن
پرورش منهنجي يتيمن جي ڪندين باصد محن — پوندا هٿ تنهنجي يتيمن جا ته در دام - رسن
منهنجي لئي تون ۽ حرم ٿيندؤ سڀئي اشڪبار
پر سنده لاشي تي هوندو ڪونه از خويش و تبار

پوءِ کٿي هٿ ۾ ڪيو شبير سو ڪوزه پر آب — ۽ چين پنهنجن سان ان ڪوزه کي لا تئين با شتاب
تڏ اٿي هٿ کي جهليو بنت - علي عليا جناب — ۽ جهليو شبير جي بارو کي شبر دلڪباب
هڪڙي هٿ سان دل جهليئين ۽ ٻئي سان بازوئي حسين
چئين ٿي هي هي چا ڪرين تو تون اي منهنجا نور عين

پوءِ چيئين عباس کي اي مرتضيٰ جا يادگار — آهي ننڍپڻ کئون ادي شبير جو تو سان پيار
تون ٻه ان جي نام تي سو جان سان آهين نثار — هي وصيت منهنجي ٻڌ هي آهي وقت - احتضار
هن سخن کي ياد ڪيو هردم اءِ رئندو هوس مدام
مونکي پنهنجو ناهي غم هن ڏک ڪيو مونکي تمام

مونکي هنپر مخبر - صادق ڏني آهي خبر — ڪربلا ۾ هڪڙي ڏينهن شبير کي ٿيندو سفر
تنهن ۾ راڄ - تشنہ ڪامي آهي ۽ سر جو ضرر — تون رفاقت ۾ ادي جي رهج اي نيڪو سير
جيسين تئين طاقت هئن ۾ تو کي هئي اي منهنجي جان
دامن - دولت ڇڏج ان جي نه تون پنهنجي هٿان

تون علم هٿ ۾ ڪري راه - خدا ۾ ڪج جهاد — جان کي پيارو نه ڪج شبير کان اي خوش نهاد
مصطفيٰ جي آل جي ستائي ڪج اي نيڪ زاد — نهر جي پاڻي مان حاصل ٿيندا سڀ در - مراد
آئون اوهان کان ٿي جدا اڄ ٿو وڃان سوئي جنان
تنهنجي هٿ ۾ هٿ ٿو ڏيان شبير جو اي منهنجي جان

سيدالشهدا کي پاڪر پاڻي حسن المجتبيٰ — چئين ادا شبير منهنجي هي وصيت ڪج ادا
جي نه ڪو سامان خونريزي جو برپا ٿي منا — دفن ڪج مونکي تڏهن نئين در جوار - مصطفيٰ
پر يقين آهي ته مانع ٿيندا دشمن پر ملال
تڏ مونکي نئين دفن ڪج در پهلوئي خيرالنسا

پوءِ چيي قاسم جو منهن پٽ سان ڪيئين هنپر ڪلام تون چراغ آهين لحد منهنجي جو روشن توسان نام

عنقريب عازم سفر جو ٿيند و چاهن صبح و شام تون فدا چاچهن تؤن ٿي مونکي ابا ڪج شاد ڪام

منهنجا جاني پنهنجي سر تي سڀ سهي جور و جفا

پوءِ اچي فردوس ۾ سر پهرين پنهنجو ڪج فدا

جيڪي مجمل هٿ چير توکي اي قاسم جان باب ڪربلا ۾ سڀ مفصل توتي ٿيندو سو شتاب

پوءِ لکي تعويذ پنهنجي هٿ سان با چشم پر آب ۽ ٻڌي قاسم جي بازو ۾ ڪيئين هنپر خطاب

هي وصيت منهنجي قاسم تنهن تي ڪج آخر عمل

توکي ڪم ايندي اي بابا هي مصيبت جي محل

هڪڙو هو فرزند حسن المجتبيٰ جو خورد سال نالو عبدالله شهزاده حسن جو بي مثال

روبرو حاضر هو تنهن سان پاڻ هنپر ڪيئين مقال آخر بن شهدا هي هنجا هٿ و ڏيندا منجهه قتال

هٿ وٺي پٽ جا رکي پنهنجي اکين تي مجتبيٰ

چئين هي آهي فديہ شبير هن تئون آئون فدا

هيئن چئي پوءِ غش ٿيو اندام نور چشم مصطفيٰ سر پٽيو شبير ۽ قاسم وڏي خاڪ عزا

اهلبيتن تي چيو وا مجتبيٰ وا مجتبيٰ خانه سادات ۾ شور قيامت ٿيو بپا

جسم اطهر بر زمين روح مطهر بر سما

مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ گڏجي وٺي ويا مجتبيٰ

مجتبيٰ عالم ڇڏيو ويران ٿيو آباد شهر خاندان مرتضيٰ ۾ ٿيو قيامت جو اثر

خاڪ ۾ پنهان ٿيو برج شرافت جو [illegible] اهلبيت مصطفيٰ برباد ۽ ويران ٿيو گهر

[illegible] شهيد ڪربلا ٿيو مبتلا

اڏن پٽيئين جٺن مرتضيٰ منجهه ماتم خيرالورا

هو مديني کان نجف تيئن گريہ ۽ ماتم بپا ۽ بني هاشم جي محلي ۾ هو اندوه و بڪا

وبو ڇڏي دنيا کي حسن المجتبا دارالبقا مومنن لئي هئي قيامت ڪم نہ از روز جزا

مجتبيٰ تنها ڪري ويو اڄ شهيد ڪربلا

لؤ لؤ المرجان بحرين نبوت ٿيا جدا

جڏ ڏنو غسل و ڪفن شبر کي شاه ڪربلا ۽ در دولت تي سڀ ٿيا جمع خويش و اقربا

تڏ جنازي مجتبيٰ جي کي کڻي ٻاهر هليا هئا مشائيعت لئي سڀ خاص درگاه خدا

نامي جائز غير متوجهہ ٿي بر غسل امام

تنهن سبب پنهنجن مٿن شبر سڀ ڪيو اهتمام

هڪ طرف ڪان هئا جنازي سان ملائڪ صف بصف   انبيا گريان ختم الانبيا سان ٻي طرف
وچ ۾ سر عريان ۽ بيتاب هو شاهه نجف   منهن ڪڍي غرفن مان حورن چئو زهي عز و شرف
جڏ ڪٿي آندئون بقرب روضهء عالم مطاف
سامهان آيا وڙهڻ تي سنبري سڀ اهل خلاف

هو جنازي مجتبيٰ جي سان مروان چشم تر   سيد الشهدا چيو تون ڪيئن ٿو روئين اي خيره سر
بعدي توهان مجتبيٰ تي ظلم خود ڪيا بيشتر   عرض ڪيو مروان مولا ڇا چوي هي نوحه گر
ان طرح سان مون تشدد ڪيا تحمل ڪيو امام
هي تشدد جي جبل تي ٿي ته لرزان ٿي تمام

ڪيئن نه اهڙو حلم هئي آءٌ حلم حضرت تئون فدا   ڪيئن نه هئي صبر و توڪل استقامت ۽ رضا
جن جي حق ۾ پاڻ ٿي فرمايو هيئن خيرالورا   حلم پنهنجو مون ڪيو حسن المجتبيٰ کي سڀ عطا
جنهن کي پنهنجو حلم بخشش ڏي رسول ڪردگار
سو نه صبر و استقامت کي ڪري ڪيئن اختيار

ظالمن ڪئي ڪانه هرگز پاس روئي مصطفيٰ   تير باران ڪيئون جنازي تي مڙي اهل جفا
تير سان مجروح ٿيو بازوئي شاهه ڪربلا   ۽ جنازي ۾ گهڻائي تير اچي پيوست ٿيا
آيو آندم غيظ ۾ سبط رسول ڪردگار
۽ ڪڍي ڪيئن هٿ ۾ نڌ لا سيف الا ذوالفقار

هاتف غيبي جي آئي آسمان کئون هي ندا   صابر و شاڪر تون اي شبر آهين ز ابتدا
سر ڦٽي هي حال ڏسندي سان ٿي خيرالنسا   هن الم کان آهي جنبش ۾ مزار مصطفيٰ
صبر جو هي وقت آهي نامي هي وقت وغا
جنگ تنهنجي جو نه ميدان آهي دشت ڪربلا

۽ وصيت مجتبيٰ جي تي عمل آندئين بجا   وٺو بقيع ڏي کڻي تابوت کي شاهه هدا
تربت زهرا ڏسي گريان ٿيو شاهه ڪربلا   قبر کي ڀاڪر وجهي ٿي چائين يا خيرالنسا
داد هن ظلم و ستم جو ڏيندو محشر ۾ الله
اُمت ختم الرسل ڪيو مصطفيٰ جو گهر تباه

جڏ کڻي تابوت حضرت جو بقيع ۾ رسيا   ۽ رکيئون انهي در جوار مرقد خيرالنسا
۽ ها ستر تير حضرت جي جنازي ۾ لڳا   مومنو هي شخص هئا سڀ اُمت خيرالورا
جن ٿي سر پنهنجا فدا ڪيا بر قدوم مصطفيٰ
تن لئي جي پٽ جي لاشي کي هنيا تير جفا

مومنان هنيږ ڪتابن ۾ صحي آهي خبر هن طرح فرمايو ختم الانبيا خير البشر
مجتبيٰ جي غم ۾ مخلوقات ٿيندا نوحه‌گر جيڪو رئندو مجتبيٰ جي غم ۾ باسوز-جگر

ڪيئن غمگين ٿيندؤ جت غمگين ٿيندا خاص و عام
هت جو رئندو سو صبح خوشدل ٿي اٿندو منجهه قيام

مجتبيٰ جو ٿيو اڏاويهين صفر جي ٿيو سفر سال آئونجاه هو از هجرت-خير البشر
۾ ولادت نيمهٔ-رمضان ۾ ٿي جلوه‌گر سنه سوم هجرت رسول الله شاه-بحر و بر

عمر حضرت جي هئي انوقت ائونجاه سال
ڏينهن اڳاري جي ولادت پنجشنبه ٿيو انتقال

السلام اي نور عين-مصطفيٰ ؤ مرتضيٰ السلام اي يادگار-حضرت-خيرالنسا
السلام اي زهر ڏني مسموم ڪيئي اهل-جفا السلام اي توتي هردم حق جون صلواتون ثنا

السلام اي مجتبيٰ سيد شباب اهل-جنان
السلام والصلوات اي رحمت-رب-جهان

بس حسن اڳتي سماعت جو ڪنهنکي ناهي تاب مجتبيٰ جي سوز غم ڪؤن مرغ و ماهي ٿيا ڪباب
عالم-بالا ڪئون رقت آهي تا حد-تراب تنهنجو حامي ٿيندو حسن المجتبيٰ يوم الحساب

هڪڙي هٿ ۾ نامهٔ-اعمال هوندئي در جزا
هوندئي ٻئي هٿ ۾ سنده دامان-حسن المجتبيٰ

مرثيه

حضرت امام حسين خامس-آل-عبا عليه السلام

مومنان ڇا مرتبو سبط-نبي کي ٿيو عطا پنهنجو ڏاڏو ني ڇيو جنهنکي سدا خيرالورا
۽ حسن سرور کي ٻيءُ پنهنجو ڇيو ني مصطفيٰ بو محمد انجي ڪنيت تا لکن تنهنکئون پڙهيا

ڏس ابا عبدالله هئي ڪنيت شهيد-ڪربلا
يعني عبدالله جو ٻيءُ ڇو رسول-رهنما

جي انڌاري گهر ۾ وهندو هو جڏهن اؤ حق جو نور بام و رد نور-جبن ڪئون ٿيندا هئا نڏ رشڪ-طور
ٿي مڪين جت مصطفيٰ مرسل جي سيني جو سرور وادي ايمن ٿي ڪيو جنهن ۾ اور-حق ظهور

شمع ڪئون ناريڪ گهر روشن جڏهن ٿي سر بسر
نور-حق ڪئون تڏ يلا روشن ٿي ڪيئن بام و در

جت جبين . پاڪ مان روشن هو نت نور . الله — شمع جي حاجت نڪا آت هو لمايان نور ماه
وهند و هو جهڻ گهر انڌاري ۾ امام . دين پناه — هئا ماڪ قربان سلامي جن هئا در شام و پگاه

تيندي هئي جي ڪنهنکي پيغمبر جي زيارت دلپذير
شوق مان ڏسندا وجي هئا روئي شاه . دين شبير

هڪڙي ڏينهن حسنين ڪئي ٿي راند پيغمبرا کيان — تڏ چيو مرسل حسن شبير کي وٽ زور سان
عرض ڪيو خيرالنسا ڪاي قبلهء ڪون ومڪان — ڪيئن وڏي کي چئين ننڍي کي وٽ وڃي تون قصدمان

شاه چو جبرئيل جڏ شبير جي تحريص ڪئي
تڏ چو مون شبر ابا شبير کي تون وٽ آئي

طعام ٿي حسنين کاڌ و منجهه حضور . مصطفي — چو رسول الله بہ گهمرا نوش جان شبر ابا
تڏ چيو خير النسا ڪاي شافع . هر دوسرا — هڪڙي کي چئين نوش جان ٻئي کي نه چئين سو چا ڀلا

پاڻ فرمائين مون چو شبر کي تڏ اي نور عين
جڏ چيو جبرئيل هنياً لڪ مريئاً اي حسين

هڪڙي ڏينهن پينگهي ۾ هو شبير ڏاڍو بيقرار — خواب راحت جي ۾ هئي بنت . رسول . ڪردگار
آيو ات روح الامين جبرئيل از پروردگار — ويهي تڏ پينگهي کي ٿي لوڏيائين با صد افتخار

٤ ٿي چائين خلد ۾ پيدا ڪئي حق نهر . لبن
از براي حيدر و زهرا ۋ شبير و حسن

حضرت . زهرا پوء جاڳي جڏ ٻڌئين هنپر صدا — جان ڏسي پينگهي کي ڪو لوڏي هيء طرفه ماجرا
پر نه لوڏيندڙ تو ڏسجي ني ڪو چولدڙ بر.ملا — تڏ وڃي زهرا بيان ڪيو منجهه حضور . مصطفي

سرور . عالم چو بابا ڪر تون شڪر . ڪردگار
پينگهو ٿي روح الامين لوڏيو بفخر و افتخار

سيد . سجاد ڪئون هنپر لکيو آهي بيان — شخص هڪڙي کي شه دين جو هو منظور امتحان
جڏ اچي حاضر ٿيو فرمايو امام . انس و جان — تون جنب ٿي راه ۾ ڪيئن آئين هت منهنجي اکيان

تڏ چيو ان شخص حاصل منهنجي ٿي دل جي مراد
نور حق جو مون ڏٺو ثابت ٿيو منهنجو اعتقاد

هن روايت کي ڪتابن هن طرح آهي لکيو — هڪڙي عورت ٿي طواف . ڪعبته جو ڪيو
شخص ٻيو آيو پٺيئون تنهن انجي هٿ تي هٿ رکيو — مرد جو هٿ انجي هٿ سان از قضا چسپان ٿيو

جيڪي ڪوشش ڪيئون مگر ٿيا ڪين هڪ ٻئي کون جدا
تڏ چڙهيو مائهن طواف آيا مڙي سڀ هڪڙي جا

هي خبر حاڪم ٻڌي وارد ٿي ان هنڌ باشتاب — جڏ پڇيئين فتوي ڇيئون ٿيو قطع دست امر۔ صواب

ان ڇيو ڪو آهي هت اولاد از ختمي مآب — چائون هت آهي حسين ابن۔ علي عاليجناب

تڏ سڏي حضرت کي چيئين ڏس هنجي سر ٻئي ڇا بلا

تڏ شه۔ دين ڪعبه رؤ ٿي حق جي درڪئي دعا

پهر بن حضرت مدتون مشغول هو اندر دعا — تنهنکئون پوء تشريف آندئين جت ها ٻئي هو مبتلا

دست اقدس سان دست۔ مردزن کئون ڪيئين رها — هنطرح اعجاز سان سڀ حاضرين خور سند ٿيا

پوء تڏهه حاڪم پڇيو هنکي ڪبو ٿيو ڪو عذاب

شاهدين فرمايو لازم ناهي حد ني ڪو عتاب

ڪتب راوندي ڪيو هنطرح سان آهي بيان — ڪابلي خالد جي هيئن اسناد سان ٿي ٿو عيان

آيو هڪڙو شخص منجهه خدمت امام۔ دوجهان — رئندي چئين هن شخص جي اڄ ماءُ مري وئي نا گهان

ڪين وصيت ڪا بجا آندئين بوقت۔ انتقال

پر مونکي اڳهين هئي چوالدي ٿي جڏهه منهنجو وصال

ڪين ڪج فرصت وڃج منجهه خدمت۔ شاه۔ انام — شاهدين ٿي مطلع پوء جيڪي ارشاد۔ امام

سو ٻڌائج آيو آهي تنهنجي خدمت ۾ غلام — هيئن ٻڌي حضرت روانو ٿيو هو جت انجو مقام

آيو جڏ قرب۔ مڪان تڏ هت کڻي سوئي سما

هٿا اچا جنبان لب۔ جان بخش حضرت منجهه دعا

هو اٿي ويٺي شهادت چئي امام آيو قريب — هٿ رکي پيرن تي هيئن ڪيو عرض تڏان خوش نصيب

منهنجي حق ۾ ٿي مسيحا آئين اي حق جا حبيب — جيڪي فرمائيندين آئيندي بجا تئن هي غريب

تون پنهنجي وصيت ڪر ادا

ناهي ڪي مومن جي حق ۾ انکان وڌيو ڪي ڀلا

ان چيو جيڪي هجي ارشاد سو آئيان بجا — منهنجو مالڪ منهنجو آغا ناهي ڪو تو کؤن سوا

شاه فرمايو مون چو توکي وصيت ڪر ادا — عرض تڏ ڪيئين مال جو ثلث آهي تنهنجو سيدا

۽ ٻه ثلث ان مؤن سي منهنجي پٽ کي ڏي يا شاهدين

پر بشرطي جي هجي تنهنجي محبن مان يقين

۽ مخالف هئي ته هي سڀ مال مال۔ مومنين — مال۔ مومن ۾ منافق کي ڪو حق ناهي يقين

۽ فلاني جاء ۾ هي مال سڀ آهي دفين — ٻي وصيت هي ته متڪفل تون ٿي يا شاهدين

اٿين چئي في الفور پوء راهي ٿي عقبيٰ جي محل

شاهدين انجي وصيت جي موافق ڪيو عمل

هڪڙو عبدالله نالي شخص ڪو بيمار هو   ۽ گهڻو ني تپ جي شدت الڪي هو عاجز ڪيو
شاهد بن انجي عيادت ڪاڻ ويو تپ رفع ٿيو   بلڪ حضرت ساڻ تپ ڳالهايو سو ٻڌ ان ٻڌو

تڏ چو عبد الله تپ انجي اطاعت ٿو ڪري
شاهد بن چو ناهي ڪي جو آهي طاعت ڪؤن ٻري

هي روايت ٿا لکن اڪثر ڪتب ۾ خاص و عام   ڪربلا ۾ بيگنهه جڏ قتل ٿيو شاه - انام
ڇهه مهينا رت رنو ٿي آسمان هر صبح و شام   ۽ زمين ڪؤن ٻڻ ٿي نڪتو سرخ رت از هر مقام

بلڪ رنگين ٿيو شفق انو قت ڪؤن هنطرح سان
هيئن ته اڳهين سرخ هو هرگز نه روئي آسمان

انجو باعث ابن - جوزي هنطرح سان ٿو لکي   يعني جڏ ڪو ڪنهن سبب غيظ وغضب ۾ ٿو اچي
بالضرورت منهن ٿو انجو غيظ ڪؤن تڏ سرخ ٿئي   حق تعاليٰ پاڪ آهي جنهنڪي مثلا منهن هجي

ان سبب ٿو ٿئي ٻ ڳهمرا سرخ روئي آسمان
قاتلن تي غضب ڏيکاري ٿو رب - دو جهان

ٿا لکن اڪثر ڪتب ۾ هي روايت معتبر   جڏ سر - پر نور کي نيزي تي چاڙهيو اهل - شر
۽ ٿيو هڪ شام جي ڪوچه مؤن جڏ سر جو گذر   تڏ پڙهي هڪ شخص هي آيت ز قول - دادگر

آهي جنهن هنڌ ڪهف جي اصحاب جو قصو عجيب
چو سر - پر نور منهنجو حال انکئون پڻ غريب

زيد بن ارقم ڪئون اڪثر ٿا لکن هنپر پڙهيا ۰۰۰ جڏ سر - اقدس سنان چاڙهي گهمايو اشقيا
آءُ اتي ماڙي تي ويٺو هوس محزون مبتلا ۰۰ سر پڙهي آيت جا اهل - ڪهف جي هئي ماجرا

مون ٻڌي هٿ سر تي تڏ پنهنجي هنيا با صد تعب
آهي اهل - ڪهف ڪئون احوال تنهنجو پر عجب

هڪڙي ڏينهن مشغول هو طاعت ۾ ختم الانبيا   روج جي ڪنهن ٻار جي پئي گوش اقدس تي صدا
طاعت - حق ختم سرعت سان ڪري خيرالورا   آيو ٻاهر ۽ پڇيئين هي آهي ڪهڙي ماجرا

چائون ٿو ڪو ٻار روئي اي رسول - خافقين
پاڻ فرمايئين مون پاليو روئي ٿو منهنجو حسين

مومنان آهي روئڻ ٻارن جي سن جو مقتضي   سو روئڻ شبير جـــو هو نا روا نزد - نبي
تڏ رواڙيو ڪربلا ۾ جن حسين ابن - علي   تنهنڪئون ڪيئن ناخوش نه هئي روح - رسول - ايزدي

جن رواڙيــو ڪربلا ۾ بيگنهه حضرت شبير
تن جي دوزخ تي سزا انجي جزا بئس المصير

ماءُ جي هنج ۾ رلو هڪ ڏينهن شاهِ ڪربلا   جڏ رسول الله جي پئي گوش اطهر تي صدا
تڏ چيائين خيرالنسا کي فاطمہ زهرا هي ڇا   منهنجي دل ۾ درد ٿو هنجي روئڻ ڪوڻ ٿي اٿا

جڏ ڏٺئين شبير جي گريہ ڪوڻ زهرا کي عتاب
ڇا سزا تنجي رواڙيو جن حسين عالي جناب

تا لکن الطرح سان ٿيو آسمان ڪوڻ رت روان   ظرف جيڪي ها اُتي سي سڀ ڀريا ان خون سان
بلڪ جن ڪپڙن تي پيو سو رت وهي از آسمان   جيسين تئين قائا پراڻا ٿيا نہ ويا داغ آن منجهان

جڏ سر سرور پئين دارالامارت ۾ رکيو
گهر جي ديوارن ڪوڻ تازو خون تي اُندم وهيو

سرور شهدا جي ماتم ۾ ٿيا جن اشڪبار   مرثيا جوڙيا جنن جي ٿيا هميشہ يادگار
اُم سلمہ سي ٻڌا جفت رسول ڪردگار   جڏ چوون جن مرثيا ۽ ٿين گريان زار زار

تڏ ٻلا ماٺهن کي خود داري ڪا گهرجي هن مقام
ماتم عظمي ۾ سر پنهنجا پٽيو اي خاص و عام

تا لکن جڏ شام ڏي نيزي تي سر چاڙهي هليا   هڪڙي منزل تي نگهبان جڏ رمي آسوده ٿيا
تڏ پٽيا مشغول شرب خمر ۾ ٿيا برملا   جان ڏسن تا دست قدرت آهنين ڪوڻ ٿيو جدا

سو قلم هو آهني ۽ رت سان آن تحرير ڪيو
تڏ آئي پانيئون ونون هٿ هٿ مگر مخفي ٿيو

۽ لکيئين هي شعر جنهنجي آهي هنيئر مدعا   وائي تن تي جن ڪيو مقتول شاهِ ڪربلا
باوجود انجي اوُ چاهن تا نہ منجهہ روزِ جزا   ٿيندو شافع حشر ۾ بيشڪ اسانجو مصطفيٰ

شفاعت ڪانہ ڪا ٿيندن حصول
باهہ دوزخ جي قبولي سر تي آن قوم جهول

جڏ سر سرور کي نيزي جي مٿي چاڙهي هليا   ۽ رسيا هڪ جاءِ جت هئي دير راهب جي ٻيا
اُنجي در تي هو لکيو هڪ شعر هنيئر ز ابتدا   يعني آنرجو اُمت قتلت حسيني ڪربلا

جڏ پڇيئون هي شعر هن هند ڪڏ لکيئون از ابتدا
اُن چو پانصد سال پيش از بعثت خيرالورا

هنطرح سان آهي غنية الطالبين ۾ درج ٿيو   جڏ شهِ دين ڪربلا جي دشت ۾ تنها رهيو
تڏ فرشتن درگهہ داور ۾ هنيئر عرض ڪيو   آهي تنها دشت ۾ اڄ مصطفيٰ جو لاڏلو

منتظر آهيون اسين ٿي رخصت خيرالانام
تا وڃي حاضر ٿيون اسين بهر امداد امام

ٿيو فرشتن کي تڏهه فرمان از رب الوهاب   جي مدد لئي ٿا وڃو تا مر وڃو ائين بي حساب
ائين ٻڌئون فرمان تڏ آيا زمين تي باشتاب   سيد الشهدي ٿيو اڳهن از شهادت شرفياب
عرض ڪيئون درگاه حق جي ۾ ته اي دانائي راز
بارالاها ڇا ڪريون مقتول ٿيو شاهه حجاز
تڏ فرشتن کي رسيو هيئن امر از پروردگار   جي اوهين پانيو ته ٿي راضي اوهانکؤن ڪردگار
ٿي مجاور قبر ڌي مظلوم جي ٿيو زار زار   تا قيامت ٿئين رهو هن سوز غم کؤن اشڪبار
تا اوهانکي مرتبو شهدا جو حق کؤن ٿي حصول
حق اوهانکؤن ٿيندو راضي جي رهيؤ ائين دلملول
مومنان بعضي چون ماتم ڪرڻ ناهي روا   پر عجب هن ڳالهه جو آهي مونکي دلم سدا
جڏ ملڪ گريان ٿيا بهر شهيد ڪربلا   جي خدا اصلي بري ڪيا از معاصي ۽ خطا
جنکي ناهي ڪا شفاعت جي ڪا حاجت در جزا
اسين ته روئون جن کي مرسل ۾ ٿي آميد شفا
جنجو هو شان و شرف مهر فلڪ کؤن آشڪار   جنجو قدر و منزلت هئي حق جي درتي بي شمار
جنکي پيءُ ڏاڏو ٿي پنهنجو چو رسول ڪردگار   جنجو پينگهو فخر سان لوڏيو ٿي ملڪن بار بار
هڪڙي کي زهر جفا ڏيئي ڪيئون ناحق شهيد
ٻي کي کوئي ڪربلا ۾ قتل ڪيو قوم عنيد
پٽ ڪيو پنهنجو فدا هو جنهن لئه ختم المرسلين   جنهنجي لئي پيدا ڪيو حق نهر لبن ماؤ معين
جنهنجي لئي پيدا ٿيون جوئي شراب وا نگين   تنهنجو سر نيزي چڙهيو ۽ تن پيو بر روئي زمين
دختران آل مروان در وطن با زيب و زين
دختران مرتضي کي قيد ڪيو اعدائي دين
مينهن تيرن جا وسيا سرور تي منجهه دشت قتال   منهن نه موڙيو جنگ کؤن پر مصطفي جي نونهال
خاتمو ٿيو پنجتن جو جڏ ٿيو وقت زوال   هو نه شڪوه ني شڪايت ني ڪو اندوه و ملال
هر زمان شوق لقائي حق هو مولا کي ڪمال
سر چڙهيو نيزي تي تڏ خوش ٿيو وليءُ ذوالجلال
مومنان حضرت کي هو امت جي بخشش جو خيال   ورنه ڪو شه سان مقابل ٿي سا هئي ڪنهنجي مجال
ورثه دار مصطفي جو هو وليءُ ذوالجلال   شبر سان روبه مقابل ٿي عبث آهي خيال
راهه حق ۾ سر نوائي سر سٽئين زخم سهام
بل نه تنها سر تي سر پرن ٿئين زخمي ٿيو تمام

جنهنکي ريحان- نبوت ڏي چيو خيرالورا   جنهنکي سيني تي اپايو حضرت- خيرالنسا
جنهنکي حق پوشاڪ ڪئي فردوس اعليٰ جي عطا   سو هو سجهه دشت مصيبت- ڪربلا جي مبتلا

مصطفيٰ جي آنين بيڏوهه مارايا اهلبيت
ڪربلا کؤن شام تئي ڪوفه رولايا اهلبيت

جڏ لڳاتي زخم حضرت ڪيا ٿي شڪر- ڪردگار   چئين ٿي تنهنجي راه ۾ سهل آهي جي سر ٿي نثار
سر چڙهي نيزي ٿي سرگردن وهي خنجر جي ڌار   گهر تصدق آهٔ فدا حاضر هي سر هي جان زار

وعدهٔ طفلي تي حڪم آهي سبط- مصطفيٰ
مونکي هو ڪو ياد اڄ ناهي خدايا تو سوا

جيڪي تنهنجي راه ۾ سر تي رهي سو سڀ قبول   ناهي ڪندي ڪي ڪي حڪم- حق ۾ ڪا جائي عدول
ڪنهن طرح سان ناهيان ڪي جور و جفا ڪؤن دلملول   پٽ ڪسن پائتيا مرن سر پائر پائج رب وصول

مرحرم قيدي ٿي ڪوفه ڏي وڃن يا ملڪ شام
آمت- احمدؐ جو پر پردو رهي روز- قيام

سرخ چهرو منهنجي رت سان ٿي ته آهٔ نيان سرخرو   آخري طاعت جو پنهنجي رت سان ٿي منهنجو وضو
تنهنجو نازڪ ورد- زبان هئي جڏ چڙهي سيني عدو   سرودي سجدي ۾ منهنجو شمر ظالم ڪيهه ٠ڙ

سر چڙهي نيزي ته مون نيزي چڙهي معراج ڪيو
تن پوي رڻ بيدفن تا منهنجو مقصد ٿي سجو

شاهدين هنپر ڪيو خالق سان تي رازو نياز   سر ڪيو معبود جي سجدي ۾ هو شاه- حجاز
چؤطرف آيا ڪري يورش- عدوئن [illegible] ڪي مجروح ڪيو جڏ دشمنن اندر نماز

[illegible] جو شمر- بيحياتن کؤن وڍيو
هيڏي احمد سان علي ۽ فاطم سر تي پٽيو

ملڪ ۽ ملڪوت ۾ ٿيو شور محشر جو بپا   جئن رونو اهل- زمين تئن آسمان تي حشر هئا
هر طرف کؤن وا حسينا واحسينا هئي صدا   عالم- بالا کؤن تافرش- زمين ماتم ٿيا

سر پٽيئون سينه ڪٽيئون ڌيئون خاڪ ماتم پنهنجي سر
آسمان تي جئن ملڪ تئن پر زمين جن و بشر

سال تاريخ- ولادت حضرت- شبير جي   سال چوٿون هجرت ۽ شعبان جي تاريخ ٿي
هو شهادت ڏينهن جمعي جو ڏهين محرم جي هئي   ماده تاريخ چئون ٿيو قطع هي قلب- نبي

عمر الونجاه ورهن ۾ امام- ذوالڪرام
سر رضا حق جي مڃي حضرت هليو دارالسلام

شاه تي صلواة شاه. دين تي رحمت ڪردگار   هر زمان آهي حسن جو ورد ٿيو ليل و نهار
مصطفيٰ جي آل تي سو جان سان آهيان نثار   تنهنجي لشڪر ۾ ٿيان محسوب در روز۔ شمار

روز و شب ۾ آهيان تهدل کان ثنا خوان۔ حسين
عرصئہ محشر ۾ سنهنجو دست و دامان۔ حسين

* مرثيہ *

حضرت امام زين العابدين سيد الساجدين عليہ السلام

مومنان جي ڏک ڏنا يعقوب منجهہ هجر۔ پسر   تنهنکان واڌو غم ڏنا سجاد منجهہ هجر۔ پدر
هنجي فرقت جو زمانو هو نهايت مختصر   سيدالسجاد ڪٽي سڀ عمر فرقت ۾ بسر

تورڙن ڏينهن ۾ هو پٽ سان ملي ٿيو شاد ڪام
ياد مائٽن جي ۾ هو سجاد رُندو صبح و شام

اتفاقاً هڪڙو يوسف جيڙو ٻيءَ کان ٿيو جدا   پيا سڀئي حاضر هئا پٽ يعقوب وٽ صبح ومسا
تنهن سوا هئا گرد اُنجي مائٽ مٽ دوست آشنا   هت سڀئي آل۔ محمد رڻ ۾ ٻڪجا قتل ٿيا

جڏ هؤ رُندو هو ڀڙي نڌ مائٽ ايندا هئا تمام
وچہ هي چوڦير هٿ ۾ تازيانئہ اهل۔ شام

پيا سڀئي يعقوب سان ٻڪجا هئا يوسف کانسوا   سو ٻہ ڄاڻئين ٿي تہ جيئرو آهي منجهہ دارفنا
هت سڀن جا ڌڙ هئا رڻ ۾ سر چڙهي نيزن هليا   ڌڙ بہ ٻن سڀ بيدفن هئا رت جي دريا ۾ پيا

هن ٿي پانيو آءٌ ملي يوسف سان رهندس شاد ڪام
هنجو وعدو وصل جو مائٽن سان در روز۔ قيام

آئي رکندا هئا اڳيان حضرت جي جڏخراز۔طعام   اندرو روئندو هو ٿي ٿيندو هو دستر خوان تمام
عرض ڪنهن دلخواه ڪيو اي جملہ عالم جا امام   هي روڻ حضرت جو رهندو ڪيسين تئين جاري مدام

نڌ جيئين يعقوب هو ڪهڙو رسول۔ ڪردگار
فرقت۔ فرزند ۾ ڪيئن روئي ٿيو زارو نزار

هن ٻڌي ماڪن کان يوسف جي جيئڻ جي هئي خبر   تڏہ اُجو ڪم نہ ٿيندو روج هو شام و سحر
منهنجا ڪيئن مارئا اڳيان منهنجي سڀئي جاني جگر   مرلڪي ڪيئن وسرن جي ٻڪجا قتل ٿيا پيش۔ نظر

جڏ نہ هڪڙي پٽ جي فرقت جو هو پيغمبر کي تاب
ڪيئن تڏہ پنهنجي سڀن کي هي وساري دلڪباب

کيئن نہ رڻان تن لاءِ جن تي منع ٿيو آب فرات   جنهنکي وحش وطير بي سيراب ٿا سپ ڏي حيات
ڪيهن پڌي يا ڪنهن ڏٺي انطرح جي ڪاواردات   تشنہ لب دريا جي پر ٿيو قتل شاہ ڪائنات
جنهنکي پيغمبر ٿي پاليو پنهنجي سيني تي سدا
تنهنجو سرنيزي تي چاڙهي شام ڏي ڪوفي هليا
سيدالسجاد ڪي هڪ شخص چو روحي فداڪ   اهڙي ماتم پر ڪندين تون نفس پنهنجي کي هلاڪ
تا چيئين مون نفس پنهنجو ماري ۽ ڪيو سينو چاڪ   آن سبب کان هيئن روڻان تو ۽ مهان تو سرتي خاڪ
جيسين تئين جيئندس هي رهندو حال هيئن مهنجو سدا
ڪڏهن ڪم ٿيندو هي ماتم ڪشتگان ڪربلا
تو چوي راوي تہ هو هڪ پيرمرد از اهل شام   پر نہ هو عارف بحال عترت خيرالانام
سيدالسجاد جي نزديڪ اچي ڪيئين هي ڪلام   شڪر حق جنهن ڪيو اوهانکي دربدر رسوائي عام
معويہ پٽ کي اوهان تي ڪيو مسلط دادگر
شهر خالي ٿيا اوهان کان ۽ ٿيا ويران گهر
ڏهن چيو حضرت ڪلام حق ڪوُن آ ين آشنا   آن چيو آهيان تڏہ حضرت چو ڪر خوف خدا
ڪيئن پڙهيئي الالمودت منجهہ ڪلام حق نما   سواي شخص آهي اسانجي حق پر نص ڪبريا
جي تون مومن آهين منهنجي تي محبت توتي دين
سي اسين آهيون ولايت جنجي حق ڪئي فرض عين
واعلمو انما غنمتم حڪم حق جو برملا   آهيون اسين اي شيخ اقرب اقرباي مصطفيٰ
واتِ ذي والقربيٰ پڙهيئي ڪي از ڪلام ڪبريا   جي اسان جو نص قرآن سان ثابت ڪيو خدا
[illegible] رجس کي هوندئي پڙهيو
بطهر و تطهير اسانکي پاڪ ۽ پاڪيزہ ڪيو
تڏ پشيمان ٿي رنو تي شيخ آندم زار زار   چيئن ٿي مون توبهہ ڪئي اي معجتہ پروردگار
شاہ چو توبهہ قبول آهي سندءِ اي ديندار   ان چيو بيزار دشمن ڪوُن سندءِ هي جان نثار
نئي رسالئيون هي خبر جنهن وقت در سمع يزيد
قتل ٿيو اوُ بيگهہ آندم بنر سان عنيد
عرض جڏ حضرت کي ڪيئون ڪاي يادگار مرتضيٰ   تو تي دنيا پر نهايت سخت گذرد ا حادثا
اهڙا ڏک ڪنهن بئي ڏٺا ني انبيا ني اوليا   پر هو سپ کان ڪهڙو ڏک ڏاڍو ٿئين جنهن پر مبتلا
تڏ چيو حضرت تہ اول ڪوُن وني تا اختتام
سپ کان واڌو مونتي گذري سخت منزل شام شام

مومنان هن امر ۾ آهي تصور جو مقام　　سڀ ڏکن کؤن شام جي سختي کي ڏاڍو چو امام
قتل ٿيڻ چاچا ۽ سوڻن ڀائن سوڏا ٿيا تمام　　ياد ڪيو پر شام جي سختي رنو ٿي صبح و شام

بيگمان سچ آهي اعدا جي شماتت سخت تر
ان سبب هو شام جي سختي ڪيو دل تي اثر

شام جي سختي نه هئي ڪيئن سڀ ڏکن کؤن سخت تر　　اهلبيتن کي نه برقعو منهن تي ني چادر به سر
طاس سوني ۾ سر شاهنشه جن و بشر　　هند پوٽو معويه پٽ هو مڪين بر تخت زر

اٿن پڌئون يڪجا هئا ارڙهن اهلبيت ذوالڪرام
هڪڙي رشتي ۾ هئا جن تسبيح جا داڻا تمام

روبرو پنهنجي سڏائي عترت خيرالانام　　تخت تي ويٺو يزيد بيحيا جو آن مقام
قتل کان وڌ شام جي سختي کي تڏ چئو امام　　تنهن سبب کؤن چو ٿي حضرت سخت منزل شام شام

بند ۾ ماڻئن جي حضرت رات و ڏينهن هو ڪيو بسر
يا عبادت حق جي هو مشغول شاه بحرو بر

هڪڙي ڏينهن مشغول طاعت هو امام دوسرا　　پاڻ کي شيطان مثل ڪيو بشڪل اژدها
قصد انجو هو ته تي طاعت خدا جي کان جدا　　ملتفت پر ڪين ٿيو ڪنهن طرح سان شاه هدا

پير حضرت جو انگوٺو وات پنهنجي ۾ وجهي
ڏنگ هنيئين حضرت مگر ترڪ عبادت ڪين ڪئي

هو انهي مشغول طاعت ۾ شه طاعت گذار　　ٿيو عبادت کؤن جڏهن فارغ واي ڪردگار
تڏ چيئين شيطان پري ٿي مونکؤن ناقص نابڪار　　آيو تڏ آواز سمت آسمان کؤن هيئن سه بار

عابدن جي زينت آهين تون ولي مومنين
ان سبب کان ٿيو لقب حضرت جو زين العابدين

ابن شهر آشوب زهري کؤن روايت ٿو لکي　　حڪم سان عبدالملڪ جي سيدالسجاد کي
جڏهن ٿيون ٿي طوق ۽ زنجير ۾ تي شام ڏي　　تڏ نگهبانن کان رخصت ڪنهن طرح حاصل ڪري

سيدالسجاد جي خدمت رسي گريان ٿي
عرض ڪيم هي مرپون ها منهجي گردن ۾ سيئي

تڏ چيئين زهري تون ڄاڻي ٿو ته هي آهن گران　　مونکي طاقت نام جي آهي دفع هي مشڪل کريان
پر هي مون سر تي سدا پنهجي سنتراز بهر آن　　تا عذاب حق هجي هر لحظه خاطر تي عيان

اٿين چئي حضرت ڪڍيا ٻاهر سيئي زنجير بند
۽ چيئين هنپر هي آهن مون اکيان درد و گزند

ائن چئي پوءِ طوق ۽ زنجير سڀ حضرت ڏٺا   چائين ڀڻ ڏينهن کؤن هرگز ڪين وينديس آءٌ سوا
پوءِ مديني ۾ نگهبانن تي گهوليو جا بجا   مون پڇيو تنهن کان ته ٿوڙي آهي ڪهڙي ماجرا

چئون اسين ڇا چئون سڀئي حيران آهيون سر بسر
رات ساري ڪئي امان پهري ۽ چوڪي ۾ سحر

ٻن ڏينهن کان سيد السجاد امانکؤن ٿيو نهان   سو نه چالون تا زمين تي آهي نا ٻرِ آسمان
جي پڇي عبدالملڪ تنهن سان ڪريون ڪهڙو بيان   ڪنهن طرح سان ڪينڪي باور ڪندو مي داستان

ڇا ڪريون حيران آهيون هن واقعي ۾ سر بسر
ان سبب در در ڦرؤن ٿا نا ملي ٿي ڪا خبر

پوءِ جڏهه عبدالملڪ وٽ آءٌ ويس منجهه ملڪ شام   ۽ حقيقت حال مون ڪئي ان سان سڀ ساري تمام
تڏ چيئين مون وٽ انهي تاريخ ۾ آيو امام   مونکي جرأت ڪانه ٿي جو آءٌ ڪريان ڪوبه ڪلام

۽ چيو جي تنهنجي مرضي هجي تون رهه مون وٽ سدا
چائين آئون ويندس مديني ۾ جتي خيرالورا

مون چيو عبدالملڪ کي اي اميرالمسلمين   جنهن طرح تنهنجو گمان آهي بسوئي شاهدين
ناهي ڪو انجو ارادو ڪنهن طرح سان بغض و ڪين   شغل انجو جز عبادت حق جي ٻيو ناهي يقين

تڏ چيئين انجو خوشا احوال خوش انجا شغل
۽ خوشا انجا ارادا ۽ خوشا انجا عمل

هي روايت تا ڪتابن ۾ لکن هنپر پڙهيا   ڪڏهن مشغول طاعت گهر ۾ هو زين العبا
ڪوهه [illegible] هو اتي قرب در دولت [illegible] پيو ڪري باقر منجهس يوسف لقا

[illegible] حرم ني نالهءِ و زاري ڪئي
اڙو هو مشغول طاعت جا خبر مطلق نه ٿي

تڏ چيو هيئن بنت حسن المجتبا باقر جي ما   سخت دل آهين تون ڏاڍو بيگمان اي مقتدا
ٿيو جڏهن فارغ عبادت کؤن امام دوسرا   تڏ چيئين هن طرح سان ڪين اضطراب آهي روا

ائن چئي پوءِ کوهه مؤن ٻاهر ڪڍائين پنهنجي جان
۽ چيئين ٻيءَ ماءُ کؤن وڌ خالق اسانجي مهربان

پوءِ چيئين چائج صحي اي بنت حسن المجتبا   جي نه هئان ان طرح سان مشغول طاعت خدا
ڪئن ڪڍان ها کوهه مان هٿ سان پنهنجو دلربا   طاعت حق ۾ نه گهر جي ياد ڪو حق کؤن سوا

جڏ سڀئي تو ترڪ ڪيا حق کؤن سوا ٻيا يڪقلم
حق نڏيو توسان ملائي ٻارُ سان يڪجا ڪيو ضم

هڪڙي ڏينهن مشغول طاعت گهر ۾ هو شاه انام | باھ ان گهر کي لڳي تا سقف سوزان ٿيو تمام

گهر جي ماڻهن ٿي وسايو باھ کي هر خاص و عام | بيخبر ان باھ کؤن مطلق رهيو حضرت امام

جڏ پڙهي فارغ ٿيو تڏ ڪيئون باھ جي ساري خبر

تڏ چيائين باھ دوزخ جي وساريا هي شرر

هڪڙي ڏينهن اولاد حسن المجتبيٰ مان هڪڙي تن | پٽ هو حسن المجتبيٰ جو انجو نالو هو حسن

تنهن ڏنا دشنام حضرت کي ڪيئين بيجا سخن | ڪونه ڪو پاسخ ڏنو انکي امام مؤتمن

جڏ ويو ابن حسن حضرت رفيقن کي چيو

آن ڏنو پنهنجي اکئين جيڪي حسن مون سان ڪيو

سڀني انپر عرض ڪيو اي جمله عالم جا امام | اسين گهٽو ٿي رنج ٿيا ها سون ٻڌي انجا ڪلام

تڏ چيو حضرت هاو مون سان اٿين گڏجي تمام | سڀني پانيو ٿي تہ حضرت انکان وٺندو انتقام

جڏ پڙهيئين الڪاظمين الغيظ سڀ کي ٿيو يقين

ڪنهن طرح سان ڪين انکؤن وير وٺندو شاهد ٻن

انجي در تي آيو ۽ ڪيائين اچي انکي طلب | آيو الدم گهر کؤن ٻاهر تي پر از غيظ و غضب

تڏ چيو حضرت تہ تنهنجي هو طلب جو هي سبب | تون ٿو چئين جي عيب سي آهن حقيقت ۾ جي سڀ

تڏ تون چؤ حق کون گهران مونکي ڪريتن ڪان بري

۽ جي ناحق تو کي بخشايان دعا حق کؤن گهري

ان چميو روئي مبارڪ ۽ جبين شاهدين | چائين تون بي عيب آهين چائي رب العالمين

تون تہ آهين افضل اولاد ختم المرسلين | عفو ڪر جيڪي چيو مون تو کي هو ازبغض و ڪين

تڏ چيو حضرت مون بخشيو تو کي ۽ بخشيئي خدا

تون نہ ڪر انديشو مونکي دل ۾ ناهي مطلقا

ڪربلا کؤن جڏ مديني ۾ رهيو شاه انام | تڏ محمد حنفيه ابن علي عالي مقام

چائين آءٌ حسنين کون پوء آهيان عالم جو امام | تڏ چيو حضرت تہ چاچا ڊڄ ز رب ذوالعلام

جنهنجو ناهين مستحق تنهن امر جي دعويٰ نہ ڪر

منهنجو حق آهي امامت بعد شبير و شبر

پر محمد هو گهٽو ٻئي جي امامت کؤن نفور | تڏ چيو حضرت امين هن ۾ ڪرڻ آهي ضرور

تڏ مقرر ٿيو وڃڻ ٻئي حجراسود جي حضور | آيا ٻئي گڏجي حجر جي روبرو صدر الصدور

۽ چيو حضرت مسن آهين تون پهرين ڪر ڪلام

تڏ محمد حنفيه بيهي حجر کي ڪيو سلام

پرئہ تي مطلق حجر مان ڪا نہ ظاهر ڪا صدا — تڏ اچي بيلو مقابل حجر جي نور ـ خدا
سيد السجاد زيب ـ زاهدين زين العبا — پهرين حضرت ڪيو يگانہ لئي دوگانہ ڪي ادا

عرض ڪيئين درگاہ رب حي ڪاي ڪريم ـ ڪارساز
حجر کي هندم تون گويا ڪر تہ ٿي هي ڪشف راز

پوءِ چيو هنپر حجر کي تڏ امام ـ دوسرا — اي حجر تو کي قسم آهي بذات ـ ڪبريا
جنهن رکيا تو ۾ امانت عهد پانهن جا سدا — جو تہ ٿي في الحال سڀ تي منڪشف مي مدعا

جا حقيقت هئي سا ساري ڪريان هندم تمام
آءُ امام آهيان ابي ڪؤن پوءِ پيا چاهو امام

تڏ حجر کي اهڙي جنبش ٿي جو چڻ ٿيو ٿي جدا — پوءِ چيئين تو کي محمد دعوي آهي ناروا
آهي زين العابدين عالم سڀني جو پيشوا — ٿيو تڏهن لرزان محمد حنفيہ سر تاپا

پيو ڪري حضرت جي پيرن تي چيئين يا شاهدين
آهين تون بيشڪ امام ـ اولين و آخرين

۽ لکن پنهنجي ڪتابن ۾ ٿا هنپر خاص و عام — شام کون هڪڙي لڳان عبدالملڪ جو پٽ هشام
آيو مڪي ۾ اچي وارد ٿيو منجهہ بيت الحرام — سعي ڪيئين ۾ ٿيو حجر جو ڪين حاصل استلام

ان سان عظمي ۽ اڪابر شام جا همراہ هتا
صحن ڪعبہ جي ۾ ويٺو هو بعد عجب و غنا

اتفاقاً ٿيو اچي وارد وليءِ ڪبريا — قبلہ دنيا و دين سرڪردہءِ اهل ـ صفا
عابدن جو زيب ۽ زهاد جي زينت سدا [illegible] بينا ها ادب ڪؤن سڀ پنهنجي پاسي ٿيا

[illegible] حجر جو استلام
مفتخر ٿي ۽ حجر جو ٿيو دو بالا احترام

تڏ چيو هشام کي هڪ شخص از امرائي شام — ڪير آهي هي ۽ هنجي ذات ڪهڙي جا هي نام
جنهنجو آهي هن طرح سان خلق ۾ اعلي مقام — پوءِ چيو ان شخص کي بندي سان تڏ هنپر هشام

آءُ سڃاڻان ڪين مون هنکي ڏٺو ناهي يقين
هوندو ڪو ساڪن هتي جو يا مديني جو مڪين

هو فرزدق بيٺو ات شاعر ز حسن ـ اتفاق — في البديہ چئين قصيدہ ۾ تہ اي اهل ـ نفاق
جو نہ چاڻي هنکي سو مردود از اهل ـ شقاق — هنکي يثرب چاڻي ۽ بطحي حرم صحن و رواق

هن کي چاڻي ٿو مقام و ڪعبہ و مروہ صفا
هنکان واقف رڪن و زمزم ۽ حطيم هي آشنا

غيض ۾ آيو تڏهن هشام اُنکان ٿيو نڙند ائين سڙيو جئن آتش- سوزان تي پئي مشت- سپند

هو گهڻو مغرور جاهل ۽ هميشه خود پسند چئين فرزدق کي ڪريو تنهن قيد منجهه زندان- بند

دل تي اُنجي ڪينہ ۽ بغض و حسد کان ممتلي

۽ ٿيو اُن ڏينهن کان منجهه انديشہ قتل- علي

ڪيو فرزدق کي قصيده جو صلو حضرت عطا تا لکن ٻارهن هزار انداز درهم ان ۾ هئا

باوجود ايڏي صلي جي هيئن چيو شاه- هدا تنگدستي جي سبب کؤن مون درم ٿورا ڏنا

اُن صلو ورتو نہ حضرت ڏي ورائي هيئن چيو

جيڪي مون چو بي طمع ۽ قربتہ لله هو

عمر ساري منهنجي ٿي جرم ۽ معاصي ۾ تباه جز خوشامد ۽ تماق ڪين صادر ٿيو ٻيو آه

اوهين تہ آهيو معدن- جود و سخا ۽ عزو جاه جرم منهنجا بخش دوزخ کان ملي مونکي پناه

پوء ورائي موڪليا حضرت درم اُن ڏي سيئي

۽ چيئن اسين ڏئي ورائي ڪين وٺنداسون وري

شيوهء اهل- ڪرم وٽ ناهي ڪي هرگز روا بل عطا موٽي وٺڻ آهي سراسر سڀ خطا

نوٽي حق منهنجو جو ثابت آهي اي اهل- ولا اُن سبب مونکي ورائي ڏي نہ هي منهنجي عطا

تنهنجي نيت ۾ نہ شڪ آهي نہ شبهہ کي محل

جي گهريو آهي خدا عصيان ٿيندء سڀ بحل

هي انئي دنيا جي دولت آخرت بخشش شفا هي تون وٽ منهنجي شفاعت تو کي رهندي منجهہ جزا

۽ ڪيو پڻ هشام ٻن ورهن کؤن پوء اڪي رها هڪ قصيده سڀ گنهہ هشتاد سالہ محو ڪيا

جو گرفتار آيو سو آزاد ڪيو آل- نبي

هي آهو در ناهي جنهن کؤن ڪو وڃي محروم ٿي

هيئن روايت ڪن ٿا از باقر امام- بحر و بر رات رحلت جي گهريو پاڻي امام- خشڪ و تر

جڏ مون حاضر ڪيو تڏهن هيئن چو شہ- جن و بشر هن ۾ ميت آهي هنسان ڪيئن وضو تي اي پسر

مون وڃي جنهندم اوُ پاڻي کي ڪري ٻاهر ڏٺو

موش جهڙو جانور ميت هو هڪڙو اُن ۾ پيو

نڏ وضو حضرت ڪيو ٻيو پاڻي جڏهن آندم وري ۽ پوء سوره واقعہ انا فتحنا کي پڙهي

پوء مونکي سيني سان لائي ڪيئين وصيت آخري تو ڪريان توسان وصيت جا ابي مون سان ڪئي

جنهنجو ڪو فرياد رس هئي ڪونڪو تو کان سوا

تنهن تي هرگز ڪانڪا ٻاٻا رکج سختي روا

الغرض ڪيو آلِ مروان زهر ڏئي حضرت شهيد ڪي ڇون تا سولعين عبدالملڪ جو پٽ ولد
ڪي ڇون ڪيو ڪينہ ديرينہ هشام عنيد رات رحلت جي گهڻو بيتاب هو شاه سعد
پڙهي صدقنا وعده ڪي از ڪلام ذوالجلال
سيدالسجاد جو في الحال ٿيو حق سان وصال

مون ٿي عيش پانيو تہ هي مرثيو ڪريان هن هنڌ تمام ۽ ڏکي هي قصہ جان سوز خلعت اختتام
پر حديث معتبر هي ياد آهي هن مقام سعيد مسيب کؤن جا اڪثر ٿا روايت ڪن علام
ڪن ڏٺي انکي ٻڌو ٿي ملتفت اي دوستان
افضل طاعات ذڪر آل آهي بيگمان

سعيد بن مسيب روايت ۾ ڪيو هنپر بيان آءٌ ڌغرڪ ۾ هوس حضرت جي خدمت ۾ روان
۽ ٻہ بيا حجاج هئا همراه حضرت جي گهڻان جڏ رسيو منزل مقالہ ۾ شاه دوجهان
پهرين ڪيئين درگاه حق جي ۾ دوگانہ ڪي ادا
پوءِ رکيو سجده ۾ سر ڪي مومنن جي مقتدا

سيدالسجاد جڏ پنهنجو رکيو سجدي ۾ سر ڪيو تڏهن تسبيح جو آواز هر سنگ و حجر
ٿيو اسان سيني کي عارض نوعي ازخوف وخطر سر کنيو سجده مؤن جڏ شاهنشاه جن و بشر
مونکي فرمائين تڏهن تون ٻڌو آهين سعيد
مون چيو آهيان ٻڌو اي خاصہ رب مجيد

تڏ چيو حضرت تہ هو جبرئيل ڪي از ابتدا مرحمت سان پنهنجي ڪيو مي ورد حق انکي عطا
جيڪي مخلوقات هئا تن ورد پنهنجو [illegible] ۾ آهي اسم اعظم خاصہ رب العلي
[illegible] روايت ڪئي ز شاه لافتا
تنهن رسول حق کان تنهن جبرئيل کان تنهن از خدا

مومنن مان هي عبادت جيڪو آئيندو بجا ۽ بہ تهدل کان ڪندو تصديق ختم الانبيا
پر هي شرط آهي تہ خلوت ۾ ڪري انکي ادا سڀ اڳيون پويون خطائون انجون بخشيندو خدا
راست گو پو سيدالسجاد جهڙو ڪونہ ٿيو
پر ميسر وقت مونکي اهڙو هرگز ڪونہ ٿيو

جڏ چڙهي حضرت هليو دنيا مؤني دارالبقا يڪتنہ اهل مدينہ سڀ جنازي سان و با
آءٌ ڏسي خلوت روان ٿيس جانب بيت خدا جڏ رسي مسجد ۾ پانيم اهو عمل آئان بجا
مون اڃا ٿي ڪيو شروع تڪبير ٿي سؤني سما
۽ زمين جي سمت ۾ تڪبير جي آئي صدا

ان طرح سان ست دفعہ تڪبير انپر مون پڙي — آءٌ ٿيو بيهوش تي روئي زمين تي پيس ڪري
جڏ آفاقو ڪي ٿيو حاصل مون نظر هر سمت ڪئي — جان ڏسان مسجد ۾ ڪانڌي مولي آيا سڀ وري
مونکي هي حسرت مگر تا عمر تنهن دل ۾ رهي
جو رهيس محروم از فيض نماز آخري

آهي پنجويهين محرم جي ڪيو حضرت انتقال — سال هو پنجانوي هجرت رسول ذوالجلال
ڏينهن چنچر جو هو جنهن تاريخ حضرت ڪيو وصال — عمر هئي انوقت ۾ مولا جي ستونجاه سال
عابدين پنجٽيهن ورهن بعد از قتل امام
مومنن کي داغ پنهنجو ڏئي هليو دارالسلام

السلام اي يادگار خامس آل عبا — تو تي نت صلواة اي يعقوب آل مصطفيٰ
پير پيادو ڪيئن سفر ڪيئي شام جو هي هي بلا — ظلم امت جا سٺئي جورو جفائي اشقيا
سيدالشهدا جا نور باصره جا السلام
قافله سالار عترت طاهره جا السلام

سيدا جي هو فرزدق تنهنجي در تهدل غلام — آءٌ غلامن جو غلام آهيان سنده آغا امام
منهنجو هٿ دامن ۾ تنهنجي هوندو منجهه روز قيام — جيئن فرزدق شاد ڪيئي تئن تي حسن کي شادڪام
يا علي توکي قسم آهي برب دوجهان
قبر جي سختي کؤن مونکي رکج منجهه امن و امان

مرثيه

حضرت امام محمد باقر عليه السلام

هو محمد بن علي باقر امام بحر و بر — معدن علم لدني راز دار خشڪ و تر
جنهنجي مدح و منقبت جو ناهي ڪو حد و حصر — ما حسن مرور جي ڏي پيءُ عابدين والا گوهر
مجمع البحرين جو گوهر گرامي بي بها
هو ٻنهين طرفن نجيب آن قبلهٔ اهل صفا

تو چوي راوي تہ حضرت جو سفر ٿيو ملڪ شام — پرسڏايو ڪين تن ڏينهن تين حضرت کي حشام
ڏينهن چوٿين پنهنجي مجلس ۾ سڏيئين شاه انام — ۽ شرف بخشيو وچين حاڪم جي مجلس کي امام
تخت شاهيءَ تي هو پنهنجي ويٺو الدم نابڪار
صف بصف لشڪر مسلح هو قطار اندر قطار

ٻانڙ هو محظوظ لهو و لعب ويٺو بدگمان ۽ سڄو مصروح هو منجهہ مشغلہ تير و ڪمان
ٻيا عمائد شام پڻ ويٺا هوا مجلس ۾ ڪيئان لڳ سڀني تير ات شرط وگردان تي هڻيان

پوءِ چيو هشام سرور کي تہ يا شاهہ انام
تون بہ ٿي مصروف جئن ٻيا سڀ اڪابر اهلہ شام

تڏ چيو حضرت مونکي ڪر معاف هنڪان اي امير هي جوانن کي جڳائي آءٌ تہ آهيان مرد پير
ان چيو هرگز نہ ڇڏيندو معاف بالله القدير ۽ اشارو ڪيئين ڪمان حضرت کي آئي ڏيو ۽ تير

جڏهن ڪمان ۽ تير حضرت جي رکيؤن آئي اڳيان
تير تڏهن حضرت وئي پيهر نشانہ ۾ هڻيان

جڏهن نشانہ تي برابر تير ات ٿيا نوَ لڳا هر طرف کان مرحبا شاباش جي آئي صدا
ٿيو خجل حشام ۽ ٿيو تنگدل اوُ پر جفا چئين حضرت ڏاڍو تير انداز آهين مرحبا

منهن سندس ٿيو زردگهہ ڪارو خجالت جي سبب
پر ٿي خود داري ڪئي منهن کي ڏسي ان بي ادب

مدتون پيرن جي پر بيٺو امام دوجهان جانب سرور نہ ٿيو ہر ملتفت اوُ بدگمان
انطرح بيهڻ ڪان ٿي طبع مقدس بس گران منهن مبارڪ تي غضب رخ هو بسوئي آسمان

جڏهہ اثر ڪيئين غيظ جو معلوم از روئي امام
تڏهہ اٿي حضرت کي پنهنجي تخت ويهاريو حشام

چئين سگهين هنطرحان ڪنهنکؤن تون يا شاهہ انام جو خطا هڪڙو نہ ٿيو تير ۽ لڳا هڪجا تمام
تڏهہ چيو حضرت تہ سڀ اهل مدينہ خاص و عام سڀئي هن فن ۾ آهن ڪامل و حامل ڪردہ نام

آءُ بہ جن ڏينهن ۾ هوس عهد جواني ۽ شباب
مشق ٿي موڏ پيي انهن ڏينهن ڪئي بهر ثواب

مدتن کان ترڪ ڪيو هن شغل کي مون اي امير پر جڏهن عي امر هن پر ٿيو سندءِ خاطر پذير
تڏهہ ڪري هٿ ۾ ڪمان پيهر هنيا مون چند تير تڏهن چيو حشام تير انداز آهين بي نظير

قوم کي نازش روا عرب ۽ عجم تي ڪل حال
جنهن جي وچ ۾ آهي اڄ تو جهڙو خود صاحب ڪمال

پر ڪي جعفر کي پي ڪاهن فن ۾ آهي دسترس تڏهہ چيو حضرت مي سمجهو چاهي تو اي بوالهوس
اسين دو عالم ۾ خدا جي خلق جا فرياد رس فرق ڪو خرد و ڪلان ۾ چوندو ڪو صاحب نفس

اصل ڪئون استاد اسين روح الامين جا آشڪار
۽ سدا استاد اسان جو آهي خود پروردگار

هي هڏي پوءِ طيش ۾ آيو گهڻو او بي ادب ۽ سڄو سر ڪڻون ٿيو پيرن تاءِ پر غيظ و غضب

چئين اسان سيني جو آهي اصل ڪان هڪڙو نسب مصطفيٰ مبعوث ٿيو عالم سڄي تي منجهه عرب

۽ ڏنو قرآن ۾ ميراث - زمين و آسمان

پنهنجي ايڪي آهي حق غير از شراڪت ديگران

ڇا سبب جو علم ڪي ميراث پنهنجي ڪيو شمار ني محمد ڪان ڪو پوءِ مبعوث ڪيو پروردگار

تڏهن چيو سرور ته ڇا تون چئين ذرو تي هوشيار مصطفيٰ مخصوص ٿيو منجهه ڪل عالم آشڪار

پوءِ بحڪم - حق رسول الله علي مخصوص ڪيو

جنهن جي حق قرآن ۾ اذنٌ داعيه نازل ٿيو

مصطفيٰ سيڪاريا باب - علم حيدر کي هزار جنهنجي هر هر باب مان ٿيو ٻيو هزار آت آشڪار

تڏهن چيئين دعوا ڪئي علم - غيب شاه - ذوالفقار ناهي علم - غيب ڪنهنکي غير ذات - ڪردگار

شاه چو آهي سيوئي رطب و يابس منجهه ڪتاب

تنهنجو حاصل علم پيغمبر ڪان ڪيو هو بوتراب

مرتضيٰ کي سڀ فضيلت آهي جز پيغمبري ان سبب ڪان چو ٿي پيغمبر ته اقضاء ڪم علي

جي ڪنهنجي حق ۾ ڪڏ هنيرَ نه فرمايو نبي انطرح سان پڙهه تون تبياناً لڪل شيءٍ صحي

ڪل شيءٍ سڄهه احصيناه ڪان ٿي منجهه حساب

ان سوا قرآن ۾ پڙهه ما فرطنا في الڪتاب

جي صحي قرآن ۾ سڀ علم داخل ڪيو خدا تڏهن ته واقف آهي ساري خشڪ و تر ڪڻون مرتضيٰ

مرتضيٰ جي مرتبي کون ناهين هرگز آشنا پنهنجي موهومن سان تنهنجي آهي هردم مدعا

مرتضيٰ سر - خدا دست - خدا سيف - خدا

مرتضيٰ کي لحمڪ و لحمي چيو خيرالورا

مرتضيٰ جي ٻي صحابن ٿي ثنا ڪئي بيشتر ﷺ چو عمر فاروق ٿي لولا علي لهلڪ عمر

مرتضيٰ جو ناهي ڪو ثاني بجز خيرالبشر مرتضيٰ خيرالبشر ۽ منڪر انجو قد ڪفر

مرتضيٰ هو مصطفيٰ جو ڀاءُ داماد و وزير

موسيٰ بن عمران سان هارون جئن هو بي نظير

هيئن هڏي حشام حضرت ڪئون ڪيو گردد کي بزير ۽ جهڪائي سر رهيو حشام پنهنجو نا بدير

پوءِ ڪئي سر چئين نڪر تشويش حضرت مونهِ غير جيڪا حاجت هئي طلب ڪر سڀ روا ٿيندي بخير

تڏهن چيو حضرت ملي رخصت سوئي اهل و عيال

ان ڏني رخصت روانو ٿيو وليءِ ذوالجلال

شام کؤن جنهن دم مدينه ڏي ورپو شاه انام   راه ۾ حضرت ڏٺو مجمع وڏو از خاص و عام
پڇيو حشام جي حاجب کئون تڏ حضرت امام   ڪير آهن اُن چيو آهن هي نصراني تمام

هڪڙو عالم هت وڏو آهي سندن صاحب ڪمال
جمع ٿي آهن ڪندا هنڪئون مسئلن جا سوال

هٿن ۾ تڏي حضرت روانو ٿيو جتي هو اوگروه   ڪيڙو وڏو هي سر ڪي حضرت وبو چڙهي بالائي ڪوه
هڪڙو راهب پير مرد آيو انتي پڻ با شڪوه   ان چيو هي ڪير ڏسجي ٿو هتي ڪو خوش پروه

ڪير آهي هي اسان مؤن آهي يا دين ديگر
تڏهن چيو حضرت ته آهيان امت خير البشر

ان چيو تون جاهل آهين ياڪ از اهل ڪمال   ڏهيان آئون جاهل چيو انکي امام خوشخصال
ان چيو مونکؤن تون پڇندين ياڪريان تو کؤن سوال   تڏهه چيو حضرت تون پڇ منظور جو هوئي تو کي حال

تڏهن چيو ان اي گروه آهي تعجب جو مقام
جو چوي مونکي ڪو پڇو آهي پڇ مونکئون تمام

هاڻ لازم آهي تا آئون ڪي سوال انکان پڇان   پو پڇنن اي بنده ء حق پهرين ڪر مونسان بيان
ساعتن جي وچمين آهي ڪهڙي ساعت سا نهان   جا نه آهي ڏينهن جي ني رات جي سا درميان

سيد الوالا ڏنو راهب کي تڏهن هن پر جواب
سا طلوع صبح کئون آهي تا طلوع آفتاب

ساعتن ڪهڙي انهي ساعت ني چو اهل ڪنشت   شاه چيو آهي هي ساعت خود ز ساعات بهشت
هوشنين بيهوش ٿي هن ساعت رحمت سرشت   ۽ طوساکت ٿي هوئي جنهن قسم جو ڪوسخت زشت

[illegible] هن باعث کؤن باهوئي کو فتور
ان کي هن ساعت ۾ نند اچندي آفاق ۾ غرور

آهي هي ساعت عبادت جي بدرگاه خدا   جيڪو طالب اجر هوئي يا طالب روز جزا
تڏه چيو راهب هي دعوت راست آهي پير يا   پر مونکي ڏس جا اوهان جي آهي هنپر ادعا

جنت اعلي ۾ جيڪين پئندو يا کائي غذا
انکئون هرگز ڪين ٿيندو بول ۽ غائط جدا

انجو پڻ دنيا ۾ آهي ڪو مثل سو چئو پلا   تڏه چيو حضرت شکم ۾ طفل کائي ٿو غذا
جا غذا کائي ٿي ماءُ سا طفل کائي ٿو سيا   پر نه هرگز پيٽ ۾ کجهه طفل کان ٿي ٿو جدا

ان چيو تو چو نه عالم ناهيان بيشڪ اصل کان
شاه چو مون چو هو جاهل جو نه ڪر مونپر گمان

جنت۔ فردوس جا ميوه نہ ڪڏه ٿيندا تمام   ان ٻچو ائن چئو تا هنپر امت۔ خير الانام
تڏه چيو راهب ڪي ان دم ۾ اي عاليمقام   تنهنجو ڪو آهي مثل دنيا ۾ امام ابن الامام

ڏس تہ هڪڙي شمع مون روشن ڪرين جي سؤ هزار
تنهن مان ڪم ٿيندو نہ ڪين هرگز ڪڏهن ڏس آشڪار

تڏه چيو راهب تہ هڪڙو آئون ڪريان هٿي سوال   پر يقين آهي تہ هرگز ڪين حل ٿيندو هي حال
تڏه چيو حضرت چؤ جو دل ۾ هوئي تنهنجي خيال   ان چيو ڏس جي ٻڙا ٻئي پائر هوا اڳين ٻي مثل

هڪڙي ڏينهن دنيا ۾ آيا هڪڙي ڏينهن دنيا کان ويا
عمر هڪڙي جي گهٽي موئي ٻي جي ٿوري مطلقا

تڏه چو حضرت ٻئي جاڙا پٽ عزير۔ انبيا   هڪڙي ڏينهن دنيا ۾ جايا گڏ سوئي عقبيٰ هليا
عمر هڪڙي پاڻ جي ٿي ڏيڍ سؤ ورهن پڪا   عمر ٻي جي تا لکن پنجاه ورهين جي صفا

پهرين دنيا ۾ گذاريو ٻنهي ڄڻن گڏ ٽيهه سال
ٽيهن ورهين کؤن پو هڪڙي ڪيو ڏهين مان انتقال

سو وري سؤ سال ڪالهوه جيئرو ٿيو نيڪو سير   ويهن ورهين تئن وري جيئرا رهيا ٻا ٻڪد گر
پوءِ وري ٻائرن ٻنهين ڪجا ڪيو دنيا مان سفر   انکؤن هڪ پنجاه ٻي ڪيو ڏيڍ سؤ ورهن بسر

حق تعاليٰ آهي قادر جيڪين قدرت سان ڪري
جنهن کي جياري جنهنکي ماري انکون ڪو ناهي پري

تڏه چو راهب قوم کي هنپر يقين چائو تمام   مونکون و ۃ اعلم اوهان آندو وٺي اج هن مقام
تا ڪري رسوا مونکي منجهہ مجمع۔هر خاص وعام   ٻيو آئون ڪجهندس ڪين جيسين تاءِ هي آهي بشام

شام جي اطراف ۾ پئي هيءَ خبر ٿي منتشر
اج ڪيو راهب کي ملزم سيد۔ والا گوهر

هي روايت تو ڪري جامي شواهد ۾ بيان   هڪڙو شخص آيو در۔ دولت امام۔ انس وجان
تا مشرف ٿي وڃي حضرت جي خدمت در زمان   تڏه چيئون تعجيل لازم تو کي ناهي اي فلان

هڪ جماعت آهي اج مولا جي خدمت بارياب
جان ڏسان ٻاهر چٽا ٻاهر ٿيا خدمت مؤن شتاب

موزه پيرن ۾ قبائون تنگ ۽ ڪيائون سلام   آئون مشرف ٿيس وڃي منجهہ خدمت۔ شاه۔ انام
پر کيو مون ڪين هو تن کي سڃاتو يا امام   شاه فرمايو تہ قوم۔ جن مان هوا هي نيڪنام

مون چيو حضرت تہ فلاحي ٿيندا آهن جن تمام
شاه چو سڀڪي ٻڌن تا از حلال و از حرام

هڪڙي ڏينهن حرمين جي وچ ۾ هو شاهدين سوار   ناگهان هڪ گرگ دامن ڪوه ڪان ٿيو آشڪار
انکي ڏسندي ساڻ سولي پئي بهاريو راهوار   هٿ رکي حضرت جي مرڪب تي چيئين با حال زار
عرض جيڪي هن ڪيو سو ڪين ڏٺي حضرت ٻڌو
تڏه چيئين وچ تون ڪندس جنهن طرح الا تو عرض ڪيو
جڏهوني حضرت کان رخصت گرگ پٺ ڏيئي روان   تڏه چيو خادم کي حضرت سمجهين تو هنجي زبان
عرض ڪيو آن ڄاڻي حق يا ڄاڻي ختم المرسلان   يا تون ڄاڻي اي امام دين زمان بي زبان
شاه چيو هوئي جفت هنجي درد زه کان بس ملول
سو دعا آيو گهرڻ مون ڪئي دعا حق ڪيو قبول
پيو چيو آن گرگ حضرت کي تم سونکي ڪر دعا   تي مسلط ڪر نه منهجي نسل سون تا انتها
جنهن ڪنهين کي دل مين هوئي آل محمد جي ولا   هوئي درندن کي ڏسو ڪيئن پاس آل مصطفىٰ
ڪيڏا ڪيا گرگان امت ظلم بر آل عبا
سي درندن کؤن پي بدتر هوا گهٽوئي بيحيا
شخص هڪڙو بردر دولت تي آيو هڪ ولا   هڪ جوان عورت هئي بيٺي بردر دولت سرا
هٿ وڌو انکي تڏه حضرت ڪئي انکي صدا   آن چيو مون قصد بد هرگز نه ڪيو هو مطلقا
تڏه چيو حضرت دروغ سوار حائل ٿي پلا
تڏه اسانجي ۽ اوهانجي وچ ۾ آهي فرق چا
هڪڙي عورت هئي حبابه والبيه نيڪ خواه   عرض ڪيئين حضرت جي خدمت ۾ تاي شاهن جا شاه
وار منهجا ٿيا اڇا تنهن کؤن ٿي هي صورت تباه   هٿ رکيو حضرت ۽ التجا وار هڪدم ٿيا سياه
[illegible] حضرت ڪيو انکي عطا
سب [illegible] وار ڪارا ۽ منجا جهڙا اصل هوا
بؤ بصير هڪ شخص عمي هو وڏوئي معتبر   هڪڙي ڏينهن باقر کي چئين اي سيد والا گوهر
اوهين تہ آهيو بيگمان ذريت خيرالبشر   تڏه چيو حضرت ته آري چئو تون مطلب مختصر
ان چيو احمد کي هئي ميراث جمل البيا
تڏه چيو حضرت تہ ها سب علم انکي ٿيو عطا
ان چيو سب علم احمد جو اوهانکي ٿيو عطا   تڏه چيو حضرت تہ سو سڀڪي عطا ڪيو ڪبريا
آن چيو مرده بہ زنده ٿيندو از امر خدا   ڪور مادر زاد ۽ ابرص کي حاصل ٿئي شفا
يا خبر ڏيو جيڪي ماڻهن گهر ذخيره ڪيو هجي
يا خورش ٿو گهر ۾ کائي تڏه حضرت چو بلي

پو سڏي انکي وهاريو روبرو پنهنجي امام   ۽ رکيا شفقت سان انجي منهن تي هٿ شاهہ ـ انام
فيض حضرت جي کؤن ٿيو آزاد از رنج و الام   ۽ ڏٺئين ارض و سما دشت و جبل ديوار بام

هٿ وري منهن تي رکيا انجي امام ـ بينظير
حالت ـ اصلي وري ان وقت آيو ہو بصير

انکي چؤ حضرت پنهين حالت سان هڪ کر اختيار   چشم بينا تي تہ ٿين محسوب منجهہ روز ـ شمار
يا تون نابينا رهي عقبيٰ ۾ ٿيندين رستگار   ان چيو بهتر هجان آسوده منجهہ دارالقرار

کس نہ ديدم در جهان گو زندهء جاويد ماند
آنڪ آخر بن امت دست ـ خويش از دنيا فشاند

هڪڙي ڏينهن هڪ شخص حضرت کي چيو ڪاي رهنما   کهڙو حق مومن جو ثابت آهي بر ذات ـ خدا
منهن مبارڪ انکؤن ڦيرايو وليء ڪبريا   ڏي لڳان تڪرار ڪيو ان تڏه چيو شاه ـ هدا

حق ـ مومن ان طرح سان آهي در نزد ـ خدا
نخل اڇي الوٽ هلي جي هو چوي تون هيڏي آ

تو چوي او شخص هي هو سخت عبرت جو مقام   نخل جنهن ڏي تي اشارو ڪيو ڪياء هي ڪلام
سو ڏٺم جنبش ۾ آيو بيخ بن تائين تمام   تڏه چيو اَن نخل کي الدم امام ـ ذوالڪرام

هن چوڻ سان ڪون کو تنهنجي سڏڻ جو قصد هو
تڏه ڏٺم اوُ نخل پنهنجي جاه تي ساڪت رهيو

معتبر هن پر روايت ٿا ڪتابن ۾ لکن   سرور ـ دين سان عداوت زيد ڪئي ابن ـ حسن
ڪيئن خصومت بهر ـ اوقاف ـ رسول ـ ذوالمنن   آشڪارا دشمني ڪيئين با امام ـ مؤتمن

چيئين نندي جو پٽ تون آهين آئون وڏي جو نور عين
منهنجي جيتري ڪين وارث ٿيندو اولاد ـ حسين

شاه چو اي زيد مونسان بي جهت دعوا نہ کر   ۽ گهڻي پند و نصائح ڪئي امام ـ بحر و بر
ڪنهن طرح سان باز نايو زيد دعوا کان مگر   تڏه چئين کو معجزه ڏيکاريان توکي ٿي اثر

هڪڙي ڪارد آهي تو سان مونکؤن جا پنهان توڪئي
چوندي سا تاڪير حق تي ڪنهن ڪمر باطل هڏي

امر ڪيو ڪارد کي حضرت راست چؤ زامر ـ خدا   تڏه ڪري پئي زيد کؤن روء زمين تي ٿي جدا
زيد کي چئين تو ڪمر ناحق هڏي بر ناروا   مستحق هن حق جو باقر آهي بيچون و چرا

دست هن دعوا کون کڄ ورنہ ڪندس توکي هلاڪ
زيد تي بيهوش يڪدم پيو ڪري بر روء خاڪ

maablib.org

هٿ وٺي انجو اڏاريو پاڻ شاهه- بحر و بر ۽ جيئين هن امر جي ڏي گواهي هي حجر
تون ڪندين منظور حق منهنجو تڏهه اي بيخبر ان قبولي سنگ تڏهن جدش ۾ آيو القدر

جنهن طرف هو زيد سو شدت سان جنبان ٿيو تمام
جانب- شاهه- امر ساڪن رهيو بس هڪ مقام

۽ جيئن ظالم زيد حق باقر جي آهي برملا دست هن دعوا ڪان ڪن ورڻ ڪندس توکي لتا
زيد دهشت ڪن زمين تي پيو ڪري تڏهه بي خطا هٿ وٺي انجو اڏاريو خاڪ تان شاهه- هدا

شاهه چو جي وڻ ڪري تصديق منهنجي تو اکيان
زيد باور توکي ٿيندو ان چو مولهه بي گمان

وڻ کي اندم ڪيو اشاري سان طلب شاهه- انام رگ ۽ ريشي سان زمين کي قطع ڪيو آيو تمام
اٿين اچي بيٺو جو شاخن سان ڪيئين سايه بر امام قدرت- قادر سان ڪيائين زيد سان هيئر ڪلام

اٿون چوان آواز سان اندم بالفاظ- فصيح
حق هي باقر جو ۽ دعوا زيد جي باطل صريح

باز رهه ناحق ڪوڻ ورنه آءُ ڪندس توکي تباهه پيو ڪري بيهوش اندم زيد بر خاڪ- سياهه
هٿ وٺي انکي اٿاريو هر دو جهڳڙي داد خواهه عهد ڪيو پنهن زيد ويندس ڪا خصومت جي نه راهه

وڻ وري ويو جنهن طرح آيو هو اصلي ان مقام
زيد ويو حشام پٽ عبدالملڪ وٽ ملڪ شام

تا چون هن واقع ڪوڻ زيد ويو پو سمت شام شاهه چاڪر سان ملاقي ٿي ڪيئين هيئر ڪلام
مون ۾ جهڳڙو ڪر مدينه ۾ ڏنا ڪامل تمام جيئن مان هڪڙو چني تو آهيان هر دو عالم جو امام

[illegible] چاڻ جيئرو ڪڏهن ناهي روا
۽ سڀائين اسکي جيکي هو ڏنئيز از ابتدا

شام جي حاڪم تڏهه والي مدينه ڏي لکيو قيد باقر کي ڪري موڪلي رواڻ ڪر سگهو
خط جڏهن هي شام مؤن والي مدينه کي رسيو شام حاڪم کي لکي هيئر تڏهه ان موڪليو

هن لکڻ مون ناهي ڪي منظور بيجا معذرت
خير طلبيءَ ڪوڻ لکيم مقصود هت ني مصلحت

تو لکيو جنهن مرد کي قيدي ڪري تو ڏي منجان انجو ثاني ناهي ڪو اڄ زير چرخ- آسمان
ورع و زهد و علم ۾ معروف آهي ۽ نهان روز و شب مشغول منجهه طاعات رب- دوجهان

جڏهن عبادت لاءِ تو محراب ۾ بيهي اٿي
وحش و طير انجي قرائت تي تا حاضر ٿين اچي

تڏهن وري ملعون حضرت ڏي لکي خط موڪليو
زر تو ورتي پر نه سو اسباب تو موڪلي ڏي مڪو

انطرح جو جڏهن لکيو حضرت جي خدمت ۾ رسيو
تڏهن وري حضرت نوشته ان طرح انڌي لکيو

جو ڏنو اسباب مون سو ڪيم سيو توڏي روان
پوءِ سنده اختيار انکي واقعي جالين نه جاڻ

مومنا جنهنجي نجابت جو نڪو حد و شمار
۽ نه هو دريائي فضل و حلم جي جنهنجو ڪنار

۽ شرافت جنهنجي هئي سڄ چندڪان ظاهر آشڪار
ثاني اثنين انجو پيدا ڪوڻ ڪيو پروردگار

آسمانئن آخرش زهر- جفا انکي ڏنو
سيد- والا کي پٽ مروان جي مسموم ڪيو

شاهدين کي بيگنهه مسموم ڪيو قوم- جهول
۽ پڻين ڪيو پاڻ کي مصداق يوذون الرسول

شجرة الملعون ڪيو شجر المبارڪ دلملول
لعن حق دنيا ۽ عقبيٰ سرتي ڪيئون پنهنجي قبول

قصد ڪيائون محو ٿئي آل- محمد جو اثر
ڪو ڇڏيئون باغ- نبوت ۾ نه گل ني ڪو ثمر

هڪ لڳن بيمار ٿيو يثرب ۾ هو حق جو ولي
اڪثري مردم ٿيا خائف سخت بيماري پڏي

اهلبيت- مصطفيٰ گريان ٿيا هي حالت ڏسي
تڏهن چيو حضرت مونکي حاصل شفا ٿيندي سگهي

پن جڻن مونکي خبر هن حال جي آهي ڏني
ٿيو سگهو ان رنج کون حضرت صحي سالم وري

وقت رحلت پٽ کي فرمايو وليء ذوالجلال
اي ابا جعفر سگهوئي ٿيندو مهنجو انتقال

عرض ڪيو جعفر شه- دين کي ته اي نيڪوخصال
سڀني ڏينهن کون ڏسان آئون اڄ تو بهتر تنهنجو حال

تڏهن چيئين مونکي شفا جي جن خبر ڪئي پيشتر
سي ئي آيا ڏنائون موت جي مونکي خبر

هي روايت هي ڪتابن ۾ لکن تا هئن پڙهيا
جعفر- صادق کي چيو باقر امام- مقتدا

تو پڏو ٿاهي پيو منهنجو بابو علي زين العبا
هن طرف ديوار جي مونکي ڪري هنيو صدا

اي محمد آءُ تنهنجو آهي مونکي انتظار
تنهن کون جالان تو ته اڄ وينديس سوئي دارالقرار

هي روايت تا بصارت ۾ لکن هيئن معتبر
صادق- آل- محمد ٿي ڏني صادق خبر

رات رحلت جي وٽس لزد- شه- جن و بشر
تا ڪين خدمت ۾ ابي جي ڪين چوان آءٌ مختصر

مونکي حضرت ڪئي اشارت ٿي پري جان- پدر
[illegible] ڪريئون سو مونکي ڏلو منجهه نظر

باشه دين ڪئي ني اندم ڪا معاملات۔ خدا بعد هڪ ساعت وٽس منجهه خدمت شاه هدا
مولکي چيئين فرزند اڄ ٿو آئون وڃان دار البقا هن گهڙي بي شهنجي مولکي جام شربت ڪيو عطا

لقائي حق جو مژده ان ڏنو والا گوهر
ڇيائين مستعد ٿي وصل تي ليڪو سبير

رات رحلت جي امام دين گهڻو بيتاب هو جڏه پري آلي رکيئون هڪ طرف پر آمد و شو
تڏه پر گهمرا ڪيئن اشارت هي وڃي هاري چڏيو پو تصور ڪيئون تہ بيهو شي ڪؤن حضرت هيئن ڇو

پر جڏه ان طرف پالي کي ڪئي ڪيائون نظر
تڏه ڏٺئون ان طرف پر مرده هو هڪڙو جانور

سرو باغ۔ مصطفيٰ از پا در آمد هئي ستم گلشن۔ آل۔ محمد کي وڃائون هڪ قلم
خانئہ ايمان کي ويرن بيکمهہ ڪيو ٿي ستم آب ويو زر زر جو ضايع حرمت حل و حرم

جنتي ڪلمون راست ٿيو تنکي ڪيئون ناحق شهيد
جنتي ٿيو قرآن نازل سي ڪئا قوم عنيد

مومنا سال۔ ولادت پادشاه۔ بحر و بر سال ستونجاهه هو از هجرت۔ خيرالبشر
تا لکن پهرين رجب بعضي سير ماه۔ صفر ني شهادت سال ٿؤ چوڏنهن پر از حڪم۔ قدر

ڏينهن سومر جي ستين ذيحج حضرت ڪئي وفات
سال ستونجاهون هو از عمر شاه۔ ڪائنات

شاهدين باقر امام۔ اولين و آخرين باقر۔ علم۔ علوم۔ انبيا ۽ مرسلين
توتي صلواة وسلام الله تا روز۔ پسين قوتي رحمت ربجي ۽ صلواة جمله مومنين

جي ڪيئين تهلل اوهانجي خصم تي جڏه لعن ڪئي
مون پڻ دشمن تنهنجي تي لعنت ڪري آمين چئي

بس حسن هن غم جو ٿيندو تو ڪؤن ڪو شرح بيان ماتم۔ سرور پر گريان ڏس زمين و آسمان
ڏس فلڪ شبنم جي اشڪن سان پريو روئي جهان هت جو روئندو سو صبح خندان ني اٿندو شاد مان

جو سنده مطلوب تنهن کؤن وڌ ملي ٿيندئي ڪرم
پهنجي همت تي ڪندا آهن عطا اهل همم

* مرثيه *

حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام

جعفرِ صادق سچو نورِ عليؑ نورِ خدا   مذهبِ ملت ڏني سڀ مومنن جو مقتدا
اقتدا جعفر سان آهي اقتدائي حق سدا   اقتدا انسان ڪري خورسند ٿي منجھ دوسرا
جي تون پائين ٿو تہ ٿيان آزاد از خوف و خطر
تہ مقوله لحلڪ النعمان کي رک مدنظر
بوحنيفہ پاڻ هو شاگرد حضرت زابتدا   پاڻ جڏهن شاگرد هو مذهب جو انجي ذڪر ڇا
تڏهن تون ڪيئن جعفر جي مذهب کي چوين ناهي روا   جعفرِ صادق جي ملت ملتِ خير الورا
هي ڪنهين رستي ۾ هرگز ڪانہ ڪا ملندي پناه
اهلبيتن کان سوا ٻي ناهہ ڪا واهر نہ واهہ
آل جي مذهب کؤن وڌ امت جو مذهب ٿي پلو   اهليت اعلمُ بما في البيت ني بيگانو ڪو
ھر خدا جنهنکي ڇڏيو سو، ڇڏجي ڪيئن ڇڏيو   جو ڇڏيو هنکؤن پيغمبر بل خدا کان سو ڦريو
جي خدا گھرجني مودت آل جي ڪر اختيار
تڏهہ صبح خوشنود ٿي محشر ۾ ٿيندين رستگار
هي روايت ٿو ڪري جامي شواهد ۾ رقم   شاهد بن وٽ جفر احمر سان ابيض هو بهم
مصحف زهرا پڻ هو منجھ خدمت شاه امم   تنهن سوا ٻيو جامع هو هڪ ڪتاب محترم
جنهن ۾ ما يحتاج مردم جمع تا روزِ جزا
۽ ٻيا اسرار امامت ۽ ولايت جمع هوا
جفر ۾ توراة ۽ زبور جو سڀ هو ڪلام   ۽ تہو مرفوع هو انجيل سارو ات تمام
جفر احمر ۾ هوا سڀ اصلاح از خيرالانام   سي نہ ظاهر ٿيندا جيسين ٿي نہ قائم جو قيام
صحف زهرا ۾ احاديث ۽ هو اسرا جو شمار
حيڪي ٿيڻو آهي عالم ۾ الي دار القرار
جامع جو طول ستر ذرع جو ڪن ٿا شمار   جو ڪيو املا پاڻ ختم المرسلين عالي وقار
۽ لکيو انکي هو پنهنجي خط سان شاهِ ذوالفقار   حڪم جنهن ۾ هوا عرش و فرش زمين سڀ آشڪار
انهہ هوئي تصريح جلد ۽ نصف جلد انهہ تعين
انهہ شارع جمع هوا احڪام از شرعِ مبين

۽ ٻين هن طرح ساڻ آهي شواهد ۾ لکيو   بارها ان پر نبي فرمايو امام ـ راست گو
جيڪي ٻڌو آهي آڪي سو اچي مرنڪوءُن ٻڌو   مونکوءُن پوءِ انطرح ساڻ هر گز ڏسندو ڪوئي ٻيو

ڪنهنکي حرئت جوڪو چئي رمز ـ سلوني جو ڪلام
حيدر ـ صفدر جهڙي يا جعفر ـ عالي مقام

جي خدا گهرجئي ته ٿي راڪب سفينهٔ قد نجا   نعمت ـ فردوس حق ڪوءُن مي پيغمبر ڪوءُن قربا
منڪرن جي آتش ـ دوزخ سدا آهي سزا   جي قربا آل ـ نبي ڪوءُن مي پيغمبر ڪوءُن قربا

تحت الانهار باغ ـ خلد طوبيٰ جو شجر
هي سڀئي آهن يقين الالمودت جو ثمر

معرفت تنهنجي ته آهي معرفت جان آفرين   جز سڃاتو توکي تن ڄاتو خدا کي باليقين
۽ طريقت تنهنجو رستو تون شريعت جو ڏڌين   ۽ حقيقت تنهنجي ٿي عين ـ حقائق حقجو دين

تنهنجي مدح و منقبت ڇا چوندو ڪو آغا امام
مدح آن جي حق ڪري ۽ يا رسول ـ ذوالڪرام

معرفت ڇا گهرجي تنهنجي معرفت بي اشتباه   ۽ حقيقت سا جو ٿي تنهنجي حقيقت جي گواه
۽ طريقت تا چون سا خود مقرر ڪئي تو راه   ۽ شريعت جو تون خود ٻاڻ آهين بادشاه

مجمع البحرين جو گوهر گرامي بي بها
خازن ـ گنج ـ لدني مخزن ـ علم ـ خدا

معجزا تن جو سندس دريا ته آهي بيڪنار   خوارق العادات جي حد ناهي آهن بيشمار
دين حقجي جو ته آهي انجي ملت تي مدار   خازن ـ گنج ـ سلوني راز دار ـ ڪردگار

ورث دار انبيا آدم ڪوءُن تا خير الانام
خود امام ابن الامام ابن الامام ابن الامام

دوست ڪنهنجو قيد ۾ معصور جي هو مبتلا   روز عرفه ـ عصر جو انکوءُن ٻڌو شاه ـ هدا
دوست تنهنجو ڪئن ٿيوان ڇوآهي منجهه بند ـ بلا   هٿ کڻي حضرت دعا ڪئي ۽ ڇيڻين اڄ ٿيو رها

جڏهن رسيا حج ڪوءُن اچي ۽ سڀ ڪنهين انجو ٻڌو
تڏهن ڇيڻيون اڄ روز عرفه عصر جو آزاد ٿيو

نسو لکي جاءِ شواهد ۾ روايت بي ريا   هڪڙي ڏينهن مجلس ۾ ويٺو هو شه ـ ارض و سما
هڪڙي ڇو جي مرغ ابراهيم وٽ جيڏرا رهيا   سي هوا هڪڙي جدس جا يا مختلف اجناس هوا

جڏهن ڇيو حضرت آئوڏ ڏيکاريان اوهانکي مثل آن
تڏهن سين ڪيو عرض سڀ مشتاق آهيون بيگمان

جڏهن سڏيو طائوس کي حضرت ٿيو حاضر باشتاب　　جڏهن طلب ڪيئين زاغ کي حاضر ٿيو جلدي سان غراب
حڪم جڏهن ڪيائين ڪبوتر کي سو آيو بيحجاب　　بازيو خواب. عدم جي مون ڪنهون منهن نون نقاب

پوءِ تڏهن فرمايو شاهه. ذبح ته سڀني کي ڪهو
سر مگر هر ڪنهن جو هڪ ٻئي کان جدا آڻي رکو

پوءِ ورائي ريزه ريزه تن جا سڀ يڪجا ڪيا　　۽ ڪٽي طائوس جي سر کي ڏني حضرت صدا
استخوان ۽ گوشت اندم ٿيو سندس سڀ ڪون جدا　　پوءِ ملي سر سان بدن ٿيا راست پر جئن اصل هوا

ٿيو پيو هڪ هڪ مرغ جيئرو هئن ڪيو شاهه. هدا
اهڙا ڪم ڪن انبيا يا اوليا يا اوصيا

هن روايت کي لکيو آهي ڪتابن معتبر　　شاهدين يڪجا ٿيو عازم هو ڪي جي سفر
زير نخل. خشڪ ڪئي منزل امام. بحر و بر　　ڪي پڙهيئين ٿي زير. لب پر فهم ۾ نايو مگر

نخل کي چئين سو ذخيره اڄ ڪڍي ڪر آشڪار
جا وديعت توسين ٿانهي لئي رکي پروردگار

نوچوي راوي ڏٺم سو وڻ جهڪيو سوئي امام　　۽ رطب تر جا ٿيا آويزان گهڻا خوشا تمام
تڏهن چيئين مونکي تون بسم الله ڪر کاهي طعام　　مون عمل ۾ آندو جيڪين هو چيو شاهه. انام

هوئي گهڻو شيرين ۽ خوش ذائقه خرمائي تر
اهڙي خرما مون نڪا کاڌي ڪڏهن هوئي بهتر

هڪڙو اعرابي هو حاضران ڏٺو هي سارو حال　　چائين هي شخص آهي فن. سحر ۾ صاحب ڪمال
تڏهن چيو حضرت ته تنهنجو خام آهي هي خيال　　ورث دار. انبيا آهيون ولي. ذوالجلال

ڪو اسان ۾ ناهي ساحر ۽ نڪاهن باالفضول
اسين ڪريون ٿا جا دعا حق ٿو ڪري سا سڀ قبول

جي چئين حق کان گهران تون تين ڪتواي پرجفا　　جهل ڪون ان چو دعا ڪر تڏهن ڪئي حضرت دعا
مسخ ٿيو في الحال جئن ساڳيو ڪتو سر تا بپا　　ٿيو روان گهر ڏي تڏهن مونکي چيو شاهه. هدا

تون وڃي هنجي ٻنهان ڏس هنجو آهي جيڪو حال
مون ڏٺو ٿي پيچ کي لتڪائين اڳ ان اهل و عيال

انجي ٻارن لٺ ڪئي انکي ٿي هڪليو گهر منجهان　　آئون وري آيس ۽ حضرت سان ڪيم سارو بيان
اڳ پي آرو ۽ ٿي ٿيو آفتان وگريان در زمان　　رحم ڪيو حضرت تنهن ٿيو صورت اصلي ناگهان

تڏهن چيو حضرت ڏٺي جيڪين چيو مون سڀ تمام
ان چيو ايمان مون سؤ بار آندو يا امام

هڪ روايت هن طرح ڪن ٿا ڪتابن ۾ رقم هڪ دفع حج جي سفر تي ويو امام۔ محترم
هڪڙي عورت ٿي رني ڀارن سان ات باددرد غم هڪڙي ڪتون مئي پئي هئي جتهوا سپلي ڪربلا بهم

تنکون ڪرڻ جو سبب جنهن ۾ پڇو شاه۔ انام
ان چو هنجي ڪير تي ڪذراڻ اسالجو هو تمام

سا مري پئي آهي اسين حيران آهيون تنهن سبب تڏهن چيو حضرت جي جيئري ٿيڻ نه ڪوناهي عجب
ان چيو مونسين تمسخر ٿو ڪرين وقت۔ تعب تڏهن چيو حضرت تمسخر ناهي حق ڪؤن ڪي طلب

ڪتون ٿي تڏهن في الفور جيئري ۽ روان ٿيو آنجناب
آن نه ڄاتو ڪير هو جنهن مرده زنده ڪيو شتاب

هڪڙي شخص حضرت ڪي درهم ڏهه هزار آڻي ڏنا چائين منهنجي ڪاڻ هن درهمن مؤن وٺ ڪاٿون سرا
جڏهن روان حج ڪؤن ٿيو تڏهن ساڪن اچي ٿيا آن ولا جڏهن وري حج ڪؤن رسيو درخدمت۔ شاه۔ هدا

تڏهن چيو حضرت مون تنهنجي ڪاڻ ورتو هڪ مڪان
ناهي دنيا ۾ بنا ٿيو منجهه بهشت۔ جاودان

ٻهرين حد تي منتهي ناخانئه خيرالورا ۽ ٻي حد الجي ٿي ملحق تا به بيت۔ مرتضى
متصل ٿي حد ٿي جت دولت سرائي مجتبى چوٿين حد ٿي متفت بابيت شاه۔ ڪربلا

هي تمسڪ آهي جو ان گهر جو مون آهي لکيو
ان چمين ۽ پوءِ تمسڪ کي اکين پنهنجي رکيو

۾ قضا سان ٿيو سڪهو بيمار اوُ صاحب خرد جڏهن ڇڏي دنيا ڪيو عقبى جو سفر ان معتقد
تڏهن وصيت جي موافق دفن ڪيؤن انسان سعد جان ڏٺون ٻي ڏينهن سو ڪاغذ هو بر پشت۔ لحد

جو لکيو ان ۾ جي جعفر وعدا هوا صادق ڪيا
تن سين وعدن تي حڪم۔ حق سان ڪيون مونسان وفا

ابن جوزي صفوة الصفا ۾ پنهنجي سند سان ليث ابن۔ سعد کؤن هنپر روايت ڪئي بيان
ان چيو مڪ ۾ هوس موسم ۾ حج جي هڪ لڱان عصر کون پوءِ وس جڙهي هڪڙي جبل تي نا ڪهان

جان ڏٺم هڪ مرد مشغول۔ دعا ويٺو رهيو
تي چيئين يارب يارب نفس جيسين قطع ٿيو

پوءِ چيئين ياربا ه ياربا ه جيسين چئي سڪهيو پوءِ چيائين رب۔ چنداڪ الڪي تلب هو
پوءِ چو يا الله يا الله شاه۔ راست گو پوءِ چيئون ياحي ياحي جيسين تنز منظور هو

پوءِ چيائين يا رحيم يا رحيم۔ ڪارساز
پوءِ وري ٿي يا ارحم الراحمين چيئين با نياز

مون ڏنو تا ست دفع هيڻ پڙهيو شاه عرب ۽ چيئين اللهم الي اشتهي هاذا لعب

پوءِ چيائين ان بريدي اخلفا انت الوهب منجهه دعا مشغول هو حضرت اهان جنبان هوا لب

تا ڏٺم ظرف. پراز انگور دو بردي گران

هو نکو انگور هيو ان وقت پيدا در جهان

ان ولي حق اهان خوش کئي تي نوش ڪيو مون چو شامل آهيان هنيءَ توسان آءٌ اي نيڪخو

شاه چو کهڙي سبب ڪؤن چؤ نہ مون آمين چو تڏه چيئين هيڏي اچي ڪا پر رکج ني ڪو ڏرو

اهڙو هيو انگور ني پنهنجن اکين سان مون ڏٺو

دال بي دال هوا ڪنهن هڪڙي پر ڪو ڏٺو نہ هو

سير ٿيس پر ڪم نہ ٿيو انگور هرگز اصل ڪان پو چيئين چو کهڙو گهر جئي سو ڪٺي وٺ هن منجهان

مون چيو ڪي مونکي حاجت ناهي ڪي جان جهان تڏه چيئين ترن تي پري نا آءٌ نوان ڪپڙا ڏکيان

آئون پري ٿيس ان ڪيو هڪڙي برد کي پنهنجي وا

۽ پيو ڪپڙو زير جام. ڪيو ولي ء ڪبريا

رخت اکيان هٿ پر ڪري ۽ ٿيو آتان اڳتي روان جڏه رسيو شعب پر تڏه هڪ شخص اچي چونا گهان

مونکي نون پهراء پهرايو خداوند جهان انکي ڏني حضرت هليو آءٌ پي پٺيان تي ٿيس روان

مون پڇو آن مرد ڪؤن هي ڪير آهي ڪر بيان

ان چو جعفر بن محمد پر اظر ڪؤن ٿيو لهان

هڪڙي ڏينهن منصور حاجب کي سڏائي هن چيو اي ربيع جعفر کي موالوت آلي حاضر ڪر سگهو

جڏه ربيع حضرت کي آلي ۽ اني حاضر ڪيو جوش پر آيو لعين ۽ منهن ڪري حضرت ڏي چو

قتلني الله ان لم اقتلک جاڻيج يقين

ڪيسين تنين ولسان ڪ ندبر هي دشمني ۽ بغض وکين

تڏه چيو حضرت مونکي هن امر جي ناهي خبر جيڪي چيئون تو کي سو سڀ بهتان آهي سربسر

جيڪڏه هن ڳالهه کي هئي راستي مان ڪو اثر پيروي پيغمبرن جي ترڪي لازم هوئي مگر

ڏس نہ يوسف تي ستم ڪيئون ڪفر ڪيو ان ڪامگار

مبتلا ايوب ٿيو پر صبر ڪيائين اختيار

ڪيئون سليمان تہ مجي دنيا جي دولت کي عطا ان تہ تهدل سان انجو ڪيو تي شڪرانو بجا

تنهنجو اي منصور ڳڏجي تو نسب با انبيا ان چيو حضرت کي سچ تو چئين اي جعفر مرحبا

پوءِ سڏي حضرت کي پهلوءِ پر وهاريائين متي

۽ چيئين هنيءَ ولالي ۽ فلالي جهڙو مونکي

maablib.org

پوءِ چيو حضرت سڏائي وٺ تون هت انکي سگهو　　جڏهن سڏيئون اڙ شخص اهي منصور وٽ حاضر ٿيو
آن چيو آري تڏهن سنهن جو ڪلڻ منصور چو　　تڏهن چيو منصور تو هيئن ڀاڻ جعفر کان ٻڌو

ان شروع ڪيو جڏهن ستائش سان قسم فرمايو شاهہ
آئون قسم ٻي قسم سان ڏيندس چيو منصور واهہ

۽ توصل ٿيس پنهنجي حول قوت کان بري　　شاهہ چو چئو ٿيس حق جي حول قوت سان وري
اندڪي ڪيئين امتناع آخر چئي ۽ پو مري　　جي نہ ڪيو هيئن ياد چو جعفر محمد بن علي

حڪم سان منصور جي سا نعش مجلس مان ڪيئون
۽ جهلي پيرن کؤن ملعون کي وٺي ٻاهر ڇڏيئون

تڏهن چيو حضرت خدا آهي وڏو صاحب ڪرم　　جڏهن پڇئون ڪنهن هي قسم انکي ڏنو شاهہ امر
تو عقوبت ۾ ڪري تاخير تڏهن رب حرم　　جيڪو ٻانهن مان ستائش تو ڪري وقت قسم

تنهن سبب کؤن مون قسم انکي ڏنو جو تو ڏنو
جڏهن پڇئين حق کي ڇڏيم پنهنجي عقوبت کي رسيو

ان چيو هڪ ڏينهن جو منصور هو بس خشمگين　　هڪ مقرب خاص هو منصور وٽ ڏاڍو امين
ڇا سبب آهي تفڪر جو جو تون آهين حزين　　هٿ ٻڌي منصور کي چيم ڪاي اميرالمومنين

تڏهن چيئين مون سؤ ڪنا اولاد ختم الانبيا
پيشوا تنجو مون ڪيئن جيئرو ڇڏيو وا حسرتا

مون چيو هو آهي مرد پارسا ۽ متقي　　تڏهن چيم سو ڪير چئين جعفر محمد بن علي
روز شب طاعت خدا جي ۾ گذاري ٿو ولي　　انکي ڪين دنيا وما فيها سين آهي دوستي

تڏهن چئين اڄي امامت جو تون آهين معتقد
ملڪ دنيا پر عقيم آهي چون اهل خرد

قتل انکي آءٌ ڪندس جنهنکي تو چئين شاهہ امام　　مون کنيون سوگند آهي سخت اڄ تا قبل شام
آءٌ رڪان هٿ سرتي تڏهن تون انجي ڪم کي ڪج تمام　　پوءِ سڏي جلاد کي چئين جڏهن اچي هنجو امام

پوءِ ڏٺام حڪم جعفر کي ڪريو حاضر هتي
جان ڏٺم حضرت اچي تو ٻر ڪين پڙهند و تو اچي

ٻر ڏٺم منصور جي ٿي قصر جنبان تا ٻيام　　جيڪي ٿي حضرت پڙهيو سو سمجهہ ۾ نايو ڪلام
۽ ٻڌ ڪيو منصور ٿي پيرن اگهاڙو تا اسلم　　جئن تلاطم ۾ ٻوي ڪشتي ز امداج تمام

جسم سارو انجو لرزان سر کؤن پيرن تئين وٺي
هٿ وٺي حضرت جو ويهاريائين مسند تي کلي

ان چيو تڪليف ڇا ڪئون ڪئي تو يا ابن الرسول   شاه فرمايو سڏيئي تنهنجي هي آيو دلملول
تڏهه ڇيائين جيڪا حاجت هئي سا آنکي ٿي حصول   شاه چو مونکي نه سڏ تون پاڻ وٽ اي بالاصول
جڏهه خوش ٿي تو وٽ ايندس پاڻ پنهنجي اختيار
هيئن چئي باهر آيو مجلس مؤن وليءُ ڪردگار
پوءِ ڪريو منصور ٿي بيهوش در خواب ـ جفا   ء اٿي اڌ رات جو جاڳي نمازون ڪيئين ادا
پوءِ سڏائي مونکي چئين سر بسته ڪذريل ماجرا   چائين جڏهه آيو هتي جعفر امام ـ دوسرا
اژدها هڪڙي عجب صورت سان ظاهر ٿي اٿي
هڪڙو لب هو زير منهنجي قصر جي بيو هو مٿي
پوءِ فصاحت سان مونکي چو صاف هنپر اژدها   مونکي اي منصور هن هتڏ موڪليو آهي خدا
جيڪڏهن صادق کي هن هنڌ ڪا رسائيندين جفا   تون ء تنهنجو قصر ٿئي يڪدم ۾ پوندو در بلا
تنهن ڪؤن منهنجو حال متغير ٿي ء بيحال ٿيو
ان گهڙي ڪؤن هيستائين ائين پيس جئن تو ڏٺو
مون چيو هي سحر آهي يا امير المومنين   چئين ته چؤ تون سحر هنکي سحر ناهي هي يقين
هيءَ سڀڪين خاصيت ٿي اسم اعظم ٿي تعين   جو پيغمبر کي مليو از درگهه ـ جان آفرين
تنهن سبب ڪؤن جئن ٿي ڪيئين انطرح سان ٿي ٿيوسيو
سو ابا عن جده ميراث جعفر کي رسيو
هڪڙي ڏينهن منصور پي اصرت ٿيو مڪي ڏي روان   تا مناسڪ حج جا پورا ڪري اؤ بدگمان
بي جهت حضرت ٿي طبع نحس ان جي ٿي گران   چائين ابراهيم بن جبله کي وچ تون حڪم سان
جلد جعفر کي وجهي گردن ۾ ڪپڙو آ وني
انکي آئون ڏيندس يقين هندم سزائي واقعي
ان چو مسجد ۾ ابو ذر جي هو شاه ـ انس و جان   ء روانو ٿيو چيو ان جئن وني حضرت کي ليان
آستين مان چيم وني منصور وٽ هل درزمان   شاعدين انا اليه الراجعون چو ڏڪه منجهان
تڏهه چئين ابراهيم مهلت مونکي ڏي بهر ـ نماز
ء شروع فرمائي حضرت تڏهن نماز ـ بـا نياز
پوءِ پڙهي حضرت دعا هڪڙي نهايت سوز سان   پوءِ چيئين مونکي وني هل جيئن چو منصور اي فلان
مون چيو والله توکي ان طرح سان ڪيئن ليان   بي ادب آءُ ڪيئن ٿيان توڙي مران توڙي جهان
هٿ وني حضرت کي داخل قصر جي ڪيو يا شتاب
ء ٿي جاتم اڄ يقين مقتول ٿيندو آنجناب

حفظ لئي پنهنجي شروع ڪيائين دعا ڪئي آنجناب   ٿيو اچي وارد جڏهن منصور ڪيو اتي عتاب
۽ چيئين خالق جو قسم تون قتل ٿيندين باشتاب   شاهه جو منصور چيو هي امر آهي ناثواب
منهنجي ۽ تنهنجي ٿيو فرقت جو زمانو بس قريب
ٿيو پشيمان ۽ مرخص ڪيائين تڏهن شاهه غريب

پوءِ چيئين عيسيٰ بن علي تون وڃ وڃين دريافت ڪر   هي جدائي ڪهڙي اڄ جعفر ڏني جنهن جي خبر
ٻڌين آءُ مرندس يا اڱ مونکؤن ڪندو اڳهين سفر   ان پڇو تڏهن شهه جو منهنجو موت ٿيو نزديڪ تر
تڏهن اچي عيسيٰ ٻڌايو جيڪين انکي چيو امام
ان سبب ڪؤن ٿيو شقي خورسند از بس شاد ڪام

قتل لئي منصور حضرت کي سڏايو چند بار   حفظ پنهنجي ۾ رکيو هر بار انکي ڪردگار
هر دفعه اعجاز حضرت جا ڏٺا ان نابڪار   پر پشيمان ٿيو ڏسي اعجاز پوءِ اڱ خاڪسار
آخرش ڏني زهر ڪيو مسموم حضرت کي شقي
طوق لعنت جو وڌو گردن ۾ پنهنجي دوزخي

زهر حضرت کي ڏنئون ڪيبار ني بل بيشتر   پس اثر آن زهر جي هرگز نه ني ڪيو ڪو ضرر
آخرش آن زهر درد۔ دل جو پيدا ڪيو اثر   پر ڏنئون انگور ۾ جو زهر سو ٿيو ڪارگر
جنت الفردوس اعليٰ ڏي هليو حضرت امام
رحمت۔ حق ان تي لعنت قاتلن تي تا قيام

جن پليدن گهر تي جوڙيا ۽ سرائون ڪيون بنا   ۽ تي ديوارن ۾ پوريئون جيئرا آل۔ مصطفيٰ
ڄڻڦون تي برڪت ٿيندي هن جائن ۾ رهنداسون سدا   پر ستن جو ڪين اثر ڪو آهي منجهه دار۔ فنا
تا ڇڙيون منصور هوا ست سؤ ز آل۔ مصطفيٰ
جيئرا ديوارن ۾ پورايا جڏهن گهر ڪيئين بنا

جي تي دنيا لاءِ پنهنجي دين والين سان وڙهيا   تنجي ڪا ناهي نشاني ني پتو ني ڪا سما
هو سدائين جيئرا آهن جيسين تئين علم بپا   دؤر دؤر۔ مصطفيٰ ۽ آل جو آهي سدا
چار ڏينهن دنيا جو چتڪو خلد نعمت جاودان
دين کي دنيا تي وڪڻ سهل ۽ آسان نه جاڻ

بيشتر جي هوا سي هالي ڪين اڄن تا منجهه نظار   جي هوا ٻه سال تن امسال ڪيو آهي سفر
جي ڏسو تا اڄ سي هوندا يا نه هوندا سال پر   عاقبت خاڪ۔ زمين ڪنج۔ لحد سڀڪنهن جو گهر
موت ڪؤن انسان کي ڪنهن طرح سان ناهي مفر
جي رهين سؤ سال ڪوي ڏينهن ڪندين آخر سفر

مومنا سال - ولادت بادشاه - جز و كل سن ڏياسي سال هو از هجرت - ختم الرسل
هو جمع جو ڏينهن سترهين شهر ربيع الاول عمر پنجهٺ سال جي جو هو امام - بي مثل
ڏهن سومر جي شهادت ٿي ۽ پنجويهن شوال
سال هڪڙو سؤ انيتاليه ۾ ٿيو انتقال

السلام اي هردو عالم جا امام ابن الامام السلام اي جانشين - حضرت - خير الانام
السلام اي قبلهٔ دين كعبهٔ هر خاص و عام السلام اي مذهب و ملت ڏ ٿي عالي مقام
توتي رب جون رحمتون صلواتون ۽ سؤ سؤ سلام
توتي حق جون بركتون ۽ تنهنجي آبائي كرام

بس حسن اكثي كهڻو ناهي چڱو طول - كلام حال تنهنجو تو سڄو جاڻي سنده شاه - انام
ناهي حاجت عرض جي ني كو تمنا جو مقام رات ڏينهن هن در تؤن جاري فيض ٿيو بر خاص و عام
جڏه لكو محروم ٿيو محروم كيئن ٿيندو غلام
هوندين محشر ۾ اتي هوندو جتي تنهنجو امام

مرثيه

حضرت امام موسيٰ كاظم عليه السلام

مومنن جو موسيٰ بن جعفر امام - هفتمين هكڙي ڏينهن هارون جي هو صدر مجلس جو مكين
عرض كيو هارون حضرت كي تہ يا سلطان - دين دل ۾ آهي منهنجي شڪ هڪ مدت تن كؤن جانگزين
اڄ حقيقت حال تنهنجو تو كريان تو كؤن سوال
جڏه تون فرمائيندين ٿيندو منكشف هي سارو حال

آئون ۽ تون ٻئي اصل هكڙي نخل جا آهيون ثمر تون ۽ آئون آهيون ٻئي ابن - عم - خير البشر
تون ابو طالب جو آئون عباس جو نور البصر كا شرافت كهنكي وڌ ني كا نجابت بيشتر
جڏه اسين ٻئي آهيون اصلي ابن - عم - مصطفيٰ
هكڙو تڏه ٻي كان چڱو كنهن طرح سان ٿيندو ڀلا

تڏه چيو حضرت تہ سڄ ۾ آهي هنپر ماجرا اسين كهڻو سڀي كؤن اقرب اقرب - خير الورا
مادر - عباس عبد الله جي هئي ماليجي ما هوا ابو طالب ۽ عبد الله ٻئي يا ئر سڳا
آن چيو سو سڄ ۾ كيئن ٿيو وارثان - مصطفيٰ
كنهن طرح عباس هوندي ٿيندو وارث مرتضيٰ

اوح بن دراج کي ڪوفي جو والي ڪيو علي — هن مسئلہ ۾ اڳهن جي عڪس ان فتويٰ ڏني

يعني چاچي هوندي پٽ چاچي جو ويو محروم ٿي — ۽ علي فتويٰ سندس هن امر جي جاٿي رکي

پس بہ قول مرتضيٰ چاچي جو پٽ وارث نہ ٿي

جيڪڏهن عباس وانگر چاچو خود جيئرو هجي

تڏهن چيو هارون کي اڪرم امام بحر و بر — اي امير هن مسئلہ کؤن گهرجي تو کي درگذر

اهڙي ڳالهين ۾ نہ آهي بيگمان خوف و خطر — معاف ڪر مونکي نہ پڇ هي بحث آهي پرحذر

تڏهن چيو هارون هت ڪو ناهي ايذا جو گمان

هر طرح سان منهنجي مجلس آهي با امن و امان

تڏهن چيو حضرت نہ ٿيندو وارث خيرالورا — جنهن بلاد ڪفر مان هجرت نہ ڪئي باصطفيٰ

۽ نہ ڪئي عباس چاچي هنجي هجرت ابتدا — ڪين وارث ٿيندو تڏهن عباس از حڪم خدا

سورة انفال ۾ فرمايو هن پر ڪبريا

شرط هجرت آهي ڏس حتيٰ يهاجر برملا

تڏهن چيو هارون هي فتويٰ ڏني ڪيئن برملا — با مخالف هنجي يا علما پڇي ڪنهن بي بلا

تڏهن چيو حضرت خدا هن امر جو آهي گواه — ني مون هي فتويٰ ڏني ني ڪيز پڇي تو کؤن سوا

پوءِ چيو هارون چؤ تڏهن ڪنهن طرح سان خاص و عام

ڪ قلم ان جي چيو تڏهن ذريت خيرالانام

تڏهن چيو هارون کي سردار جملہ مومنين — اي امير اڄ جي هجي دنيا ۾ ختم المرسلين

في المثل جي ڌيءُ جو سڱ تو کن گهري نا ڏين نہ ڏين — ان چيو آءٌ سڱ ڏئي ٿيان احسان حضرت جو رهين

تڏهن چيو حضرت نہ گهري ها مونکان سڱ خيرالورا

جي گهري ها آءٌ ڏيان ها ڌيءُ جو سڱ تون چؤ بلا

ان چيو تو کون گهري ها ڪين سڱ خير الورا — ۽ تون ڏين ها ڪيئن هي نسبت ڪڏهن ناهي روا

انطرح ڪيئن سنگ روا ٿيندو نہ فرمايو خدا — تڏهن چيو حضرت ٿيو هنن منهنجو ڏاڏو مصطفيٰ

تڏهن چيو هلوون حضرت کي تہ يا شاه انام

صدق دعويٰ لئي تون شاهد آڻ آيت از ڪلام

تڏهن چيو حضرت تہ ڏس تون منجهہ ڪلام ڪردگار — جت نبي يعقوب ليکيا انبيا پروردگار

عيسيٰ بن مريم جي داخل تنهن آند تون منجهہ شمار — تڏهن نبي يعقوب سين ساڻ کؤن نڌو عيسيٰ قرار

سلسلہ يعقوب ۾ عيسيٰ جئن داخل ڪيو خدا

ان طرح آهيون اسين ذريت خيرالورا

انکان وڏ چئي حق اسانجي تو فضائل جي ثنا   حق تعاليٰ پنجتن کي ڪيا وڏا رتبہ عطا
قل تعالو ندع ڏس ابنائکم ابنائنا   ان گوڙي شبيرو شبر ٿئي هوا فرزند جي بجا

ٿيو چئي سگھندو پيلا ڪڏهہ پنجتن ڪؤن ڪو سوا
آئون پي ٿيو هوس داخل چادر ۾ با آلِ عبا

هي روايت منجھ ڪتابن سڀ لکن تا از شفيق   ڪوه جي پر تي هو ٿيو هاديءُ ڪامل طريق
هتيمان حضرت جي ڪري پيو ظرف منجھ چاهہ عميق   منهن متي ڪيئن چئين ڪي منجھ درگھہ رب شفيق

ڪوه جو پاڻي تڏهن والله هيٺ ٿيو بر فراز
ظرف کي هٿ سان ڪڍي ۽ ڪيئين وضو بهرِ نماز

ات هوتود و خاڪ جو اوڏي هليو حضرت امام   ۽ وڏي ريگ روان ان ظرف ۾ شاهِ انام
پوءِ ڪڍي تي اوش فرمايو امامِ ذوالڪرام   مون اچي حاضر تي خدمت ۾ ڪيو حضرت کي سلام

۽ چيم مولا جا نعمت تو کي خالق ڪئي عطا
مون کي ڪي ڪاراءِ ان مان اي دو عالم جا اجھا

پو چيئن حاصل مونکي سڀ آهي نعمائي خدا   ظاهر ۽ باطن اسان تي ٿي عطا از ڪبريا
تون بہ پنهجو ظن نيڪو ڪر اسانڏي لهہ نجا   تنهنکؤن پوءِ حضرت مونکي اوُ ظرف سارو ڪيو عطا

جڏهن مون ڪاڌو تڏهہ ڏٺم انهي هوئي شڪر ۽ سويق
اڄ تئين پيو ڪرنہ اهڙو طعام ڪاڌو هو شقيق

عبدالرحمان جامي هنهي ڪو شواهد ۾ بيان   هڪ علي يقطين ۽ ڪنهن پيي ڪيو موسان عيان
يعني مڪتوبات هڪ ڙي شخص کي ڏئي ڪيو روان   تا ڏئي حاضر ڪري با نذر حضرت جي اڳيان

جڏهہ رسي ڪوفہ ۾ ۽ ٿيو اوُ روانہ پيشتر
۽ ٿي ڪنهن ٻي شخص سان رستي ۾ ڪاڏئين ماحذر

موسيٰ بن جعفر کي مرڪب تي ڏٺئين ايندو سوار   تڏهہ اٿي تسليم حضرت کي ڪي ان نيڪو شعار
شاه فرمايو تہ جيڪي آهي تو سان سو بيار   ان ڏنو جيڪين هو ۽ ورتو وليءِ ڪردگار

پوءِ وجهي هٿ پنهنجي جيبِ خاص ۾ با صد شتاب
۽ ڪڍي حضرت ڏنو هرهڪ نوشتہ جو جواب

عرض ڪيو ان شخص حضرت کي تہ اي والا مقام   آرزو دارم روم بر مرقدِ خير الانام
بر سندم جو زاد رہ هو سو ٿيو رستي ۾ تمام   شاه چو جيڪي هجئي حاضر تون ڪر اي نيڪنام

جڏهن ڪئي آهو رکيا هٿ انتي شاهِ موتمن
اهڙي برڪت ٿئي جو اوُ ڪائي رسيو پنهنجي وطن

جهنكي علم غيب چوندا آهن سو هي آهي كين بيو   خط پڙهڻ كان اڳهر كا الم كيئن جواب انجو لكيو
بو چون كيئن تا ته علم غيب آئمه كي نه هو   پر نڪين جاڻو هي سڀ بغض و حسد جي گفتگو

علم هو حضرات كي ملاكان جو ۽ ما يكون
بيشتر موجود هوا فرمايو حق جڏهن قال ڪن

پهرين جڏهن بغداد ڏي هارون ڪيو حضرت كي طلب   هڪ صحابي ۽ كان پڇئين انجي ملامت جو سبب
ان چيو آءٌ كيئن نه ٿيان غمگين يا شاهِ عرب   مونكي معلوم آهي توني ٿيندو ڏيو رنج و تعب

تڏهن چئين لكي نه هرگز كين تون غمگين ٿي
آئون فلاڻي ڏينهن فلاڻي ماه ۾ ايندس وري

جڏهن اها تاريخ ٿي رهتي ۾ وبئو منتظر   شام تئين پر كي سواري جو نه پيدا ٿيو اثر
وسوسه شيطان انجي دل ۾ كيو آيس خطر   هن سفر مان كين ورندو هتي امامِ بحر و بر

ٿيو تڏهن اندوه كين پيدا ٿيو ان كي اضطراب
پر ڏسي جان ڏور كان ظاهر ٿيو اهو عاليجناب

انكي چئين اي شخص ان لئيڪ چو ٿي صدق مان   چاٿين هو نزد بڪ نوكي شڪ ٿي عارض اي فلاڻ
عرض كيو ان هٿ ٻڌي مولا جي خدمت ۾ نه هان   پوءِ چئين نوكي سلامت آندو ربِ دو جهان

جو ٿون هن ظالم كوڻ سالم ۽ صحي آئين وري
پاڻ چئين هاڻي نه ورندس كالهه هي آهي كري

تا چون هارون كيو هو پنهنجي دلبر هي بخل   تا كري كهڙي طرح سان موسيٰ كاظم كي خجل
هڪڙي ڏينهن هڪ شعبده باز آند ٿين ارب حيل   انكي چئين كنهن طرح كر مجلس ۾ كاظم منفعل

تا آءٌ نوكي اچ كندس پنهنجي نوازش سان نهال
۽ كندس توكي عطا بسيار از جاگير و مال

آئي پوءِ حاضر كيئون مجلس ۾ انسام طعام   ۽ اچي هارون ويٺو پهلو ۾ شاهِ انام
شعبده واري كي چئين جا شتي كٺي حضرت امام   سا كٿين وٽ تا ڏسي انكي كلي سڀ خاص و عام

شاهِ دين جڏه طعام ڏي ٿي دستِ اقدس كيو دراز
شعبده سان جاد ٿي پهرين كسون ان حيله ساز

هي ڏسي هارون بس خوشنود ٿي ۽ ٽِي كايو   جوش ۾ آيو تڏه دريا هو حق جي قهر جو
هڪڙي پردي ۾ مصور شير در قالين هو   امر كيو حضرت وٽي هنكي تون لقمه كر سگهو

امر سان حضرت جي ان بجان ساريو جاندار
۽ بيو بيهوش ٿي هارون يا خورد و كبار

ٿيو اٿلو هوش ۾ هارون آيو جنهن ولا   چائين حضرت کي اٿئي پنهنجو قسم اي مقتدا
اُر ڪرهن شير جي تصوير کؤن هي ٿي رها   تڏهه چيو حضرت عصا موسيٰ جي جادو گر ڳِنا
جي وري ورلدا تڏهه ورندو وري هي زشت ڪام
تا چون ان ڏينهن کان ٿيو در پئه قتل - امام
هڪ لڳان يثرب ۾ هارون آيو از بيت الحرام   مقصد اصلي هو انجو قيد ٿي شاه - انام
روضه احمد ۾ مشغول - عبادت هو امام   حڪم سان انجي ڪيئون ٻاهر امام - ذوالڪرام
قيد ٿي بصره روانو ٿيو امام - محترم
ابن شاهڪ جي حوالي ڪيائون حضرت هئي ستم
قبر پيغمبر تؤن حضرت کي وٺي ٻاهر هليا   تڏهن ٿي متوجه بسوئي قبر شاه - انبيا
چئين شڪايت تو ڪريان امت جي تو وٽ جدنا   جيڪين تنهنجي اهلبيتن سان ڪئي امت جفا
جڏهن وٺي حضرت کي آندائون تڏهه ان پر جفا
جنهن کان بدتر جو هو لائق سو چيائين نا سزا
پهرين بصري ڏي روان حضرت کي ڪيائين بالفضول   عذر خواهي ٿي پو هارون آيو بر قبر - رسول
عذر بدتر از گنهه ان کي چوي هي دلملول   عذر بعد از قتل هرگز ڪينڪي آهي قبول
ظالمن ٿي ڪين ڪيو هرگز ڪو خوف - ڪبريا
۽ نـه ملعونن کي پاس - از رخ - خير الورا
۽ سڄي اهل - مدينه ۾ هو فرياد و فغان   هڪڙي بصري ڏي ٻي ڪيؤن بغداد ڏي محمل روان
مشتبه ٿي امر مالهن تي ۽ ٿي صورت نهان   محمل - بصري ۾ چاڙهيائون امام - دوجهان
هو ستين ذيحج بصري ۾ رسيو حضرت امام
قيد ڪيو بصري جي عامل حجره ۾ شاه - انام
۽ در - زندان مقفل ڪوليئين ٿي صبح و مسا   پر فقط ڏينهن جو ۾ گهمراتي ڪيئون دروازي کي وا
هڪ لڳان بهر - وضو ۽ ٻيو دفعه بهر - غذا   ظلم جي ني حد نه هئي پايان نه هو ني انتها
ظالمن انهن دل ۾ چاتو ٿي نه رهنداسون مدام
ظلم تن جا رهجي ويا ظالم ويا دوزخ ۾ تمام
مدتون حضرت رهيو بصري ۾ منجهه زندان بند   جز عبادت حق جي ٻيو ني شغل هو خاطر پسند
حق تعاليٰ جنهنکي ڪيو سڀ خلق مان هو سربلند   هر زمان تازي اذيت ۾ هوا ۽ تازو گزند
هي عبادت ۾ هو زندان بان هوا منجهه لهو لعب
ياد حق ۾ هي ۽ هو مصروف منجهه عيش و طرب

عيسيٰ بن جعفر جو هو بصري ۾ حاڪم جو وزير   ان لکيو هارون ڏي هڪڙو عريضو ڪ اي امير
ناهي ڪاظم کي عبادت کؤن سوا ڪجهه دلپذير   مرتڪب ڪڏهه قتل جي اجو نه ٿيندو هي فقير
جي سڏائين پاڻ وٽ انکي ته تنهنجو اختيار
ورنه انکي قيد کؤن رخصت ڪندو هي جانثار
پوءِ ڪيو بغداد ڏي هارون حضرت کي طلب   قيد ۾ پوءِ فضل وٽ هو سيد والا نسب
سخت تر بغداد جي زندان ۾ هو رنج و تعب   شاهدين مشغول هو طاعت ۾ حق جي روز شب
ان طرح سجدي ۾ وارد هو امام دوجهان
جيئن ڏنو تنهن شخص کي آيو ٿي ڪپڙي جو گمان
حال حضرت جي عبادت جو ٿا ڪن هنڊر رقم   جز عبادت ڪين ٿي گذريو لڪو پل ني ڪو دم
جڏهه فريضه صبح کؤن فارغ ٿي ٿيو شاهه امم   پوءِ وري مشغول منجهه تعقيب ٿي اڳ محترم
تنهنکؤن پوءِ سجدي ۾ سر کي ٿي رکيو شاهه حجاز
ظهر تئين سجدي ۾ حضرت سر رکيو ٿي با نياز
پوءِ ڪيئن ٿي ظهر جي طاعات رباني بجا   انکؤن پوءِ تعقيب ۾ سرگرم ٿيو شاهه هدا
۽ فريضه عصر ۽ انجا نوافل ڪيئن ادا   ۽ ٿي پوءِ تعقيب کؤن فارغ وليءِ ڪبريا
سر کي سجدي ۾ رکيو پوءِ ٿي وري شاهه انام
ان طرح سجدي ۾ پنهنجو سر رکيائين تا بشام
سر کڻي سجدي مؤن مغرب جو فريضه ڪيئين ادا   انجي تعقيب ۽ نوافل ٿي سڀئي آندئين بجا
پوءِ ٿي متوجهه ٿيو حضرت بصلواة و ثنا   ٿيو ٿي جڏهه تعقيب کان فارغ وليءِ ڪبريا
تڏهن ٿي حاضر ڪيائون خدمت ۾ شاهه دين جي غذا
پوءِ ٿي ڪيئين افطار ۽ نان جوين تي اڪتفا
طاعت معبود ۾ پوءِ ٿي رکيئين سجدي ۾ سر   نصف شب تئين ان طرح سان هو شهه جن و بشر
پوءِ ڪري انڊڪ زمانو خواب شاهه بحر و بر   ۽ ٿي تجديد وضو ڪئي سيد والا گوهر
صبح تئين مصروف طاعت ۾ هو شاهه خوشخصال
ان طرح سان رات ۽ ڏينهن ٿي گذاريئين ماه و سال
تنگيءِ زندان کون هرگز اي ڪو شڪوه بر زبان   ني شڪايت ڪنهن طرح جي ظالمن جي ظلم کان
هٿ کڻي ٿي عرض هنڊر ڪيئين برب دوجهان   آرزو هئي تا عبادت حق فراغت ۾ ڪريان
سو سنده سؤ شڪر جو مونکي فراغت ڪيئي حصول
سو فراغت ۾ عبادت تو ڪري مي دلملول

مصطفيٰ جي آل تي ٿي ظالمن هي ظلم ڪيا   جي اڪين سان تي ڏٺا ٿي پڻ ڪنن سان ڪنهن ٻڌا
ني يهودين ڪيا نہ نصرانن نہ ڪنهن اهل ـ جفا   جيفہ دنيا تي پنهنجي دين والين سان وڙهيا

ظالمن جي ظلم جا ايام گذري ويا تمام
پر و بالُ انجو رهيو گردن تي نن جي تا قيام

ڪاش جي دنيا جي ڪن ها هي غضب تي اڪتفا   ۽ ملا ٿين مرتڪب ها ڪين منجهہ سفڪ الدما
دين يي پنهنجو وڃائون ۽ ڪيئون دنيا فنا   ۽ ملن ذلتؤن وساري ياه دوزخ جي سزا

عدل جي ڪرسي تي جڏهہ محشر ۾ ويهندو ڪبريا
ظالمن کي پنهنجي اعمالن جي تڏهہ ملندي سزا

آخرش هارون هي سر تي سٽي پنهنجي ملام   رات ڏينهن ٿيو در پئہ انديشہ ـ قتل ـ امام
تا ٿي دشمن دفع پاڻ آسوده ٿي ويهي مدام   ۽ ٻهالو ٿي طلب ڪيو قتل تي ان نا تمام

جڏهہ ٻڌائين فضل جي گهر آهي سرور با فراغ
تڏهہ پيا ان رنج کؤن ملعون جي سيني ۾ داغ

پوءِ ڇيئين مسرور کي بغداد ڏي وڃ لهہ خبر   ڪوڙ آهي يا ڪ سچ ڏس تا يقين ٿي بيشتر
جي هجي سچ ۽ هجي آسوده حضرت انجي گهر   انهِ هرگز ني ڪو تامل ڪج نہ سستي ڪارگر

ابن شاهڪ کي هي خط ڏيکاري تون آگاه ڪج
فضل کي سؤ تازيانہ جي سزائي سخت ڏج

فضل جو احوال يحيٰ هن طرح سان جڏهہ ڏٺو   تڏ خلاصو آيو ۽ هارون کي ان عرض ڪيو
پٽ جي منهنجو ناسزا هو سو سزا پنهنجي رسيو   جيڪين صادر امر ٿي بندو عمل انتي ڪندو

تڏهہ چيو هارون مون کي آهي انديشہ مدام
قتل موسيٰ کي ڪري جي ڪوتہ آهہ ٿيان شاد ڪام

آهو پوءِ بغداد ۾ يحيٰ خالد بي ادب   ابن شاهڪ کي سڏي پنهنجي اچڻ جو چئين سبب
زهر آلوده ڪري منجهہ چند دانہ از رطب   چائين هي ڪاراه تا سر قتل ٿي شاه ـ عرب

ڪنهن طرح هارون ٿي راضي ته مطلب ٿي حصول
طمع دنيا لئي ڦري هئي خلق با حضرت رسول

ابن شاهڪ سي رطب آندا وٽي نزد ـ امام   ۽ ڪيئين اصرار تا حضرت تناول ڪيا تمام
عرض ڪيو حضرت بدرگاه ـ خداوند ـ علام   جي نہ کائي هي رطب تا چا ڪري پوءِ هي غلام

ڪيو خورش ني زهر جي مجبور مونکي اشقيا
يا الاهي آهين تون هن امر ساري جو گواه

تاچون جنهندم مسيب کي مؤکل کيئون تعين   روبرو پنهنجي سڏائي انکي جو سلطان دين
اي مسيب ان چيو لبيک مولي المومنين   شاه فرمايو مدينه تو وهان چالج يقين

تا ودايع ڏئي رضا کي آئون ڪربلا قائم مقام
جا امانت آهي مونوٽ سا ڏيان انکي تمام

تڏه مسيب عرض کيو اي قبله دنيا ۽ دين   قفل ڪيئن بندو پئي سڀ حرس آهي معجهه ڪئين
تڏه چيو حضرت مسيب تنهنجو سچ آهي يقين   مون تي وا بـاب علوم اولين و آخرين

آهي قادر جـو رسائي در مدينه باشتاب
مر هجن قفل ۽ نگهبان سؤ هجن پرده حجاب

تڏه مسيب چو دعا ڪر منهنجي حق ۾ يا امام   انجي حق ۾ ڪئي دعا ايمان جي شاهه انام
۽ چيئين آئون اج پڙهان ٿو اسم سو عاليمقام   تخت جنءِ بلقيس جو آندو صبا کان تا بشام

ايئن چئي في الحال متوجه ٿيو حضرت منجهه دعا
مون تئي سجهو گهريو جيڪين تي حضرت ازخدا

جان ڏسان مصلي تي پنهنجي ناهي شاهه بحر و بر   ٻيو هوا زنجير جي ڪمن مونکي ناهو منجهه نظر
عالم حيران عبرت جو محل هو سر بسر   چند لمحه ۾ وري اتي آيو شاهه خيرالبشر

۽ وڏا زنجير پنهنجي هٿ سان پيرن ۾ امام
شڪر سجدو ڪيو شناسا ٿيس از حمد انام

۽ چيئين سجدي کؤن سر کي کڻ مسيب باوفا   آئون فقط تي ڏينهن اوهان وٽ آهيان منجهه دار فنا
پوءِ چڏي ويندس آئون دنيا کي سوئي دارالبقا   مونکي پنهنجي سان اکين ملاڻ جي حسرت جا وفا

تڏه چيئين گريه ڪر آهي سبب گريه جو ڇا
مونکون پوءِ آهي امام دين علي موسيٰ رضا

دست دامن ۾ سندس هوندو سنده جي استوار   ۽ اطاعت انجي جي دل سان ڪندين تون اختيار
جي ولايت ۽ امامت جو ڪندين انجو قرار   سختيءَ دارين کان رهندين هميشه رستگار

جڏه بڌو مون هي ڪلام شاهه جو راحت فزا
حمد ربنا جي ڪيم پنهن جي تهدل سان ادا

ٽن ڏينهن کان پوءِ مسيب کي چوان والا جناب   اج چڏي دنيا کي عقبي ڏي وڃان ٿو باشتاب
جهنگهڙي تو کؤن مسيب آءٌ گهران جامي ز آب   جام ڏئي ۾ مونسان ڳالهائي کؤن ڪجهه ٿون اجتناب

نفخ ٿيندو ۽ نمايان ٿيندو اعضا تي ورم
منهن سندم ڪڏهن سرخ ۽ ڪڏه سبز ٿيندو دم بدم

زهر جي آتش کؤن اؤ پالي ڪندو اهڙو اثر   جنهن ڪان هي چهرو گلابي زرد ٿيندو سر بسر
اي مسيب ڪين ڪج هن حال جي ڪنهنسان خبر   جيسين ٿمين منهنجونه ٿي دنيا کؤن عقبيٰ ڏي سفر

ٿو چوي مسيب ته آئون هن ڳالهه ۾ هوس بيقرار
منتظر بيٺو در۔ دولت تي هوس بـا انتظار

بعد ساعت جي کهڙيو پالي جڏهن شاه۔ هدا   ۾ ڏٺم جيڪين چيو حضرت سا ساري ماجرا
هڪڙي لمحه بعد ات آيو جوان۔ خوش لقا   سر بسر سيمائي ڪاظم يعني شاه۔ دين رضا

مون اڄان پانيو پڇان نالو ته چو شاه۔ انام
مون منع ڪي تو کي اڳهين ڪو نه ڪج مونسان ڪلام

سجده٘ معبود ۾ مصروف هـو شاه۔ هدا   هن طرح سان نڌ هوائي قدس کان آئي ندا
مستعد ٿـي جلد نفس۔ مطمئن بهر۔ لقا   راضياً مرضيۃً آهـي اصل کان تنهنجي ثنا

هن طـرح پڻ راغبۃ اليٰ ربـي آواز ٿيو
مرغ روحش آشيان۔ عرش ڏي پرواز ڪيو

۾ ڪيئن ان حال ۾ دلبند پنهنجي سان وداع   ڪيو غروب ان آفتاب۔ دين اؤ غائب ٿيو شعاع
هي خبر جنهن دم سٽي منجهه مجلس۔ اهل۔ نزاع   خوش ٿي ۾ هارون پنهنجي خصم جو ٿيو الدواع

انکئون پو ڪيئين امر در تجهيز تڪفين۔ امام
ابن شاهڪ جي حوالي ڪيائين هي سب اهتمام

ظاهراً ني غسل حضرت کي ڏنو ان بي حيا   پر حقيقت ۾ ٿيو متکفن هو خود حضرت رضا
ظالمن مؤن ڪنهن ڏٺي ٿي ڪين ڪين هي ماجرا   مون -يوئي پنهنجي اکين سان ٿي ڏٺو هي برملا

جڏهن ٿيو تڪفين کؤن فـارغ امام۔ دوسرا
مونکي چئين منهنجي امامت جو رهج قائل سدا

هڪڙو مومن هو سليمان نام حاڪم هوس خويش   قاڙي ڪپڙا تي جنازه جي هليو در پيش پيش
مقبره مشهور هو ان هڏ بـا اسم۔ قريش   انهر ني مدفون ڪيو حضرت کي ات با سينه ريش

۾ سڄي بغداد جا مالهو هوا گريان زار زار
مـاتم۔ عظميٰ بپا هـو هـوا سيمئي اشڪبار

سيد۔ مظلوم کي مسموم ڪيو قوم۔ عنيد   سرور۔ مغموم کي ناحق پليدن ڪيو شهيد
قيد ۾ هارون جي ڏهه سال هو شاه۔ سعيد   نور چشم۔ مصطفيٰ کي قتل ڪيو ناحق رشيد

ظلم غربت ۾ ڪيا مظلوم تـي ناحق ملن
بيگنهه مسموم سيد کي ڪيو ان رب کان رنن

نور چشم - مصطفيٰ تي ظلم ڪيا قوم - جهول   حق ڪيئون بيزار شاه - انبيا ڪيئون دلملول
ظلم جي آتش سان سازئائون دل و جان - رسول   ظالمن ڪو شرم حيدر ڪئون ڪيو ني ماءِ بتول

سيد - مظلوم تـي ڪيئون ظلم امـداه شديد
ڪين ڪيئون حاصل ويا ناڪام دنيا ڪئون پليد

ٿيو هو پنجويهين رجب جي شامدين هو انتقال   عمر هئي ان وقت ۾ مولي جي ڇوونجاه سال
هڪ‌ڙو سؤ ٽيامي هو سن هجرت رسول ذوالجلال   هو سمع جوڏينهن وقت - چاشت حق سان ٿيو وصال

ني ولادت ڏينهن آهر جـي ستين ماه - صفر
سو اٺاويهون هـو سن از هجرت - خير البشر

السلام اي موسيٰء جعفر وليء - ڪبريا   السلام اي موسيٰء جعفر امـام - مقتدا
السلام اي موسيٰء جعفر شه - ارض و سما   لسلام اي موسيٰء جعفر اڙين جا رهنما

توتي صلواتون سلام اي هردو عالم جا امام
تنهنجي دامن کي ڇڏي ٿي ڪنهنجي ونندو هي غلام

ثاغر - سرور ۾ امل - درد ڪن جوش و خروش   تون پي خود بيتاب آهين اي حسن بس ٿي خموش
ڏس ته هن ماتم ڪئون پيو ارض وسماء آهي جوش   موسيٰ بن جعفر هٿان تسنيم ڪوثر ڪج تون نوش

تنهنجو هٿ منجهه دامن - آل - محمد تا ابد
۽ سڄي هٿ ۾ سدا ڏيندا شفاعت جي سند

مرثيه

حضرت امام علي بن موسيٰ الرضا عليه السلام

مومنا هو مومنن جو ڪهڙو پير ۽ پيشوا   قبله هشتم وليء حق علي موسيٰ الرضا
ناهي ڪو جنهنجي شرافت جو ابد تئين انتها   مصطفيٰ جو روح جسم و جان شاه - لافتا

گوهر - بحر - ولادت مخزن - عـز و شرف
هي اهي گوهر گرامي جنجو ڪعبه ٿيو صدف

هي روايت ٿا ڪتابن ۾ لکن اڪثر پڙهيا   پيٽ ۾ هو ماء جي جڏه سلطان دين موسيٰ الرضا
پيٽ ڪئون تسبيح ۽ تهليل جي پڌدي صدا   حول ۽ هيبت ڪئون انجي جا ڪندي هئي نه سجهان

هئن لکن ٿا جڏه تولد - ٿيو وليء ڪردگار
ٿيا ڪيهائي خـارق العادات ان ۾ آشڪار

تا لکن هئي هڪڙي عورت حامله از چند ماه انجي وهر عرض ڪيو حضرت کي ڪاي شاهنجا شام

ڪر دعا حق جي دروَن فرزند مونکي ڏي الله تڏ چئين ٻن ٻارن سان آهي حامله بي اشتباه

ٻر حڏهن حضرت جي خدمت مان هليو رخصت ولي

دل ۾ چئين پٽن جو ناءُ رکندس آءٌ محمد ۽ علي

تڏه بلند آواز سان انکي چو شاه خشڪ و تر هڪڙي جو نالو علي ٻي جو رکج اُم عامر

الکي جڏه فرزند ڄاوا هڪڙي دختر ٻيو پسر تڏه ٻڇائين ماءُ پنهنجي کوَن تہ اي نيڪو سير

ام عامر ڪنهنجو نالو هو ان چو منهنجي ماءُ جو

تڏهن هن ڀڻ ام عامر ۽ علي نالو رکيو

علم ارحام آهي خاصه از علوم ڪردگار غيب ڄاڻي ڪونہ تو جز غيب دان پروردگار

سو ميوني علم هن تي حق ڪيو هو آشڪار عرض کوَن اکهين ٿي ڄاتو حال شاه نامدار

سوال دلبر هو تہ حاجت ٿي روا ڪئي شاهدين

ٻر هي حق مختيار ڪيا سرڪار پنهنجي جا يقين

هڪڙي ڏينهن طاعت ۾ بيلو هو وليءِ ڪردگار هڪڙي ات ڪنجشڪ حاضر ٿي اچي باحال زار

شاه چو هڪ شخص کي ڄاڻي تو هنجو اضطرار ان چيو حق ڄاڻي يا تون يا رسول ڪردگار

شاه چو ڪيو نانگ هنجو قصد تنهنکوَن بيقرار

تون وڃي سو مار ان سو ماريو ماري زهردار

هڪڙو هو لباج جو ساڪن ڪو مرد باصفا خواب ۾ هڪبار حاصل ڪيئين لقائي مصطفيٰ

هو طبق خرمائي جنت جو اکين خيرالورا دست اقدس سان ستره دانہ خرما ٿيا عطا

سو چوي تو هڪڙي ڏينهن مسجد ۾ ويٺو هو امام

ساڳئي ان هند مون جتي ويٺو ڏٺو خير الانام

ان طرح سان هو طبق هڪڙو رکيو از ٻر رطب جڏه مشرف ٿيس وڃي در خدمت شاه عرب

سيد والا مونکي نزديڪ ڪيو پنهنجي طلب جڏه عطا ستره ٿيا دانہ مون ٻڌي دست ادب

عرض ڪيم يا شاه دين واڌو کي خرما ڪر عطا

چائين تڏهن واڌو ڏيان جي ڏي ها ختم الانبيا

هڪڙو ڪولي ٿو چوي آءٌ ٿيس خراسان ڏي روان منهنجي دختر مونکي ڪپڙا هوا ڪلن جي لئي ڏنا

تا آئون وڪلي انجي قيمت مؤن ڪي فيروزا وٺان جڏه مروه شهر ۾ وارد ٿيس آئون ان زمان

شاهدين جو ڪو اتي ٻاهون هو عقبي ڏي هليو

چاڙون ڪو ڪپڙو ڪفن لئي آهي مون الکي ڏنو

پوء وڃي ۾ مولي آيا مونکي چائون اي فلان   تو ڇوي مولي ته حل ڏي جو تو آندو گهران
قصد ڪيو ٿي تا انکي وڪلي آءٌ ڪي فيروزا وتان   مون ڏٺي ڪيو قصد حضرت ڪؤن مسئلہ ڪي پڇان

ڪثرت۔ خلقت ڪؤن حاصل ڪبن ني زيارت شتاب
پر لکي حضرت مڪا مولڏي مسئلن جا جواب

هڪڙي ڏينهن هڪ شخص سنڌي هو جو اسماعيل نام   آيو حضرت وٽ ۽ سنڌي ۾ ڪيئين مولي کي سلام
۽ جواب انکي ڏنو سنڌيءَ ۾ پڻ شاھ۔ انام   ان ڇيو سنڌي تو چاتي يا امام ابن الامام

تڏھ ڇيو حضرت جي واڌو مونکان چاتي تون ڪلام
تڏه تون ڪيئن ٿين مقتدي آءٌ ڪمئن ٿيان تنهنجو امام

هن طرح آهي لکيو انجي زبانيءَ جو بيان   مونکي ايندو ڪونه هو هڪ ڪلمه از عربي زبان
جڏه وٺي رخصت هليس ڪيم عرض يا شاه۔ زمان   مونکي اهڙي ڪر دعا عربيءَ کان آءٌ معلم ٿيان

پوء رکيا منهنجي ڇپن تي هٿ جڏه شاه۔ انام
ٿي زبان في الحال گويا ۽ ڪيم عربي ڪلام

تا لکن رهتي ۾ چورن هڪڙو سوداگر وٺي   زور سان ڪين برف انجي وات ۾ آلي وڌي
تنهن سبب انجي تڪلم ڪؤن زبان ناڪام ٿي   جڏه خراسان آيو حضرت جي خبر معلوم ٿي

دل ۾ چائين هي تہ آهن اهلبيت۔ مصطفيٰ
آئون وڃي حاضر ٿيان خدمت ۾ تہ حاصل ٿئي شفا

خواب ۾ هڪبار حضرت کي ڏٺو ان مبتلا   عرض ڪيئين الله لڳ يا شاه مونکي ڪر دعا
شهه چو سائر ۽ ڪموني سان اڪ آٽي ملا   ڪر تون مستعمل ٿئي گهمرا نہ حاصل ٿي شفا

جاڳيو جڏه ننڊ مان ڪيڏن ڪي خواب ني ني اطمنا
جڏه اچي حاضر ٿيو منجهہ خدمت۔ شاه۔ هدا

انهنجي سڀ احوال جو ساري ڪيئين حضرت وٽ بيان   خواب جو ۾ ذڪر هرگز ڪونه الدئين د رميان
شاه فرمايو دوا جا خواب ۾ مون ڪئي عيان   عرض ڪيئين سا روبرو فرماء شاه۔ انس و جان

شهه جو سائر ۽ ڪموني سان لمڪ ڪر استعمال
ان ڪيو جئن شاه چو ٿيو دفع اڙ رنج و ملال

تا لکن هڪ شخص عزم۔ حج جو مڪي ۾ رسيو   جڏه پڌئين احرام هي انديشہ انکي دل ۾ هو
هٿ جي ڪپڙي جو ڍڪڻ احرام ۾ جا ڪر ٿيو   ان سبب کان ثوب ملحمر جو ڍڪڻ ان ترڪ ڪيو

پوء لکيئين هڪڙي عريضي خدمت۔ شاه۔ هدا
بيا به ان عضي هدايا نذر خدمت ۾ رکيا

ثوب ملحم جو مسئلہ انجي دلتان وبو لهي — آبو جڏه قاصد جواب آلي ڏلو الکي وري
خط جي آخر ۾ ڪيو مڪتوب هيئن حق جي ولي — ثوب ملحم جو ڍڪڻ احرام ۾ آهي صحي
جو مسئلہ انکي وسريو سو لکيو شاه ـ هدا
جي چوي ڪو هيءَ علم ـ غيب ته آهي بجا

ايندو هو مامون جي مجلس ۾ جڏه شاه ـ انام — صف ٻڌي بيهندا هوا خادم بهر آداب و سلام
۽ جهليندا هوا جو آويزان هو پرده ان مقام — جڏه ڪچهري ۾ هو حضرت وهندو وهندا هوا تمام
ڪن ڏينهن ڪثون بعد جڏه مامون ظاهر ڪيو نفاق
تڏه مڙي خدام ـ مجلس ۾ ڪيئون هيئن اتفاق

اڳتي جي مامون جي مجلس ۾ ڪڏه آيو رضا — ڪو لڪو پرده کي ڪندو ۽ نه اٿندا مطلقا
۽ جڏهن حضرت اني آيو اتي حاضر ٿيا — ۽ ڪيئون پرده لنگهيو در متون امام ـ مقتدا
پوءِ جڏه مجلس ۾ ويهي ۽ ٿيو مجلس کؤن روان
تڏه ڪيئون هڪ ٻئي کي ملامت ۽ چيئون ڇا ڪيو اسان

پوءِ وري ڪجا ٿي هنبر ڳالهه ۾ ٿيا همقسم — اڳتي ڪو پرده نه ڪندو ۽ نه اٿندو ڪقدم
آيو مجلس ۾ وري جڏهين امام ـ محترم — هٿ ٻڌي تعظيم حضرت لئي اٿي بيٺا بهم
جڏه نه ان مجمع مان هرگز ڪنهن اٿي پرده کنيو
تڏه هوا اعجاز سان پرده کٿي بالا ڪيو

شاه ويو پر جڏه حاڪم جي مجلس تي تمام — ۽ روان بيت ـ ولايت ڏي ٿيو شاه ـ انام
۽ هوا اعجاز سان پرده کنيون بهر ـ امام — جڏه لنگهيو حضرت تڏه شرمنده مجمع ٿيو تمام
پوءِ چيئون ڏي جنکي حرمت خالق ـ لوح و قلم
سو ڀلا ٿي جي هتان ڪنهن طرح ٿي نامحترم

تي ڏني مامون حضرت کي خلافت چند بار — ڪنهن طرح سان پر نه ڪئي منظور حق جي رازدار
ان ٿي پانيو جي ڪري حضرت خلافت اختيار — نا بهاله هٿ اچي حضرت جي بابت آشڪار
پر خلافت کي قبوليو ڪين ۽ انڪار ڪيو
آخرش مامون پنهنجي ڳالهه تي اصرار ڪيو

پر جڏه حد کئون زياده ان ڪئي تجديد و وعيد — تڏهن ولي عهدي مجي ان خامه ـ رب ـ مجيد
دستخط لئي جڏه ڪيو مامون تاڪيد ـ شديد — تي تڏهن لاچار ۽ هنپر لکيو شاه ـ سعيد
برخلاف هي امر آهي جفر جامع کئي عدول
امتثال الامر تنهن جي حڪم ولي عهدي قبول

هت ڏنو حضرت شهادت جو اشارو پيشتر — سالها پيش از وقوع - واقع - ڪئون هيءَ خبر
غيب گوئي اهڙي ٿيندي آهي يا چيزي دگر — منهنجو هيءَ ما توتئون قربان اي وليءَ دادگر

اهڙي دعويٰ ڪين صادر ٿيندي ازهر مدعي
اهڙا پيغمبر ڪري ڪم يا ڪري انجو وصي

جڏهن مدارس جي قصيده ڪي ڪيو دعبل تمام — ۽ پڙهيائين آلي جڏهن منجهه خدمت - شاه - انام
جڏهن ڪيئين بغداد ۾ نفس - زڪيه جو ڪلام — شاه جو هيو بيت ڏي الحق دعبل هن مقام

تڏهن قصيده تنهنجو سارو ٿيندو ۽ ڪامل تمام
ان جو بسم الله يا سلطان - دين آغا امام

تڏهن چيو قبر - بطوس - هالها شاه - انام — عرض ڪيو دعبل سا ڪنهنجي قبر ٿيندي يا امام
شاه فرمايو تہ منهنجي قبر ٿيندي ان مقام — ٿيندي آمد شد محبن دوستن جي ات مدام

جيڪو غربت ۾ اچي ٿيندو مشرف از سلام
سو صبح محشور ٿيندو منهنجي درجي منجهه قيام

هي روايت معتبر اڪثر لکن ٿا منجهه ڪتاب — بو صليت هروي کي فرمايو شه - والا جناب
وڃ اتي هارون جي جت قبر آهي باشتاب — قبر جي اطراف جي ڪين آڻي حاضر ڪر تراب

جڏهن وٺي آيو تڏهن حضرت سنگهي خاڪ - شمال
چئين سڱهو ٿي دفن ٿيندس هن ۾ آئون بعد از وصال

جيڪڏهن مامون ڏيو هن امر ٿي اندم مصر — قبر منهنجي کوٽن ڪري قبلہ طرف پيءُ جي قبر
حڪم حق سان ٿيندو ظاهر هڪڙو سنگ - سخت تر — جنهن ۾ ڪو اوزار هرگز ڪين ٿيندو ڪارگر

پر جي انين ڪوليندو منهنجي قبر در موضع فلان
تا انهي هنڌ قبر کي کوٽي انين سگهندو بيگمان

طرف سبراندي رطوبت ٿيندي پيدا در زمان — تڏهن تڪلم ڪج تون ڪلمہ سان جئن آءٌ ٿو چوان
قبر ساري ٿيندي پر جئن آهي ڪو آب - روان — جڏهن مڇيون لڪرن تڏهن پوري تون ڪارائج هي نلان

پوءِ مڇي ٿيندي وڏي ات هڪڙي پيدا آن زمان
سا ننڍين کي کائي سڀني کي ڪندي بڪدم تمام

تنهن کوٺن پوءِ پاڻي ٿي مٿ پنهنجور کي ڪج هي دعا — جا ٿو سڪلرپان آئون تو کي من ڪهڙي اي باوفا
جڏهن پڙهندين ٿيندو پاڻي ڪم بحڪم - ڪبريا — ان ۾ هڪڙو آهي مخفي راز از اسرار ها

۽ سڀني ڪم هي ڪج مامون جي تون روبرو
تا ڏسجي قدرت خدا جي سر ڏسي اوُ حيلہ جو

تنهنکون پوءِ بو صابت کي فرمايو هيئن شاهه - عرب   صبح جو مامون مجلس ۾ ڪندو مونکي طلب
جڏهن وران ۾ سر تي ڪپڙو هوئي تہ ڄاڻج ٿيو غضب   زهر ڏني مونکي وڏو ملعون منجهه رنج و تعب

۽ اڪج ان حال ۾ هرگز تون مونسان ڪو ڪلام
تون يقين ڄاڻج تہ انجي زهر ڪيو مونکي تمام

صبح جو مامون مجلس ۾ سڏايو شاهه کي   زهردار انگور کارائين ولي الله کي
ڪين تي ڪاڏو ولي ۽ حق چو آن گمراه کي   معاف ڪر هن امر کان اڄ مصطفيٰ جي ماه کي

ان چيو انگور هنکئون وڏ نہ هوندو يا امام
شاهدين چو هوندو بهتر هنکئون منجهه دارالسلام

پهرين ڏسدي سان حضرت جي خوشامد ڪيئين گهڻي   ۽ شه- دين کي ڪيائين پنهنجي مسند تي مڪين
پوءِ چمين چشمان - اقدس ۽ جبين - شاهه - دين   خوشہ انگور پوءِ دست - مبارڪ ۾ ڏنئين

هوا طبق ميوه جا انوت جنمان ڪيئين ٿي زهر بار
انمان عمداً هڪڙي خوشہ کي ڪيائين زهردار

ظاهراً ڪاڏو ٿي ان خوشہ جي پامي مؤن پلبد   پوءِ ڏني حضرت کي ڪئي تڪليف کائڻ جي عنيد
ڪين ڪاڏ وٺي شہ - دين ان ڪبو تاڪيد - شديد   تڏهه وٺي بو داڻا کاڌا ان مان کي شاهه - سعيد

وري ڪري اسرار خوشہ کي ڏنئين دست - امام
۽ وٺي کاڌا ٽي داڻا تڏهن شاهه - انام

پوءِ ڪيو خوشہ کي حضرت دست اقدس مؤن ڦٽو   ۽ شہ - دين تڏهه اٿي بيٺ - ولايت ڏي هليو
تڏهه چيو مامون شاهه - دين کي ڪيڏي ٿا وڃو   شاهه فرمايو مونکي جيڏي آهي تو موڪليو

۽ رواڻو ٿيو سر - اقدس ڍڪي شاهه - انام
مون ڏنو ڪپڙو سر - اقدس تي غمگين ٿيس تمام

آيو جڏهن دولت سرا ۾ قدوة - اهل - صفا   امر فرمايائين در کي بند ڪن اهل - سرا
۽ ستو پو پنهنجي رخت - خواب تي هئي رضا   آئون اٿي غمگين ٿي ويٺس الم ۾ مبتلا

۽ چيم ٿي يا الاهي ڪهڙي آفت ٿي نمود
ڇا ستم ڪيو اشقيا بر خاصہ - رب - ودود

تا چون جڏهه سخت بيماري ٿي حضرت جي تمام   هڪڙو خادم نام ياسر تنهنکي چو شاهه - انام
منهنجي ماٺهن آهي اڄ ڪين ڪاڏو اي ياسر طعام   ان چو پنهنجو هوش ڪنهنکي ناهي اي آغا امام

هيئن ڏسي توکي ڪنهين کي هوش اڄ ناهي بجا
طعام تي رغبت جو ڪهڙو ذڪر پالي ڇا پلا

هيئن ٻڏي با ضعف اٿي ٻيلو امام ـ دوسر ۾   ۽ سڏايئين طعام دستر خوان وڇايئون جا بجا
سڀ ويهاري پاڻ سان کارائي حضرت مير کيا   هڪڙي هڪڙي تي ڪيا الطاف ٿي شاه ـ هدا

۽ حرم ڏي موڪليا پڻ شاهدين خوان ـ طعام
جڏه سڀئي کائي رهيا تڏه ضعف ٿيو غالب تمام

عود ڪيو مون ان روايت تي جا ڪيم ٿي پيشتر   تو چوي ولت ـ وصال ـ شه ٿيو جڏه نزديڪ تر
شاهدين جي حڪم ڪيا دولت سرا جا بند در   آئون گهڻو غمگين ٿيئو هوس اٿي آسيمه سر

آﺑﻴـو ان مند اتفاقاً هڪڙو مرد ـ خوش لقا
جنهنجي هوئي سيمائي نوراني شبيه ـ خود رضا

مون ڏسي چوانکي هت ڪيئن آئين اي عالي جناب   هت ته آهن چؤ طرف دولت سرا جا بند باب
چائين هڪ لحظ ۾ آندس جنهن مدينه مون شتاب   ناهي قادر ٿيندي ڪين ديوار حائل در حجاب

مون چيو تون ڪير آهين اي ولي ابن ـ ولي
چئين آهيان حجت خدا جي آئون محمد بن علي

پوءِ روانو ٿيو هو جنهن حجره ۾ شاه ـ دين رضا   مون کي پڻ ارشاد فرمايئين ته همراهي ۾ آ
جڏه ڏٺو فرزند پنهنجي کي امام ـ دوسر ۾   تڏهن اٿي سينه سان لائي پٽ کي ٿي ابرو چميا

پنهنجي بستر خاص تي ويهاري پنهنجو دلربا
۽ ٿي منهن منهن تي رکيئين ﭼڻ هوا نهڪٻئي کان جدا

جيکي چو ٿي شاهدين فرزند پنهنجي کي ﺑه راز   ڇا پڇو ٿي جيکي شاه ـ دين تقي گردن فراز
مون نه سمجهو ٿي ڏرو تنهن مان جو هو رازو نياز   سڀ ودائع جي امامت جا هوا سي شاه ـ حجاز

پنهنجي ڏني دلبند کي سڀ راه حق ويو رهنما
راه ربــاني هلــمو انــا اليــه الــراجعا

پوءِ امام العصر مونکي چو محمد بن رضا   وڃ خزانه ۾ کڻي آ تختو ۽ آب ـ صفا
مون چيو ات ناهي تخته کونه پاڻي زبتدا   پاڻ فرمايئين جيکي چيم سيکين ڪر بجا

پوءِ خزانه ۾ وڃي تختو ۽ پاڻي کي شتاب
آڻي مون حاضر ڪيو در خدمت ـ والا جناب

مون چيو تجهيز ۽ تڪفين ۾ ڏيان کي مدد   مونکي فرمايو تڏه ان خاص درگاه ـ صمد
ٻي ﭘي هت آهي مدد از غيب ما را مي رسد   آڻي حاضر ڪر خزانه مؤن کفن اي پر خرد

مون کفن آڻي رکيو نزد ـ شه ـ جن و بشر
مون ڏٺو هرگز نه هو الڪؤن اڳي ڪڏه پيشتر

پوءِ ڪري تجهيز تڪفين ڪئي نماز اندم ادا   مولکي چئين تابوت حاضر ڪر سگھو اي باوفا
عرض ڪيم نجار کي ڏيان حڪم يا شاهه ـ هدا   چئين خزاني ۾ رکيو آهي ڪٿي سو جلد آ
سون خزاني سون کڻي آئي رکيو ازد ـ امام
سون ڏٺو ٿي ڪين اکيه هوس ڪرچ آئون واقف تمام
پوءِ رکي تابوت ۾ بيءُ کي امام ـ سرفراز   ۽ شروع ان وقت ۾ حضرت ٻه رڪعت ڪئي نماز
ٻر اڃ رڪعت ڪين ڪيا پورا اڃان شاهه ـ حجاز   تا هليو تابوت بالا ڏي ٿـي سقف ـ خالہ باز
جڏهه ڏٺم تابوت حضرت جو ويو سوئي سما
سون چيو مامون جڏهه پچندو تڏهه چوندس آئون ڇا
شاهه فرمايو تڏهن اي شخص تون خاموش ٿي   هنگھڙي اي بو صليت تابوت هت ايندو وري
جي مري مشرق ۾ مرسل ۽ هوئي مغرب ۾ وصي   آهي لازم هيئن ته سي ٻڪجا ڪري رب ـ قوي
ٻر اڃان هن ڳالهه کي هو ڪين حضرت ڪيو تمام
سقف ڦاٽي ۽ ٿي ڪرُون آيو تابوت ـ امام
هوئي اڃان هي ڳالهه مامون آيو ات ٿي بيقرار   ٿي پٽيو منهن کي گريبان چاڪ ڪيو ان نابڪار
ٿي چيئين يا سيدا مولکي ڪري وئين اشڪبار   پيا پي جيڪي ساڻ هوا سيئي رنو ٿي زار زار
پوءِ چيئين جلدي ڪريو تجهيز ۾ سڀ اهتمام
سون پڻ حاضر ٿي آئي جو حڪم هو سو ڪيو تمام
پيا پي اهل ـ شهر گريان هوا سيئي خاص و عام   ٿي چوُن هئي هئي سترهي ڪنهن ڪيو ٻر شاهه ـ الام
اهڙو ماتم هو ته گويا روز محشر ڪيو قيام   جڏهن ڏٺو مامون پالي ۽ عجائب پيا تمام
چائين جيئن حضرت ٿي ڏيکاريا عجائب در حيات
ان طرح سان تو رضا ڏيکاري پڻ بعد از وفات
هڪ مقرب هو اني مامون کي چئين ڪ اي امير   هي اشارت آهي جي هوند و اوهين جمع ـ ڪثير
ٻر جو قدرت ساڻ غالب سڀ تي قادر ۽ قدير   آنجي دولت کي زوال ايندو سگھو خاطر پذير
جنهطرح سان ان مجي ڪاٽي لنديون ڪيون سڀ فنا
ان طرح ٿيندو اسان مان ڪو مسلط بـر شما
تڏهه چيو مامون تنهنجي راست آهي ادعا   پوءِ چيئين مولکي سگھو تعجيل ڪر تون هي دعا
مولکي وسري وئي هوئي مولکي بادشاهي هن ولا   تڏهه مقيد ڪيو مولکي مامون منجهه بند ـ بلا
هٿ کڻي سون درگهه ـ داور ۾ جو يا ڪبريا
مولکي صدقي مصطفيٰ ۽ آل ان جي ڪر رها

مون اڃان پوري نه ڪي جا ڪا ڪيم حق کان طلب   تا امام دين تقي ظاهر ٿيو اي شاهه عرب
مون کي چائين تنگدل ٿيو آهين از رنج و تعب   مون ڇيو سختيءَ ڪؤن مون کي تلخ آهن عيش سڀ

سال پر مامون جي اٿون قيد ۾ هوس مبتلا
هٿ رکيئين تڏهه منهنجا هوا زنجير جڪي ٿيا جدا

سڀ ڪريا تڏهه هٿ وٺي منهنجو ڪيئين ٻاهر ازسرا   جي اتي هوا پاسبان سي چئي نه هرگز ڪين سگهيا
مون ڏٺو ٿي تنکي تن مون کي ڏٺو ٿي برملا   شاهه جي اعجاز سان مانع نه ٿيو ڪو مطلقا

۽ چيئين مامون کي هرگز نه ڏسندين اي فلان
سو اڃان تئين ناهي سون انکي ڏٺو ان ڏينهن کان

مومنا هي شخص هوا سڀ امت خيرالورا   جن ڪيا هيڏا ستم آل محمد ٿي روا
ڪرچ چاٿون ٿي تہ دنيا کي ذرو ناهي بقا   تڏهہ بہ دنيا لاءِ ٿي دوزخ قبوليو اشقيا

بل بني عباس هوا فرزند عم مصطفى
الاقارب ڪالعقاب جي صحيح آهي ماجرا

مومنا ذي قعد ۾ چاٿو شهه والا جناب   سؤ انيتاليه سن از هجرت ختمي مآب
ڏينهن پنجشنبہ جي ۽ تاريخ ٻارهين منجهه حساب   سن ٻہ سؤ ٿي سال ۾ ٿيو از شهادت شرفياب

عمر پنجونجاه سال ۽ ڪن مهينن جو امام
۽ ٿيو اٺيهين صفر ملحق بہ آبائے ڪرام

السلام اي قبلهٔ هشتم امام اتقيا   طوس جا مدفون مشهد جا ڌڻي حضرت رضا
السلام اي تنهنجي حق فرمايو ختم الانبيا   طوس ۾ مدفون ٿيندو بضعهٔ خيرالورا

السلام اي شاهه سلطان خراسان السلام
السلام اي مومنن جا دين ايمان السلام

پل صراطون پار مون کي لنگهڻو آهي يا امام   جڏهن تون هٿ وٺندين لنگهي تڏهہ پاريوندو هي غلام
يا علي تنهنجو حسن آهي سوالي صبح و شام   تنهنجي لشڪر ۾ ٿيان محسوب منجهہ روز قيام

قبر ۾ مونکؤن مقرب حق ڪندا جنهن دم سوال
تون ئي ڪج تلقين مونجي اي وليءِ ذوالجلال

مرثيه

حضرت امام محمد تقي عليه السلام

مومن جو دين ايمان حاڪم - شرع - نبي   سرو بستان - نبوت رواق - باغ - علي
حق ڪيو جنهنجو شرافت شان سج چنڊ کؤن جلي   هادي‌ء راهه - رشادت هو تقي‌ء متقي
مصطفيٰ جو نور چشم آرام جان - مرتضيٰ
ثاني اثنون - حسن همشان شاهه - ڪربلا

صغرسن ۾ بيلو هو رستي ۾ شاهه - دين تقي   اتفاقاً ٿيو گذر مامون جو ان هنڌ اچي
جيڪي ڪودڪ بيٺا هوا دهشت کؤن انجي ويا ڀڄي   تڏهه پڇئين حضرت کؤن تون ڪيئن بيٺو آهين هت صحي
شاه فرمايو نه رستو هو نه سوڙهو يا ڪ تنگ
جو ڀري ٿي آئون ڪريان تولاء ڪشاده بيد رنگ

پيو آئون مجرم ڪين هوس جو مونکي دهشت ٿي ڪثير   انسوا هيو حسن ظن هو تنهنجي نسبت اي امير
بيگمه ڪنهنکي رنجائيند بن نه هوئي تو ڙي حقير   ٿي گهڻي مامون کي تقرير هي خاطر پذير
تڏهه چيو مامون تنهنجو اماءُ ڪهڙو ذات جا
ڪنهنجو پٽ آهين چيو حضرت آءُ محمد بن رضا

هي پڌي مامون غمگين ٿي ۽ اڳتي ٿيو روان   باز هوا همراه تن مان هڪ ڇڏيئين تترن پٺيان
باز غائب ٿيو گهڻي مدت ۾ نظرن کان نهان   حڏه وريو آنديئين ولي ننڍڙي مڇي هڪ نيم جان
سا ولي مامون پنهنجي هٿ ۾ پوءِ پٽ ڍڪي وريو
ٿيو تعجب تڏهه گهڻو مامون کي ان حال جو

جان ڏسي رستي ۾ بيٺو هو اجان شاهه - هدا   جيئن ڀڳا هوا پيشتر ڪودڪ پڇي سڀ دور ٿيا
آيو جڏهن ويجهو تڏهه چئين آءُ يا ابن - رضا   شاهه چو لبيڪ ان چو منهنجي هٿ ۾ آهي ڇا
تڏهه چيو حضرت نه قدرت ساڻ قادر ڪردگار
بحر جاري ڪيا مٿي تن ۾ مڇيون ٿيون آشڪار

بادشاهن جا جڏهه ڪن باز انسان ڪين شڪار   تڏهه لڪائي مٺ ۾ طرز - امتحان ڪن اختيار
سلسلہ اهل - نبوت جو لهن تنهن مان شمار   ٿيو گهڻو مامون حيران ڪيئين تعجب آشڪار
چائين بيشڪ آهين تون ابن الرضا عاليوقار
جو وظيفه ڏيندو هو سو ڪيئين مصائب برقرار

جڏهن خراسان کؤن مدينہ ڏي ڪيو حضرت سفر　　شهر ۾ ڪوفي جي جڏهن وارد ٿيو شاهہ بحر و بر
آيو مسجد ۾ جتي هو پير جو وڻ بي ثمر　　بيخ ۾ انجي وضو ڪيو شاهہ تڏهن ٿيو بار ور
جڏهن ٿيا مغرب پڙهي فارغ سڀئي طاعت گذار
تڏهن اچي ڪاڌئون ثمر بيدا جو هو خوشگوار
هي لکيل آهي صحي اڪثر ڪتابن ۾ خبر　　جڏهن قضا جي حڪم سان مامون ويو پنهنجي مقر
شاهہ دين فرمايو منهنجو پڻ قريب آيو سفر　　اڄ کؤن پوءِ ٽيهين ڏهين نيندو دنيا کؤن گذر
جڏهن اها ٽيهن ڏهينن جي هوئي مدت ٿي بسر
تڏهن سوئي جنت روانو ٿيو امام بحر و بر
عرض ڪيو هڪ شخص هنپر ڪاي وليء ذوالجلال　　مونکي هڪڙي شخص نوٽ سو ڪليو بهر سوال
مونکي ڪپڙو ڏي ٿئي انجو ڪفن وقت وصال　　شاهہ فرمايو تہ متغني ٿيو اڄ با ڪمال
مون مگر معني نہ سمجهي پر جڏهن آيس وري
تڏهن ٻڌم هنپر تہ اڄ هو شخص صالح ويو مري
بن چئن قصد سفر ڪيو هو ز بهر ڪاربار　　آيا جڏهن رخصت وٺڻ از لزد شاهہ نامدار
شاهہ چيو هڪ ڏينهن تيز ترڪ سفر تي اختيار　　جڏهن اٿيا حضرت وٽئون هن ڪيا حضرت سان قرار
جنهنجو ساٿي ويو اڳي سو ويو ۽ پيو ات رهجي ويو
جو ويو سو پوءِ ٻڌو سون ٿي وهيءَ ۾ غرق ٿيو
جڏهن امام دين رضا کؤن پوءِ پشيمان ٿي تمام　　ڪيو گهڻون مامون ٿي حضرت تقي جو احترام
۽ ٿي ڏياڻين تہ ڏيان ڏي پنهنجي منجهہ عقد امام　　غيظ ۾ انکؤن بني عباس رهندا هوا مدام
جمع ٿي مامون کي سڀني چيو هيئر اهي
تنهنجي ماٽن کي سدا هن قوم سان هئي دشمني
ان سوا ڪين هي وڏو ناهي ۽ آهي خورد سال　　ڇا سبب جو تو ڪريز تعظيم انجي ڪل حال
ڪنهن طرح ناهي روا خام ٿيو تنهنجو خيال　　بلڪ ڪو استاد گهرجي تا ٿي هي صاحب ڪمال
ان چيو جي منهنجن بزرگن دشمني ڪئي اختيار
تنهن ۾ حق تي هوا يا ناحق ٿي ڪريو انين آشڪار
علم جو ڇا ذڪر هي گنج علوم مصطفيٰ　　هن سين جو ٻال استاد آهي ذات ڪبريا
جي ڪريو تحقيق هي سڀ امر آهي برملا　　تڏهن بني عباس سڀ بحث بن اڪثم وٽ ويا
چئون تقي جي بحث لئي سڀني ڪيو توڪي تعين
۽ وٺي آيا جتي مجلس ڪيائون با زيب و زين

شاه دين کي صدر مجلس جو ڪيائون متقي   شاه جي پهلو ۾ رات مامون پڻ ويٺو اچي
بيا بي عظمي ۽ اڪابر جمع ٿي آيا مڙي   تڏهه چيو مامون کي مجلس ۾ قاضي هيئن آئي

امر ٿي تا آئون پڇان هڪڙو مسئلو از امام
ان چو منهنجو اذن ڇا گهر اذن از شاه انام

تڏهه شهه دين کي چو قاضي ڪاي وليء ذوالجلال   جي تون رخصت ڏين ڪريان ڪو مسئلو ڪؤن سوال
تڏهه شهه دين چو ته پڇ جيڪو هجئي دل ۾ خيال   تڏهه چيو قاضي ته محرم جي ڪريان تو قيل قال

صيد محرم جي ڪفاره لاء ڪهڙو حڪم ٿيو
شاه فرمايو تـــه مجمل آهي جيڪين تو چيو

ناهي ڪافي انطرح سان جيڪين پڇين تو پڇو   صاف تر چو جيڪين پڇڻو آهي تو کي مونکؤن سو
جرم محرم جو تون کي انداز ظاهر ڪر ذرو   صيد ان ڪيو هو حرم ۾ يا ڪ حل ۾ انکون ٿيو

پر تون چو مجرم هو عالم يا ڪ جاهل بيشعور
سا خطا عمداً ٿي صادر يا ڪ سهواً بي قصور

ان سوا ڏس تون ته اوُ بندو هو يا آزاد هو   بيخبر ڪو طفل هو يا سن رسيده هو اهو
ان سوا پهريون هي ڪهڙو انکؤن صادر ٿيو يا بيو   ياڪين اڳهين هي خطا ۽ جرم انکان ڪو هو ٿيو

ان سوا سو صيد وحشي هو يا طائر ڪر بيان
هو ننڍو هو يا وڏو اوُ صيد سو سڀ ٿي عيان

ان سوا ڪين ٿيو پشيمان يا مصر هو بيحيا   رات جو صادر ٿي يا در روز روشن ٿي خطا
۽ سو محرم حج جو يا عمره جو هو سو چؤ صفا   ٿيو گهڻو حيران جڏهه قاضي ٻڌي سڀ ماجرا

قاضي القضاة ڏاڍو ٿيو پشيمان از سوال
تڏهه چيو مامون سرور کي ته اي نيڪو خصال

اسين سڀئي مشتاق آهيون شاه فرمائي بيان   حڪم شرعي جيڪو هوئي سو پاڻ تون سڀ ڪر بيان
شاه فرمايو ته هنپر حڪم ڪيو رب جهان   جي ڪري ٻاهر حرم جي صيد ڪي ڪو ناگهان

پر پرنده جو ڪفاره ٿيو مقرر گوسفند
جي حرم ۾ صيد ٿيو ڏيندو ڪفاره کي دو چند

۽ جي ناگهه صيد ٿي ٻاهر حرم ۾ از خطا   تڏهه ڪفاره ۾ ننڍو ٻرو ڪو ڏيندو در جزا
جي حرم ۾ ٿي ته قيمت ڏي ڪفاره اسوا   ۽ جي ماري گور خر تا ڳاءِ ماده ٿي روا

مرغ اشتر ڪاڻ اشتر ٿيو مقرر آشڪار
۽ هرڻ جي صيد ۾ هڪڙو گهٽو ٿيو اختيار

پر حرم پڻ ڏيندو ڪفارو ڪي پهلو منجهه شمار ۽ ڪفارو ڪي حرم ۽ ڏني رهاڻن اختصار
پر جي حج واجب جي لئي احرام ڪيو ان اختيار ۽ ان پڻ سي سيئي پهچائي ڏيندو هڪڙو بار

جي هوئي عمره جو نه مڪ تي رهائيندو سيئي
پر سيئي جاهل ۽ عالم پئي ڪڏا مي راهه طئي

۽ جي عمداً انڪئون تي صادر سو بس ٿيو ناروا سهو ۽ نامي ڪنهه هرگز بدرگاهه خدا
جي هجي آزاد ڪفارو ڪري سو خود ادا ۽ جي ٻانهون هوئي تنهه آقا ڪندو مي سڀ بجا

پر جي بالغ آهي تا سر ڪندو سو خود فدا
۽ جي بالغ ناهي ناهي ان تي ڪين فديه روا

جي پشيمان غير بالغ تي ته ڪين ناهي عذاب پر مصر تي آهي از درگاهه حق ڏاڍو عقاب
جڏهن پڙو قاضي تڏهن ڏنو جنن خر پئي منجهه خلاب ۽ ڪهڙو مامون ٿيو خورسند از حد و حساب

جئين ته مون چو تي نه مي اوستاد آهن سر بسر
مصطفيٰ جي پر جا مي آهن سيئي والا گوهر

پوءِ چيو مامون انهرڪ اي ولي ذوالجلال جي نه تي طبع مقدس تي ڪو ڪين رنج و ملال
تا ڪري حضرت يحيٰ کو يحيٰ اڪثم کون سوال ٿيو مخاطب شاهه ۽ يحيٰ سان ٿيو ڪرم مقال

ان چيو جي اينڊو ڏيندس آئون شهه دين کي جواب
ورنه ٿيندس شاهدين جي فيض کون خود ڪامياب

شاهه فرمايو جي اول روز ۽ وقت بيگاهه شخص هڪڙي هڪڙي عورت ڏي ڪئي پنهنجي نگاهه
پر اها انجي نظر انوقت هوئي داخل گناهه پهر ڏينهن چڙهندي سا عورت تي روا بي اشتباه

وري جڏهن وقت زوال آيو ۽ انتي ٿي حرام
وقت پيشين انتي جائز ٿي نه انهي ڪو ڪلام

جڏهن ٿي سانجهي زال ٿي انتي وري سا ناروا پر وري جائز ٿي عورت انتي سا وقت عشا
نا روا ٿي نيم شب جو انتي بچون و چرا صبح جو پڻ سا وري جائز ٿي از امر خدا

تون بيان ڪر انجو ڪهڙو حل آهي اي علام
۽ عيان ڪر حالجو ڪر مي حلال ۽ مي حرام

عرض ڪيئين حضرت جي خدمت پڻ تہ يا شاهه هدا هن مسئلن ڪان ڪين واقف ناهيان جاڻي تو خدا
تون بيان ڪر پاڻ اي عارف علوم ڪبريا شاهه فرمايو نه جاڻين تو نه مونکون سن پلا

جيڪو بيگانو ڪري ڪاهين ڏي ڪو شهوت جي نگاهه
سا حرام آهي صحي ڪو ان پڻ ناهي اشتباه

جڏهن ڏينهن جو چڙهي ۽ ڏني آلڪي ڪيئن غلام بيگمان انتي سا عورت ٿي روا ناهي ڪلام
پوءِ ڪيئين آزاد ٻن پهرن جو انتي ٿي حرام ظهر جو ڪيئين عقد سا عورت روا ٿي اي علام

۽ وري مغرب جو ان ان سان ڪهو فوراً ظهار
پوءِ وري انتي سا عورت ناروا ٿي آشڪار

جڏهن وري وقت. عشا ٿيو ۽ ڪفاره ان ڏنو بيگمان انتي سا عورت ٿي روا ائين خود ڏسو
پوءِ ڏني اڌ رات جو هڪڙي طلاق ان نيڪخو ٿي حرام انتي وري شارع بيان هي حڪم ڪيو

۾ وري جڏهن صبح ٿيو پرده شفق کؤن آشڪار
ان رجوع ڪيو ۽ يقين انتي ٿي جائز در شمار

نقل هي اسلاف جي آهي زباني ۽ هيئن لکيو آئون جنهين ڏينهن هوس ويو ڪوفه ۾ مون اپڙيو
جنهن نبوت جي ڪئي دعواءِ سو حاڪم حبس ڪيو ۽ فلائين جاءِ ان کي قيد ۾ آڻي رکيو

مون بسر خود ات نگهبانن کي انجي کين ڏنو
۽ ويس ان شخص وٽ جو حبس ۾ محبوس هو

مون سڄو ان شخص کي فهم و فراست سان ڏٺي تڏهه پڇيم ان شخص کؤن انجي حقيقت حال ٿي
ان چيو آئون آهيان ساڪن شام جو اي متقي هڪ لڳان مشغول هوس منجهه طاعت. رب. غني

هڪڙي شب مسجد ۾ ويٺو هوس مشغول. دعا
جنهن ۾ اکيئن نسب کيون راس الحسين. مبتلا

ناگهان هڪ شخص ان هنڌ ۾ اتي بيٺو اچي مونکي چئين اي مرد اٿي هل مونسان تون همراه ٿي
۽ وٺي مونکي هليو همراه پنهنجي اوّ ولي انجي خدمت ۾ جڏهن مون راه ٿوري قطع ڪئي

تڏهه پڇيئن مونکؤن هي ڪهڙي جاءِ آهي اي فلان
ان چيو ڄاڻان ٿو هي ڪوفه جي مسجد بيگمان

پوءِ شروع ان شخص مسجد ۾ دو رکعت ڪي نماز مون ٻه نيتي ان پنيان طاعت خدائي بي نياز
جڏهه ٿيو فارغ عبادت کؤن امام. سرفراز آءُ پي پٺ ۾ ٿيس روانو رخ ڪئين سوئي حجاز

چند لمحه ۾ سڄي سا قطع ٿي راه. دراز
۽ مدني ۾ رسيو ڪونين جو گردن فراز

قبر وٽ شاه. رسل جي ڪيئين اچي پهرين سلام پوءِ پڙهيئين بيهي نماز ان هنڌ ٻه آداب. تمام
۽ ته بيعت پنهنجي مولا جي ڪي مون ادني غلام پوءِ وري رخ ڪيائين پنهنجو جانب. بيت الحرام

چند لمحه ۾ رسيو منجهه ڪعبه. عالم مطاف
۽ ڪيئين طوف. حرم مون ٻن ڪيو ڪعبه جو طواف

وري جڏهن ڪعبہ کؤن باهر ٿيو وليءَ ڪبريا شام ۾ سونکي رسالي، ويو هليو اؤ مقتدا
ٿيو جڏهن ٻيو سال ۽ موسم حا اؤ آيام ٿيا سونکي ٿيو ان حال جو عاقبت تعجب رخ نما

تڏهن وري آيو وليءَ حق اسلم. دوست ٻي
سونکي ليئن همراهہ ٿيا ڪوفہ. مدني غيرها

جنهن طرح سان پيشتر جو ٿيو مشرف هي غريب ان طرح هن سال ٻن سونکي زيارت ٿي نصيب
ٿيو وري غائب نظر کؤن. تهنجي سوحق جو حبيب سون چيو تهنجو قسم جنهن هي ڏني قدرت عجيب

ڪير آهين سونکي پنهنجو ناؤن ڏس اي مقتدا
تڏهہ چيئين اي مرد اٿون آهيان نقي ابن الرضا

صبح جو سونکؤن ٻڌي جڏهہ بعضي ماڻهن هي خبر تني رسائيون دفعتاً ان کي بحاڪم خبرہ سر
منتهم ڪيؤون سونکي ات داخل حبس اي نامور طوق گردن ۾ وڌئون زنجير آهن در ڪمر

سون نڪا دعويٰ نبوت جي ڪي ني ڪا ادعا
سون ڪرامت ذڪر ڪي حضرت جي قلتس منجهہ بلا

تڏهہ سون خط ۾ حال سارو پنهنجو حاڪم کي لکيو خط جي پٺ ۾ تنهنجي هٿيران لکي ۽ موڪليو
تنهنکي چئو لمحہ ۾ تو کي شام کؤن جنهن ڪوٺيو جنهن مدني مان رسائيو ڪعبۃ الله ۾ سکهو

پوءِ وراڻي شام ۾ آندئين صبح سالم وري
ان سبب محزون ويئو آهيان آئون نوميد ٿي

ٿيو جڏهہ ٻيو ڏينهن ۽ ان سمت ڏي ويس آءٌ وري تا خبر ان جي لهن هو مرد آهي حقي
اٿون جڏهہ وارد ٿيس زندان جي در تي اچي جي نگهبان هوا سي ان هنڌ سود ڏٺا حيران سيئي

چائون تي جنهن مرد دعويٰ هوئي نبوت جي ڪئي
ويو زمين ۾ تي فرو يا آسمان تي ويو چڙهي

معتصم تخت. خلافت جور تي جڏهہ ٿيو مڪين هوئي عداوت انجي نسبت اهلبيت. طاهرين
ان زمان عبدالملڪ يثرب جو والي ٿيو تعين اڏي سؤ تاڪيد سان هنير لکيئين از زوءِ ڪين

توکي لازم تا مدني سؤن تقي عاليمقام
جلد مونڏي ڪر روانو جلد باصد احترام

تڏهہ گهڻي تاڪيد سان والي ڪيو حضرت کي روان جڏهہ مدني کؤن رسيو بغداد ۾ شاهہ. زمان
ظاهراً تعظيم حضرت کي ڏني ان بدگمان موڪليا تحف هدايا ان شهہ. دين ڏي گهڻا

ابتدا ۾ ڪئي رعايت تي گهڻي ان بيحيا
آخرش مسموم ڪيئين حضرت کي با زهر. جفا

معتصم وٽ آندئون هڪڙو شخص جنهن چوري هئي ڪئي   چائين هٿ انجو وڍيو شرعاً سزا انکي ڏبي
جڏه ابي دائود ڪان حد - سزا انجي پڇي   ان چو پنجي ڪؤن وڍيو انجي سزا ٿي واقعي

هوا ڪهڻا علما موافق ان سان تن فتويٰ ڏني
ڪن چو هٿ وڍ جي مرفق ڪؤن جئن حڪم - ايزدي

سڀڪهن ڪؤن ان دلائل جو پڇؤن سيڪنهن چيو   تڏه خليفي چو ته يا ابن الرضا تون ڀڻ ڪي چؤ
ڪهڙي فتويٰ آهي ۽ هن مسئلہ جو حڪم ٿيو   شاه چو علمائي حاضر جيڪين چو تو سڀ ٻڌو

تڏه چيئين تنهنکي ڦتو ڪر جيڪين چالي ڪر بيان
شاه فرمايو ته مونکي معاف ڪر هن امر ڪان

جڏه ڏنا سوگند حضرت کي ڪهڻا ان بي ادب   شاه فرمايو ته آڱريون قطع ڪر انجون تون سڀ
ٻر ڪف - دست انجي سالم هوئي عبادت جي سبب   ڌارهي هٿ هٿ سان ٿي مشغول منجهه طاعات رب

ڪنهن کي طاقت ٿي نه انہ ڪين ڪري چون وچرا
ٿيا خجل علما ابي دائود سوڌا برملا

معتصم کي ٿيو ء ابي دائود اچي هنہ چيو   خيرخواهي مونتي لازم آهي دولت جي پلو
جيڪين ان ڏينهن توکي ٿيو صادر مناسب ڪين ٿيو   مسئلو توکي جو مشڪل هو سو تو انکؤن پڇو

جيڪي علما عصر جا هوا تنکؤن تو فتويٰ پڇي
ان ۾ وزرا هوا ۽ امرا ۽ اڪابر هوا سيئي

تو پڇو جن ڪؤن سي اڪثر انکي چائن ٿا امام   توکي انجي ملڪ جو غاصب يقين ۽ ٿج مدام
ان ڏني فتويٰ سا هوئي برعڪس اقوال - تمام   سڀ جي فتويٰ ترڪ ٿي جاري رکيئي انجو ڪلام

هيءَ خبر ٿي منتشر در مجمع - هر خاص و عام
۽ محبت انجي جي حجت ٿي تا يوم القيام

جڏه ٻڌو ان رنگ انجو زرد ٿيو اندوه ڪان   نائره ڪفرو حسد جو مشتعل ٿيو هر زمان
انکي چئين توکي جزاء خير ڏي رب - جهان   جهنکؤن غافل هوس ڪيو ٿي آگاه مونکي اي فلان

انجي کي بي ڏينهن دعوت شاهدين کي ان جهول
عذر ڪيا حضرت وڏا اصرار ڪيو ان باالفضول

معتصم چو شاهدين هن امر تي ٿي دل نهاد   کو مڪره طبع جو صادر نه ٿيندو لي فساد
غرض اصلي شاهدين جي آهي دعوت جي مراد   اشتياق آهي سنده ديدار جو حد ڪؤن زياد

جڏه شه - دين آيو ۽ آندائون طعام - زهردار
شه - کي دسترخوان وٽ آندو وٺي آن بدشعار

معتصم بيلو بسر خود پاڻ اچي ات جيڏ جو   پهرين لقمه کي تناول ڪيو ۽ شاهه دين اٿيو
شاه فرمايو تہ جيڪي معتصم تو مولسان ڪيو   عرض ڪيئين سرعت هي ڇا لازم توقف ڪو ذرو

ان موافق ڪين توقف ناهي لازم تنهنجي گهر
آيو جڏهن دولت سرا ۾ زهر قاتل ڪيو اثر

موڪليئين ناهي هتان از بهر شاهه نامدار   ڪڙي ڏينهن شربت ۾ داخل زهر ڪيو ان نابڪار
خود خليفه نوش ڪيو با جمع از خويش و تبار   ڪيئين گهڻي تاڪيد انکي چائين هئڻ ڪج آشڪار

صرف ڪيا مڪار ان ۾ حيلهء تزوير و مڪر
۽ جفا جي جام کي پنهنجي هٿين ڪيئين سر بمهر

۽ رسائين آئي منجهه خدمت امام جن و انس   آيو جڏهه اشناس نالي جو هو حق جو ناشناس
نوش فرما آهي هي شربت ملذذ بيقياس   چئين خليفه تو ڪري حضرت جي خدمت التماس

شاه فرمايو تہ رک افطار ٿيندو جڏهن قريب
تڏهه ڪندس آئون نوش شربت جو گهڻو آهي عجيب

هنجي داخل برف ۽ يخ ڪيئي مخصوص حضور   ان ڪيو اصرار البتہ پئين آهي ضرور
دفعتاً ڪر نوش اي مرسل جي سيني جا سرور   برف پائي تي گهري ويندي سگهو اي حق جا نور

شاه دين بلڪل نہ ڪيو تي نوش ڪين شربت جو جام
ان ڪيو اصرار ۽ تڪرار ۽ حجت تمام

زهر سمجهي ان کي، تي شربت تي جلتو آن ولي   شاه تي ناچار شربت زهر آلوده وٺي
جي پيئي ها ڪين تا جبراً پيارن ها شقي   شاه دين اميد پنهنجي زندگي جي قطع ڪئي

زهر جي تاثير جلدي ڪيو سرايت در اسلم
چند ڏينهن بيمار تي حضرت هليو دارالسلام

سرسر باد مخالف ساڙي ۽ تاراج ڪيو   جيڪو وڻ باغ محمد ۾ نئون سر سبز ٿيو
جي کي احياناً ڪو وڻ ڪنهن هنڌ ڀڄي تي وڌيو   دشمن تي ڪو ثمر تي گل نڪو پولو چڏيو

جي ولايت جي چمن ۾ سرو ڪو ٿيو سر بلند
بيخ بن کؤن قطع ڪيرايو ڪيو ورين جي گزند

ظلم جي ڪا حد نہ هئي ني هو ڪو انداز ستم   جي ڪنهين وڻ مان ڪا نازي شاخ نڪتي تي قلم
اهلبيتن لاءِ امت جمع ڪيا يڪجا بهم   دار يا شمشير يا زندان ايذاؤ الم

هوا سڀئي عارف بحال عترت ختمي مآب
هن پٽين عمداً ڪيو تي خانہ ايمان خراب

هي ستم دنيا جي دولت لئي ڪيوُن ني اختيار   سا رهي هٿ ڀاڻ انڪي ونا ڇڏي دارالبوار
ناهي هنجي صبح تي ني شام تي ڪو اعتبار   ڏينهن چاروشن ٿوتي ڏس رات ڪيئن تاريڪ و تار
ڦٿ اها دنيا جا دوزخ ۾ رسائين عاقبت
ني بقا ان سان ڪندي هي آهي بيجا منزلت
ڪنهن ڀڙو آهي ڪڏهن دنيا ڪيو ڪنهن سان بقا   جنهن لئي ٻيڪنهن کي ڇڏيو تا سا ته خود آهي فنا
حب دنيا جي رکيئين تا پاڻ تي جوُ ڪيئن جفا   ائين سيئي چاٿو تا هن ڪنهنسان ڪئي آخر وفا
سڀ عبث آهي خيال - منصب و جاگير و مال
مال ناهي هي سيئي آهي نڪال آهي وبال
هائي اهڙي پيشوا کي زهر ڏئي ماريو مٺن   ۽ مشيت دين جو ارڪان تزلزل ڪيو پٺين
دين جو سردار ماريئون هائي ڪيئن حق ڪون رٺن   جي ستم ڪوفين نه ڪيا سي ظلم ڪيا هن ظالمن
پيشوا اهڙا ٻهو دين يا جي نصرانن جا هوا
تا سندن خاڪ - قدم کي ڪيئون اکين جو توتيا
مومنا سال - ولادت سرور - والا صفات   هڪڙو سؤ پنجانوي هجرت رسول - ڪائنات
پنڌرهين هئي رمضان جي تاريخ ۽ جمع جي رات   ابتدا جواني جي پنجويهن ورهين جي هئي حيات
ڏيهن اگاري جو ڇهين تاريخ ٿيو حق سان وصال
هجرت - شاه - رسل جا هوا ۾ سؤ سن وڏهه سال
السلام اي سرور - علي تقي ۽ متقي   السلام اي نور حق ختم - رسالت جا وصي
السلام اي فاطمه زهرا جي دل جان - علي   السلام اي مسند - شاه - رسل جا متقي
السلام اي توني رحمت ۽ تحيات و سلام
السلام اي توني برڪت حق جي صلواة و سلام
شاه - دين جي غم ۾ طاقت ناهي ني تاب - سخن   آتش هن غم جي ڪوُن سيئي مرغ و ماهي تا سڙن
ڪنهن کي ڪي ناهي مشيت حق ۾ جائي دم زدن   اڪني چئي انا اليه الراجعون بس ڪر حسن
آهي شاه - دين تقي هر حال ۾ تنهنجي مدد
تنهنجي هٿ ڏيند و صبحا محشر شفاعت جي سند

مرثيه

حضرت امام علي نقي عليہ السلام

قبلهٔ دنيا و دين مرڪزِ دورِ اهلِ صفا   شاهِ دين حضرت نقي هردو جهان جو پيشوا
گوهرِ بحرِ شرافت مخزنِ عز و علا   بادشاهانِ جهان آهن سندس در جا گدا

مصطفيٰ جو جانشين جو تون علي مالڪ رڪاب
ڇا چوي ڪو جنهنجي ناهي مدح جو حد و حساب

مدح ان جي مصطفيٰ جنهن جي ٿا چوي ربِ العلا   ڏس پڙهي الّا المودت مجيد ڪلامِ ڪبريا
۽ اذڪر ڪم الله جنهن آهي مٿابو بارها   آسمان ڪؤن لافتا لاسيف جي آئي صدا

خادمِ ديرينہ ان جو حضرتِ روح الامين
حضرتِ قنبر سندس در جو غلامِ ڪمترين

هڪڙي ڏينهن مجلس وليمہ جي ۾ هو شاهِ انام   شخص هڪڙو بي ادب هو جنهن نہ ڪئي پاسِ امام
۽ کِکِين مجلس ۾ ٿي بيهودگوئي جا ڪلام   شاه فرمايو تہ قسمت هنجي ناهي هي طعام

هنجي گهر کؤن ڪا خبر ايندي جو ٿيندو بيقرار
زندگاني تلخ ٿيندي هن جي ٿيندو سوگوار

اهلِ مجلس ٿيا جڏهن فارغ طعام آئي رکي   ٻہ ڏوني هٿ ۽ دسترخوان ٿي ويٺا اهي
ان اچان پانيو ٿي ڪائي آيو هڪ ٻانهون ڏڪي   چائين ماءُ ان شخص جي ماڙي جي ڇت تؤن پئي ڪري

نزع ۾ آهي جي تو کي ڏسڻو آهي ڏس وڃين
هي اٿي ويو طعام ناخورده ٿي مجلس ملان حزين

هڪڙي ڏينهن مجلس خليفہ جي ۾ هو شاهِ عرب   جيڪي حاضر هوا مؤدب با ادب ويٺا هوا سڀ
هو جوان هڪ بي ادب ان ڪيو نہ ڪو پاسِ ادب   ان ٿي کِلايو کِلو ۽ ٿي کِليو با صد طرب

شاه فرمايو تہ تو رو کل تون مرندين عنقريب
ويو مري بيمار ٿي ڏينهن ۾ ٿي اهڙو بد نصيب

هند جو هڪ شعبده باز آيو اربابِ حيل   انکي متوڪل چيو جي ٿي نقي تو ڪؤن خجل
آئون عطا ڏيندي کهڻي تو کي ڪندس خوشنود دل   ان چيو ويهاريو سولڪي وڃڻ نقي اچ جنهن محل

چند مانيون پر هجن هاڪيون بهمراهِ طعام
جڏهن چيو ان ائين ڪيو متوڪل جي ماڻهن اهتمام

جڏهن شه دين طعام ڏي دست ـ مبارڪ ڪيو دراز   تڏهن ڪنيون تي شعبده سان طعام کي ان حيله ساز
اهل مجلس سڀ کليا هن ڳالهه تون تا دير باز   تڏهن غضب ڪؤن غيظ ۾ آيو امام ـ سرفراز

هڪڙي ڪپڙي تي هوئي ات تصوير شير ـ هولناڪ
انکي حضرت حڪم فرمايو ته هنکي ڪر هلاڪ

انکي کائي پوءِ وري ڪپڙي ۾ ٿي تصوير شير   عرض متوڪل ڪيو انجي جيئڻ جو نا بدير
شاه فرمايو ته جيئندو هي چئو تون خير خير   سنهن خدا جو ڪين جيئرو ٿيندو ويو بيس المصير

دشمنان ـ حق کي غالب ٿو ڪرين بر دوستان
۽ اٿي مجلس مون پوءِ ٻاهر هليو شاه ـ جهان

عرض شاه ـ دين جي خدمت ۾ ڪيو هڪڙي باوفا   استدعا هي آهي تا حضرت ڪري مونکي دعا
مونکي هڪ فرزند فائق حق جي در ڪؤن ٿئي عطا   تنهنجي صدقي ۾ سندم حاصل ٿي دلجي مدعا

شاه فرمايو رکج جو مصطفيٰ جو ناؤن هو
ان کي پٽ ڄائو تڏهن نالو محمد ان رکيو

هڪڙي ٻي ڪيو عرض خدمت ۾ ته اي والا گوهر   شاه ـ دين مونکي ڪري اهڙي دعائے با اثر
تا مونکي هڪڙو پسر ڏي خالق ـ جن و بشر   شاه فرمايو بسا دختر بود به از پسر

آخرش ڏي انکي ڄائي جيئن اشارو ڪيو امام
اصل کؤن مختار آهن اهلبيت ـ ذوالڪرام

شهر ۾ ڪوفي جو قاضي هڪڙو هو ظالم تمام   انجي ايذا جي شڪايت آندي ڪنهن ازد ـ امام
شاه چو ڪر ٻن مهينن تئين صبر اي نيڪنام   تنهن کؤن پوءِ اي شخص تون آسوده ٿي ويندين تمام

ٻن مهينن کؤن پوءِ ٿيو معزول قاضي از قضا
انجي ظلم و جور کان مظلوم جي هوا سڀ چٽا

هڪڙي هنڌ ڪيا جمع متوڪل پکي آئي گهڻان   ڪنهنجو ڳالهائڻ نه ٻڌبو هو سندن آواز کان
پر جڏهن ان گهر ۾ ايندو هو امام ـ انس و جان   ٻڪ قلم خاموش رهندا هوا تڏهن اڻ ٻي زبان

جڏهن وري ٻاهر هو ويندو ان هنڌان شاه ـ انام
تڏهن وري آواز پنهنجا هوا ڪندا غل سان تمام

جڏهن ولي ء حق متوڪل سڏايو منجهه عراق   ۽ ٿيو سرمن راءِ ۾ منزل ڪرڻ جو اتفاق
خانهٴ ـ ويران ۾ منزل ڏني اهل ـ نفاق   تڏهن محبن مان چو صالح چا ڪيو ارباب ـ شقاق

هن پٺين جو اصل مطلب آهي منظور ـ نظر
نور حق جي جو ٿئي اطفيٰ ۽ اخفيٰ سر بسر

شاهه فرمايو تہ عارف ناهين از قدر۔ امام   دست اقدس سان اشارو نڌه ڪيو شاهه۔ انام
ٿو ڇوي صالح ڏٺم جنت جي آرائش تمام   تحت الانهار باغ۔ خلد عاليہ جا مقام
۽ ڪيو خرم حسان ان قصر عاليءَ ۾ قرار
انسوا ولدان هوا ڪين در مڪون شاهه وار
نڌه تعجب مونکي غالب ٿيو ۽ حيرت رخنما   شاهه ڇو هر حال اسانجو حال هي آهي سدا
اسين جتي آهيون اتي هي عيش جنت جا مزا   ناهي هي خواهش صفا لڪ آهي فردوس۔ عالي
اصل ڪؤن مختيار اسان کي ڪيو خدا ني ذوالڪرام
ڪين حق خالقيو اسان لئي هيا طفيل انجي تمام
هڪ لڳان بيمار متوڪل ٿيو با جرح شديد   ٿيا سيئي جراح عاجز ني نہ ٿي ڪا شئي مفيد
موت جو سڀ کي يقين هو تا مري ٿو هي عنقد   ماءُ انجي نذر ڪيو جي ڪين افلاڪ ني پديد
پنهنجي عين المال سون انوقت با شوق۔ تمام
نذر منجديس آئون گهڻو منجهہ خدمت۔ شاهه۔ انام
فتح بن خاقان ان جو هو مقرب ۽ وزير   تنهن ڪيو پيغام حضرت ڏي تہ اي روشن ضمير
اهڙي شئي ڏس جنهن سان انجو درد ٿي تسڪين پذير   شاهه فرمايو تہ ان کي ڇو تہ ار بهر۔ امير
چند پشڪل گوسفند ان کي پسائي با گلاب
جت ورم آهي پڌن ات منحضر ٿيندو شتاب
هي خبر آندئون جڏهن تہ ٿو ڇئي شاهه۔ هدا   جيڪي اطبا عهد جا حاضر هوا ز بهر۔ دوا
سي سڀئي هي ڳالهہ ٻڌندي سان لڳا ني بيحيا   فتح بن خاقان چو انين سهل چائو ٿا هي چا
ناهي ڪين ارشاد شاهه۔ دين جو هرگز بي محل
ورنہ منجي ڪين پڌن ۾ ڪنهن طرح ناهي خلل
جڏهن ٻڌئون جيڪين ڪيو ارشاد هو شاهه۔ هدا   منحضر ٿيو زخم سان درد حاصل ٿي شفا
ماءُ متوڪل جي ڏرم نذر جا سڀ موڪليا   شاهدين ٻن انجي خاطر جي سبب منظور ڪيا
جڏهن ڇتو احسان حضرت جو وساريائين تمام
روز شب ٿيو درپئہ اهلاڪ ۽ قتل۔ امام
ڪئي ڪنهن بدخواه انوٽ ڪئي شڪايت ڪاي امير   شاهدين وٽ جمع ٿي اطراف جي دولت ڪثير
اسلحہ جنگي ٻي پڻ آڏي ڏاسا جر۔ غفير   ان ڇيو حاجب کي من ڪم ۾ نہ ڪرهرگز ڪا دير
نصف شب داخل سرائي شاهدين ني اي سعيد
جيڪين هوني اسباب ات سو سڀئي آلي ڪر پديد

ان ڇيو مون نيم شب ني پاڻ سان هڪ لرد بان ــ سا رکي انتي چڙهي آئون وبس برسقف ـ مڪان
پوء لهي آيس جتي رهندو هو شاهہ ـ الس وجان ــ گهر مگر تاريڪ هو جانم لئي ڪيڏي وجان
ناگهان مونکي صدا ڪئي پاڻ تڏهہ شاهہ ـ زمان
تون اتي بيهہ شمع ڪا روشن ڪري توڏي منجان
شمع هڪ في الحال ٻاري آندئون در پيش ـ نظر ــ تڏهہ وجي حاضر ٿيس در نزد شاهہ ـ بحر و بر
جامئہ پشمين بپوشد ڪلها بالا ئي سر ــ بوريا تي قبلہ رو ويٺو هو شاهہ ـ خشڪ و تر
شاهہ فرمايو سڄو گهر آهي حاضر تون نهار
مون سڄو گهر کوليو پر دينار هوا سپ ڏهہ هزار
جيڪي متوڪل جي ماءُ ڪيا نذر هوا ٻهر ـ امام ــ سي سيئي هوا سر بمهر انجي ۽ سربستہ تمام
تنهن ڪؤن پوء مونکي چيو هنپر امام ـ ذوالڪرام ــ هن مصلہ کي کڻي ڏس اي سعيد نحس فام
هڪڙي هوئي شمشير در زير ـ مصلائي حصير
سي سيئي آندم کڻي في الحال در نزد ـ امير
جڏهن متوڪل ڏٺا ٻڌا سي سربستہ بمهر ــ ۽ ٻڌئين انجي زباني نذر واري سپ خبر
ٿيو خجل پيا ڏهہ هزار انسان گڏي دينار و زر ــ ۽ آها شمشير جا آندي هوئي حاجب پيشتر
موڪليئين اخلاص سان در نزد شاهہ ـ بحر و بر
۽ کهڻي حاجب پي ڪئي پوء عذرخواهي سربسر
جڏهہ پيو متوڪل لعين جي دل ۾ هي باطل خيال ــ فتح بن خاقان جو ظاهر ڪري جاه و جلال
اصل مطلب ان جو هو توهين شاه ـ بي مثل ــ پر حقيقت ۾ ٿيو ات عنقريب انجو زوال
ان سبب ان امر ڪيو هڪ ڏينهن تا سپ خاص وعام
ٻهرين حاضر ٿي هلن پياده پو گڏجي سپ تمام
پاڻ ۽ پيو فتح بن خاقان گڏ هسوار ٿيا ــ پيا کهڻا سادات ۽ علما اڪابر شهر جا
پياده پا هوا شاهدين پڻ تن سان گڏ هو پياده پا ــ ۽ حرارت سج جي پڻ ڪيو هو انوين ڏينهن انتها
هڪڙو حاجب هو زراقہ ـ نام صاحب فهم هو
تنهن اچي نزديڪ شاهہ ـ دين جي خدمت ۾ چيو
ههڙي گرمي ۽ حرارت ۾ ڪيئن چونو تعب ــ ۽ عرق سان ترهو جسم ـ پاڪ شاهہ ـ دين جو سپ
شاهہ چيو منهنجي حقارت لئي فراهم ٿيا سبب ــ پر سندم ناخن جو ريزه پڻ گرامي نزد ـ رب
ناقئہ صالح کؤن ۽ فرزند ان جـــي کون يقين
جئين اچي گهر ۾ ٻڌو ان جيڪين هو از شاهدين

آت معلم هڪڙو هو از محبان امام   ان ڏني سوگند هي الڪون پڙو قصہ تمام
پوءِ ڇيئين جي ائين ڇيو تحقيق اچ شاہ انام   تن ڏينهن ڪون وڏ نہ متوڪل ڪندو هرگز قيام

ان ڇيو ڪهڙي سبب تو اي معلم هيئن چئين
تڏهہ معلم چو نہ هرگز ڪذب چوندو شاہ دين

حق تعاليٰ جت ڪيو صالح جي ناقہ جو بيان   تن ڏينهن مهلت جو ڪيو مذڪور رب دوجهان
تنهنڪوئن پوءِ تيا يڪقلم مردود دوزخ ڏي روان   جڏهہ پڌو حاجب معلم ڪوئن بيان هن طرح سان

انکي ڏني دشنام پنهنجي گهر منجهان ڪيائين بدر
پوءِ ڪيئين الديش شاهد راست ٿيندي هي خبر

ٿيو جڏهہ ٽيو ڏينهن متوڪل کي پٽ ماري وڌو   ۽ وزير انجو بہ دوزخ ۾ وڃي اٽسان رسيو
جڏهہ ڏٺئين هي حال تڏ نادم ٿي حضرت وٽ ويو   شاہ دين کي ان حقيقت حال جو سڀ عرض ڪيو

شاهدين فرمايو مون ان ڏينهن نفرين انکي ڪي
سا دعا منهنجي بدرگاہ خدا مقبول ٿي

تا لکن اڪثر تہ متوڪل بنا ڪيو هڪ مڪان   قصر پنهنجي جي مقابل ۾ نهايت هوق ڇان
آن ۾ آڻي جمع ڪيئين شير ۽ درندہ بيا گهڻا ن   جنهنتي ٿيندو هو غضب وجهندو هو انجي درميان

هڪ لڳان حضرت کي داخل اتي ڪيو ان نابڪار
شاہ دين مشغول ٿيو در طاعت پروردگار

وچ ۾ تن جي سيد اڪرم هو مشغول نماز   جانور چوڦير حضرت جي ڦريا ٿي با نياز
منهن مليئون پيرن تي حضرت جي ٿي باسوز و گداز   ۽ تذلل ڪيئون ٿي شاهدين سان شہ حق سان براز

جڏهہ ڏٺئين هي حال متوڪل کي دهشت ٿي زياد
پوءِ ڪيو انکي تہ ماڻهن جو نہ ٿي حسن اعتقاد

هڪڙي ڏينهن واثق خليفہ جمع ڪي فوج ڪثير   پوءِ چڙهي هڪڙي بلندي تي وڃي ٿيو جانگير
ڪيئين مسلح فوج پهنجيءَ جا سيٽي براڙ بير   ۽ سڏائي ات وهاريو ان امام بينظير

تا ڏسي حضرت سچو ان مرد جا جاہ و جلال
تا ڪڏهہ حضرت کي دعويٰ جو نہ ٿي دل ۾ خيال

شاہ فرمايو سندم فوج آهي بن بي انتها   ان ڇيو ڪي تنهنجو لشڪر آهي يا شاہ هدا
تون تن تنها ڪٿي سا فوج ۽ لشڪر ڪجا   تڏ پڙهي حضرت دعا ۽ هڪ ڪيا سوني سما

ان ڪهڙي ٿيو عاد جي صرصر جڻ طوفان آشڪار
آسمان ڪوئن فوج جوئي روہ زمين تعين بيشمار

آسمان کؤن تا زمين مشرق کؤن مغرب تئين سپاهه　　شڪل هر هڪ جي عجب چهرا درخشان مثل ماه
سي ڏسي واثق ڪري بيخود ٿي پر خاڪ سياهه　　آيو جنهن دم هوش ۾ انکي چو شاهه دين پناه
قصد مرلکي ناهي ڪو جنگ و جدل جو در خيال
ورنه تنهنجي ۽ سندءِ لشڪر جي هوندي ڪهڙي مجال
هيئن ڪري ٿو قطب راوندي خرائج ۾ بيان　　هڪڙي راوي جي زباني جنهن ڪيو هنپر عيان
هڪ لڳان ٿي سؤ ڄڻان بغداد مان ٿياسون روان　　ان ۾ راوي پڻ هو تا آئيون ولي شاهه زمان
جڏهن روانه ٿياسون سڀ همراه شاهه دوسرا
هڪڙي صحرا سخت ۾ وارد ٿياسون از قضا
ڪوله هو جز آسمان جي ڇانو سايه جو ذرو　　هڪڙي گرمي جي طپش پر رنگ ٿيو ڪو وڻ نه هو
تشنگي بيتاب ڪيو ماري اني لشڪر سڄو　　شاهه فرمايو هي رستو قطع ٿيندو ڪيئن سگهو
پر ڪريو سايه ۾ ويهي سيئي آرام و قرار
هي اجهي وڻ ۽ اجهو سايه هي آب خوشگوار
سڀڪو حيران ٿيو ٻڌي حضرت کؤن هنپر جو سخن　　ات نڪو پاڻي هو لي سايه نه ڪنهن وڻ ۾ ڪو پن
وڻ اتي ظاهر ڪيا قدرت خدائي ذوالمنن　　۽ ڏٺيون چشمه شفاف هڪڙو موج زن
ٿو چوي راوي ته لشڪر کيو اني آرام سڀ
پر سڀن کؤن وڌ ٿيو ان ڳالهه جو مونکي عجب
جن اکين اڄ هند ڏٺو هو ٿيا سيئي حيران تمام　　سڀڪو پي سيراب ٿيو سايه ۾ ويٺا خاص و عام
مون چيو دل ۾ هي آهي آزمائش جو مقام　　معجزا اهڙا نه صادر ٿيندا هرگز جز امام
مون تڏهن شمشير پنهنجي کي براڻي امتحان
پهرين پوري خاڪ ۾ اني رکيم سنگ گران
جڏهه ڏيهرو ڪيو سڀن آسود ٿي اڳتي هليا　　هڪڙو فرسخ آئون وڃين مولي وريس پوءِ ان ولا
تا ڏسان آئون حال پاڻيءَ جو وڻن جي ماجرا　　جڏهه وري آيس ڏٺم سو دشت ويران پر جفا
ات نڪو وڻ هو نه چشمه هو نه سايه هو نه آب
هڪڙو ويران دشت هو ۽ پي تموز آفتاب
تڏهه ڪڍي شمشير زير خاڪ مان ۽ ٿيس روان　　دل ۾ ڄاتم تڏهه هي بيشڪ آهي شاهه دوجهان
۽ مودت آل جي تي منهنجي دلبر ناگهان　　جڏهه وري آيس تڏهه فرمايو شاهه انس و جان
امتحان منظور هو توکي سو تو ڪيو امتحان
مون چيو مولا مون ڪئي تصديق دلسان بيگمان

شاه چو جي دوستان ـ آل آهن واقعي   نماز هڪ هڪ کي اسين جاڻون ـجاڻون نا سڀئي
دوست دشمن جي حقيقت نامي ڪا ولڪون ڪجهي   هر طرح جو حال جاڻن تا به علم ـ ايزدي
تن مين جا نـلڻ جاڻن تـا لکيا آهن تمام
ان پر ڪم ني ڪو زياده ٿيندو نا روز ـ قيام
شيخ طوسي هن طرح آهي امالي ۾ لکيو   هڪڙو راوي ڪو هو جنهنجو لقب خود ڪافور ٿيو
سو چوي ٿو هڪڙو ڪو حڪاڪ يونس ناوڻ هو   تنهن اچي ڪيو عرض حضرت کي اي شاه ـ نيڪخو
آئون سفر تي ٿو وڃان پرتو اٿئي منهنجو عيال
شاه فرمايو عبث توکي سفر جو ٿيو خيال
ان چو هڪڙي شخص مونکي هوئي ڏني هڪڙي نگين   سا پڇي پئي مونکون ان مونکي ڪيو آهي حزين
انجو مالڪ آهي بد خو بد سرشت ۽ زشت دين   سو جڏه ٻڌندو مونکي تعزير ڏيندو باليقين
شاه فرمايو نـ ڪر تشويش اي نيڪو سير
هن پر توکي خير عئد ٿيندو هرگز ڪونه شر
سو وري گهر ويو ۽ ساري رات غم ۾ ڪئين بسر   صبح جو آيو وري نزد ـ امام ـ بحر و بر
عرض ڪئين مونکي گهرايو پاڻ وٽ ان بدگهر   لرز لرزان هو سندس تسڪين ڪئي حضرت مگر
ويو هنئون روئندو مگر کلندو اتون آيو وري
عرض ڪئين حضرت جي خدمت ڪ اي وليء ايزدي
تنهنجي برڪت سان منهنجي دفع ٿي آهي بلا   هن نگن جي آهي هڪڙي عجب جهڙي ماجرا
جڏه ويس ان شخص وٽ مونکي چيو ان پرجفا   منهنجي ٻن زالن ڪيا هن هڪڙي نگين تي ماجرا
تون وڃيس هندم نگين کي ڪر دوباره سرعتا
شاه فرمايو تہ شڪر ـ حق نہ رد ٿي هي دعا
الغرض حضرت مٿان هن قوم جي مسموم ٿيو   کي چون تا معتمد ڪن چؤ معز بالله هو
ممڪن آهي تا ٻنهين نوبت بہ نوبت هيٺن ڪيو   سيڪهين کان پنهنجي واري ۾ ستم تازه رسيو
پر يقين کئي معتمد هي رؤ سياهي اختيار
سمد ـ مظلوم کي مسموم ڪيو ان نابڪار
ڪيو امام ـ دين حسن العسڪري سڀ اهتمام   غسل ڏني تڪفين ڪيو پنهنجي مٿن شاه ـ انام
۽ گريبان چاڪ ڪيو پيءُ جي جنازه وٽ امام   پيا پي اعيان ۽ گهڻا اشراف حاضر هوا تمام
دفن سرمن رائي ۾ والد ڪيو شاه ـ انس و جان
جو مڪان هو خاص حضرت جي سڪونت جو مڪان

مومنان جنهن غم گريبان ڦاڙي خود شاهه انام   مومنين کن جامه جان چاڪ تا روز قيام
۽ مرڻ تي پنهنجي لٽ واري وسڻ صبح و شام   ناهي هي غم کنهن اسان جهڙي جو اندوه امام
ياد ڪر ڇا هو ڇيو حضرت علي مشڪل ڪشا
يفرحون معفرحنا فرمايو يحزون حزننا
پنهنجو جڏهن ڦاڙيو گريبان شاهدين بهر امام   ڦاڙڻو هو آسمان کي نيلگون جامه تمام
۽ ڪري پئي ها زمين تي هي زمردگون خيام   بر طرف ٿئي عالم ايجاد جو سڀ انتظام
چشمهٔ خورشيد ٿي تاريڪ مه بي نور ٿي
عرض جوهر کؤن ۽ جوهر عرض کؤن خود دور ٿي
شاهه جو بعضي گريبان چاڪ ماتم ۾ ڏسي   بي تحاشا ٿي چيائون پاڻ ۾ هيئن جمع ٿي
ناهي هيئن منصب امامت سان مصيبت ۾ صحي   جڏهه خبر هي طعن طعن جي شه دين کي رسي
شاهه چو احمق ٿيو جاهل دين جي احڪام جو
موسيٰ بن عمران هارون لئي گريبان چاڪ ڪيو
جڏهه پيمبرياءُ لئي پنهنجي گريبان کي ڪيو چاڪ   شاهدين جي ڀوُ جي لئي ڦاڙي گريبان ڪهڙو باڪ
طعن جي ليڪن ني ڪن مي بوجهل جڻ تيز هلاڪ   طعن جنهن پاڪن تي ڪئي انجي دهن ۾ آهي خاڪ
ڪار پاڪان را قياس خود مگير اندر قياس
زانڪ آمد در نوشتن شير شير اي نا سپاس
ياد ناهي ڪنهن کي عقبيٰ جي عقوبت جي گهڙي   ڪن خدائي پاڪ کي نسبت ڏني فرزند جي
ڪي چون شاهه رسل کي آهي جادوگر نبي   ڪن امامت جي ڇمو حق ۾ سکهيا جيڪين چئي
جڏهه خدا ۽ مصطفيٰ آئمه نه ماڻهن کان ڇٽا
تڏهه اسين ڪنهن طرح سان ماڻهن کان ڇٽنداسون ڀلا
مومنا سال ولادت سرور عرش احتشام   هوا ٻه سؤ ٻارهن سن از هجرت رسول ذوالڪرام
ڏينهن ڇنڇر جو ۽ پندرهين ماه ذيحج الحرام   عمر اڪتاليهه ورهين جو هو شه عليمقام
۽ لکبؤن سال شهادت جو ٻه سو پنجاه چار
ڏينهن سومر جو سوم ماه رجب ڪيئون آشڪار
السلام اي بيڪنهه مسموم ڪيئن اهل دغا   السلام اي بي جهت مغموم ڪيئن قوم جفا
السلام اي گمرهن جا هاديءِ راه هدا   السلام اي مقتدا ڪواين جا حاجت روا
وارث تخت امامت توتي صلواة و سلام
واليءِ ملڪ ولايت توتي صلواة و سلام

پس حسن کهنجي شکايت کنهنجي شکوه جو بيان
هان حضرت تر ڏمي جيڪين تو گذري منجهه جهان
جيڪي کو پوکم دو لئند و عاقبت سو بيکان
ماٺين جي چشم کوڻ تيا خون جا چشمه روان

مومن جي هر طرف کڻن نالو فرياد آهي
هن صلہ ۾ باغ جنت توکي ٿيو امداد آهي

مرثيه

حضرت امام حسن العسکري عليه السلام

موهن جو مقتدا لمائب مناب کبريا
شاه حسن العسکري نور علي نور خدا
جسان جسم مصطفي روح روان مرتضي
قرة العينين زهرا هادي راه هدا

خود امام ابن الامام ابن الامام ابن الامام
۽ مقدس فرزند جو ٿيو حکم جاري تا قيام

هي سيئي گوهر گرامي سيئي هڪيئي کوڻ پلا
لؤ لؤ المرجان بحرين لمي و مرتضي
هي سيئي هڪ نور هوا پر ٿيو ظهور آهي جدا
بلڪ هي سي جي جدا ناهين از ذات خدا

هي سيئي نور خدا نور نبي نور علي
انجي مدح ۽ منقبت مصحف جي رونق کي جلي

هڪڙي کنهن زندان ۾ عاجز ٿي از رنج کثير
من شکايت کي لکيو سوڻي امام بينظير
تنگدستي جو نه کيو اظهار ان مرد فقير
شرم مانع ٿيس مگر حضرت لهي ما في الضمير

۽ اسکيئين اج تون فريضه ظهر کج گهر ۾ ادا
انکي رخصت ٿي ۽ گهر ۾ ظهر آن آندي بجا

ناگهان قاصد رسيو از نزد شاه بحر و بر
انکي هڪ ٿيلهي ڏنئين آلي ۽ سو ديمار زر
انپر هو تحرير کيو حضرت ته اي نيکو سير
جي ضرورت کا پئي هر گز نه کج سونکوڻ حذر

جيڪين گهرجئي سو گهري منج شرم جو ناهي مڪان
جي گهريو هرندو خدا تا توکي رسندو بيگمان

شخص هڪڙي کون روايت هين لکن تا بيريا
تنگدستي جي شکايت کيائين با شاه هدا
تازيانه هت ۾ هو ان مهان ته من شاه هدا
پنهنجي هٿ سان سا زمين کولڳين هوجت رونق لوا

پنج سئو دينار ڏيما في الحال ظاهر از زمين
انکي ڪيا امداد پنهنجي هٿ سان سي سلطان دين

شخص هڪڙي ڪو مسئلو هو شه ـ دين ڏي لکيو   ۾ ربع تنهن جي دعا جو عرض الڪي وسري ويو
جڏهن جواب ان مسئلن جو شاهدين انڌي مڪو   ڏنو لکين تنهن جو پڇڻ ڪيئن تنهنجي دلتان محو ٿيو

هاڻ تون بـرداً سلاماً واري آيت ڪي لکي
پنهنجي ٻڌ گردن ۾ ان انکي ٻڌي صحت لڌي

شخص هڪڙي کون شواهد ۾ روايت ٿي بيان   هڪڙي ڏينهن مجلس ۾ ويٺو هو امام ـ انس وجان
اتفاقاً آيو هڪڙو خوبصورت نوجوان   دل ۾ جنهن جي ڪير آهي حضرت کي راز ـ نهان

چائين ماڻ هنجي کي پاڻ هو ڏنو خير الانام
جنهنتي مهرون پيشتر ڪيون منهنجي آبائي ڪرام

تنهن سبب کون آيو مرلوت سو ڪئي آهي نشان   تا ڪريان آئون مهر ان پاڻ تي بهر ـ امتحان
پوءِ چيئين انکي نه سوڌي سنگ مونکي اي جوان   تا مبدل ٿئي يقين سان جي هجي ڪنهنکي گمان

هڪڙي پاسي صاف تي ڪئي مهر شاه ـ بحر و بر
مهر اڌ ۾ ائين لکي جڻ مهڻ ۾ ٿـي ڪارگر

تو چوي راوي ته اڄ ڏين آهي سو ـ مدنظر   ڪيئن اثر پاڻ ۾ ڪيو نقش ـ نگهن ٿي ڪارگر
۽ لکيو ان ۾ حسن ابن ـ علي عالي گوهر   موٽ پوءِ جوان شخص کون حضرت ڏنئي ڪڏهن پيشتر

چائين ني والله مون ناهي ڏنو هـي بيمثل
آرزو مونکي هوئي دائم اڄ ڏٺم انجو جمال

هئي محمد بن علي سادات هڪ والا گوهر   جو هو ابراهيم بن موسيٰ ڪاظم جو پسر
هو معاصر شهريار ـ دين جو اهو ايڪو سير   منهنجي پيءُ کي تنگدستيءَ جڏهن ڪيو بس تنگ تر

عزم ڪئين ني شاهدين جي در تي پنهنجو احتياج
تا ڪري حضرت ڪو انجي تنگدستيءَ جو علاج

مون پيءُ والد کون اکهين ڪڏهن ڏنو شاه ـ هدا   چائين مون ناهي ڏنو ۾ آهي او بحر ـ سخا
منتظر تي راه ۾ بيناسون پوءِ پٽ هڪڙي جا   منهنجي پيءُ چوهي ڪري پنج ـ وڌ رهم مونکي عطا

ان سون کي رخت ۾ ٻن کي ڪندس صرف ـ طعام
هڪڙو سو نفقه ڪندس ۽ ٻي حوائج ۾ تمام

مون چيو تڏهن مونکي جي ڏي ٿي سؤ درهم شاه ـ انام   سؤ جو نفقه سوجو مرڪب سؤ ڪندس صرف ـ طعام
جڏهن در ـ دولت تي آياسون لڪو ڪيو مون ڪلام   خود بخود معلوم فرمايو امام ـ ذوالڪرام

جلد تڏهن دولت سرا مون آيو ٻاهر هڪ غلام
چئين علي ۽ پيو خلف انجو سڏيو حضرت امام

جڏهن رسي خدمت ۾ ڪيوسون سلام. شاه دين   شاه فرمايو علي تون چو تڪو مون وٽ اچين
تڏهه ابي چو شرم مانع آهي اي منهنجا ڏني   جو اچان هن حال سان در محفل. شاه - زمين
جيسين ويٺا هواسون حاجت جونه ڪيوسون ڪو ڪلام
جڏهه وٺي رخصت هلياسون تڏهه پٺيان آيو غلام
۽ ڏنائين آلي ابي کي پنج سؤ درهم تمام   چئين ته سؤ ڪپڙن جا سؤ نفقه ۾ سؤ بهر. طعام
۽ ڏنا ٽي سؤ مونکي پڻ بخشش - شاه . انام   جيئن مونکي خاطر ۾ هوانطرح ڏني ڪئين شاد ڪام
ٻر چيو حضرت ته ڪوهستان ڏي وڃ وڃ هن مڪان
جت چئين شادي اتي ڪيم ۽ مليا درهم گهڻان
شاه جي هو چار پاين جو دروغو هوشيار   تنهنجي پٽ جو مستعين وٽ آندؤن هڪ ڙور اهوار
تند خو سرڪش ۽ بد رفتار ناهموار خوار   ڪوچڙهي اتي سگهيو ٿي ڪين ڪڏهه چابڪ سوار
ذڪر جا سواري جو مشڪل هو وجهڻ انکي لغام
مستعين سان هڪڙي امرا تڏهه ڪيو هنپر ڪلام
تون سڏائي چؤ ته حسن العسڪري ان تي چڙهي   نرم استر کي ڪندو ڪيرائي با انکي وجهي
تڏهه خليفه شاه - دين کي پنهنجي مجلس ۾ سڏي   پهرين ان تعظيم ۽ توقير حضرت جي ڪري
۽ وهاريئين پنهنجي پهلو ۾ امام - ذوالڪرم
پوءِ چئين مولي اٿي تون وجهه هن استر کي لغام
شاه - دين چو ان دروغ کي اٿي ڪر اهتمام   مستعين ڪيو عرض حضرت ۾ نڪر تون انتظام
شاه - دين پنهنجي هٿن سان تڏهه ڏنو انکي لغام   پوءِ وري ويٺو اچي مجلس ۾ شاه - ذوالڪرام
مستعين چو زين ڪر استر کي اٿي اي متقي
شاه منهنجي پيءُ کي چو ڪر زين استر تي اٿي
تڏهه خليفه چو ته خود ڪر زين اي زيب - زمين   شاه دين تڏهه دست اقدس سان استر کي ڪيو زين
۽ اچي ويٺو پوءِ مجلس ۾ امام - راستين   تڏهه خليفه چو ته ٿي هسوار تون اي شاه دين
شاه - دين هسوار ٿيو تندي چڏي استر ٿي رام
سرڪشي انکان وئي اڪري تند خوئي ٿي تمام
مستعين تڏهه چو ته استر ڪهڙي آهي هي بکر   شاه چو هنکان چڱي مون ڪا ڏٺي لي بيشتر
مستعين کي نذر تڏهه استر ته شاه - بحر و بر   شاه فرمايو اي کي هي وٺي وڃ بيخطر
تڏهه ايو انکي وٺي ويو جيڏي فرمايو امام
ور طئه - حيرت ۾ ٿيا تڏهه اهل مجلس جا تمام

هن طرح ابن حجر آهي صوائق ۾ لکيو   قحط مُرمن راءِ ۾ هيڪبار ٿيو جو هيو
ڪيو خليفه امر تڏهن صلواة استسقا پڙهو   ڏينهن ٽن وياپُڙئي پر ڪو اثر ظاهر نه ٿيو

پر زمين تي ڪين ٿي ڪئن آسمان ٿيو مهربان
جيئن خلائق هوئي پريشان ٽن هوا حيران بيزبان

انکون پوءِ ان شهر جا ماڻهن نصارا سڀ مڙي   پاڻ سان صحرا ڏي نيائون هڪڙي راهب کي وٺي
تنهن جڏهن هٿ تي کنيا تڏهن مينهن جي وارش ٿي ٿي   ان طرح سان ٽيو ٻه ٽي ڀيرا سڀڪو حيران ٿيو ڏسي

ان سبب کون دلبر ماڻهن جي پيا شبها ڪمال
بعضي مرتد ٿيا ۽ بعضن کي پيا شڪ عائد ٿيا خيال

ٿيو تڏهن هي حال متوڪل جي خاطر تي گران   پوءِ سڏائي چائين حضرت کي تڏهن شاهه جهان
ڪا رسول الله جي امت جي خبر لهه در زمان   ورنه پيا آهن هلاڪت ۾ سڀئي بيگمان

شاهه دين چئو منهنجا جي تو قيد ڪيا اصحاب سڀ
تن کي ڪر آزاد ۽ اطلاق از رنج و تعب

شاهه جا اصحاب جي هوا قيد کون آزاد ٿيا   سي سڀئي گڏجي حضرت سان صحرا ڏي هليا
۽ لڳي راهب سان پڻ جيڪي هوا صرانيءَ ويا   ۽ وسيو مينهن جنهن طرح اڳهين وسيو هو بارها

جڏهن کنيا هٿ آن جهلايا هٿ ولي ڪردگار
استخوان پنهان هو انجي هٿ ۾ سو ٿيو آشڪار

پوءِ چيئين راهب کي هاڻي هٿ کڻي ڪرئون دعا   هٿ کيئين تڏهن ولڙيو جهڙ ۽ سڀ ڪڪر يڪسو ٿيا
سج ٿيو روشن صاف نڪري ۽ ٿيو مطلع صفا   ۽ عجب ٿيو خلق کي ان امر جو هو رخنما

جڏهن خليفه شاهه دين کان هي حقيقت سڀ پڇي
شاهه چيو هن امر ۾ هڪ رمز هئي ڏاڍي ڳجهي

انکي هڪڙي ڪنهن نبي جو هٿ هو آيو استخوان   خاصيت ان ۾ رکي هئي خدائي دو جهان
مينهن وسي انکي ڪڍي جيڪو بزير آسمان   سڀ جي تي خاطر تسلي جڏهن ڪيؤن هي امتحان

شڪ ۽ شبها برطرف ٿيا ۽ لٿا وهم ۽ گمان
ٿيو گهڻون خوشنود حضرت کون خليفه ان زمان

هڪڙو بوهاشم هو ولوي تنهن کون هئي ڪيئون رقم   هڪڙي ڏينهن جو وهس منجهه خدمت امام محترم
دستخط خاص سان تي خط لکيو شاهه امم   خط اچان پوروله ٿيو حضرت چڏيه هٿون قلم

پاڻ طاعت ۾ ٿيو مشغول شاهه دادگر
سون ڏٺو سو حال جو اکهين نه آيو هو نظر

جان ڏنم تا سو قلم جنهن ساڻ حضرت ٿي لکيو خودبخود حرڪت ۾ هو سو خط ٿي ان تحرير ڪيو
شاه طاعت ۾ قلم تحرير ۾ مشغول هو هي قلم ڪلڪ ـ قضا هو يا قلم قدرت سندو
جڏه ٿيو فارغ عبادت ڪون امام ـ ذوالڪرام
تڏه قلم ڪام لکي سربسته ان دم ڪيو تمام

آخرش ڪيو معتمد مسموم شاه ـ دين پناه جو خليفه جور جو هو ان ڏينهن بي اشتباه
زهر جي تاثير ڪيو رنجور حضرت آه آه جڏه خبر ان کي رسي ٿيو شاد بس اڙ روسياه
چند ماڻهن کي ڪيو مخصوص ان تره روان
تا وڃين تيمارداري ڪن بشاه ـ انس و جان

۽ ڪيو حاذق حڪيم اندم معين ان عنيد تا ٿي متوجه علاج ـ علت ـ شاه ـ سعيد
جڏه خبردار ن خبر آندي ته علت ٿي شديد پاڻ ٿي هسوار و يو در خدمت ـ شاه ـ شهيد
۽ سڏايئين قاضي القضاة سيا علما گهڻان
تا سڀئي حاضر رهن پيش ـ امام ـ دو جهان

هي سڀئي تمهيد ان ملعون ڪيا از بهر ـ آن دفع تهمت اذشون ٿي ٿئي رفع شڪ ـ مردمان
تا شه ـ دين ويو اجل طبعي ۽ پنهنجي موت ساڻ پر گهڄو سو طشت ڪيئن ٿي جو ڪرنو از آسمان
رات جو اهل ـ مدائن ڏي لکئين خط با ملال
صبح جو ڪيو شاه ـ دين دار ـ فنا مان انتقال

منتشر جڏه شاه ـ دين جي ٿي شهادت جي خبر شهر ۾ پيو شور محشر جو قيامت گهر بگهر
نالم و فرياد ڪيو عرصات محشر جو اثر سامره صحرائے محشر هو قيامت جو سحر
سڀ دڪان ٿيا بند ۽ هٽ تاڙ ڪئي سڀ خاص و عام
سر برهنه شاه ـ دين جي هوا جنازه ساڻ تمام

معتمد نا معتمد کي سر ۾ پيو سودائي خام تا وڃي سر انجو جو حضرت جو هوئے قائم مقام
معتبر پنهنجا مڪا نا معتمد رسوائے عام تا وڃي سر انجو آلي جنهنجو هوئے ان هنڌ قيام
جڏه رسيا مردود حق جا بر در ـ شاه انام
ڪيئون تفحص ڪير ٿيو اڄ ڪل عالم جو امام

انمان کي داخل ٿي در دولت سرائے شاه ـ دين تن ڇيو دولت سرا هوئي يا چئون خلد ـ برين
هو اتي هڪ پرده آويزان گهڻو با زيب و زين سو ڪئي بعضي سرا ۾ آيا داخل ٿي لعين
هڪڙو سرداب اتي هو از امام ـ دين حسن
انهي ٿي داخل ڏٺون هڪڙو هو چشمه سوج زن

فرش ان پالي تي هو هڪڙو مصلا باصفا ۽ مصلا تي هو هڪڙو مرد بيٺو با ضيا
پنهنجي خالق جي عبادت ۾ هو مشغول۔ دعا خوبصورت نيڪ سيرت ان جو نوراني لقا

ڪنهنطرح مان ملتفت ٿي ڪين ٿيو ڪنهن ٻي طرف
بندگي ۾ حقجي هو مصروف بيٺو با شغف

هڪڙي پاڻيو آب دريا مون شناور ٿي شتاب غرق ٿيو في الحال۔ مضطرتي ڪيئين ٿي اضطراب
انجو جيٺ ڪنهن ٻيو ني ٻاهر ڪڍيو از قعر آب غرق پيوٿيو شخص جنهن ڪيو قصد ٻڻ هي ناصواب

انکي ٻڻ هٿ کون وٺي ٻاهر ڪڍيو انجي رفيق
ٿيا گهڻون حيران نه هئي ٻر ڪا خلاصيءَ جي طريق

هڪڙي جوان جمع مان ڪ اي خاصنه۔ پروردگار معاف ڪر جيڪا خطا صادر ٿي بهو هڪر د گار
عذر خواهي تاڪريون تو کون ۽ حق کون زينهار هوئي خبرهر گزاي نامي ڪنهنجو گهراي باوقار

جيڪين ڪيو سو تنهنکون توبه ڪيسون باصدق و يقين
جيڪين جو سو ٻر نه ٿيو ڪين ملتفت ٿي شاهدين

پوءِ وري ويا معتمد وٽ ۽ ڪيئون قصه تمام ان چيو هي امر پوشيده رکو از خاص و عام
ورنه کردن انجي هوندي منهنجي تيغ۔ انتقام ڪيو پٺين اطفائي نور۔ حق ۾ غايت اهتمام

ٻر ڪيو پنهنجي نور کي روشن خدائي رهنمون
تو ڙي نا خوش ٿين ظالم ولو کره الکافرون

جنهن نبي الله جي صدقي ٿيا سڀئي صاحب شرف تنهنجي ڪيو اولاد کي ماري سڄو موذن تلف
قاعدو جاري ڪيو وڏرن هي خلفائ سلف هڪڙي ٻي کي ٿي چيو هن امر تي ٿج منصرف

ڪوله پيغمبر جو چڏ اولاد جيئرو منجهه جهان
صفحه هستيءَ کون تنجو سڄو نٿي نام و نشان

حذه بقائي آل ۾ چاهئون ٿي پنهنجو زوال اهلبيتن کي ٿڏه هي ڪيئن نه ڪن ها پڏمال
مصطفيٰ جي آل سان ٿي تن عداوت ڪل حال ني وڏو حيئرو چڏيون لي ٿي چڏيوڙ ڪو خوردسال

۽ ٿي پائيون آل جو نالو نه هوئي اندر جهان
نام چا دنيا مان ڪلي محو ٿئي تن جو نشان

آل جي خفت ۾ امت پنهنجي چاڻي برتري آل جي ذلت ۾ چاهئون ٿي نه آهي سروري
جنجي درباني کون حاصل ڪئي پنهنجي تي داوري جنجي صدقي ۾ ميسر تي هي صاحب افسري

ظاهراً تن کي ڪيئون بي بال و پر بي دستگاه
بال ويا مسند۔ مرحل تي ني صاحب ڪلاه

جنجي پارت ڪئي ٿي صد تاڪيد سان خيرالورا   رفع ان جي ٿي ڪم امت ٻڌي واحسرتا
وآت ذوالقربيٰ جو حق اهو هو اي اهل ولا   جو سلوڪ امت ڪيو سا آن ٻاڪ مصطفيٰ
اهيڙي نعمت سڀ ڪنهن پڇندو حشر ۾ قادر ڪريم
ثم لتسئلن ڪين سمجهو ٿي چا هي يومئذ نعيم

ٿي سفينهٔ نوح چو جنجي محبت کي رسول   تن تي ايذاءُ ستم ناحق ڪيا قوم جهول
مصطفيٰ بيزار ڪيئون امر خدا کون ڪيئون عدول   مرتضيٰ تي ظلم ٿيا تي فاطمه جي دل ملول
جن جي ٿي خاڪ قدم ڪحل الجواهر جي بجا
تن تي ايذاءُ ستم ناحق ڪيا ٿي اشقيا

اهلبيتن تي جن ايذا ڪيا رسايو تن رسول   مصطفيٰ بيزار ڪيو زهرا جي دل جن ڪئي ملول
انجي حق وارد ٿيو مصحف ۾ ظلومن جهول   ان لعينن تي يقين قهر الاهي ڪيو نزول
حشر ۾ ڪنهنجي شفاعت جا رهيا اميدوار
ڪيو ستم جنهن عترت اطهار تي ڪنهن نابڪار

ٻر عجب آهي ته جنجي فيض سان سر سبز ٿيا   تن تي ايذا ء ستم ناحق ڪيا امت وڏا
حشر جي ڏينهن ڪيئن ڪئي منهن ڏسندا روح مصطفيٰ   ڪن اکين سان ڏسندا روح خاصڪان ڪبريا
باه دوزخ جي ڏسي وانسي پئين سر تي سٺي
ڪبريا بيزار ڪيئون ناراض ڪيئون روح نبي

امت عاصيءَ تي ڏاڍا لطف ڪيا خيرالورا   دين دنيا جنهنجي صدقي ۾ عطا ڪئي ڪبريا
مقتضيٰ ايمان جي امت کي هو انپر روا   آل جي خاڪ قدم کي ڪيئون اکين جو توتيا
ان جي بدروُن ظلم ڪيا امت سٺا آل نبي
ٿيندي محشر سڀ کي عملن جي سزائي واقعي

ياد رک جڏه عدل جي ڪرسيءَ تي وهندو داد گر   ظالم و مظلوم حاضر ٿيندا ات ٻئي پهنجي سر
عدل جو ڏينهن آهي روز جور کون بس سخت تر   عدل جي ميزان ۾ توريندا سڀ جو خير و شر
ظالمن جي ڪان آهي باه دوزخ جا شرر
ڪو بچي ويندو نه سرڪش ني ڪو ظالم ڀر ضرر

آهي منجهه شان نزول سورة يوسف لکيو   جڏهن رسول الله کي جبرئيل کون معلوم ٿيو
اهلبيتن تي ستم امت هٿان ٿيندو وڏو   ٿيو تعجب شافع محشر کي تڏهن حال جو
چئين سا امت شفيع آئون جنهنجو آهيان بيگمان
آل ۽ اولاد منهنجو قتل ڪندو تن هٿان

چيو تڏهه جبرئيل مرسل کي ته يا خيرالورا   ڪهن تو ٿئي هن ڳالهه ۾ اهڙي سان تعجب رهنما
اڳهين امت ۾ ستم پائرن ٿي پائن تي ڪيا   حال ۾ يوسف ۽ پائرن جو سندس اي مقتدا
سورة يوسف تڏهه نازل ٿي يڪجا از خدا
جڏهه ڏٺي حضرت تسلي ٿيو تڏهه شاهه هدا

آتش قهر الاهي ٿيندي جنهن دم شعله ور   ظالمن کي ظلم جي پاداش ۾ ڏيندو سقر
ظالمن کي قهر حق کون ناهي ڪا جاءِ مفر   واحد القهار وٽ ڪهن ظلم کي ناهي گذر
رب عادل آهي ڏاڍو سڀ تي غالب منتقم
جنهن کون هرگز ڪونه ڪو بچندو ڪري ظلم وستم

مومنان سال ولادت شاهه حسن العسکري   هوا ٻه سو ٻتيهه از هجرت رسول ايزدي
ڏينهن جمع جو ربيع الثاني اٺين تاريخ هوئي   عمر حضرت جي اٺاويهن هوئي ورهين جي صحي
۽ شهادت جو ٻه سو سٺ سال هجرت آن جناب
ڏينهن جمع جو اٺين ربيع الاول جي منجهه حساب

السلام اي ڪبريا جا نور شاهه انس وجان   السلام اي حضرت ختم الرسل جي تن جي جان
السلام اي مصحف ناطق جا ڏيڌ روح روان   السلام اي وارث ميراث جمله مرسلان
توتي صلواة و ثنا اي سيد عالي مقام
توتي صلواة و ثنا اي ڪل عالم جا امام

بس حسن ڪر صبر تنهنجا ٿيندي مقصد ٿيا حصول   تنهنجي هن گفتار درد آلوده مومن ڪيا ملول
عرض ڪر مرور کي هيئن ڪاي فخر اولاد رسول   منهنجو من ڪنهن مرثيه جو شعر هڪڙو ٿئي قبول
ذڪر تنهنجي کون سوا هيو ذڪر ڪو مونکي نه هوئي
هن تفڪر کون سوا هيو فڪر ڪو مونکي نه هوئي

ختم شد

ANJUMAN IMAMIA (SINDH) HYDERABAD
maablib.org